س.ا.س سِٽي سکرڊاٽ ڪام

# ملير کان مالمو تائين

سفرنامو

(الطاف شيخ)


ڊجيٽل پبلشر

سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

(ڊجيٽل ڪتاب) پبلشر


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com




هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ٻہ لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ، جڳ مشهور شخصيت، (جنهن کي سنڌ جو ابن بطوط چئجي تہ نهايت بهتر ٿيندو) محترم الطاف شيخ جا سفرناما ۽ ٻيا ليک پيش ڪجن ٿا.

اسان محترم الطاف شيخ صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون جن جي اجازت ۽ تعاون سان اهي ڪتاب ٿوري آئوٽ لوڪ جي ايڊيٽنگ سان (ڪتاب جي متن ۾ ڪاٻہ تبديلي نہ ڪئي وئي آهي، صرف ويب سائيٽ تي آڻن لاءِ ان جي آئوٽ لوڪ کي خوبصورت ٺاهيو ويو آهي) اوهان تائين پهچائي سگهيا آهيون. ان کان علاوه ڪتاب جي پبلشر وغيره جا نالا، سندن مالڪي حقن سبب نہ ڏنا ويا آهن. صرف ليکڪ جي اجازت سان سندس ليک ڏنو ويو آهي.

محترم دوستو!.. اسان اُميد ٿا ڪريون تہ اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نہ ڪندا، ڇا ڪاڻ تہ اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

**ساٿ سلامت**

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر

عبداللطيف انصاري

شمس آباد سکر سنڌ

فون : 0333.7146119

اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

# فهرست


– پنهنجي طرفان ۽ انتساب – الطاف شيخ
- پيش لفظ – ڊاڪٽر نواز علي شوق
= پيش لفظ – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
1. ٿُ ڪئري ڪول
2. سر ڪپيو وڃي
3. تون مذهب ڪي وچ ۾ آڻيندين
4. هيڪاندي ماٺ مايوس ڪري ٿي
5. جنهن کي رستي جي خبر نه
6. ڪليم ڪوڙو قبضو سچو
7. ماجرا ڇا آهي
8. سيارو ۽ خودڪشي
9. ٿرماميٽر ڏسڻ بنا گهران نه نڪرجي
10. پنجابي ضرور سکي ويندا سين
11. ملڪ جي خوشحاليءَ جو ماپو
12. هينئر اسين پنگي چوڪيدار به نه آهيون
13. پوسٽ مان چوري
14. سسٽم ڊانواڊول ٿي ويو آهي
15. نئون آيل ڦاسيو وڃي
16. پاڪستاني ڪهڙا ذليل آهن
17. ويزا نٿا ڏيو ته يونيورسٽي چو ٿا ناهيو
18. جانورن کان بدتر سمجهڻ
19. هيءَ ڪهڙي ملڪ جي ڇوڪري آهي؟
20. يلا هيءَ ڪٿي جي آهي؟
21. ان معاملي ۾ ٿڌائي آهي


هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

22. لاڏين ڪوڏين آندو آهي
23. وڏي آفيسر هجان ها
24. رمبوت حطام
25. سنگل پئرنٽ
26. ڏوهه ڪنهنجو آهي
27. پاڻ وٽ کهڙا مهمان ايندا
28. ڪمپليٽ سوٽ خريدڻ
29. وندر جي وندر
30. غلط جانورن جي ڳلَ جو چمپل
31. اسان جي ٽي وي ڪِلَ ۾ خواري
32. ڇا اسلام آهي
33. ڇا واپڊا جو ڏوهه آهي؟
34. رڏ پچاءُ ۾ زور ڏيڻ لاءِ مائي رکان ها
35. ڪڪڙ ۽ واڱڻ جي دعوت
36. پنهنجي پراڻي پروگرام تي رهندو؟
37. يو جسٽ ويٽ ائنڊ سي
38. عالم برزخ ۾
39. سنڌ ۾ رهڻ جنجال ڪيو پيو وڃي
40. ڪڏ ۾ هڻ اِنهن ڳالهين کي
41. ڏوڙ وڏي ڍير مان پائجي
42. بنگلاديش جي مفروحا ۽ ملائيشيا جي ڊيزي
43. ريفريجريٽر نہ پر ڊيپ فريزر
44. خطرناڪ ماڻهوءَ جي ملڪ جي آهين
45. ها بابا سڀ مٽي چڙهي ويندا
46. فيلي باهمت عورت آهي
47. مئڊا گاسڪر جي لالائو
48. ڪجهه مئڊا گاسڪر بابت
49. يو. اين. او ۽ آءِ. ايم. او

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

50. سمنڊ تي ڪيترن جوئي واسطو آهي
51. دنيا جي ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ
52. موراڪو جو اڪوح عبدالوهاب
53. تنزانيا، زنجبار ۽ درپيلو
54. عمان جو سلطان ۽ آغا خاني
55. گلوبل وارو منگ
56. قيامت ۾ يقين رکين ٿو؟
57. ڪُجهه عيدي امين ۽ يوگنڊا بابت
58. هوم ميڊ هيئر ڪٽ
59. ڪهڙو متو ڪنهنجو آهي
60. هرڻ (Rein- Deen) ۽ ٻگهڙ
61. ڪوئي مهانڊو جانور
62. بيماريون ۽ موت آدمشماري کي صحيح رکڻ لاءِ آهن
63. سهٽي سيڪريٽري
64. نانگ جهڙو نالو
65. نيپالي گورکا يا شيدي غلام
66. هتي جي بائبلوٽيڪ
67. سئيڊن جو ادب ۽ شاعري
68. يونيورسٽيءَ ۾ ا ليڪشن
69. فڪر جي ڳالهه ناهي
70. نوابشاهه جي اليڪشن ۾ ٻهڻ جو ڪٽڻ
71. پنجابي فلمن جو ولين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پنهنجي پاران

لکڻ جو ڪم ان لاءِ سولو ٿي سگهي ٿو جنهن کي نه نوڪري ڪرڻ ضرورت هجي نه ڏنڌي ڌاڙيءَ جي لکڻ اُن لاءِ به سولوڪم آهي جنهن کي لکڻ لاءِ اجورو ملي- ڇڱو خاصو- ايترو جو هن کي ڪنهن نوڪري يا پورهئي جي ضرورت نه پوي.

سنڌي اديبن ۾شايد ٿي ڪو اهڙو فل ٽائيم اديب هجي، نه ته سڀ اسان جهڙا آهن، جن کي پيٽ گذر لاءِ نوڪريون به ڪرڻيون آهن ته گهر جا ڪم ڪار به. ۽ اهڙي صورت ۾ لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. لکڻ لاءِ دل چاهيندي به وقت ڪٿان ڪيجي؟! آفيس به ضروري آهي. ان بعد آرام/ ننڊ به ضروري آهي ۽ گهر جي ڪمن لاءِ پيچ ڊڪ- سيڊو سامان آڻڻ، ٻارن کي اسڪول ڇڏي اچڻ، وٺي اچڻ ۽ ٻيا ڪيترا ڪم جيڪي دنيا جو ڳاڙو گهلڻ لاءِ ضروري آهن. ماڻهن سان پير پرڻ- يعني دوستن يارن سان ملڻ ۽ سندن خوشين غمين ۾ شريڪ ٿيڻ پڻ زندگيءَ جو اهم ڪم آهي. ان ڪانپوءِ لکڻ لاءِ وقت ڪٿان آڻجي-؟ نوڪريءَ مان-؟ پر منهنجي نوڪري اهڙي قسم جي Demanding ۽ Dangerous آهي جنهن ۾ يا نوڪري ٿي سگهي ٿي يا ڪو ٻيو ڪم. پورا ڪلاڪ ذهني ۽ جسماني طرح ماڻهو کي ڊيوٽي ۾ Concentrate ڪرڻو پوي ٿو. منهنجي نوڪري ڪار جي ڊرائيور يا سرجن وانگر آهي. هو جي ڪار جي اسٽيرنگ ويل مان هٿ يا ڌيان ڪيڏي ٻيو ڪم ڪندو ته ڪار ٻيهي رهندي يا حادثو ٿيندو. ساڳي طرح هڪ سرجن آپريشن کي اڌ ۾ ڇڏيندو ته مريض مرندو. سو نوڪريءَ مان وقت ڪيڻ مون لاءِ مشڪل آهي. ها البت ننڊ آئون گهٽ ڪريان ٿو. سو ٿورو وقت ان مان مليو وڃي. ڪڏهن رات جو پهريون اڌ سمهان ٿو ته پوين جاڳي لکان ٿو. يا دير تائين لکي پوءِ سهان ٿو. يا ڪڏهن ته سڄي رات ويٺو جاڳان.

گهر جي ڪم ڪار کي صفا گهٽائي ڇڏيو اٿم يا ان ۾ منهنجي زال مدد ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح ڪجهه اهو وقت به لکڻ لاءِ مليو وڃي. ۽ ٻيو وقت دوستن يارن سان گهٽ ملڻ ڪري مليم ٿو. ڪيترائي ننڍپڻ جا، پيٽارو جا، نيوي جا، ادبي دنيا جا دوست هن شهر ۾ پاڙي اوڙي ۾ رهن ٿا. ڪين هر وقت ياد رکان ٿو. ساڻن ملڻ لاءِ دل چاهي ٿي پر ساڻن ملڻ کان پاڻ کي جهليندو اچان. جيئن اهو وقت به لکڻ پڙهڻ کي ڏئي سگهان. ان ڪري هيڏانهن هوڏانهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

نڪرڻ بدران اڪيلو پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ قيد ڪري لکڻ ويهان ٿو. منهنجي ان ڳالهه کان ڪي دوست رُسي ويندا آهن. ڪي دل ۾ ڪندا آهن، ڪي چڙ ڪندا آهن. پر پوءِ وري سڀ پرچي سرچي ويندا آهن.

”ابا توکي ڪنهن سان پير پنڌ پرڙو به آهي يا نه؟“ اقبال ترڪ فون تي ڪاوڙ ڪندو آهي.

”هڪ ته هتي آهين ڪونه. جيڪو وقت آهين، ان ۾ به نه ملڻ ٿو اچين ۽ نه اسان کي ٿو گهرائين.“ ڪمانڊر علي مراد ڳوراهو چوندو آهي.

”پيٽارو جي ساليانې ڊنر تي به جيڪڏهن نه ايندين ته تنهنجي لائيف ميمبر شپ ڪئنسل ڪنداسين.“ اسانجي Petarian ايسوسيئيشن جو صدر آفتاب ميمڻ وارننگ ڏيندو آهي.

”تو ته اسان دوستن کي وساري ڇڏيو آهي.“ ڪئپٽن ايس ايم عالم چوندو آهي، ”اهڙو به ڪو دوست بچيو اٿئي جيڪو مرڻ بعد جنازي کي ڪلهو ڏيئي؟“

۽ منهنجو مڙني دوستن کي اهو جواب هوندو آهي ته وسارڻ بدران توهان هر وقت منهنجي دل تي آهيو. توهان يارن جي قرب ۾ دل ۾ نه ڪرڻ ڪري ئي ته هي سڀ ڪجهه لکڻ لاءِ وقت ملي ٿو ۽ پوءِ اهڙي طرح لاڙڪاڻي جي اختر عباسيءَ کان وٺي خيرپور جي ميجر نجم قاضيءَ جهڙا يار به سرچيو وڃن.

بهرحال هي ڪتاب اهڙن ئي يارن نالي منسوب ڪريان ٿو جن هميشه منهنجين سُستين ۽ اوٽاين کي درگذر ڪري پنهنجي دوستي ياري قائم رکي آهي ۽ مون کي لکڻ جهڙي شوق لاءِ وقت مهيا ڪيو آهي. سندن لسٽ ته وڏي آهي پر مٿين نالن کان علاوه ڪجهه هي به آهن:

سيوهڻ جو ڪموڊور زيڊ. اي. شاهه

دادوءَ جو ظهير بابر PNSC

جهلم جو برگيڊيئر اڪرم.

پيٽاڙو جو نول راءِ اوڏ. ڪموڊور انيس رحمان، اقبال جماڻي، عالم هاليپوٽو. هالا جو شمس الدين ميمڻ، عبدالحميد ”شهيد“ ۽ ڪئپٽن رشيد ابڙو وغيره.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الطاف شيخ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پيش لفظ

جڏهن ڪو ٻگهي قد وارو سهڻو سبيتو شخص ڏسو. سندس اکين تي عينڪ پاتل هجي ۽ ڪلندي وڏي پيار ۽ پاٻوهه سان اچي ملي، ته پڪ سمجهو اهو الطاف شيخ آهي. نمرتا ۽ نماڻائيءَ جو پتلو ڏاڍو پيارو ۽ خلوص وارودل پئي گهرندي ته وينو رهي، ساڻس ڪي گهڙيون روح رهاڻ ڪجي. چو ته هر جملي تي سندس موهيندڙ مُرڪ ائين لڳندي آهي ته جڻ ڪا مکڙي ٽڙڻ واري آهي. ۽ تي جملا پورا ڪرڻ ڪانپوءِ سندس وڏو ٽهڪ ائين لڳندو آهي جڻ ڪو گلاب ٽڙي پيو هجي.

سڄي دنيا جو سير ڪري آيوآهي، ان ڪان علاوه پنهنجي مضمون ۾ وڏيون ڊگريون وٺي آيو آهي. پر ان هوندي ۽ مجال جو منجهس ڪا وڏائي يا غرور نظر اچي، يا ويهي ڌاڙون ٻٽاڪون هڻي. هتي اسان وٽ ائين آهي ته شل نه ڪو ٻاهران ٿي اچي. سندس حُليو توڙي هلت چلت ئي بلجي ويندي. ڌاڙون ٻٽاڪون، ”مان هيئن“، ”مان هونئن“ رڳو پيو”مان“، ”مان“ جي ٻولي ٻوليندو. اصل وٽُ ئي ڪونه ڏيندو.

اڄ اهڙو ڪو گُنبذ جو واءَ گهليو آهي، جو نه وڏن جو لحاظ، نه استادن جو ادب، شاگرد استاد کي جٺ جاهل پيا سڏين. پر الطاف تي اُن واءُ جو ڪو اثر ڪونه پيو آهي، سندس اک ۾ حياءُ، طبيعت ۾ هيٺاهين ۽ نوڙت، هر ڪنهن سان پيار ۽ محبت سان ملندو. مان ساک سان چوان ٿو ته الطاف اهو سباجهڙو ۽ سُرت وارو سنڌي آهي، جنهن ڪنهن جي ۽ دل نه رنجائي هوندي. ڪنهن سان ٻاڙو نه ٻوليو هوندو. نه ته هتي ته ڪجهه همراهن جڻ ان ڳالهه جو ٺيڪو کڻي ڇڏيو آهي ته ڊاڪٽر بلوچ هجي، يا شيخ اياز ابراهيم جويو هجي، يا الانا، نواز علي شوق هجي، يا شمشير الحيدري هر ڪنهن جي پڳ ۾ هٿ هوندا. اهو جڻ فيشن ٿي ويو آهي. اهي سڀ ٿوم مان زعفران ٻڻجي يعني ۽ اکر لکي دانشوريءَ جو دهمان ٻڌن ٿا.

الطاف شيخ، جنهن هن وقت تائين 40 کن سفرناما لکيا آهن. سندس سفرنامن هڪ لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ کي شاهوڪار بڻايو آهي. هڪئي صنف تي هيترا سارا ڪتاب لکڻ وارو دنيا جو واحد اديب آهي، جيڪو سنڌي آهي، جنهن لاءِ اسان کي فخر آهي. پر هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

شخص ڪڏهن بہ ڪا علمي اڪابري يا دانشوري جي دعويٰ ڪانہ ڪئي آهي. پنهنجو قلم ڪمپيوٽر وانگر هلائي، پنهنجي جيجل جي جهولي ماڻ موتين سان پريندو ٿو رهي.

آٽي ڏنائون، هيرا لعل هٿن ۾

۽ اهي الطاف جا هيرا لعل ۽ فيروزا، سنڌي زبان ۽ ادب جو خاموش خدمتگار فيروز احمد نيو فيلڊس وارو پيو گهر گهر ورهائي. هن الطاف جا 38 ڪن سفر ناما ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن. پر اسان ڪيڏا نہ بي حس ٿي ويا آهيون. ڪيڏي نہ بي قدري آهي جو اسان جي هن پياري اديب جا هيترا سارا ڪتاب ڇپيا، نہ تہ سنڌس ڪنهن ڪتاب جي پڌرائي ڪنهن پنج تاري (Five Star) هوٽل ۾ ٿي ۽ نہ وري ڪنهن ميجتا طور سندس مان ۾ ڪا دعوت ڪئي. حقيقت ۾ هن سنڌي ادب تي ۽ اسان سنڌ واسين تي ايڏو وڏو احسان ڪيو آهي. جو سندس تاج پوشي ڪرائي ڪيس وڏو ايوارڊ ڏيون ها. پيو نہ تہ ساڻس هڪ شاندار شام تہ ملهائڻ ڪپندي هئي. پر هي مولائي نہ مشهوري جو بکيو نہ پئسي جو لالچي، ڪنهن بہ پبلشر کان ڪو معاوضو ڪونہ ورتائين. مان سمجهان ٿو تہ ڪجهہ وٽڻ بدران اڃا ڪنهن کي چار ڏوڪڙ ڇپائيءَ لاءِ ڏنا هوندائين.

محترم الطاف شيخ جو هيءَ سفر نامو ”ملير ڪان مالمو“ سندس نئون سفر نامو آهي. مالمو سئيڊن جو ڏکڻ وارو هڪ شهر آهي، جتي جڳ مشهور ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي آهي. جيڪا دنيا ۾ واحد يونيورسٽي آهي، جتي اٽڪل ڏيڍ سؤ کن ملڪن جا ساموندي دنيا سان واسطو رکندڙ مئرين انجنيئر، ڪئپٽن، پورٽ مئنيجر، مئرين اڪيڊيمين جا ليڪچرار وغيره پنهنجي ساموندي سکيا ۾ وڌيڪ علم ۽ هنر حاصل ڪرڻ ايندا آهن. ٻن سالن جي تعليم ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ کين ايم ايس سي جي ڊگري ملندي آهي.

الطاف شيخ بہ بہ سال ان يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪري Maritime Administration (انجنيئرنگ) ۾ ڊگري ورتي. هيءَ يونيورسٽي I.M.O (انٽرنيشنل مئريٽائيم آرگنائيزيشن) وارن طرفان سئيڊن ۾ قائم ڪئي وئي آهي. I.M.O يونائيٽيڊ نيشن جي هڪ خاص شاخ آهي، جيڪا دنيا جي سمنڊن ۾ جهاز راني جي سلامتي ڏانهن ڌيان ڏئي ٿي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

الطاف مالمو ۾ ٻه سال گذاريا. ٻه سال چڱو وقت آهي، اهڙي ڏاهي گهڻو ڪجهه ڏٺو هوندو. ان مان ٿورو ڪجهه پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو اٿائين، سندس اهي ٿورا ڪي ٿورا، ڪين آهن، جو گهر ويٺي پيو دنيا جا سير ڪرائي. حُسن جون ڳالهيون، عشق جون ڳالهيون، ڪن يارن دوستن جون بدافعاليون مطلب ته نراليون ئي نراليون ڳالهيون پيو سُڻائي. سندس طنز و مزاح واري تحرير سبب سندس سفر ناما وڏيڪ وٽندڙ ۽ اثرائتا بڻجي پون ٿا. پڙهڻ مهل ائين لڳندو آهي جڻ الطاف آڏو ويٺو هجي ۽ ويٺو مُلڪ مُلڪ جا احوال اوري.

الطاف شيخ هن سفرنامي ۾ سئيڊن بابت ڀرپور جاڻ ڏني آهي. هُو سنڌي ماڻهو جي مزاج کان واقف آهي. تنهن ڪري کيس خبر آهي ته هُو ڇا چاهي ٿو؟ انهيءَ لاءِ ضروري ڳالهيون ضرور بيان ڪري ٿو. سندس بيان ڪرڻ جو انداز نهايت ئي پيارو آهي. هو ڪا ڳالهه هڪ لس بيان نٿو ڪري. هُو ڪنهن نه ڪنهن سان گفتگو ڪندو نظر ايندو پر اها گفتگو گهڻو ڪري هو ڇوڪرين سان ڪري ٿو. ضروري نه آهي ته اها ڇوڪري نوجوان ۽ حسين هجي، پرواهه نه آهي بس اسٽاپ تي انتظار ڪندي ڪا حسين ڇوڪري نظر نه آئي، ته ڪنهن ڪاري ڪوجهي يا ڪراڙيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪري انهن جي زباني پڙهندڙن لاءِ وڏي معلومات پهچائي ٿو. ويندي ٻيرن کان حال احوال وٺي معلومات مهيا ڪري ٿو. مطلب ته جيڪو مليو ان کان ٿورو گهڻو پڇي، ڪانه ڪا مطلب جي ڳالهه پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو.

سئيڊن جو اهو قانون ڪهڙو نه سٺو ۽ صحيح آهي ته ويزا ان ڪي ملندي، جيڪو سئيڊن جي زبان سکندو. اسان وٽ سنڌ ۾ انگريزن جي غلاميءَ واري دور ۾ سنڌي سرڪاري زبان هئي. جيئن ته لک پڙهه سنڌيءَ ۾ هلندي هئي، تنهن ڪري انگريزي ڪامورن لاءِ ٻه سنڌي سکڻ لازمي هوندي هئي. سنڌيءَ ۾ مهارت ڪامورن جي ترقي (Promotion) جو سبب بڻجندي هئي. پر اڄ پياري پاڪستان ۾ ڪا جهل پل ڪانه آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن مان پاڇوڪڙ چور، ڌاڙيل، اسمگلر، هيروئن ۽ هٿيارن جا واپاري اچي ڪنا ٿيا آهن، جيڪي نه سنڌي ڄاڻن ۽ نه وري سنڌ سان ڪين محبت آهي. هُو ته هن ملڪ جي تباهي ۽ بربادي لاءِ آيا آهن يا موڪليا ويا آهن.

اسان جا ڪيترائي اهڙا پاڪستاني ڀائر آهن، جيڪي جڏهن اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ يا نوڪري ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڌارئي ملڪ ويندا آهن، ته اتان جي زبان ڪين ضرور

سگهڻي پوندي آهي. جتي ڪين فقط ٻه چار سال رهڻو پوندو آهي، پر جتي ڪين سڄي عمر رهڻو آهي، جيڪا پاڪستاني زبان آهي. جيڪا دنيا جي قديم زبانن مان هڪ آهي، جيڪا صوفي سونهارن شاهه لطيف، سچل سرمست ۽ سامي پارن پلارن جي زبان آهي. سا ڪونه ٿا سکن. اهوئي سبب آهي جو ايڏا ويڇا پئجي ويا آهن. پاڪستان سرڪار کي اهڙو قانون پاس ڪرڻ کپي ته قومي زبان سان گڏوگڏ صوبي جي زبان سکڻ لازمي قرار ڏئي. مثلاً جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا. اهي سنڌي جي تعليم حاصل ڪن. يا ائين ٿيڻ کپي ته چئني صوبن جي يونيورسٽين ۾ جيڪي پاڪستان اسٽڊي سينٽر آهن. تن کي پابند بڻايو وڃي، ته اهي ان صوبي جي ٻوليءَ ڪانسواءِ باقي ٽن صوبن جون ٻوليون سيکارڻ جو اهتمام ڪن. مثلاً پشاور يونيورسٽي جي پاڪستان اسٽڊي سينٽر لاءِ لازمي هئڻ گهرجي ته اتان جو ڊائريڪٽر پشتو بجاءِ سنڌي، پنجابي ۽ بلوچي زبان سيکارڻ جو بندوبست ڪري، ڇو ته پشتو جو اتي شعبو آهي، پشتو اڪيڊمي آهي، تنهن ڪري پشتو بجاءِ ٻيون پاڪستاني زبانون پڙهايون وڃن. اهڙيءَ ريت ٻين صوبن جي پاڪستان اسٽڊي سينٽرن کي پابند بڻايو وڃي، ته اهي به ائين ئي ڪن. ان عمل سان قومي ايڪي ۽ پائيچاري کي هٿي ملندي ۽ نفرتن کي گهٽي پاڳي پُنجو اچي ويندو ۽ هڪ ٻئي ۾ محبت واري فضا پيدا ٿيندي.

الطاف جي سفر نامن جي خاص خوبي اها آهي ته هو وطن پرست آهي. هو ڪٿي به هجي، ڪيس سنڌ ضرور ياد اچي ٿي. ڪنهن کي ڏکيو ڏسي ٿو ته سنڌ واسين جا سور ڪيس ياد اچي وڃن ٿا. پر جيڪڏهن ڪو سک ڏسي ٿو ترقي ۽ خوشحالي ڏسي ٿو ته هڪدم سندس دل ۾ خيال ايري ته ڪاش سنڌ ۾ به ائين سَرهائي ۽ خوشحالي هجي. اسان سڀ الطاف جي اهڙين آسن اميدن ۽ دعائن سان شامل آهيون. شل ڪو سڪار ۽ سٺائي جو واءُ گُهلي ڏڪار ۽ ڏولائو ڏور ٿئي:

سائينم! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

**نواز علي شوق**
**حيدرآباد**

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

30 آگسٽ 1994

# پيش لفظ

پنهنجي سفر جو ٿورو گهڻو احوال تہ سيڪو لکي سگهي ٿو پر ’سفرنامو‘اهو جو ڪو رنگ ڍنگ سان لکي. الطاف شيخ هڪ تہ اعليٰ تعليم يافتہ نوجوان، ۽ ٻيو وري ’مَرين انجنيئر‘ جي حيثيت ۾ ساموندي سفر جي سهوليتن ڪيس نت نَوَن ڏيهن جا نوان ڏيک ڏيکاريا، سو وڏي چاهہ ۽ ذوق سان سان سفر ناما لکيائين. سندس سفرناما ادبي توڙي فني اعتبار سان معياري آهن.

الطاف نہ رڳو پاڻ دنيا گهمي آهي پر ٻين کي بہ گهمائي آهي. ’سيئي جوين ڏينهن‘ ۽ ’سانباهو سمونڊ جو‘، ’خبرون ڪيڙائن جون‘، ’جت جَرُ وَهي ٿو جال‘، هڪ ’بندر بازارين‘، ٻيو ’وايون وڻجارن جون‘، جي ’اوهريا عميق ڏي‘، تن لاءِ ’بندر ديسان ديس‘!

پر الطاف جي سفرنامن جون ’ڳالهيون آهن ڳيچ‘، سمنڊ سان سندس ناتو ۽ سمنڊ کي هن سجاتو! بس پوءِ ’منهنجو ساگر، منهنجو ساحل‘!هڪ طرف ’مڪلي کان ملاڪا تائين‘ تہ ٻئي طرف ’سينگاپور کان ڪوالالمپور‘ ۽ بعضي ’لنڊن تائين لفٽ‘ تہ بعَضي ’جرمني کان نَڪ ٿائلينڊ، اهي سڀ سندس سفرنامن جا موضوع ۽ اهي سڀ ’بهترين سفرناما‘.

الطاف منهنجي پياري دوست گل محمد شيخ جو لائق فرزند آهي، پر سفر نامن جي حوالي سان بہ هو مون کي ويجهو آهي. جيئن جواني واري وقت کان وٺي ڪيس ٻاهرين ملڪن ڏسڻ جو موقعو مليو جنهن ڪيس سفرنامن لکڻ تي آماده ڪيو. تيئن 1946ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ جڏهن آءُ آمريڪا ويس تہ سنڌ کان سمنڊ رستي سئن فرئنسسڪو ويندي مون سفر نامو لکيو جيڪو ان وقت جي رسالي ’مهراڻ‘ ۾ ڇپيو. مون واري ان سفرنامي ۽ الطاف جي ڪن سفرنامن ۾ چڱي خاصي هڪجهڙائي آهي.

الطاف هن وقت تائين ٽن ڏزنن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن.جن مان ٽيهارو ڪن سفرناما آهن. سندس هيءَ تازو ڪتاب ’نيوفيلڊس پبليڪيشن‘ ادارو شايع ڪري رهيو آهي. جيڪو گذريل 17 سالن ۾ پوڻن ٻن سَوَن کان وڌيڪ ڪتاب ڇاپي چڪو آهي. هن اداري جو باني ۽ هلائيندڙ ادو فيروز احمد هڪ جفاڪش ۽ اڻٿڪ پبلشر آهي ۽ هر وقت

انهيءَ ڳولا ۾ هوندو آهي تہ معياري ڪتاب ملي تہ هو ڇپائي. نيو فيلڊس ادارو الطاف شيخ جو خاص الخاص پبلشر ٿو ڏسجي، جنهن هن وقت تائين سنڌس پنجويهہ ڪان مٿي ڪتاب ڇاپيا آهن. هيءَ ڪتاب ان سلسلي جو هڪ اڳتي قدم آهي ۽ اميد تہ اڳا بہ اڳتي قدم، وارو سلسلو جاري رهندو.

**مخلص**

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

**حيدرآباد**

**18 آگسٽ 1994ع**

نوٽ: هي پيش لفظ پهرئين ڇاپي لاءِ لکيو ويو هو. جڏهن تہ هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو ”روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو“ پاران ڇپرائي پڌرو ڪيو پيو وڃي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ٽ ڪٺري ڪول...

ايڪانامڪس جي پروفيسر پيٽرڪ الڊرٽن ڪلاس ۾ ٻڌايو: پاڻيءَ جي جهازن جي مستقبل جي ڪا خبر نٿي پوي. ڪو زمانو هو ماڻهو پاڻيءَ جي جهاز ۾ سفر ڪندا هئا. پر هاڻ غريب غربو هوائي جهاز کي پسند ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح قيمتي ۽ اهم سامان، جنهن جو گهٽو پاڙو ٿئي ٿو هاڻ هوائي جهاز رستي اچي وڃي ٿو. اسان جڏهن ننڍا هئاسين ته ويهه پنجويهه هزار ٽنن جو جهاز وڏي ڳالهه سمجهيو ويندو هو. سئيز ڪئنال بند ٿيڻ تي جهازن جي مالڪنEconomies of Scale جي تحت وڏي کان وڏا ٽئنڪر جهاز شروع ڪيا، جو پنجويهه هزار ٽنن واري جهاز کان هڪ لک ٽن واري جهاز چئوڻو سامان ڍوئيو ٿي، پر سندس تيل پاڻي ۽ جهاز هلائيندڙ جي پگهار تي ڪو ٻيڻو خرچ مس آيو ٿي. يعني تيل (سامان) جو ٽن في ڍوئڻ تي گهٽ خرچ آيو ٿي ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ٻن لکن، ٽن لکن ۽ چئن پنجن لکن ٽنن جا جهاز ٺهڻ لڳا. پوءِ سئيز ڪئنال کلڻ تي سيني کي احساس ٿيو ته هي وڏا جهاز سئيز ڪئنال اڪري نه سگهندا جو انهن لاءِ هي سوڙهو آهي.

”سائين هڪ دفعو وري ننڍا جهاز مشهور ٿيڻ لڳا، جيڪي سئيز ڪئنال مان لنگهي سگهن. وڏن جهازن جا مالڪ انهن کي نيڪال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويا. پر ڪنهن لوهه جي اگهه تي به نٿي ورتا. آئون هڪ جهازران ڪمپنيءَ جو ايڪانامڪ اڊوائيزر هوس. اهي هڪ وڏي جهاز ٺاهڻ جو آرڊر جرمن شپ يارڊ کي ڏئي چڪا هئا. سئيز ڪئنال کلڻ جو ٻڌي پهريون ڪيم اهو ڪم جو ڀڄس ان جهاز ٺاهڻ واري ڪارخاني (شپ يارڊ) ڏي جيئن آرڊر ڪئنسل ڪرائي سگهان. جهاز جو اڃا ترو(Keel) ٺاهيو هئائون. پڇيو مان اسانجي ڪمپني جو هي آرڊر ڪئنسل ڪري سگهندؤ؟“

”ضرور ڪنداسين. نو پرابلم.“ شپ يارڊ وارن وراڻيو.

”چا ڪاڏ (Compensation) ڏيڻي پوندي؟“ مون پڇيو مان.

”سڄي جهاز جي قيمت!“ شپ يارڊ وارن چيو.

پوءِ سڄي جهاز جي قيمت ته نه ڏنيسين پر چڱو خاصو معاوضو ۽ منٿ ميڙ سان ان

جهاز مان جند ڇڏائيسين. نه ته ايڏو وڏو جهاز ڪنگال ڪري ڇڏي ها. ننڍن جهازن وارا سئيز ڪئنال مان شارٽ ڪٽ ڪرڻ تي هڪ ٽن جي ڊيوٽي ۽ پنج ڊالر وٺن ته به ڪمائين. اسين اٺ ونون ها ته به گهران چٽي پري ڏيون ها. ان وقت جاڪيٽرائي وڏا جهاز اڄ بار ڪٽڻ بدران هڪ هنڌ بيٺا آهن ۽ ڪين ڪٽ لڳي رهي آهي."

وري هڪ دؤر آيو جنهن ۾ هرڪو "ڪارون ڍوئڻ جا جهاز" ٺهرائڻ لڳو جو تيل جي مهنگائيءَ ڪري يورپ توڙي آمريڪا ۾ جپاني ننڍڙيون ڪارون وڪڻ ڪپڻ لڳيون. جپان کان ڪارون کڻڻ لاءِ هن قسم جا جهاز مشهور ٿيڻ لڳا جن ۾ ڪار کي ڪٽي رکڻ بدران ڊرائيو ڪري اندر جهاز ۾ بيهاريو ويو ٿي. پر هاڻ ڪجهه سالن کان اهڙو دؤر اچي ويو آهي جو جپان ۾ پورهيتن جي وڌن پگهارن ڪري اهي جپاني ڪارون جپان ۾ ٺهڻ بدران ايشيا جي مختلف ملڪن ۽ يورپ آمريڪا ۾ ٺهڻ لڳيون آهن. هاڻ ڪار ڪئنڊڙ جهاز (Car Carriers) جي ڪا ضرورت ئي نه رهي آهي.

"اڳ ۾ دنيا جي سمنڊن تي رڳو برطانيا جو راڄ هو. پر هاڻ ته هر هڪ ملڪ کي جهازران ڪمپنيون آهن. پر هڪ عمل اڃا تائين ساڳيو آهي ته غير ترقي يافته ملڪن مان ڪچو مال يورپ ۾ ۽ آمريڪا ڏي وڃي ٿو ۽ اتان نهيل نڪيل مال واپس اچي ٿو. پر ان ڏينهن کان يورپ جا ترقي يافته ۽ ڪارخانيدار ملڪ ڊڄي رهيا آهن جڏهن آفريڪا ۽ ايشيا جو ڪچو مال موڪليندڙ ملڪ انڊسٽري/ ڪارخانن ۾ اڳتي وڌي ويندا ۽ پنهنجي ڪچي مال، مثال طور ڪپهه، ڪٽڪ، ڪمند، لوهي پٿر مان پنهنجي ئي ملڪن جي ڪارخانن ذريعي ڊاڳو ڪپڙو بسڪٽ، کنڊ ۽ لوهه ٺاهو ٺاهي وٺندا. ان صورت ۾ نه فقط جهازن جي وڏي تعداد جي ضرورت گهٽجي ويندي پر جهازن جي عمل دخل تي انهن ملڪن جي گهٽي هلندي جن وٽ ڪچو مال پيدا ٿئي. انهن ڳالهين کان علاوه مزدورن جي وڌين پگهارن ۽ يونين بازين به مال جي آمد رفت جو نقشو ڦيرائي ڇڏيو آهي."

۽ پوءِ اسان کان پڇيو: "توهان ننڍي هوندي ته اهو پهاڪو پڙهيو هوندو ته To Carry Coal to New Castle يعني ان جاءِ تي اها شيءِ ڪٽي وڃڻ جيڪا اُتي اڳهين گهٽي ۾ موجود آهي ۽ سستي ملي ٿي. ٻين لفظن ۾ بيوقوفي جو ڪم ڪرڻ. پر هاڻ توهان کي تعجب لڳندو ته نيوڪئسل ۾ آسٽريليا کان ڪوئلو گهرايو وڃي ٿو. ان ڪري نه ته ڪو انگلينڊ ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪوئلي جون ڪاٽيون خالي ٿي ويون آهن پر ان ڪري ته ڪوئلي جي کوٽائي ڪندڙ مزدورن جون وڏيون پگهارون ۽ بيون گهرجون پوريون ڪرڻ تي خرچ اچي ٿو جو آسٽريليا جو ڪوئلو سستو پوي ٿو.

## سر ڪپيو وڃي

اسان جو هي پروفيسر البرٽن انگريز آهي. سندس آمريڪن سان هرگز نٿي پوي. ڳالهه ڳالهه ۾ کين ٺوڪيندو آهي پر پنهنجن انگريزن کي به نه بخشيندو آهي. ٽائٽئنڪ جهاز جيڪو اڄ کان مني صدي اڳ ٻڏي ويو ان بابت چيائين:

”ٽائٽئنڪ جهڙا ٻيا جهاز به ٻڏندا رهيا آهن ۽ رهن پيا. پر پريس جي گهٽي گوڙ شور ڪري ٽائٽئنڪ جهاز کي مشهوري ملي ۽ ان بعد جهاز جي سلامتي بابت بين الاقوامي قانون SOLASٺهيو.“

هڪ ڏينهن اڳ انگلينڊ جي اليڪشن جي نتيجي تي ٽيڪاٽپڻي ڪندي چيائين: ”جان ميجر هرگز نه کٽي ها ۽ نه کٽڻ کپيس. سندس مخالف ڪائنس تمام وڌيڪ بهتر آهي.“ پر جان ميجر فقط ان ڪري انگلينڊ جو وزير اعظم ٿي ويو جو کيس ٿي وي تي ڳالهائڻ جو ڍنگ اچي ٿو. ماڻهو امپريس ٿي ويا ۽ اکيون پوري کيس ووٽ ڏنائون.“

حادثن جي پاليسي بابت چيائين: ”جهازن جي مالڪن جي ڪنجوسيءَ ڪري سندن خراب جهازن کي هلائيندڙ موت جي منهن ۾ هليا وڃن ٿا. اهڙن حادثن لاءِ دنيا جا ملڪ ڪوشش ۾ آهن ته ڪو آفيسر يا خلاصي سمنڊ تي حادثي جو شڪار ٿي وڃي ته گهٽ ۾ گهٽ هن فئملي کي به ٽي لک ربيا ته ملن.“ ۽ پوءِ ساهه کڻي چيائين،“ ۽ جي اهو آمريڪن آهي ته پوءِ پڪ ويهه ٽيهه لک.“

آسٽريليا وارن لاءِ هڪ ڏينهن چيائين:”آئون نٿو سمجهان ته ڪي اهي وري شريفن جا پٽ آهن. اڳئين زماني ۾ اسان جي انگلينڊ جيلن جي ڪوٺ ڪري، جيڪو چوري چڪاري ڪندي پڪڙبو هو ان کي آسٽريليا موڪلبو هو.“ ۽ پوءِ ڪجهه سوچي چيائين: ”اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ڏينهن ۾ پنهنجو قائدو قانون هو. ننڍي ننڍي ڳالهه لاءِ به عجيب سزائون هيون. ڪنهن پاڙي واري جي ڪڪڙ چورائي ته حاڪم اهو فيصلو ڏيندو هو ته هن جو سر ڪپيو وڃي. يا آسٽريليا موڪليو وڃيس يا رايل نيويءَ جي جهاز تي اٺن مهينن لاءِ سفر ڪرايو وڃيس. ۽ ڪيترا دفعا چور پنهنجي لاءِ اهوئي بهتر سمجهندو هو ته هن سر جو ڪپيو وڃي.“

## تون مذهب ڪي وچ ۾ آڻيندين

مئنجمينٽ جو پروفيسر هڪ ستر اسي سالن جو پوڙهو فرينچ ڪئپٽن حوسن نالي آهي. هڪ ڏينهن جهازي ڪمپنين جي نقصانن بابت ٻڌائيندي اسان کان سوال ڪيائين:

”جهاز کي نفعي ۾ هلائڻ لاءِ ڪهڙيون شيون ضروري آهن؟“

”سائين سٺا جهاز.“ اڳيئن ڪرسيءَ تي ويٺل تيونيشيا جي شاگرد اياز جواب ڏنس.

”ٻيو ڇا ضروري آهي؟“ پروفيسر پڇيو.

”ڊوئڻ لاءِ گهڻي کان گهڻو سامان.“ ڪنهن ٻئي شاگرد وراڻيو. پر پروفيسر جواب مان اجا مطمئن نٿي لڳو.

”سائين آئون ٻڌايانوَ؟“ نائيجرجي آفريڪن شاگرد علي جمبا پڇيو.

”ها. ڪوبہ ٻڌائي.“ پروفيسر چيو.

”سر! ان ملڪ جا خلاصي ۽ آفيسر جيڪي گهٽ پگهار وٺن.“

پروفيسر کي اجا سٺي جواب جي ضرورت هئي. هو هال جي ٻي ڪنڊ ڏي نظر ڊوڙائڻ لڳو. اتان ملاوي (آفريڪا) جي شاگرد مسٽر چيزاليءَ اٿي چيو:

”اهڙا بندر گاهہ جتي جهاز کي گهڻو ترسڻو نہ پوي.“

”مثال: ملاويءَ جا بندرگاهہ.“ ترڪيءَ جي حسن بقال زور سان چيو ۽ سڀ کلڻ لڳا ڇو جو آفريڪا جو ملڪ ملاوي افغانستان وانگر آهي. جنهن کي پنهنجو بندرگاهہ يا سمنڊ ناهي.

پروفيسر اسان کي ماٺ ڪرائي ۽ پوءِ نيٺ پاڻ ئي ٻڌايائين. ”جهازن توڙي ڪنهن هوٽل، ڪارخاني يا واپار وڙي کي سٺي طرح هلائڻ لاءِ سٺي مئنيجمينٽ پڻ ضروري آهي. سٺي مئنيجر تي خرچ ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ گهبرائجي.“

”سائين ايمانداري ۽ خدا جو خوف بہ تہ ضروري آهي.“ هڪ ايراني شاگرد اٿي چيو.

”ايمانداري، نيڪ نيتي، انصاف، محنت، ڪم جي چاهڻ، وقت جي پابندي، اهي سڀ هڪ سٺي مئنيجر جي خوبين مان ڪجهہ آهن.“ پروفيسر وڌيڪ بحث ۾ پوڻ کان پاڻ بچائڻ لاءِ ايراني شاگردن کي ويهاري ڇيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

هڪ ڏينهن ’پورهيت ڪي ڪم ۾ دلچسپي ڏيارڻ‘ (Motivation) جي عنوان تي متيون پروفيسر ڳالهائي رهيو هو تہ ’موٽيويشن‘ ڇا آهي. ”انسان جي گهرج وارين شين جو پوراءُ ڪرڻ“ هن ٻڌايو.

”مسلو Maslow نالي هڪ عالم جي ٿيوري مطابق انسان جي سڀ کان اول گهرج کاڌو آهي. بکئي پيٽ تي انسان گل گلڪارين، باغ بستانن جو نٿو سوچي. ان بعد سلامتي آهي. ان بعد سماجي ضرورتون آهن. ان بعد سوسائٽي ۾ عزت وغيره وغيره.“

موراڪو جي شاگرد اڪوح عبدالوهاب هٿ مٿي ڪنيو.

”آئون ان ٿيوريءَ سان Agree نٿو ڪريان.“

”ڇو ڀلا؟“ پروفيسر سبب پڇيس.

”هينئر نٿو ٻڌائي سگهان جو هن وقت هال ۾ ڪجهہ Lady_ Students (عورتون) بہ ويٺيون آهن.“

”ڇڱو هاڻ ويهہ. مون تنهنجي ڳالهہ سمجهي.“ پروفيسر بيزاريءَ مان، هٿ جي اشاري سان کيس ويهڻ لاءِ چيو.

پروفيسر هن کي ويهاريو ئي مس تہ ايراني شاگردن مان هڪ هٿ مٿي ڪنيو.

”سائين! انسان لاءِ کاڌو سلامتي، يا عزت کان بہ وڌيڪ ٻي شيءِ آهي.“ ايرانيءَ چيو.

پروفيسر پنهنجي واچ ۾ وقت ڏٺو. سندس پيرڊ ڪڏهوڪو ختم تي چڪو هو ۽ اجا تہ کيس بہ تي ٻيون ڳالهيون بہ ٻڌائڻيون هيون ۽ هي وقت ڪو بحث مباحثي جو نہ هو. هن ايراني کان سندس فلسفو پڇڻ بدران هٿ جي اشاري سان کيس ويهڻ لاءِ چيو.

”ويهي رهہ. هاڻ تون وري مذهب کي وچ ۾ آڻيندين.“

ساڳئي مٿين پروفيسر هڪ ڏينهن واهہ جي ڳالهہ ڪئي. چيائين: ”ڪيترن ايشيائي ۽ آفريڪي ترقي پذير ملڪن ۾ پڙهيل ڳڙهيل يا هوشيار ماڻهن مان فائدو نٿو ورتو وڃي. گهڻو ڪري سرڪاري ادارن ۾ ڪيترا صاحب پنهنجي هيٺان ڪم ڪندڙن کي اعليٰ تعليم يا هنر سکڻ لاءِ موقعا نٿا ڏين. يونائيٽيڊ نئشن جي ڪيترن ادارن جون مفت جون اسڪالرون ائين ضايع ٿيو وڃن پر صاحب جونيئرن کي ان ڪري نٿا موڪلين تہ متان هو وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ ڪري کانئن وڌيڪ پڙهيل لکيل نہ سڏجن ۽ نہ وري پاڻ اهڙي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موقعي مان فائدو وٺن ٿا جو ڪين ڊپ آهي تہ سندن غير حاضري ۾ متان سندن ڪرسي کائڻ کسجي وڃي يا متان ڪو جونيئر کائڻ متان هنن ٿي وڃي.

خوش قسمتيءَ سان ڪو نوجوان اعليٰ تعليم يا هنر سکي اچي ٿو تہ هن جي قابليت اداري جي فائدي لاءِ ڪم ۾ آڻڻ بدران ضايع ڪئي وڃي ٿي. هن کي جوڳي Post ڏيڻ بدران ڪا اهڙي ڪنڊ پاسي واري پوسٽ ڏني وڃي ٿي جنهن ۾ هو پنهنجي حاصل ڪيل علم ۽ قابليت استعمال ڪري نٿو سگهي. هو نمايان ٿيڻ بدران ڏينهون ڏينهن گمنام ٿيو وڃي ۽ آهستي آهستي سکيل ڪم وساريو ڇڏي. يا اهڙي قابل ماڻهو کي ڪم ۾ اوور لوڊبڊ يا انڊر لوڊبڊ رکي خوار ڪيو وڃي ٿو. اهو هن ريت: پڙهيل ڳڙهيل ۽ چاڙهو نوجوان کي حد کان وڌيڪ ۽ ڳولي ڳولي اهو اهڙو ڏکيو ڪم ڏنو وڃي ٿو جو هو پورو ڪري نہ سگهي ۽ پوءِ هر وقت هن کي خوار ڪيو وڃي ٿو تہ ڪجهہ نٿو اچيس. ٿورو ڪم بہ نٿو پڇيس، يا وري هن کي ڪجهہ بہ ڪم نٿو ڏنو وڃي. ويٺو مکيون ماري. ماٺ ماٺ ۾ ويهي نيٺ اُٻاسيون ۽ جهوٽا کائڻ لڳي ٿو يا آفيس ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن ڦيريون پائي ٿو ۽ پوءِ سندس صاحب هر هڪ کي اهوئي چوي ٿو تہ همراهہ پنهنجي سيٽ تي نظر نٿو اچي ڪيس ڪو ڪم ڪرڻ لاءِ ڏوڙ ڏجي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هيڪاندي ماٺ مايوس ڪري ٿي

هڪ ٻئي عنوان تي ساڳئي پروفيسر ڳالهائيندي، هڪ ڏينهن چيو ته جهاز اور لوڊ ۽ انڊر لوڊ ڪميونيڪيشن ڪري نفسياتي مسئلن جو شڪار ٿين ٿا.

جهاز ٻن بندرگاهن جي وچ ۾ ڪيترائي ڏينهن سمنڊ تي جڏهن هوندو آهي ته جهازيءَ کي نه برابر خبر چار ملي ٿي. پهريون ڏينهن اڌ سندس ڏاڍو سڪون سان گذري ٿو. ڊيوٽي ۽ ننڊون ڪندو رهي ٿو. پر پوءِ ذهن ڪجهه ڳالهائڻ ٻولهائڻ ٻڌران، ٻڌڻ سڻڻ، فيصلو ڪرڻ جو سوچي ٿو. پر ڪجهه آهي. ائٽلانٽڪ پئسفڪ جهڙن سمنڊ ۾ تي وي، نه اخبار نه ريڊيو گذريل بندرگاهه ۾ درپيش آيل ڳالهين جو هڪ ٻئي سان هڪ ٻه دفعا ذڪر ورجائي ورجائي ماٺ ٿيو وڃي ۽ پوءِ هن جو دماغ عجيب ڪيفيت هيٺ رهي ٿو جيڪا ڪيفيت جيل جي تنهائي يا لڳاتار ڏکيون ننڊون ڪرڻ ڪري به محسوس ٿئي ٿي. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن جيئن ئي بندرگاهه اچي ٿو ته هنجي هڪ نارمل ماڻهوءَ جيان وري به زندگي نٿي رهي. هو بندرگاهه وارا سمورا ڏينهن اوور لوڊ ڪميونيڪيشن (گفتگو ۽ ڄاڻ) جو شڪار رهي ٿو. جهاز جو جيٽيءَ سان لڳڻ سان جهاز جو ايجنٽ ٽپال کڻي ايندو جنهن ۾ گهرو ڳالهيون ۽ مسئلا هڪ طرف هوندا ته هيڊ آفيس طرفان آيل حڪم احڪام ۽ مسئلا ٻئي طرف. جهاز جي انشورنس ڪمپنيءَ ۾ سروي سان واسطو رکندڙ الڳ اچي نڪرندا. جهاز جي مشينري جو نقص ٺاهڻ لاءِ ورڪشاپ وارا الڳ پنهنجي پنهنجي فلاسافي ٻڌائڻ ۾ لڳي ويندا ۽ فيصلي لاءِ تري تي بهشت وارو حساب گهرندا. جهاز جي اڳتي سفر لاءِ گهربل تيل پاڻي وغيره جي ضرورت جو حساب ڪتاب معلوم ڪرڻ لاءِ آئل ڪمپنيءَ وارا بحث مباحثو ڪرڻ لاءِ ويٺا هوندا. مطلب ته هڪ منٽ ۾ ساهه کڻڻ جي فرصت نه پئي ملندي آهي ۽ آهستي آهستي مٿي ۾ سور ۽ دماغ مائوف ٿيڻ لڳندو آهي. ڪجهه ڏينهن ۾ جهازيءَ جو اهڙو حال ٿي ويندو آهي جو دعا گهرندو آهي ته ههڙي بندرگاهه جي زندگيءَ کان سمنڊ ڀلو. پر سمنڊ تي به سندس حال نارمل نه هوندو آهي. اتي وري هيڪاندي ماٺ کيس مايوس ڪندي آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## جنهن کي رستي جي خبر نه

ٻه هڪ انڊين پروفيسر ـ ڪئپٽن وانچيسور پڻ آهي. پاڻ پي ايچ ڊي هجڻ ڪري ڊاڪٽر پڻ سڏجي ٿو. يعني ڊاڪٽر پروفيسر ڪئپٽن وانچيسور. پاڻ ڏهن سالن کان هن يونيورسٽيءَ ۾ آهي. اسان کي بين الاقوامي معاهدا (Conventions) ۽ شپنگ ائڪٽ پڙهائيندو آهي. وچ وچ ۾ پنهنجي ساموندي زندگيءَ جا قصا ۽ حادثا ٻڌائي پنهنجو خاص جملو ورجائيندو آهي.

There is no favourable wind for some one who doesn't know what course to steer.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪليم ڪوڙو قبضو سچو

يونوچ سمنڊ (Mediterranean Sea) ۾ مالٽا نالي هڪ ٻيٽ آهي جتي دنيا جي واحد انٽرنيشنل مئريٽائيم لا اڪيڊمي آهي. هر سال وانگر هن سال به اتان جو پروفيسر مڪرجي هفتي لاءِ اسان کي 'مئريٽائيم لا' پڙهائڻ آيو آهي. پاڻ قد بت ۾ ذات مان ئي بنگالي لڳي ٿو. پروفيسر ڪئپٽن مڪرجي ڪلڪتي ۾ ڄائو. اتي جي ئي اسڪول ۽ ڪاليج ۾ بنيادي تعليم وٺڻ بعد بمبئي جي ڊفرن اڪيڊمي مان ڪئڊٽ ٿي سال به هندستان جي جهازن تي نوڪري ڪئي. ان بعد 1968ع کان 1973ع تائين جرمني ۽ هالينڊ جي جهازن تي Sail ڪيو. 1973ع ۾ ڪئناڊا هليووبو جتي آمريڪن 'بلڪ ڪئريئر' (Bulk_ Carrier) جهازن تي Sail ڪيو. ڪئپٽن جو امتحان به اتان ڏنائين. ان بعد ڊالهوس يونيورسٽي ڪئناڊا مان 1970ع ۾ ايل ايل بي ڪيائين ۽ 1980ع ۾ اونٽاريو مان بار ڪيائين. 1989ع کان وٺي IMLA (انٽرنيشنل مئريٽائيم لا اڪيڊمي) ۾ پروفيسر آهي جيڪو ادارو پڻ هن اسان جي يونيورسٽي W.M.U سئيڊن وانگر بين الاقوامي آهي ۽ I.M.O طرفان ٺهرايل آهي. پاڪستان جا به ڄڻا: مئڊم ربينا خرم ۽ ڪمانڊر محمد يار گذريل سالن ۾ هن اڪيڊميءَ مان LL.M ڪري چڪا آهن.

پروفيسر مڪرجي بيحد هوشيار ۽ ڪلمڪ آهي. پاڻ سنو ڪئپٽن ۽ وڪيل پڻ رهي چڪو آهي. ڪيس پڙهائڻ جو اهڙو ته ڏانءُ آهي جو وچ ۾ سموڪنگ جا ڍهه منٽ نه ڏيندو آهي ته به ڪو ڪڇندو نه آهي. چارٽرنگ جي عنوان تي پڙهائيندي ٻڌايائين ته چارٽنگ (يعني مقاطي تي ڪنيل جهازن) جو ڌنڌو ۽ ان سان واسطو رکندڙ قڏا فساد ۽ قانوني مسئلا ايترو ته پيچيده ٿين ٿا جو ان لاءِ سڀ وڪيل اهوئي چوندا آهن ته چارٽرنگ هڪ منجهائيندڙ شيءِ آهي. جنهن کي سمجهڻ هرهڪ جي وس جي ڳالهه ناهي.

ان تي مونکي هميشه پنهنجو ڳوٺائي ڪئپٽن رشيد ابڙو ياد ايندو آهي جيڪو چارٽرنگ جو ذهين مئنيجر سمجهيو وڃي ٿو ۽ سالن کان ان فيلڊ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ جيتوڻيڪ اسان جي حساب ۾ هيستائين هر ڳالهه جو ايڪسپرٽ چئي سگهجي ٿو پر بقول سندس:

”چارٽرنگ جو واپار ايڏو اونهو آهي جو ان کي سمجهڻ لاءِ ڏهہ زندگيون بہ ٿوريون آهن.“

مٿيون پروفيسر هڪ ٻيو سبجيڪٽ Salvage (ٻڏل جهاز کي بچائڻ) جي عنوان تي پڙهائيندي No Cure No pay جملو ڏاڍو استعمال ڪندو آهي. جهازن جي ٻڏڻ يا حادثي وقت ڀرپاسي ۾ سال ويهہ ڪمپنيون وارا جهاز کي بچائڻ لاءِ اچي نڪرندا آهن. جن جو ڪم ئي اهو هوندو آهي. هو صبح جو اٿڻ سان اهائي دعا گهرندا هوندا تہ ڪو طوفان لڳي جهاز ٻڏي يا ٽٽي تہ ان کي بچائي انعام اڪرام حاصل ڪجي. ڪڏهن ڪڏهن نقصان رسيل جهازن کي بچائي ڪناري تائين آڻيندي اهو ٻڏي ويندو آهي ۽ پوءِ بچائڻ وارا (Salvor) جهاز جي مالڪ کي چوندا آهن تہ ڪجهہ تہ خرچي ڪراءِ اسان بہ تي ڏينهن جهاز کي ڇڪي ڇڪي هيستائين تہ آندو هاڻ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ آخر ۾ اچي ٻڏي ويو ۽ صحيح سلامت نہ پهتو. هاڻ غريب مالڪ هڪ جهاز ۾ غرق ٿيل ڪارگو جي ڏک ۾ ٻي حال ٻيو هنن کي ٺل تي انعام ڏئي، نہ تہ وڃن ٿا ڪورٽ ۾ ڪيس ڪرڻ.

سو ان ڳالهہ کي مدنظر رکي بين الاقوامي طرح اهو قاعدو ٺاهيو ويو آهي تہ بچائڻ واري کي انعام تڏهن ملندو جڏهن هو ڪاميابيءَ سان بچائي ايندو. پوءِ سڄو جهاز ۽ سڀ سامان تہ نہ پر ڪجهہ حصو پٽي انهن مان ڪيس خرچي ڪرائي سگهجي ٿي.، يعني جيسين مريض کي تندرستي حاصل نٿي ٿئي تيسين في تہ ڏبي NO Cure No pay بهرحال اها خرچي يا چانهہ پاڻي بہ لکن ۾ ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اڌو اڌ سالويج Salvage وارن کي ملي ٿي.

مٿئين جملي کان علاوه ڪئپٽن مڪرجي جي زبان تي هڪ ٻيو جملو پڻ هوندو آهي:

Finders Keepers Loosers Weepers.

جن لڌو سي ڦبيا جن وڃايو سي رڙيا.

خطري جي حالت ۾ جيڪڏهن خلاصي ۽ ڪئپٽن جهاز ڇڏي Abandon ڪري ڇڏين تہ ان بعد ان تي جنهن بہ قبضو ڪيو تہ اهو جهاز ان جو ٿيو. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ڪورٽ ۾ ان مالڪيءَ جي سلسلي ۾ عجيب نوعيت جا ڪيس اچن ٿا. جيئن

اڄڪلهه هتي هڪ اهڙي جهاز جو مالڪ 25 سالن بعد ڪيس ڪري رهيو آهي. يا اڄ ڪان اسي سال ڪن اڳ ٻڏل ٽائيٽينڪ جهاز جو ٻڏل سامان سمنڊ جي تري مان ملڻ تي، جهاز جي مسافرن جا پوٽا پوٽيون ڪيس ڪري رهيون آهن ته ان مال ۾ ڪين ٻه حصو ڏنو وڃي.

”توهان جو ڇا خيال آهي ته ٻڏي ويل / ڇڏي ڏنل شيءِ تي ڪنهن جو حق آهي. جنهن کي ملي ان جو يا جنهن هڪ وار ان کي ڇڏي ڏنو ان کي موٽائي ڏجي.“ ڪنهن شاگرد وڪيل پروفيسر ڪئپٽن مڪرجي کان پڇيو.

ڪئپٽن مڪرجي کلي چيو. ”آئون ته اهوئي چوندس Finder Keepers Loosers Weepers. “ ۽ اسان سڀ کلڻ لڳاسين.

منهنجي خيال ۾ ان جملي جو نعم البدل جملو: ”ڪليم ڪوڙو قبضو سچو“ چئي سگهجي ٿو.

## ماجرا ڇا آهي

خط استوا Equator اهو خيالي ليڪو آهي جو هن ڌرتيءَ جي گولي کي، اتر اڌ گول Northern Hemisphere ۽ ڏکڻ اڌ گول Southern Hemisphere ورهائي ٿو.

اهي ملڪ جيڪي خط استوا تي يا ان جي ويجهو ويجهو آهن انهن تي سج جا ڪرڻا سڌا پون ٿا. اونهاري توڙي سياري ۾ سخت گرمي ٿئي ٿي. انهن ملڪن ۾ ٻارهوئي ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿين ٿا. سج اڀرڻ سان تکي روشني ٿي ويندي آهي ۽ لهڻ شرط اونداهه ڪانيار، پرهه ڦٽي، باک ڦٽڻ يا سج لهڻ بعد شفق جي لالائي ۽ منهن اونداهي جهڙيون شيون ٿين ئي ڪونه. ملائيشيا، انڊونيشيا، سنگاپور، ڪينيا، زائر، اڪيڊار ۽ ڪولمبيا وغيره جي اها موسم ۽ ڏينهن رات جو حساب ان ريت آهي.

جيئن جيئن خط استوا کان پري اتر ڏي يا ڏکڻ ڏي وڃبو ته اونهاري ۾ ڏينهن ويندا وڏا ٿيندا راتيون ننڍيون ٿينديون وينديون. تان جو اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب ۾ هڪ هيڪاندو وڏو ته ٻي بنهه ننڍي نه برابر. مثال طور اونهاري ۾ اتر قطب جي ويجهو ملڪ ۾ ڏينهن ڏري گهٽ چوويهه ڪلاڪن جو ٿئي ٿو ۽ رات نه برابر. بلڪ لڳندو ائين ئي ته يڪو ڏينهن ئي ڏينهن لڳو پيو آهي ۽ سياري جو مهينو کن وري يڪي رات (اونداهه) پئي هلندي آهي.

پاڪستان خط استوا کان ڪو تمام گهڻو پري ناهي پر تڏهن به ايترو آهي جو اونهاري ۾ ڏينهن چوڏهن ڪلاڪن جو وڃيو ٿئي ۽ رات ڏهن ڪلاڪن کن جي. ڪجهه مٿيرو اتر ۾ يعني افغانستان، تاجڪستان، ازبڪستان، ڪزاخستان ۽ ترڪي يونان بلغاريه ڏي هلبو ته ڏينهن رات ۾ اڃا به وڏو فرق ايندو ۽ موسم ويندي ٿڌي ٿيندي. هي ملڪ سئيڊن، جتان هي مضمون لکي رهيو آهيان خط استوا کان تمام گهڻو پري اتر ۾ آهي. بلڪ ائين سمجهڻ کپي ته آخري اسٽاپ آهي. ان بعد اتر قطب- دنيا جي چوٽي اچي ٿي جتي ٻارهوئي برف لڳي پئي آهي. هتي سئيڊن ۾ ڏينهن رات جو تمام وڏو فرق آهي. اڄڪلهه وچ اونهارو آهي ۽ ڏينهن ويهه ٻاويهه ڪلاڪن جو ٿئي ٿو. پنهنجي ملڪ ۾ سوا ستين بجي ڌارين لهندو هوندو ۽ ماٺهو رات جي ماني اٺين تائين کائيندا هوندا. هتي به رات جي ماني اٺين ئي نائين بجي ڌاري کائون ٿا پر سج لهڻ جو نالو نه وٺندو آهي. ٻئي ڏينهن ملڪل نه هوندي آهي ته درياءَ تي ٿلها پردا ڏئي

خيالي رات جو سوچي سمهي رهندا آهيون. پر ٻيو ڏينهن جي موڪل جو هوندو آهي تہ ماني بعد وري والي بال يا فٽ بال راند لاءِ نڪري ويندا آهيون. ڏهين يارهين موڙ تي بہ روشني هوندي آهي. ڇو جو اڄڪلهہ هتي سج رات جو يارهين سوا يارهين لهي ٿو. سانجهي نماز بعد بہ ڪافي روشني هوندي آهي. جيتوڻيڪ سج لهي چڪو هوندو آهي. ٻارهين هڪ بجي ڌاري تارا ڪٿيون ٽيڙو آسمان تي نظر ايندا آهن پر سگهوئي ڪلاڪ اندر سڀ غائب ٿي ويندا آهن ۽ صبح جو ٻي بجي تائين سج اڀري ايندو آهي.يعني سمهڻي نماز جو وقت هڪ وڳو تہ فجر جو پوڻا ٻہ هوندو آهي. هتي رهندڙ مسلمانن جو صحيح طرح امتحان هوندو آهي جن کي ڪلاڪ بہ سمهڻ بعد فجر لاءِ اٿڻو پوي ٿو ۽ انهن لاءِ فجر ائين آهي جيئن تهجد.

سو هتي سئيڊن ۾ اڄڪلهہ اونهارو آهي. سج يارهين ڌاري ڪانپوءِ لهندو آهي. اوندهہ ٻارهين بجي ڌاري ٿيندي آهي. سج ٻين بجي ڌاري اڀري پر ان کان اڳ ئي روشني ٿي ويندي آهي. يعني صحيح معنيَ ۾ اونداهہ ڪانپار ڪا ڪلاڪ اڌ مس ٿي ٿئي. آئون ڪوشش ڪري ڏهين بجي سمهي رهندو آهيان. جلدي اک کلڻ تي، بنا واچ ڏسڻ جي، سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ آيا رات جا يارهن ڪن ٿيا آهن ۽ سج اڃا غروب ئي نہ ٿيو آهي يا صبح جا ٽي ٿي ويا ۽ سج اڀري بہ چڪو آهي. ڇو جو ٽين چئين بجي ڌاري سج ڪافي مٿي چڙهي ايندو آهي ۽ ائين لڳندو آهي جڻ ڏينهن جا ڏهہ يارهن ٿي ويا آهن. پر چوڌاري ماٺ، دڪان بند ۽ رستا سنسان ڏسي وري سمهي رهندو آهيان. هنن ملڪن ۾ ماڻهو سج اڀرڻ لهڻ تي نہ پر واچ ۾ ٽائيم ڏسي هر ڪم ڪن ٿا.

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ خط استوائي ملڪن مان- يا ويندي اسان جي ملڪ مان ڪنهن ماڻهوءَ جون اکيون بند ڪري رات جو ٽين بجي هتي آڻي پوءِ کيس ان وقت بنا گهڙيال ڏسڻ جي شهر ۾ ڇڏجي تہ هوتہ وائڙو ٿي ويندو تہ هن شهر کي ڇا ٿي ويو آهي جو هيڏو سج اڀري آيو آهي پر ڪو ماڻهو ڇيڙو نظر نہ پيو اچي. رستي تي لاري موٽر ناهي. دڪان بند ٿيا پيا آهن ۽ ڪتا ٻلا توڙي پکي پکڻ اکيون پوري چپ هٽيو وينا آهن. ماجرا ڇا آهي.

ڏينهن رات جو فرق هجڻ ڪري مجبورن هتي هر ڪم واچ جي ڪانٽن مطابق ڪرڻو پوي ٿو. اسان جي مرحوم ڏاڏي جيڪا اصولن جي سخت هئي ۽ سج لهڻ تي ڏيو ٻاري ڪلمو پڙهي اسان کي مانيءَ تي ويهاريندي هئي ۽ سج لٿي کانپوءِ گهٽيءَ ۾ هرگز کيڏڻ نہ

ڏيندي هئي. هن جو فرمان هوندو هو تہ سج لهڻ جو جيئن ئي وقت ٿئي گهر موٽو ۽ سانجهي نماز ڪانپوءِ يڪدم ماني ڪائي سمهي رهو. هن ڪي واچ جا ڪانٽا ۽ انگ سمجهہ ۾ نہ ايندا هئا پر ڏينهن جو سج جي ۽ رات جو تارن جي چرپر مان صحيح وقت جو اندازو لڳائي وٺندي هئي. مرحومہ جي هتي هجي ها تہ ڪڏهن فائدي ۾ ڪڏهن نقصان ۾ هجون ها. اونهاري ۾ راند لاءِ سو وقت ئي وقت هجي ها. پر ماني ضرور دير سان ملي ها جو جيسين سج لهي ۽ رات جو ٻہ ڪلاڪ ڪن مس سمهون ها تہ فجر لاءِ اٿاري ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سياري ۾ سمهڻ لاءِ ڪافي ملي ها جو سيارو ٽيڻ سان ڏينهن تڪو تڪو سسڻ لڳي ٿو ۽ رات انگهي انگهي ٻاويهہ ڪلاڪن جي ٿيو پوي.

## سياروءِ خودڪشي

اجا بہ سئيڊن جا شهر مالمو ۽ اسٽا ڪهوم ايترو اتر ۾ نہ آهن جيترو سنڊوال (Sundsvall) يا ترنابي (Tarnaby) آهن. ڪرونا (Kiruna) يا ڪاريسئاڊو شهر تہ بنهہ اتر ۾ آرڪٽڪ سرڪل کان بہ گهٽ مٿي ستر کن ڊگرين تي آهن. انهن شهرن ۾ اونهاري جو مهينو ۽ تہ ڏينهن ئي ڏينهن لڳو پيو هوندو آهي رات ڪا نالي ماتر ٿئي. (ڪرونا کان آيل هڪ پاڪستاني رمضان مهيني لاءِ دانهون ڪري رهيو هو تہ اونهاري ۾ڏينهن ٿيويهہ ڪلاڪن جو ٿيڻ ڪري هن کي وڏا روزا رکڻا پيا هئا) چي: ”الله تعاليٰ کي روزي جو وقت مقرر ڪرڻ کان اڳ ڪرونا جي ماڻهن جو سوچڻ کپي ها.“

هو اڄڪلهہ اسان واري شهر مالمو ۾ رهي ٿو جتي وري بہ ڪجهہ ننڍو روزو ٿئي ٿو. بهرحال رمضان جو مهينو ڦرندو رهي ٿو. اونهاري ۾ جي ڏينهن وڏا ٿا ٿين تہ ڪجهہ سالن بعد سياري ۾ جڏهن ٿئي ٿو تہ پوءِ تمام ننڍا روزا ٿين ٿا. هن پاسي جي ماڻهن کي اهو شڪر ڪرڻ کپي تہ اونهاري ۾ بہ سخت سيءُ هجڻ ڪري روزي ۾ اها اُڃ نٿي لڳي جيڪا اسان وٽ سياري ۾ بہ لڳي ٿي. باقي بک جون ڪيترائي دانهون ڪن ٿا جو سيءَ ۾ هونءَ بہ بک لڳي ٿي.

هنن قطبي ملڪن ۾ اونهاري ۾ ڏينهن وڏو ۽ چٽي روشني وارو ٿئي ٿو ۽ سياري ۾ ڏينهن ننڍو سو بہ ڪڪر سان ڀريل هجڻ ڪري اوندهہ انڌوڪار هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هتي جي گهرن کي ڀن قسن جا پڙدا ٿين ٿا. هڪ تمام ٿلها جيڪي اونهاري ۾ ڏئي اوندهہ ڪري سمهڻو پوي ٿو ۽ بيا جاري (Lace) جا سنها جيڪي سياري ۾ ڏنا وڃن ٿا. جيئن پڙدو بہ رهي تہ ٿوري گهٽي روشني بہ اچي. اونهاري جي اس ۾ گرمائش ڪٽي نہ هوندي آهي پر برف تي پوڻ ڪري اکين تي گهٽي روشني لڳي ٿي. ان ڪري اونهاري ۾ هتي هرڪو ڪوشش ڪري ٻاهر نڪرڻ وقت اس جو چشمو (Sun Glasses) پائي ٿو ۽ ان چشمي ۾ اهي شيشا استعمال ڪيا وڃن ٿا جيڪي سج جا الٽرا وائليٽ (Ultra Violet) ڪرڻا واپس ڪن. هونءَ تہ پاڪستان ۾ بہ اس لاءِ اها عينڪ پائجي جيڪا (Ultra Violet) ڪرڻن کان بچائي، جو اهي ڪرڻا اکين توڙي جسم لاءِ نقصانڪار آهن. بهرحال اها تي هڪ سائنسي ڳالهہ. ان تي هرويرو گهڻو سندرو ٻڌڻ ضروري ناهي. خاص ڪري اسان جهڙن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ملڪن جي ماڻهن کي جيڪي زهر مار دوائن جي چٽڪار واري پاڃي ۾ ميوو به ڪايو وڃن. ولائتي پاڻ تي پوڪيل ڪٽڪ کائين ٿا. جراثيمن سان پرپور پاڻي پيئن ٿا. دونهاتيل هوا جو ساهه کڻن ٿا.. سو ظاهر آهي انهن اهم ڳالهين جو ته خيال نه ڪريون باقي رڳو وتون عينڪن لاءِ Ultra Violet Protection وارا شيشا ڳوليندا، عجيب بيوقوفي چئبي.

هتي سئيڊن ۾ سياري جون راتيون نه فقط وڏيون پر اونداهيون ۽ ٿڌيون ٿين ٿيون. ائين لڳندو آهي ڄڻ ماڻهو ڪنهن غار ۾ پيو آهي. اونداهه ڪري گهٽيءَ ۾ پار ٻچو به نظر نه ايندو آهي. اونهاري ۾ رات جو دير دير تائين سج جي هجڻ ڪري ٻارن جو گوڙ گهمسان لڳو رهي ٿو ۽ مائرون کين شام جو ائين کان وٺي چڪڻ شروع ڪنديون آهن ته هلي ماني کائي سمهو جو پئي ڏينهن اسڪول لاءِ اٿڻو اٿوَ پر ڪيترا ٻار رات جا ٻارهن ڪريو چڙين. جيسين سج غروب ٿي وڃي.

سياري ۾ ڪيترن کي ڊپريشن به ٿئي ٿي. خاص ڪري عورتن کي. هتي جي يورپين جو پوڙ گهڻو زور شراب تي هوندو آهي. ٽي وي وارا ڪوشش ڪري سياري ۾ ٽي وي تي سٺا پروگرام ڏيندا آهن جيئن ماڻهو- خاص ڪري اڪيلا، گهرن ۾ سوچي سوچي مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻ بدران پاڻ کي ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول رکن. اونداهي، سيءَ ۽ ڊگهيون راتيون مايوسيءَ جون سبب آهن يا نه پر اها حقيقت آهي ته هتي سئيڊن ۾ خودڪشيءَ جا گهڻا واقعا سياري ۾ ٿين ٿا.

# ٿرماميٽر ڏسڻ بنا گهران نه نڪرجي

سئيڊن ۾ 19 جون تي مڊسمر هاليڊي ٿئي ٿو. اها موڪل وچ اونهاري جي موڪل سڏبي آهي. سئيڊن جو اونهارو ڇا ٿيندو آهي؟ بس ائين سمجهو ته ٻه چار هفتا سيءُ ڪجهه گهٽبو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سج نڪرندو آهي. اهي ٻه ٽي هفتا ڪوٽن سئيٽرن مان جان ڇٽندي آهي ـ سو به فقط منجهند ڌاري، صبح جو ۽ رات جو پنهنجي سياري واري سردي هوندي آهي. نالي ماتر ان اونهاري جي ٻن ٽن هفتن ۾ به ڪو ڪو سڄو ڏينهن جهڙ ۽ سيءُ پڻ ٿي ويندو آهي ۽ هڪ دفعو وري ٿلهن اوور ڪوٽن ۽ سوڙين جهڙين جئڪيٽن جي ضرورت پوندي آهي.

هن دفعي ٻه چار ڏينهن لڳاتار اس نڪرڻ ۽ سيءُ گهٽجڻ تي اسان سمجهيو ته هاڻ ڪوٽ سئيٽرن جي ضرورت نه پوندي ـ يعني گهٽ ۾ گهٽ اونهاري جا هي ٻه ٽي هفتا. پر ڇنڇر آچر هاسٽل اندر ئي موڪل گذارڻ بعد سومر ڏينهن ڪو سيءُ تي پيو جنهن جو اندازو گرم هاسٽل ۾ اندر ويهي نه لڳائي سگهيس. يونيورسٽيءَ وڃڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ کان اڳ، نيرن تي هاسٽل ميس ۾ ڪئپٽن عاشق ۽ چيف انجنيئر حميد قاضيءَ کي ٿائي ڪوٽ ۾ ڏسي پڇيومان:

”ابا خير ته آهي. طبيعت صحيح ناهي ڇا؟“

”ڇو ڀلا؟“ جواب بدران هنن سوال ڪيو.

”اڄ ڪوٽ پائي پيا وڃو؟“ مون پڇيو مان ۽ هو ويچارا ان جو صحيح جواب ڏين ته ”موسم جي تازي رپورٽ موجب اڄ ٻاهر سيءُ آهي.“ ان کان اڳ مون ٽوڪيو مان:

”ڪو سيمينار يا نوڪريءَ لاءِ انٽرويو آهي ڇا؟“ ۽ اهو چئي ڪائنٽر پري خالي ٽيبل تي نيرن وجهي ڪيم.

ميس ۾ نيرن تي اچڻ مهل، يونيورسٽي وڃڻ لاءِ ڪتابن جو ٿيلهو يا بريف ڪيس کڻي ايندا آهيون جيئن نيرن بعد وري ڪمري ۾ اچڻ بدران اتان ئي يونيورسٽي هليا وڃون. سو ان ڏينهن نيرن بعد جهڙو هاسٽل کان ٻاهر نڪتس ته ٿڌين هوائن پنهنجو اثر ڏيکاريو. پر هاسٽل کان ايترو پري ۽ بس اسٽاپ جي ايترو ويجهو اچي پهتو هوس جو هاسٽل ڏي موٽي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

گرم ڪپڙا پائڻ لاءِ فيصلو نہ ڪري سگهيس. پنيان پنيان علوي پئي آيو. اهو بہ ڪوٽ مفلر ۾ هو. ڪيس چيم:

”يار اڄ ڏاڍو ڪچو ڪم ڪيو اٿم. هتي جي موسم جي نخري جو تہ سوچيو ئي نہ هوم.“

”اڪثر ائين ٿيندو آهي،“ علوي چيو ”موڪل وارن ڏينهن بعد موسم ڪي ڏيان ۾ رکڻ وسري ويندو آهي. هتي يورپ ۾ هر وقت موسم ڪي ڌيان ۾ رکجي تہ هن وقت ٻاهر ڪيترو سيءُ آهي ۽ هوا جي ڇا رفتار آهي ۽ مينهن پوڻ جا آثار آهن يا نہ.“

آئون ٻڏتر ۾ بس اسٽاپ ڏي وڌندو رهيس. سمجهہ ۾ نہ آيو تہ گرم ڪپڙن لاءِ هاسٽل موٽي وڃان يا سيءُ ۾ائين ئي ڏڪندو ڏڪندو يونيورسٽي پهچان. اهو ضروري آهي تہ هاسٽل يا يونيورسٽي جي بلڊنگ- توڙي هتي جون آفيسون،دڪان، بسون، ريل گاڏيون ايترو تہ گرم رهن ٿيون جو اندر پلي چيدي ۽ گنجي ۾ پيو هل پر ٻاهر جي سيءَ جي خبر نٿي پوي پر اڄ جيڪو سيءَ هو اهو ڪو سياري جهڙو سخت، زيرو ڊگرين ڪان بہ ڪو هيٺ نہ هو تہ بہ چڱو خاصو هو. بلڪ سيءَ لاءِ تہ اهوئي چيو ويندو آهي تہ سيءَ جو مدار توهان جي ڪپڙن تي آهي. پلي ڪيڏو بہ سخت سيءَ هجي پر جي توهان پنهنجي جسم کي چڱي طرح گرم ڪپڙن سان ڍڪي هلندؤ تہ توهان کي گرمي محسوس ٿيندي. پر جي جسم تي پورا پنا ڪپڙا نہ آهن تہ ٿورو سيءُ بہ گهڻو آهي جيئن ان ڏينهن مونسان ٿي رهيو هو.

الله الله ڪري بس اسٽاپ تي پهتس ۽ بس جو انتظار ڪرڻ لڳس. يونيورسٽي جلدي پهچڻ ڪان وڌيڪ سيءَ ڪان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ اڄ بس جو انتظار هوم. چوڌاري نظر ڊوڙايم تہ ويندي هتي جا رهاڪو جيڪي بہ چار ڏينهن اڳ قميصن ۽ بشرٽن ۾ نظر اچي رهيا هئا سي ڪوٽن سئيٽرن ۾ ڍڪيل هئا. اسان جهڙن ڏارين کي تہ هونءَ بہ سيءَ گهڻو ٿو لڳي ۽ مڪاني ماڻهن ڪان هڪ اڌ وڌيڪ ئي آٽر پاڻ تي چاڙهيندا آهيون پر اڄ تہ مڪاني ماڻهو بہ ڪوٽ پائي پئي هليا. هڪڙو آئون چرين وانگر بنا ڪوٽ سئيٽر جي فقط قميص ۾ ڪن ڪڍيو بيٺو هوس، ايتري ۾ بس آئي ۽ سڀ ڪان اڳ آئون اندر گهڙي ويس ۽ شڪر ڪيم تہ هاسٽل ڪان بس تائين جي اڌ منزل تي پوري ٿي باقي هاڻ يونيورسٽي بس اسٽاپ ڪان يونيورسٽيءَ جي عمارت تائين جو فرلانگ بہ ڪن پنڌ. علويءَ کي چيم: ”بس اڄ رڳو خير سان

شام جو گهر پهچان. باقي آئيندي مجال آهي جو بنا ٿرماميٽر ڏسڻ يا ٽي وي تان Weather Report ٻڌڻ جي ٻاهر نڪران.“ بهرحال يونيورسٽيءَ کان شام جو موٽندي خير هو جو منجهند تائين آسمان ڪڪرن کان خالي ٿي ويو ۽ سج ڏرتيءَ کي چڱي تپش ڏني ۽ صبح وارو سيارو اونهاري ۾ بدلجي چڪو هو.

سو ان قسم جي مهيني کن جي اونهاري جو اڌ 19 جون تي ٿيندو آهي. اهو ڏينهن موڪل ٿيندو آهي ۽ هتي جا ماڻهو مائٽن، مٽن، دوستن سان گڏ گهٽو ڪري پڪنڪ يا پارٽيون ملهائيندا آهن. هفتو کن اڳ ذوالحج جي عيد ٿي هئي سو هن موڪل مان فائدو وٺندي پاڪستان ايسوسيئيشن وارن ”عيد ملن پارٽي“ به هن تاريخ يعني 19 جون تي رکي. ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري سرتاج ان قسم جي لکت ۾ دعوت به چار ڏينهن اڳ ڏئي ويو هو. گذريل عيد واري دعوت ۾ آئون وڃي نه سگهيو هوس پر هن ڀيري، مسعود پنهنجي ڪار ۾ هتي رهندڙ پاڪستاني شاگردن کي وٺڻ لاءِ آيو ته آئون به ساڻن روانو ٿيس. مسعود هتي جي چند پڙهيل ڳڙهيل پاڪستانين مان هڪ آهي ۽ شهر ۾ به دڪان اٿس. پاڻ هتي ويهن سالن کان رهي ٿو ۽ سندس زال سئيڊس آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پنجابي ضرور سکي ويندا سين

سئيڊن جي هن شهر مالمو جي ميونسپالٽي جي قبضي ۾ کجھ گھر آهن. جيکي هوءَ مسواڙ تي ههڙن ملاقاتن ۽ شادين مرادين لاءِ ڏيندي آهي. جاگير سرو روڊ تي اهڙي ئي هڪڙي گھر ۾ شام جو چئين بجي گڏجاڻي رکي وئي هئي.جتي گذريل عيد جي ملاقات پڻ ٿي هئي.

اسان کي مسعود چئين بجاءِ پنجين وڳي آيو پر اتي ساڍين پنجين پهچڻ تي به اجا 'ککڙوتو' لڳي پئي هئي. پوءِ آهستي آهستي سئيڊن ۾ رهندڙ اسان جا پاڪستاني اچڻ شروع ٿيا ته ايندا ئي رهيا. نائين بجي ڊاري ماني ٿي ۽ ان بعد ڏهين بجي ڊاري جڏهن وڃڻ لڳاسين ته انوقت به ڪي اچي رهيا هئا ۽ ايسوسيئيشن جا مڙيئي عهديدار سندن مانيءَ جي بندوبست لاءِ پيچ ڊک ۾ آخر تائين لڳا رهيا. وقت تي نه اچڻ هوڻ ته اسان پاڪستانين لاءِ ڪا نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهه ناهي پر ههڙي ملڪ ۾ جتي پيون شيون ته ٺهيو پر سرڪاري بس به جيڪڏهن هڪ منٽ دير ڪري ٿي ته عجب جهڙي ڳالهه سمجهي وڃي ٿي, اتي چئين بجي اچڻ بدران اٺين نائين اچا به ڏهين اچڻ هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي. وقت جي پابندي ته اڄڪلهه محرابپور ۽ ميرپور ماٿيلو ۾ ٿيندڙ دعوتن ۾ به ڪافي حد تائين قائم رکي وڃي ٿي. هي ته يورپ جي سڌريل ملڪ سئيڊن جو مثالي شهر مالمو آهي!

جتي اسان اچي ويٺاسين اهو انگريزي اکر 'ايل' جي شڪل جو وڏو حال هو ساڳئي هال ۾ مردن لاءِ الڳ ته عورتن لاءِ الڳ ويهڻ جو بندوبست هو. اسان جي پهچڻ سان ايسوسيئيشن جو سيڪريٽري سرتاج حسين, صدر عابد محمود ۽ ميمبرن مان محمد شبير آيل هئا ۽ پوءِ جيئن جيئن مهمان ايندا ويا ــ جن ۾ ميمبرن جو تعداد گهٽ سندن ٻارن جو وڌيڪ هو تيئن تيئن گوڙ وڌندو ويو. ٻارن جون ٻاهر ڇٻر تي پهرين ڊوڙون هيون ۽ پوءِ دانهون ڪوڪون. پوءِ جهيڙا جهتا ۽ پوءِ ٻارن جي فيصلن لاءِ مائرن پيئرن وٽ اندر ڊوڙ ڊڪ هئي. فلاڻو هيئن ٿو مون کي چوي. فلاڻو منهنجي هيءَ شيءِ کٽي ويو آهي. پهرين هن مون کي ڌڪ هنيو ان بعد مون پتر هنيومانس. وغيره وغيره. بس وڏن ٻارن جون ڊوڙون ۽ دانهون هيون ته ٽج تي آيل ٻارن جو روج رانيات هو. بقول هڪ عام جائزي جي ايشيا جي ملڪن ۾ پاڪستان

واحد ملڪ آهي جنهن جا ماڻهو وڏن جي دعوت ۾ ٻارن کي ٻه ٻاڻ سان وٺيو هلن ٿا. پر پاڪستانين جو ٻه ڏوهه ناهي. ڪنهن وٽ ننڍا ٻار ڇڏين؟ماءُ، پيءُ، سس، سهرو، پڦيون، ماسيون ڳوٺن ۾ هتان کان هزارين ميل ڏور. آخر هو ڪن سو ڪن ڇا. ۽ پوءِ آهستي آهستي (شايد ٿڪاوٽ ڪري) ٻارن جي ڊوڙڻ ۽ انهن ۾ ڪجهه ڪجهه ڊرائي ايندي وئي ۽ هاڻ ڊوڙڻ، ٽپڻ ۽ دانهون ڪرڻ بدران سنو مارو پاڻيءَجي ڪولر ۽ ڪاڪوس تي شروع ٿي ويو. هر ٻار ٿوري ٿوري دير ۾ پهرين ۽ ذري ذري پاڻي پيئڻ چاهيو ٿي. ڪوڪا ڪولا ۽ سيون اپ جو دٻو هتي بيئر کان ٻه مهنگو آهي ۽ ڪوڪاڪولا جي وڏي بوتل جيڪا پاڻ وٽ پاڪستان ۾ ٻارهين رپئي ملي ٿي سا هتي سئيڊن ۾ ويهين ڪروني- يعني اسي رپئي ملي ٿي. ههڙي مهنگي ملڪ ۾ ڪوڪا ڪولا جهڙو شربت اميرن جي دعوتن ۾ئي نظر اچي ٿو. پر اهو ٻه سنو جو ممنون ۽ مسعود جهڙن دورانديش ماڻهن هڪ وڏو شاهي ڪولر پاڻيءَ سان ڀري اچي رکيو هو جنهن جي چوڌاري ٻارن جو گهيرو هو يا وري هن بلڊنگ جي اڪيلي ڪاڪوس اڳيان قطار ۾. ٻار هنگڻ، مٽڻ يا الٽيون ڪرڻ ۾ پورا هئا ته سندن مائرون وري ڪين مارڻ ڪٽڻ يا ٺپيون بدلائڻ ۾ بزم بزي هيون. پر سرسري طور سڀ خوش هئا جو سڄو وقت آفيس يا پاڙي وارن سان سئيڊش زبان ڳالهائڻ بدران اڄ ڪين اڙدو يا پنجابيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ جو موقعو مليو هو.

هتي رهندڙ پاڪستانين جو اسي سيڪڙو پنجاب پاسي جو آهي ۽ جيئن لاهور ۾ پنجابي عام ڳالهائي وڃي ٿي تيئن هتي ٻه گهڻو پنجابي هلي ٿي ۽ پنجاب پاسي وارا هي مئجارتي ۾ همراهه ڪراچيءَ جي اڙدو ڳالهائيندڙن توڙي مون سان رکي رکي پنجابي ۾ ڳالهائي رهيا هئا. قاضيءَ کي چيم ته سئيڊن ۾ ٻه سال رهڻ بعد هتي جي زبان سئيڊش اچي يا نه پر پنجابي ضرور سکي ويندا سين.

# ملڪ جي خوشحاليءَ جو ماپو

ماني ۾ ڳائي جو ٻوڙ ۽ نان هئا ۽ مٺي (Sweet Dish) ۾ پتائي ڳجرن جو حلوو. ڳائي جو پڳل ٻوڙ مسعود گهران نهرائي آيو هو. هتي ڳائو (Beef) کائڻ وڏي عياشي سمجهيو وڃي ٿو اهو گوشت ڪڪڙ ٻڪري جي گوشت کان به مهنگو آهي. نان عراقيءَ جي دڪان تان ورتي آيا هئا. جنهن ويجهڙائيءَ ۾ نانن جو دڪان سوڊروان علائقي ۾ کوليو آهي جتي ڪيترائي سياسي پناهه هيٺ آيل ايراني ۽ عرب رهن ٿا. نان کي اپامڻ لاءِ هتي اڪثر خمير (Yeast) وڌو وڃي ٿو ۽ اهي نان هتي جي زبان ۾ ’پيتابريڊ‘ سڏجن ٿا. پر هن عراقيءَ زمين ۾ تندور ٺاهي ان ۾ نان پچائڻ شروع ڪيا آهن. في نان ستن ڪرونائن ۾ وڪڻي ٿو. يعني ٽيهين رپئي هڪ نان. پر هن ملڪ ۾ جتي ڪوڪا ڪولا جي بوتل اسي رپئي کن آهي ۽ شهر جي سرڪاري بس جو هڪ اسٽاپ کان ٻئي اسٽاپ تائين ڀاڙو پنجاهه رپيا آهي اتي ٽيهين رپئي جو نان هتي جي ماڻهن لاءِ سستو آهي. ڪين ڀڳهار به اوڏائي وڏا آهن. باقي اسان لاءِ اهي سڀ شيون مهنگيون آهن ۽ اهڙين شين جي فقط قيمت پڇندا آهيون. باقي هي نانن جهڙيون شيون هتي سئيڊن ۾ وٺڻ بدران موتي اڇي بولٽن مارڪيٽ مان پناڻ جي هوٽل تان ڏيڍ رپئي وٺي کائڻ جو پروگرام ٺاهيندا آهيون يا ڪڏهن ڪڏهن اهڙين دعوتن ۾ نصيب ٿيندي آهن.

ماني شروع ڪرڻ کان اڳ ايسوسيئيشن جي سيڪريٽري سرتاج ڪائنس اڳ واري سيڪريٽري کي اسٽيج تي اچي به لفظ چوڻ لاءِ عرض ڪيو. هو تازو پاڪستان جو چڪر هڻي آيو هو سو اتي جون تازيون خبرون ٻڌائڻ لڳو.

”ڀائرو ۽ ڀينرو!“ هن پنجابيءَ ۾ تقرير ڪئي. ”پاڪستان وڃي منهنجي ڏاڍي دل خوش ٿي ته اسان جو پيارو پاڪستان ڏينهن رات ترقي ڪري رهيو آهي. موجوده پرائيم منسٽر نواز شريف جي حڪومت ۾پاڪستان بيحد سکيو ستابو ٿي رهيو آهي. (انهن ڏينهن ۾نواز شريف جي حڪومت هئي.) لاهور ۾ڪيترن هنڌن تي مون کي آذربائيجان ۽ ترڪمانستان ۽ تاجڪستان جا واپاري نظر آيا. شهر ۾ صفائي سٿائي ۽ رونق اچي وئي آهي. رستا به عاليشان ٿي رهيا آهن. لاهور کان اسلام آباد جو هاءِ وي به ٺهڻ شروع ٿي ويو آهي،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

اهڙي طرح پاڪستان جو واپار روس جي رياستن ۽ ٻين ملڪن سان هلي سگهندو. وغيره وغيره...."

منهنجو دماغ وڏيڪ ٻڌڻ کان پڙ ڪڍي ٻيهي رهيو. ۽ هي جو اسان جي مٿن مائٽن، دوستن يارن ڳوٺائين ۽ اوسي پاسي جي ماڻهن جي زندگي ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن عذاب ڪري ڇڏي آهي، ۽ هي جو رڳو هالا ۾ سالن کان سوين گريجوئيٽ نوڪرين ۽ روزگار لاءِ واجهائي بي حال ٿي چڪا آهن ۽ هي جو شام ٿيڻ سان سڄي سنڌ ۾ آمدرفت بند ٿيو وڃي ۽ رستا سنسان ٿيو وڃن ۽ ڪنهن جي بہ مال ۽ جان جي ڪا سلامتي نہ رهي آهي ان جي تہ ڄڻ ڪا ڳالهہ ئي نہ. پر هن جهڙن ڪيترن ماڻهن لاءِ پاڪستان معنيٰ رڳو لاهور آهي ۽ هالا، هوسڙي، قمبر تہ ڇا سڄو سنڌ ائين آهي جيئن اسلام آباد ۾ رهندڙن لاءِ بلوچستان يا ٿر جو ڪو ڏورانهون ڳوٺ. جيڪو هنن لاءِ ڪابہ اهميت نٿو رکي. هنن لاءِ لاهور خوش ۽ خوشحال آهي تہ پاڪستان ٺيڪ ٺاڪ پيو وڃي. ۽ هوڏانهن سنڌي ماڻهو پنهنجي عزت ۽ آبرو لڄن ۽ ٻچن جي حفاظت لاءِ بي حال آهن.

پنجاب جي هڪ ايم اين اي سان سنڌ جي صورتحال بيان ڪيم تہ واٺڙو ٿي چوڻ لڳو: "پر توهان جا ايم اين اي تہ اسيمبليءَ ۾ ائين ٿا اچيو سڪون سان ننڊون ڪن ڄڻ سندن تر ۾ هر طرح سان خيريت آهي." ان وقت اهوئي احساس ٿيو تہ واقعي هڪ ڌارئين ۽ دور دراز رهندڙ کي ڪهڙو ڏوهہ ڏجي. اسان جو پنهنجو ماڻهو جنهن کي ووٽ ڏئي چڱو مڙس ڪري چونڊي اڳيان وڏايو اٿئون ڇا ان کي معلوم آهي تہ سندس تر ۾ عوام جو ڇا حال آهي. سندس علائقي جا غريب مصيبت جي ڪهڙي جنڊ ۾ سڄو ڏينهن پيسجي رهيا آهن. توهان جي چونڊيل ميمبر ڇا ڪيو آهي؟ ڪيس ڪيتري قدر ڏرتي ۽ اتي رهندڙن سان پيار آهي؟ هن پنهنجي تر جي ڏکويل ماڻهن لاءِ اسيمبليءَ جي ايوانن ۾ ڪيترو دانهيو پڪاريو آهي ۽ ڳوٺ، تعلقي ۽ ترجي ماڻهن جي مسئلن جي معلومات رکي رکي آهي. منهنجي خيال ۾ ڪائنس وڌيڪ عزت جو لائق سندس ڊرائيور آهي جنهن کي گهٽ ۾ گهٽ گاڏيءَ جي ڏکويل پرزن جي تہ ڄاڻ آهي تہ هو گاڏي هلائي پنهنجي ڊيوٽي ايمانداريءَ سان ڏئي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# هينئر اسين پنگي چوڪيدار بہ نہ آهيون

خبر ناهي ڪنهن وقت تقرير ختم ٿي. تاڙين جي آواز تي اسان جو رولاڪ ذهن وري اتي موٽي آيو ۽ اسان بہ ٻين سان گڏ تاڙيون وڄايون۔ خبر ناهي تہ رسم نباهڻ لاءِ، يا پياري پاڪستان جي خوشحاليءَ جي خبر ٻڌي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ (يا شايد تقرير مان جان ڇٽڻ تي سرهائي ڏيکارڻ لاءِ.) بهرحال تاڙي وڄائي پر ۾ ويٺل همراهہ کي چيم:

”بهت خوب!“

”واقعي!“ هن وراڻيو ”ملڪ جي ترقيءَ جو ان کان وڏيڪ ڀيو ڪهڙو اهڃاڻ ٿي سگهي ٿو تہ ڏينهون ڏينهن پاڪستاني ناڻي جو اگهہ هاڻ چڙهندو وڃي.“

اسان جي ڳوٺ جي مرحوم مسعود مجاور، يار محمد منائي واري، محرم ڪاسائي ۽ صالح ساٿيءَ جهڙن دلبر ماڻهن جهڙا سئيڊن ۾ رهندڙ هي اسانجا سادي طبيعت جا پاڪستاني، نڪو پڙهڻ ٽائيم يا نيوز ويڪ رسالو ۽ نہ وري فار ايسٽرن ريويو يا ايڪانامسٽ. خبر ناهي ناڻي جي پيچيدگين بابت ڪٿان ۽ ڪهڙي دشمن کان ابتيون خبرون ۽ افواهہ ٻڌي اچيو هھڙن محفلن ۾ ڪن ۽ خوش ٿين.

آيل مهمانن ۾ ڪجهہ اهڙا چهرا جيڪي ٻنهي عيدن تي نماز تي مسجد ۾ نظر آيا هئا پر هن محفل ۾ نہ هئا. پر ۾ ويٺل شبير کان انهن بابت پڇيم. خاص ڪري هڪ ٻن چهرن بابت جيڪي مسجد ۾ نماز لاءِ غاليچا وڇائيندي ۽ صفون سڌيون ڪرائيندي ڏري ڏري نظر ايندا آهن.

”انهن اسان جي ايسوسيئيشن کي ڇڏي پنهنجي ڌار سوسائٽي ناهي آهي، جيڪا پاڪستان ڪلچرل سوسائٽيءَ جي نالي سان سڏجي ٿي. اهي هھڙن موقعن تي ڌار گڏجاڻي ڪن ٿا ۽ منهنجي خيال ۾ انهن جي بہ اڄ ئي گڏجاڻي آهي.“ شبير ٻڌايو.

”پر هن شهر مالمو ۾ پاڪستاني آهن ڪيترا جو ٻن سوسائٽين جي ضرورت پيش آئي.“ مون پڇيومانس.

دراصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ هتي هن پاسي جي ملڪن ۾ اسان جي پاڪستانين ۾ مزدور ۽ اڻ پڙهيل طبقو گهڻو آهي جنهن کي سهپ گهٽ آهي ۽ ذري پرزي جي ڳالهہ تي هو عزت جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

سوال وڏيڪ محسوس ڪن ٿا. پهرين پاڪستانين جي هڪ ئي سوسائٽي هئي. فلاڻو همراهہ جيڪو هر سال سوسائٽي جي عهدي تي چونڊيو آيو ٿي سو گذريل سال گهٽ ووٽ ملڻ ڪري نہ چونڊيو. ان تان هو بگڙي ويو تہ سوسائٽيءَ جو بنياد اسان وڌو ۽ هاڻ اسان کي ئي ووٽ نٿو ملي تہ اسان کي اهڙي سوسائٽيءَ کان ئي بس آهي. اسان ٻي پنهنجي سوسائٽي ڪنهن ٻئي نالي سان وجي ٿا ناهيون. ۽ سائين منهنجا چند حمايتي ساڻ ڪري هنن پنهنجو ڌار ٽولو وڃي ناهيو آهي."

مون کان ٽهڪ نڪري ويو جنهن تي شبير بہ کلي چيو: بس يار! اهائي تہ نشاني اسان جي پاڪستاني هجڻ جي آهي. اسان وٽ جمهوريت اها آهي تہ پاور رڳو مون وٽ هجي. ملڪ ۾ ماڻهو ورهائجي ۽ ڇڙوڇڙ ٿي وڃن پر آئون لٽ سردار سمجهيو وڃان. پڌٽپائي منهنجي ئي هلي."

مانيءَ بعد ٽيبل تي هٿ اگهيل پنن جا نئپڪن, هڏا, نانن جا ٽڪرا ۽ اڌ کاڌل ۽ باقي اڌ بچيل ٻوڙ ۽ سلاد جا پن پکڙيل هئا. پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تي مون پنهنجي اردگرد جا ذرا پرزا هڪ پليٽ ۾ گڏ ڪرڻ چاهيا تي تہ سيڪريٽري سرتاج چيو:

"پليٽون اتي ئي پيون هجن. انهن جي ڪڻڻ ۽ صفائي جو هن پيري بندوبست آهي."

ايتري ۾ گورا همراهہ پلاسٽڪ جي وڏي ٿيلهي, ڪچري لاءِ کڻي آيا. پليٽن ۽ ٽيبل تي بچيل ذرا پرزا ان ۾ وجهي, ڌوئڻ لاءِ پليٽون گڏ ڪرڻ لڳا.

"هي انگريز ڪير آهن؟" مون پڇيو.

"هنن کي سؤ ڪرونا ڪلاڪ جي حساب سان ڏئي صفائيءَ لاءِ گهرايو اٿئون. ٻن ڪلاڪن جا چار سؤ ڪرونا وٺندا پر پنهنجي جان ڇٽي ويندي. نہ تہ دعوت بعد هرڪو مهمان موڪلائڻ ۾ پورو رهي ٿو ۽ ٿانوَ ٿپا ڪير کڻي ڌوئي ۽ سڪائي."

عجيب فئنسي ڊريس نمونو لڳي رهيو هو. اسان پاڪستاني کي شلوارن قميصن ۾ تہ کي ڪالر ڦريل ڪوٽ پتلونن ۾ ڏند ڪوٽي رهيا هئاسين. يا ٻارن جي رڙين جي بئڪ گرائونڊ ۾ سامهون واري ٽيبل تي وينل ٻين همراهن سان واٽ ڦاڙي خبرون ڪري رهيا هئاسين ۽ هي بہ يورپين همراهہ ڪمپليٽ سوٽن ۾ ٽيبلن جي صفائي ڪري رهيا هئا ۽ اسان جي ٻي افعالي نموني ڪائڻ تي ضرور سوچي رهيا هوندا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”نہ.“ هن وراڻيو.

”تہ پوءِ پڪ پولش هوندا.“ مون خاطريءَ سان چيو ڇو تہ هن تر ۾ پولينڊ جا ماڻهو غريب آهن. ٽرڪن تي بجري ڍوئڻ، رستن ۽ عمارتن جي صفائي ڪرڻ، يا هوٽلن، ڪارخانن ۽ دڪانن تي بئرا يا مزدور ٿي ڪم ڪرڻ تي گهڻي ڀاڱي هن پير واري ملڪ پولينڊ جا رهاڪو نظر اچن ٿا. پر سرتاج ٻڌايو تہ اهي يوگوسلاويہ جا آهن.

”اڄڪلهہ يوگو سلاويہ ۾ ملسمانن جو قتل عام ۽ هنگامو هجڻ ڪري اتي جا ڪيترائي ماڻهو هيڏانهن ايندا رهن ٿا ۽ ڪين هتي بہ نوڪري نٿي ملي. پر اسان پاڪستاني ڪوشش ڪري انهن مسلمانن جي مدد ڪريون ٿا.“

ٽيبل ۽ ٿالهين چمچن جي صفائيءَ بعد، اسان جي پويان پيل هڪ ننڍڙي ٽيبل تي هو جڏهن ماني کائڻ لاءِ وينا تہ آئون بہ ساڻن وڃي وينس.هنن يوگو سلاوين ۽ سئيڊش زبانن کان علاوه ڪجهہ انگريزي بہ ڳالهائي ٿي، جنهن ذريعي هنن پنهنجي اندر جو اظهار هن ريت ڪيوِ:

”وطن جا ڪک ڇڏڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڌارئين ملڪ ۾ ڪير ڪنهن کي ڪيترو ڏيندو ۽ ڏيندو بہ تہ هر هر پيو ساهيندو. يوگوسلاويہ جي هر هڪ صوبي ۾ چا چا نہ آهي. پيار محبت سان، حق انصاف سان ونڊبي ورهائي جيڪر کائجي تہ هرهڪ جي حصي ۾ گهڻو ڪي ڪجهہ اچي سگهي ٿو ۽ سڀ امن امان سان رهي سگهن ٿا. هوڏانهن ايشيا جي پنتي پيل ملڪن سينگاپور ملائيشيا جهڙا هڪبئي جي عزت ۽ حق انصاف تي هلڻ ڪري ڪيترين قومن، زبانن ۽ مذهبن جي مڪسچر هوندي بہ خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن ۽ هيڏانهن يورپ جيڪو پاڻ کي گهڻو سڌريل سمجهي ٿو ان ۾ اسان جهڙن ملڪن جا ماڻهو مذهب ۽ لساني جهڳڙن ۾ اهڙو تہ الجهيا آهن جو ان جو دنگ پري پري تائين نظر نٿو اچي. هڪ هنڌ ويهي ٿڌي دماغ سان فيصلا ڪرڻ بدران هر هڪ اهو ٿو سمجهي تہ هن وٽ ٻئي کان وڌيڪ هٿيار آهن. ان ڪري ان جي ئي هر ڳالهہ کي اهميت ڏني وڃي. حق انصاف، پيار محبت بدران هرڪو گوليءَ جي ٻوليءَ کي نجات جي راهہ سمجهي رهيو آهي ۽ هاڻ ڏسندي ڏسندي انسانن بدران انهن ڪڪڙن جي ويڙهہ تي ويئي آهي، جنهن ۾ ڪڪڙ وڙهڻ بس ڪرڻ جو سوچين بہ ٿا تہ انهن جا مالڪ ۽ تماشبين ’هُش هُش_ متان ويو اٿئي‘ ڪري ڪين وڌيڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وڙهڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح بہ ذريون سنئين راهہ جو سوچين بہ ٿيون. ويڙهہ ۾ ناپر بہ اچي ٿي تہ اندر ۽ ٻاهر جون دشمن طاقتون ٻنهي کي ويڙهائڻ لاءِ سندرو ٻڌائين ٿيون. آخر هنن کي پنهنجا هٿيار پنهوار، بندوقن، بمن جا ڪارخانا بہ تہ هلائڻا آهن ۽ هنن جي جيت ملڪن، صوبن، قومن جي ڪمزوري آهي.اهوئي سڀ ڪجهہ اسان وٽ يوگو سلاويہ ۾ ٿي رهيو آهي. جيڪو سلاويڪيا ۾ ٿي رهيو آهي. پاڪستان هندستان ۾ ٿي رهيو آهي، نائيجيريا، ڪينيا، گهانا ۾ ٿي رهيو آهي، عراق ايران ۾ ٿي رهيو آهي ۽ اجا خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا ملڪ ۽ قومون ان ٻاهہ جي ڇيٻيءَ هيٺ ايندا ۽ بيروت، سريلنڪا، نبورو ڪارا باغ ۽ بوسنيا بنبا.“

توهان تمام گهڻو پڙهيل ڳڙهيل لڳو ٿا.“ مون چيو مان.

”شايد!“ هنن نهنائيءَ سان وراڻيو.”هتي اچڻ کان اڳ پنهنجي ملڪ ۾ ڇا هئاءُ؟“ مون پڇيومان.

”ماضيءَ جي مٿاهين مان ۽ رتبي کي ياد ڪري پاڻ کي مونجهاري ۾ رکڻ اجايو آهي. ماضي ماضي آهي. حال حال آهي. هينئر اسان ٻنگي چوڪيدار بہ نہ آهيون. ڪنهن کي دل ۾ پوي ٿو تہ ڪنهن ڪم لاءِ پارٽ ٽائيم نوڪري ڏئي ٿو. پر اهو بہ شڪر آهي. حالتون جي ٿوريون بہ صحيح مليون تہ محنت، ايمانداري، عقل ۽ حاصل ڪيل تجربي ۽ علم جي آڌار تي، اميد اٿئون تہ هڪ ڏينهن اهو مقام ماڻي سگهنداسين جنهن جي اهليت رکون ٿا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## پوسٽ مان چوري

هڪ دفعي سئيڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني همراهه سرتاج جي گهر ڳالهين ڪندي اوچتو ڪراچيءَ ۾ هلندڙ هنگامن ۽ ڪرفيو جي ڳالهه اچي نڪتي.

پورٽ قاسم جي چيف انجنيئر ڪمال علويءَ چيو: ”ٽي هفتا ٿيا آهن, نه مونکي ڪراچيءَ کان خط مليو آهي ۽ نه منهنجو ڪين مليو ٿو.“ ۽ پوءِ مونکان پڇيو: ”توکي ملن پيا؟“

”هتان هُتان جا ته ملن پيا, مثال طور گذريل هفتي ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ مان پوسٽ ٿيل خط ته مليا پر پاڪستان کان مون کي به نه مليو آهي. ٻيو ته ٺهيو پر جاڳو اخبار باقاعدگي سان ايندي آهي سا به ٻن هفتن کان نه آئي آهي.“ مون کين ٻڌايو.

”مون ٻڌو آهي ته اڳ ۾ به ائين هفتو ڏيڍ ٽپال ڪاتو بند ٿيو هو. خطن جا مڻ گڏ ٿي ويا جيڪي پوءِ هنگاما ڪندڙن يا ٻين ٻاري ڇڏيا. ڪن هنڌن تي ته علائقي جي ٽپال جو پوسٽ آفيس ڀاهران ڍير لڳايو ويو. جنهن کي مليو سو مليو باقي هيٺ مٽي ٿي ويا.“ راحت چيو.

”يار ائين به ٿيندو هجي ته ٽپالي گهر ڪٽي وجهي ڪولي ڏسندا هجن. جنهن لفافي مان نوٽ نڪتو ته رکي ڇڏيندا هوندا.“ ميزبان سرتاج چيو.

”پاڪستان ۾ ڇا لفافي ۾ نوٽ وجهي موڪلڻ جي اجازت آهي؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”نه. اسان ته بئنڪ جي معرفت پئسا موڪليندا آهيون, پر منهنجو مطلب آهي ته پاڪستان جو پاڪستان مان ٽي سگهي ٿو ڪي ڏهه ويهه روپيا لفافي ۾ وجهي موڪليندا هجن. هاڻ اهي ڏهه رپيا واپس ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ويهي مني آرڊر ڪجن. مڪتبه اسحاقيه وارن کي نماز ۽ وضوءَ جي طريقي جي ڪتابڙي خريد ڪرڻ لاءِ ڪير ملير لانڍيءَ کان هلي جهونا بازار سندن دڪان تي ويندو يا ان جي قيمت جي ادائيگي لاءِ ڇئن رپئي جو ڪهڙو ويهي مني آرڊر ڪندو. پنجين رپئي جو نوٽ لفافي ۾ ئي وجهي دڪان جي مالڪ عبدالغني ڏي موڪليندو هوندو.“

”ها اها ڳالهه آهي. پر ٽپال جهڙو ڪاتو ان قسم جي چوري نه ڪندو هوندو. جنهن جو نعرو ئي آهي, ”ديانتداري“ مون چيو. جواب ۾ سرتاج شڪل ڇٻي ڪري بيزاريءَ جو اظهار

ڪندي چيو:

”يار اهڙا نعرا ۽ سلوگن تہ پنهنجي ملڪ ۾ قوم جا ڪيئي آهن پوءِ؟ انهن تي ڪو هلي تہ پوءِ امن قائم ڪرڻ لاءِ هي فوج، هي ڪرفيو، هي چوري چڪاري ۽ دهشتگردي ڇو ٿئي.“

”يار مون کي تہ فڪر منهنجي ڏهہ هزار روپين جي چيڪ جو اچي لڳو آهي، جيڪو مون انهن هنگامن دوران هڪ دوست کي خط ذريعي موڪليو آهي.“ ڪئپٽن عاشق خان چيو.

”چيڪ تہ ڪڏهن بہ خط ذريعي نہ موڪلجي.“ راحت چيو.

”پر ايتري عقلمندي ڪئي اٿم جو دوست جي نالي ڪراس ڪري موڪليو اٿم. هاڻ ٻئي ڪنهن کي نہ ملي سگهندو.“ عاشق چيو.

”ڪئپٽن عاشق ڪهڙيون وينو ڳالهيون ڪرين،“ راحت چيو ”اها تہ ڪا وڏي ڳالهہ آهي ڪانہ. جنهن کي اهو چيڪ هٿ اچي ويندو سو ان نالي جو ڪنهن بئنڪ ۾ اڪائونٽ کولي، اهو چيڪ ان ۾ جمع ڪرائي ٻئي ڏينهن ڪئش ڪرائي وٺندو.“

”اوه خانا خراب! چئبو تہ غريب جا پئسا هيٺ مٿي ٿي سگهن ٿا.“

عاشق رڙ ڪري چيو.

”بلڪل. ڪئين اهڙا فراڊي پلاٽي ماڻهو پيا آهن جن جي ڳالهہ ڪري ڪٽي بس ڪر.“ راحت چيو ”هڪ دفعي اسان جو جهاز بريمن (جرمني) کان ڪراچي اچي رهيو هو. اتي اسان جي ڪراچي آفيس سان واسطو رکندڙ هڪ سرڪاري ڪاموري جو پاءُ ڪو ڪورس ڪري هاڻ پاڪستان موٽيو ٿي. موقعي جو فائدو وٺي هن پنهنجا ڪتاب، ڪپڙا رڌٽي جو سامان، پليٽون چمچا ڪانٽا وغيره ۽ ٻيو هلڪو ڦلڪو سامان ۽ بچيل پئسا اسان جي چيف انجنيئر بدرمنير کي ڏنا تہ هو مهرباني ڪري اچي ڪٽي وجي، جيئن پاڻ بہ هفتن بعد ٻين ملڪن جي ٽوئر هٽي هوائي جهاز رستي اچي.،“

”آئون انهن ڏينهن ۾ ان جهاز جو سيڪنڊ انجنيئر هوس. بدرمنير صاحب مون کي ۽ ٿرڊ انجنيئر کي گهرائي چيو تہ هي ڪم ڪرڻو آهي. ڪمرا ننڍا اٿئون، سو ٿورو ٿورو سامان ورهائي پاڻ وٽ رکو. ٿورن ڏينهن جي ڳالهہ آهي. ڪراچيءَ مان اچي ڪٽي ويندو يا ڪٽائي

وڃڻ جو بندوبست ڪندو.

”جرمنيءَ مان سامان روانو ڪري پاڻ پنهنجي ياءُ کي خط لکيائين تہ هي هي سامان ۾ هيترا پئسا روڪ آهن. جيڪي فلاڻي جهاز جي انجنيئر هٿان موڪلي رهيو آهيان. ڪو ماڻهو موڪلي گهرائي ونجو جيئن ڪو اجايو ڪسٽم نہ لڳي. هاڻ ڇا ٿيو جو اهو خط ڪنهن ٽپال جي ماڻهو يا ڪنهن شاهينگ جي هٿ چڙهي ويو ۽ جهاز جيئن ئي ڪراچيءَ پهتو تہ پهرين ڏينهن ئي اهو همراهہ خط سان جهاز تي پهتو ۽ سڏو مون وٽ آيو تہ آئون فلاڻي همراهہ جو سؤٽ آهيان ۽ سامان کڻڻ آيو آهيان. هاڻ اسان کي ڪهڙي خبر. ويتر جو خط سندس هٿ ۾ هو جنهن ۾ هڪ هڪ شيءِ جو تفصيل هو تہ بحث ڪرڻ اجايو هو. پر خدا جو شڪر ٿو ڪريان جو هڪ ڪم چڱو اهو ڪيم جو يڪدم سامان ڪڍي ڏيڻ بدران ڪيس پنهنجي چيف انجنيئر وٽ وٺي ويس تہ هيءَ ڳالهہ آهي هاڻ ڇا ڪجي. تنهن بہ چيو تہ بلڪل صحيح آهي. ڪيس سامان ڏيئي ڇڏيو ۽ پاڻ روڪڙا پئسا پڻ ڳڻي هن جي حوالي ڪيا. پوءِ هو ان ئي وقت پنهنجي ڪار ۾ ٿورو ٿورو ڪري سامان ڪڍڻ لڳو ۽ ٻئي ڏينهن تائين ڪڍي پورو ڪيائين. مون کي ۽ ٽرڊ انجنيئر کي بہ لالچ ٿي تہ ٻيلي هن جا تہ کي ڪسٽم وارا سڃاڻو آهن ڇو نہ ٿورو پنهنجو سامان بہ ڪيڊرايون. سو گهر لاءِ ورتل استري، ريڊيو، رانديڪا ڪيس ڪيڍڻ لاءِ عرض ڪيوسين. پاڻ وعدو ڪيائين تہ جيئن ئي صاحب جو سامان نڪري بس ٿيندو تہ اسان جي بہ مدد ڪندو. بهرحال پوءِ اسان جو سامان تہ نہ ڪڍيائين پر آخر ۾ اچي مهرباني جا ٻہ لفظ بہ نہ چيائين ۽ ڇٽي بہ ڪيئن. چور ماڻهو پرايو سامان چورائڻ ۾ ٿي پورو هو ۽ شڪر جو اسان جو نہ ڪڍيائين نہ تہ اهو بہ غائب ٿي وڃي ها.

”هاڻ اسان سڀ پنهنجي پر ۾ خوش تہ ڪنهن آفيسر جو ڪم ڪيو اٿئون. خبر تڏهن پيئي جڏهن جهاز جي رواني ٽيڻ واري ڏينهن سامان جا اصل مالڪ اچي سهڙيا. پوءِ تہ جيڪا پشيماني ٿي ان جو بيان نٿو ڪري سگهجي. گهڻو ئي پوليس ۾ رپورٽون لکرايون سين، اسان ان همراهہ جا منهن مهاندا ٻڌايا پر اڄ تائين نہ مليو سو نہ مليو. سو اهڙا بہ چور پيا آهن جيڪي پوسٽ مان خط چورايو وڃن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# سستم ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي

اسان جي هاسٽل جون ڊريون پينٽ ڪرڻ وارو همراهه سني انگريزي ڳالهائي رهيو هو.

”Are you Swedish?“ راحت کان پڇيو.

”بلڪل نه سئيڊش Born Swedish آهيان. ماءُ پيءُ ٻئي سئيڊن جا اٿم.“ هن ورائيو.

”چو پلا ايترو پڇائڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“ اسان ڪيس چيو.

”ڏسو نه! هتي ڪيترائي سئيڊش هلن پيا جيڪي رنگ ۾ اسان جهڙا گورا آهن. پر هنن جو هڪڙو Parent (ماءُ يا پيءُ) مس سئيڊش آهي ۽ ٻيو جرمن آهي يا پولش. انگريز آهي يا اسٽرين. ان کان علاوه هاڻ ته ڪيترائي يوگوسلاوين، ايراني، عراقي، ترڪ، آفريڪن اسان جي ملڪن ۾ ڏوڪي پيا آهن. جيڪي پاڻ کي سئيڊش سڏرائين ٿا. اميگريشن ۽ ويزا جي سختي جي باوجود ڪيترائي غير قانوني ديرو ڄمائي ويا آهن.“ هن ورائيو.

”چئبو ته توهان ڌارين جي هتي مستقل رهائش پسند نٿا ڪريو؟“ اسان پڇيس.

”هرگز نه. آفريڪن، ايرانين، ڪردن، عربن، ترڪن ۽ ٻين ايشيائي ماڻهن جي اچڻ ڪري اسان جي ڪلچر ۽ ماحول تي اثر پيو آهي. اسان اسڪينڊينيوين (قطبي) مُلڪن جو يورپ جي ملڪن کان نرالو اسٽائيل آهي. اتي آفريڪا ۽ ايشيا جي ايترن اميگرنٽس (ڌارين) اچڻ ڪري اسانجو سستم ئي ڊانواڊول ٿي پيو آهي.“

سئيڊن جي هن شهر مالمو جو ئي مثال ورتو وڃي ته چوڌاري ڪيترائي ڌاريا نظر ايندا. ايراني، عراقي، افغاني، ويتنامي، پانامن وغيره وغيره. جن مان ڪي افغانستان جي جنگ ۾ هليا آيا ته ڪي خميني جي ڏينهن ۾. ڪي عراق، ايران جنگ دوران ته ڪي ناريگا کي جهلڻ ۽ سياسي ماڻهن جي وٺ وٺان تي اچي هتي نڪتا. ڪن اٿوپيا، سوڊان، گهانا، نائيجريا، صوماليا جي هنگامن، حڪومتن جي ڏاهه ڏوهه ۽ ڏڪار کان اچي هتي سياسي پناهه ورتي. ان کان علاوه ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي اچا هجڻ ڪري ظاهري طرح ته لڳي ٿو ته هتي جا ئي هوندا پر انهن ۾ به ڪيترائي يوگوسلاوين، البانيا يا ترڪي، ايراني، عراق جا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪرد، رومانيا، پولينڊ ۽ ٻين يورپي ۽ ڏکڻ آمريڪا جي غريب ملڪن جا آهن. بقول وزير سومري جي سياسي پناهه وٺندڙ کي، هتي جي قاعدي موجب، سندن خرچ پکي لاءِ حڪومت ٽي چار هزار ڪرونا (ٻارهن پندرهن هزار رپيا) ماهانو خرچ ڏئي ٿي ۽ جيسين سال ٻن بعد ڪورٽ ۾ فيصلو ٿئي ان ۾ ئي هو امير ٿيو وڃي. پوءِ جي ڪيس هتي رهڻ جي موڪل مليو وڃي ته به خوش پر جي واپس موڪليووڃي ٿو ته به بچايل ٻن ٽن لکن مان هو خوشحال زندگي وڃيو گذارين.

”اڄ کان پندرهن ويهه سال ڪن اڳ هنن ملڪن ۾ ايندا هئاسين ته ورلي ڪو ڏاريو نظر ايندو هو. آمريڪا انگلينڊ ڏي جام هئا پر هنن ٿڌن ملڪن ڏي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ رُخ رکندو هو. بلڪ ڪيترن کي ته هنن ملڪن جي ڪا گهٽي ڄاڻ نه هئي. پر هاڻ واقعي تمام گهڻا ڌاريا نظر اچن ٿا.“ مون چيو.

”حڪومت ٻاهرين تي تمام گهڻي سختي ڪئي آهي. ويزا به وڏي مشڪل ڪانپوءِ ڏئي ٿي، ان هوندي به ڪيترا لڪيو ڇپيو پهچيو وڃن.“ وزير ٻڌايو.

”انهن مڙني ۾ ايراني تمام گهڻو نظر اچن ٿا. جيئن ڪراچيءَ ۾ سبزي مارڪيٽ ۽ جمع مارڪيٽن تي پٺاڻ ڇانيا پيا آهن تيئن هنن جي اهڙين مارڪيٽن ۾ ايرانين جي ذات نظر اچي ٿي. لڳي ٿو ته خمينيءَ جي انقلاب وارن ڏينهن ۾ هنن سئيڊن ڏي ئي رخ ڪيو.“ مون پڇيو. ”هائو. انهن ڏينهن ۾ به. پر ان ڪانپوءِ به ايندا رهيا. هنن ۾ هڪ هتي جي رهاڪو ايراني همراهه واپار طور ستن جا ستا ايران کان گهرايا. اسان پاڪستاني يا ٻيا ته اڪيلي سر فقط مرد ماڻهو آياسين پوءِ هتي جي رهائش وٺي پنهنجي وطن شادي ڪري زالون وٺي آياسين پر ايرانين جا ته خاندان جا خاندان هتي پهتا. ويندي پاڙن جا پاڙا. هي همراهه ايجنسين ذريعي ايرانين کان پئسا وٺي ڪين هتي غير قانوني طرح لڪ چپ ۾ گهرائيندو ويو. پوءِ هتي جي حڪومت ڪيس پڪڙيو به پر ڪيس ٿهي نه سگهيو ۽ ڇڏي ڏنائونس. پاڻ اهوئي چيائين ته هن پئسن تي اهو ڪم نه ڪيو آهي. هن انساني همدردي ڪارڻ ڏکويل ۽ ڏتڙيلن جي مدد ڪئي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نئون آيل ڦاسيو وڃي

سرتاج جي گهر تي وي ڏسي رهيا هئاسين. خبرن ۾ يوگو سلاويا (بوسنيا) جي هنگامن جون فلمون ڏسي سرتاج چيو تہ هاڻ يوگو سلاويا جي موقعي پرستن جو مزو ٿي ويو. جيڪي غريب ۽ ڏتڙيل آهن انهن جي پلئہ ڪجهہ نہ پوندو. اٽڪل باز ۽ استاد قسم جا روج پٽڪو ڪري سئيڊن جهڙن ملڪن ۾ سياسي پناهہ وٺندا ۽ هنن ملڪن جو فائدو اهڙو آهي جو اهڙن موقعن تي انسان ذات جي ڀلي لاءِ ڪين ڏارئين جي مدد ئي ڪرڻي پوندي“

ڏارئين ماڻهو لاءِ سئيڊن ۾ رهڻ جا بہ طريقا آهن يا پنهنجي ملڪ جي حڪومت جا ظلم ٻڌائي سياسي پناهہ (Political Asylum) وٺي يا جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري. يورپ جي ملڪن جا ماڻهو توڙي سعودي عرب، ملائيشيا، سنگاپور، جپان جا هن ملڪ ۾ بنا ويزا جي اچي سگهن ٿا ۽ پوءِ هتي پهچي موٽڻ ڪان پڙ ڪڍيو ويهن. باقي پاڪستان، هندستان، بنگلاديش جهڙن غريب ۽ بدنام ملڪن جا ماڻهو سئيڊن ۾ ائين اچي وڃي نٿا سگهن. هنن کي پنهنجو ملڪ ڇڏڻ کان اڳ سئيڊن جي سفارتخاني (Embassy) مان سئيڊن ۾ اچڻ جي ويزا وٺڻ ضروري آهي. جيڪا هو جلد ڏيڻ بدران سوچي سمجهي ڏين ٿا تہ آيا هي ڪنهن مقصد سان وڃي رهيو آهي، جنهن ۾ سئيڊن جو فائدو آهي يا ائين ئي بهانو ڪري وڃي پيو ۽ پوءِ اتي پهچي لڪي ڇپي اتي جي رهائش لاءِ ڪوشش ڪندو. ٻين لفظن ۾ سئيڊن تي چٽي پوندو. ان معاملي ۾ جنهن جنهن ملڪ جا ماڻهو ٺڳيون ڪندا وڃن انهن لاءِ هتي جي حڪومت سخت کان سخت ٿيندي وڃي.

ڪيترا ماڻهو ٻيڙين ۾ پاڻي واري جهاز رستي هتي اچڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ جهلجڻ تي ان ئي وقت سندن يا سندن ملڪ جي سفارخاني جي خرچ تي واپس ڪيا وڃن ٿا يا جيل ۾ رکي پوءِ موڪليا وڃن ٿا. ڪيترائي ڀهرين يورپ جي ڪنهن ملڪ- جرمني، فرانس، پولينڊ، انگلينڊ ۾ اچن ٿا ۽ پوءِ اتان سئيڊن، ڊئنمارڪ، ناروي جو رخ رکن ٿا جو هنن اسڪينڊينيوين ملڪن ۾ پورهئي جو اجورو گهڻو آهي ۽ هڪ دفعو ڪنهن کي شهريت (پاسپورٽ) مليو وڃي تو تہ پوءِ ان کي بي روزگاريءَ جي حالت ۾ بہ کائڻ پيئڻ لاءِ حڪومت طرفان مليو وڃي. پر هنن ٿڌن ملڪن ۾پهچڻ ۽ لڪڻ ڇپڻ ايترو آسان ناهي جيترو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

آمريڪا، ڪئنيڊا پاسي. ھڪ تہ ھتي سيءُ ايڏو سخت آھي جو پنجن ڪوٽن ۾ بہ ڪو ائين ٻاهر رستي يا پارڪ ۾ سمهي نٿو سگهي. هنن ملڪن ۾ رهائش لاءِ نہ فقط گهر هجي پر ان لاءِ لڳاتار Heating System ضروري آهي. ڪاڏي پيتي جي هر شيءِ مهنگي آهي ۽ نہ ڪو پني سگهي ٿو ۽ نہ پنڻ جي همت افزائي ڪئي وڃي ٿي. ان ڪري نئون آيل هڪدم ڦاسيو وڃي.

# پاڪستاني ڪهڙا ذليل آهن

ڪو زمانو هو پاڪستانين لاءِ سئيڊن جهڙا ملڪ عام طرح کليل هئا. ماڻهو گهمڻ ڦرڻ ۽ واپار وڙي لاءِ عام جام ايندا هئا. پر پوءِ اسمگلنگ جا اهڙا واقعا ٿيا جو پاڪستانين جي ان آزادانه اچ وچ تي پابندي لڳائي وئي آهي. مردن کان علاوه ڪيترين ئي عورتن به چرس، هيروئن جهڙين نشي جون شيون آٽيندي جهليون ويون. پوءِ اها بي ڳالهه ته ان ۾ ڪيترين ئي معصوم ۽ بي ڏوهين به هيون جن کي ان ڪم لاءِ مجبور ڪيوويو. مثال طور هڪ اهڙي عورت ڪورٽ ۾ ٻڌايو ته ڪيس ان بابت ڪو علم نه هو ته سندس بريف ڪيس ۾ چرس آهي. هن کي سندس صاحب هيڏانهن موڪلن وقت ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو هو ته جيئن سندس ڪنهن دوست جي امانت آهي ان کي ڏئي سگهان. اها عورت خوش نصيب نڪتي جو هن طرفان هتي جي سرڪار وڪيل ڪيا ۽ سندس بي ڏوهي هجڻ جو ثبوت ملڻ تي ڪيس آزاد ڪيوويو پر ڪيترين اهڙين خوش نصيب يا بي ڏوهين ثابت ٿي نه سگهيون ۽ بقول هتي رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ جي ته هن وقت به ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) جي جيل ۾ پنجاهه کان مٿي پاڪستاني عورتون قيد ڪاٽي رهيون آهن. هونءَ جو هن پاسي، عورتون، بنا چڪاس جي ايئرپورٽ مان نڪري ايندييون هيون. هاڻ سندن سامان ۽ جسم جي سختي سان چڪاس ٿئي ٿي ۽ پاڪستان، افغانستان، ٿائليند، لائوس، برما، ڪولمبيا، پاناما جهڙن ملڪن جي باشندن جي ته هيڪاندي سختي سان چڪاس ٿئي ٿي.

ان قسم جي هر بدنامي جو واقعو هتي رهندڙ پاڪستانين کي اهنج رسائي ٿو. بقول هڪ سئيڊن ۾ پاڪستاني رهاڪوءَ جي، ٽي وي يا اخبار ۾ جڏهن اسمگلنگ وغيره جي ڪا خبر ايندي آهي ته يڪدم دل ئي دل ۾ دعا گهرندا آهيون ته شل ان ۾ ڪو پاڪستاني Involve ٿيل نه هجي. چو جو پوءِ ڪيترا ڏينهن سئيڊن ۾ رهندڙ اسين پاڪستاني پنهنجي آفيس توڙي پاڙي ۾ هتي جي سئيڊش رهاڪن کي منهن ڏيکارڻ جهڙا نه هوندا آهيون. چاهي ان ۾ اسان جو ڏوهه نه هجي ته به اهو سوچي ندامت محسوس ڪندا آهيون ته هتي جا ماڻهو چا چوندا ته پاڪستاني ڪهڙا ذليل آهن جو سڌرن ئي ڪونه ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ويزا نٿا ڏيو ته يونيورسٽي ڇو ٿا ناهيو

يونيورسٽيءَ ڪان موٽندي گستاوو بس اسٽاپ تي هاسٽل وڃڻ لاءِ بس جو انتظار ڪري رهيو هوس. هي بس اسٽاپ بسن جي ڇڙ جنڪشن آهي جتان شهر ڪان چوڌاري آيل بسون اچيو گڏ ٿين. هڪ سنهي جسم واري عورت پنهنجي ڇهن سٽن سالن جي ڇوڪريءَ سان ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهي هئي. رنگ ۾ اڇي هئي پر سئيڊن جي رهاڪن جهڙي به اڇي نه هئي ۽ زبان به مختلف ڳالهائي رهي هئي سو پڪ هيم ته ڪنهن ٻئي مُلڪ جي هوندي. بس اچڻ ۾ اڃا ڪجهه وقت هو. وقت پاس ڪرڻ لاءِ ڪائنس سندس ملڪ جو نالو پڇيم.

”آئون پيرو Peru جي آهيان.“ هن ٻڌايو.

(پيرو ڏکڻ آمريڪا جو ملڪ آهي.)

”سئيڊن جي شهري آهين يا هتي ائين گهمڻ خاطر آئي آهين؟“ مون پڇيو مانس.

”هتي جي رهاڪو نه آهيان“ هن ٻڌايو ”منهنجو مڙس جهازن جو ڪئپٽن آهي اهو هتي جي ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. سندس نالو الفنسو آهي.“

”چئبو ته تون به اسان وانگر آهين. آئون به ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ آهيان ۽ پاڪستان جو آهيان. اتفاق سان تنهنجي مڙس سان ملاقات نه اٿم جو هو سيڪنڊ ييئر ۾ آهي ۽ هاسٽل ۾ رهڻ بدران ٻاهر رهي ٿو.“ مون ٻڌايومانس.

”گذريل سال هاسٽل ۾ هو پوءِ منهنجي اچڻ بعد هاسٽل ڇڏيسين جو هاسٽل ۾ وڏ ۾ وڏ زال رهي سگهي ٿي. ٻين جي پڙهائي ۾ رُخنو وجهڻ جي ڊپ ڪان ٻارن کي رهڻ نٿا ڏين. تون اڪيلو آهين يا فئملي سان؟“ هن پڇيو.

”في الحال اڪيلو آهيان. فئمليءَ جي ويزا لاءِ Apply ڪيو اٿم. هاڻ ڇئن مهينن بعد مس مس ملي آهي. سو ٻئي مهيني منهنجي فئملي به پاڪستان کان اچي رهي آهي.“ مون ٻڌايومانس.

”سئيڊن وارا ويزا جي معاملي ۾ ڪيڏو تنگ ڪن ٿا. مون کي ته سٽن مهينن بعد ويزا

ملي. ايمبيسي وارا ٽال مٽول ڪندا رهيا. پوءِ الفنسو موڪلن ۾ اچي هنن سان خوب جهيڙو ڪيو تہ هيءَ يونيورسٽي يونائيٽيڊ نيشن طرفان آهي، جنهن ۾ سڄي دنيا جا شاگرد اچن ٿا ۽ جڏهن توهان کي ويزا نہ ڏيڻي آهي تہ پوءِ هن يونيورسٽيءَ کي پنهنجي ملڪ ۾ نهڻ جي موڪل نہ ڏيو ها. چڏيو ها تہ انگلينڊ، آمريڪا يا بمبئي، بئنڪاڪ يا ممباسا موريشس ياڪٿي ٻئي ملڪ ۾ ٿهي ها جيڪي ملڪ مفاصلي جي حساب سان بہ ويجها رهن ٿا، موسم جي خيال کان بہ سپني کي موافق لڳن ها تہ ويزا جو بہ ايترو چڪر نہ ٿئي ها. پوءِ مس مس ويزا ڏنائون ۽ آئون ٻار ڪٽي اچي هتي نڪتس.“

”بس سپني سان اڄڪلهہ ائين پيا ڪن. بنگلاديش، سريلنڪا ۽ فلپين وارن شاگردن جي فئملين کي بہ هاڻ ويزا پيا ڏين. ايڏي دير نہ ڪرڻ ڪپين.“ مون چيومانس. ايتري ۾ سامهون ٻارهون نمبر بس کي ڏسي کيس خدا حافظ چيم:

”توکي تہ خبر ناهي ڪيڏانهن وڃڻو هجي، منهنجي منزل جي بس اچي رهي آهي.“ مون چيومانس.

”مون کي بہ ان ئي بس جو انتظار آهي جنهن ۾ هن شهر جي لئبريري (مالمو بائبلوٿيڪ) وڃڻو آهي پر آئون توهان جي هڪ ميڪسيڪو جي شاگرد ميٽ ڪارودووا جي زال جو انتظار ڪري رهي آهيان. اجا نہ پهتي آهي. هاڻ ٻي بس ۾ ئي چڙهنديس.“ هن ٻڌايو ۽ آئون بس ڊرائيور کي، بس ڪارڊ ڏيکاري بس ۾ چڙهي پيس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## جانورن کان بدتر سمجهڻ

اهڙي طرح هڪ ٻئي ڏينهن بس جو انتظار ڪري رهيو هوس تہ پاڻ سان گڏ هڪ آفريڪن عورت ڪي ساڳي بس جو انتظار ڪندي ڏٺم. هيلو هيلو ڪرڻ بعد هن ٻڌايو تہ هوءَ گهانا جي آهي ۽ هتي پنهنجي مڙس سان گڏ رهي ٿي جيڪو پڻ گهانا جو شيدي آهي. سندس مڙس Volvo ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿو.

”تون ڪڏهن هتي آئينءَ؟“ مون پڇيومانس.

”ست اٺ مهينا ٿيا آهن.“ هن وراڻيو.

”تنهنجو مڙس؟“

”اهو اٺ نوَ سالن کان هتي رهيل آهي ۽ سئيڊش پاسپورٽ اٿس. گذريل سال گهانا اچي مون سان شادي ڪيائين ۽ هتي وٺي آيو. مون کي هن جي آڌار تي هتي جي شهريت ملي ويندي پر اميگريشن ڊپارٽمينٽ چيو آهي تہ هتي جي زبان ”سئيڊش“ سکڻ ضروري آهي. سو روزانو صبح جو هتي جي هڪ اسڪول ۾ سئيڊش سکڻ ويندي آهيان.جتان هينئر موٽان پئي.“

”ڀلا هي شهر ۽ ملڪ توکي ڪيئن ٿو لڳي.“ مون ٻيو سوال ڪيومانس.

آفريڪا جي ڀيٽ ڪري سندس ملڪ ۽ شهر جي مقابلي ۾ سئيڊن جو هي شهر مالمو هر لحاظ کان هزار دفعا بهتر چئي سگهجي ٿو. پر ايترا سيرا هر هڪ کي پنهنجا ڪک وڏيڪ ياد اچن ٿا. سوهن بہ ان سوال جي جواب ۾ ڪو گهڻو خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ بدران ٿڌائي سان وراڻيو.

”بس نيڪ آهي. چا ٿي چئي سگهان.“

”تنهنجي معنيٰ ڪو گهڻو پسند ناهي. پنهنجو ڳوٺ ۽ پنهنجو وطن ياد اچئي ٿو؟“ مون پڇيومانس.

”سندس اکين مان سندس ساٿيهہ جي سک نمايان هئي، چپن تي هلڪي مرڪ آڻي چيائين، ”بلاشڪ“.

”ڪمال آهي!“ مون ڪائنس چڱي طرح جواب حاصل ڪرڻ لاءِ پڇيو:”ههڙي ماڊرن

ملڪ، صاف ستري هوا پاڻي، باغ بستان، عمارتون ماڊرن بسون لاريون، گهمڻ جي جاين هونديون به توکي پنهنجو ڳوٺ ئي وڻندو.“

ڪنڊ جي ڊوڙ سان هائوڪار ڪندي هن اهو ٻڌائڻ چاهيو ته انهن مڙني ڳالهين جي باوجود هوءَ پنهنجي فيصلي تي اٽل آهي. يعني هي سڀ ڳالهيون ڪائنس ڳوٺ لاءِ سڪ، اوسيئڙو ۽ پيار ختم ڪري نه سگهيون آهن.

”آخر ڇو ڀلا؟“ مون وري زور ڏنو مانس.

”هنن ملڪن جون هي ”ماڊرن ڳالهيون“ سڀ ڪجهه نه آهي. انسان رڳو ايئرڪنڊيشنڊ بس ۾ سفر نٿو ڪرڻ چاهي. هن لاءِ هي پرائيون عمارتون ۽ ڊارئين ملڪ جا باغ بهار پنهنجا ٻڄي نٿا سگهن. انهن ڪان علاوه ۽ ان ڪان وڌيڪ مٽ مائٽ، دوستن ساهيڙين جي سڪ آهي. هتي جي سيني ڳالهين کان وڌيڪ منهنجي ديس جا رس ڀريا گيت، ڳوٺ جي ساهيڙين جيڏين جا ڪلڪا ۽ مٽن مائٽن جو دلي پيار آهي.“

”بلڪل صحيح ٿي چوين. هتي هر شيءِ دولت ۽ مال ۾ ماپي وڃي ٿي. هتي هر انسان جسماني لست پويان آهي ۽ نه روحاني راحت پنيان. پئسو ناهي ته هتي پٽ پيءُ کي نٿو پڇي ۽ هتي جا ڏهه پاسپورٽ هجڻ بعد به اسان هتي اوپرا محسوس ٿا ڪريون. اهوئي ڪجهه ڪجهه آهي جيڪو تون محسوس ٿي ڪرين ۽ ڇوڙڻ چاهين ٿي؟“ مون پڪ ڪئي.

”هائو.“ هن وراڻيو ”هتي جا ماڻهو اسان ڏارين کي ڪيڏو نفرت جي نگاهه سان ڏسن ٿا. هو اسان جي ملڪ ۾ اچن ٿا ته اسين هنن جا سؤ نخرا ڪڻندي خوشي محسوس ڪريون ٿا. پر پاڻ اسان کي ڪيڏو نيچ سمجهن ٿا. وري به توهانجي چهري جو رنگ ڪارو نه آهي ۽ توهان سان صحيح هلن ٿا. پر اسان آفريڪن ڪارن کي جانورن کان به بدتر سمجهن ٿا.“

سندس نالو ويدا آهي. پاڻ هتي ئي اسان جي هاسٽل کان ٿورو اڳيان رهي ٿي. ڳالهين ڪندي بس اچي ويئي هئي ۽ ڳالهين جو پويون اڌ بس ۾ ڪندا رهياسين. اسٽوڊنٽ گاٽن بس اسٽاپ اچڻ تي کيس خدا حافظ چئي هيٺ لٿس:

”حياتي رهي ۽ وري ملاقات ٿي ته ضرور ڪچهري ڪنداسين. هر اهو ماڻهو جيڪو رنگ ڏسي ٻئي کي گهٽ سمجهي ٿو ان کي اهو سوچڻ کپي ته ڪاري تن واري جو اجرو من به ٿي سگهي ٿو. هو ڪائنس به وڌيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ ڄاڻو ٿي سگهي ٿو.“

## هي ڪهڙي ملڪ جي ڇوڪري آهي؟

هڪ ڏينهن بس اسٽاپ تي سئيڊن ۽ مختلف ملڪن جي ماڻهن ۾ هڪ سترهن ارڙهن سالن جي گول مٽول ڇوڪري بيٺي هئي. جيڪا باوجود گوري چٽي رنگ جي، يورپين نٿي لڳي. ان ۾ڪوشڪ نه آهي ته هوءَ سهٽي ۽ پرڪشش هئي. سندس منهن جا هڏا چينين ڪورين وانگر نمايان نه پر جپانين، ٿائي ۽ انڊونيشين جهڙا گول هئا. پر قدبت ۾ ڪانئن وڌيڪ صحتمند لڳي ٿي، ان ڪري ان پاسي جي ٿي نٿي سگهي. عراقي، ايراني يا ڪنهن ٻئي عرب ملڪ جي به ٿي نٿي سگهي، جو ايران ۽ عراق پاسي جون ننڍيون ڇوڪريون توڙي عورتون اسان جي پاڪستاني عورتن يا سڪٿين جيان ڳچيءَ ۾ نوڙ جهڙي پوٽي (دوپٽو) پائڻ بدران اڇي رنگ جويا گلن واري ڪپڙي جو رومال (جنهن کي عرب ’حجاب‘ چون ٿا ۽ ايراني روسري) ٻوڪيءَ وانگي مٿي کي ٻڌي هلن. جنهن مان هڪ وار به نظر نٿو اچي. (ملئي پڻ ان نموني جو رومال ٻڌن جنهن کي تودونگ سڏين ٿا) آفريڪا جي ته ڪنهن به ملڪ جي نٿي ٿي سگهي جو سندس نه رنگ ڪارو هو نه وار گهنڊيدار. ڪي ڪي آمريڪي ڇوڪريون پيءَ يا ماءُ جرمن، فرينچ، انگريز پورچوگالي هجڻ ڪري رنگ جون اڇيون به آهن پر منجهن پنهنجي اصليت جو ڪونه ڪو اوسط ضرور هوندو آهي. پوءِ يا وار قرقلي ٽوپيءَ وانگر گهنڊي هوندا اٿن يا چپ ٻي ٻولا يا وري نڪ پڪوڙي جهڙو۔ جنهن کي اسان جا جهازي دوست اچيون شيدياڻيون سڏيندا آهن.

پر هيءَ اڇي شيدياڻي به نه هئي. سندس نقشن ۾ ڏاڍي ملاوٽ هئي جنهن ۾ عرب، پاڪستاني، ايران، جپان جهڙن ملڪن جي سهڻين ڇوڪرين جا سهڻا سروپا موجود هئا. قد بت جي قداور هجي ها ته کيس روس جي ڪنهن رياست آذربائيجان، تاجڪستان، ازبڪستان وغيره جي سمجهان ها. پاڻ لئٽن آمريڪا جي ملڪن چلي، پيرو، ڪولمبيا وغيره جي چئي سگهجي ها. پر اتي جي ماڻهن جا نڪ سنها ۽ ڇهنباٽا ٿين. پر هن جو نڪ چپ اکيون شاعر جي سونهن هئا. بهرحال ان قد بت ، نڪ نقشي سان هاڻ منهنجي ڏيان ۾ جيڪي ملڪ هئا سي وچ آمريڪا جي اڪيدار ۽ گئاتمالا هئا يا وري يورپ جو يونان.

سڄي عمر دنيا جا ڏڪا کائڻ بعد ماڻهو سڄاڻ مون لاءِ ڏکيو ڪم نه هئڻ ڪپي پر اڄ واقعي ڪيترن ڏينهن بعد پهريون دفعو منجهي پيو هوس. سندس ويجهو پهچي ’هيلو‘ چئي ڪائنس سندس ملڪ جو نالو پڇيم. پاڻ مرڪندي رهي.

”وچ آمريڪا جي ملڪ سان تنهنجو تعلق آهي؟“ مون انگريزيءَ ۾ پڇيو مانس.

پاڻ ٿهڪ ڏيئي ڪنڌ سان نهڪار ڪيائين. ”انگريزي ته سمجهين ٿي نه؟“ مون پڪ ڪرڻ چاهي ته هوءَ واقعي جيڪي ڪجهه آئون پڇي رهيو آهيان سمجهي پئي يا نه. ڇو ته ان اسٽاپ تي ذهني گهٽتائي وارا (Mentally Retarded) اسڪولي ٻار به بيٺل ملندا آهن. جيڪي ڳالهه هجي يا نه. پيا ڏند ڪيندا يا رڙيون ڪندا يا بس اسٽاپ جي شيشي جي پٽ ۾ منهن هڻي چپ ئي چپ بيٺا هوندا آهن. بس اچي هلي ويندي آهي پر جيسين پور پوين تيسين مجال آهي جو چڙهن. ۽ هن پاسي جا ماڻهو وري اهڙا آهن جو هڪ ٻئي جي پرسان پلي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيٺا هجن پر ٻئي کان خير عافيت يا نالو ڏنڌو به هرگز نه پڇن. اهو آئون مڙيئي پڇ پڇ ڪندو رهندو آهيان. ڪنهن نئين ڳالهه يا کهاڻي جي ڳولا ۾ اڪثر کوٽ کوٽ ڪندو رهندو آهيان. بهرحال مٿئين سوال پڇڻ تي هن انگريزيءَ ۾ ئي جواب ڏنو.

“Yes. I Understand English.”

”ته پوءِ ٻڌاءِ ته ڪهڙي ملڪ جي آهين؟“ مون پڇيومانس.

”You Guess? تون سل ته ڪهڙي ملڪ جي آهيان.“

”ڪنهن عرب يا ايراني ملڪ سان واسطو اٿئي.؟“

”نه.“ پنهنجي مرڪ قائم رکندي هن وراڻيو.

”ڏکڻ آمريڪا جي ڪنهن ملڪ جي رهاڪو آهين؟“

”نه.“

”يورپ يا آفريڪا جي ته پڪ تون نه آهين پر يونان ۽ مالٽا جي هجڻ ۾ شڪ اٿم.“

”نه. انهن ملڪن سان به منهنجو واسطو ناهي.“

”ته پوءِ تون ئي ٻڌاءِ.“ مون چيومانس پر ان ئي وقت وري منع ڪندي چيومانس.“ ترس پلا هڪ ڀيو ڏکو هڻي وٺان.“

”ضرورو.“ هن چيو.

”پلا ايترو پڌاءِ تون ڪهڙي کنڊ جي آهين؟“

“”ايشيا جي.“

”عرب ۽ ايراني به نه آهين ته پوءِ تنهنجوملڪ ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پلا ڪرد ته نه آهين؟“.

”نه.“

واقعي تومون کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو آهي. گذريل ٽيهن سالن کان منهنجو مختلف ملڪن ۾ اتي جي ماڻهن سان واسطو رهندو اچي پر تو جهڙن نڪ نقشن واريءَ جو ملڪ سمجهه ۾ نٿو اچي. تون چوين ٿي ته ايشيا جي آهين پر مون کي يقين نٿو اچي. ڇو ته ترڪي، ايران کان عربستان تائين جي جڏهن نه آهين ته پاڪستان، هندستان، بنگلاديش، انڊيا کان برما تائين جي به ناهين. ٿائليند، ملائيشيا،چين کان جپان تائين ملڪن مان به ڪنهن سان تنهنجو ڪ واسطو ناهي. روس پاسي جي به نٿي لڳين. پر جي انهن مان ڪنهن ملڪ مان آهين ته پڪ تنهنجي ماءُ يا پيءُ ٻئي ملڪ جو هوندو.“

”نه. اهي به ساڳي ملڪ جا آهن. هونءَ باءِ دي وي تون انڊين آهين.“

”نه. پاڪستاني، پر پاڪستاني، هندستانين ۽ بنگالين جا هڪ ئي جهڙا نقش آهن. سواءِ اتر ۾ رهندڙ پٺاڻن جي، تون جي پاڪستاني هجين ها ته آئون توکي پٺاڻ ئي سمجهان ها. بهرحال هاڻ تون ئي ٻڌاءِ ته ڪٿي جي آهين؟“

وڏو ٽهڪ ڏيندي چيائين، ”اچي ويجهو پهتو هئين. آئون افغاني آهيان. منهنجا ماءُ پيءُ ٻئي افغانستان جا آهن.“

”چئبو ته هن چوٽيءَ موجب ڪڪو ڪچ ۾ ڊيڊورو شهر ۾، پنهنجي پاڙي جي ملڪ جو نالو وٺڻ بدران وڃي ڪوه ڪاف کان نڪتو هوس.“

”توهان به هتي سئيڊن ۾ Settled آهيو؟ هن پڇيو.

”نه. هتي جي يونيورسٽيءَ مان ايم ايس سي ڪرڻ لاءِ ٻن سالن لاءِ آيو آهيان. باقي تون پڪ سياسي پناهه هيٺ رهيل هوندينءَ.“ مون پڇيومانس.

”ها. افغانستان ۾ خونريز فساد ۽ مستقل جنگ ۾ منهنجا ڪيترائي مائٽ مارجي ويا ۽ اسين بي گهر ٿي وياسين. پشاور پاڪستان وڃڻ بدران اسين روس، لٿيويا، رومانيا مان

ڏڪا ڪائي ڪائي اچي هتي نڪتاسين“.

”ڪيترن سالن کان سئيڊن ۾ آهيو؟“

؟سئيڊن ۾ ٻه ست سال اچي ٿيندا.“ هن وراڻيو.

”ڇئبو ته پنهنجو وطن ڇڏڻ وقت ته تون تمام ننڍي هوندين؟“

”ان وقت آئون نون سالن جي هيس. پر بندوق جا ٺڪاءَ ۽ لاشن جا ڍير ۽ انهن مان نڪرندڙ بدبوءِ اڃا تائين منهنجي دماغ مان نٿي نڪري“

”اهي اسان جي ملڪن جو بدقسمتيون آهن ۽ ان قسم جون ٽرئجڊيون اسان جي پنهنجي Choice ناهي پر اسان تي مڙهيون ويون آهن. دل جا اهي اونها گهاءَ وقت ئي ميساري سگهي ٿو.“ مون چيومانس ۽ غمگين ماحول مان نڪرڻ لاءِ مون ڪائنس سئيڊن بابت پڇيو ته پاڻ ۽ سندس ماءُ پيءُ ڪيئن محسوس ڪن ٿا.

”Beggers Can not be Chosers وارو حساب آهي. اسان کي وڻي يا نه وڻي، اسان کي هتي رهڻو آهي ۽ هتي جي ماحول سان سمجهوتو ڪرڻو آهي. هتي جا مڙيئي ماڻهو اهو ته نٿا سمجهن ته اسين ڪهڙين مجبورين هيٺ آيا آهيون. هو ته اهوئي چوندا ته اسان سندن دولت ڏسي پئسو ڪمائڻ لاءِ مجبوريءَ جو بهانو ڪري هتي سئيڊن ۾ ٽڪي پيا آهيون.“ هن چيو.

”يلي سمجهن. ڇا ٿو ڪري سگهجي. پاڻ يورپي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن ۾ سوين سال لوٽ ڪسوٽ ڪندا رهيا. ڪجهه ته اسان ايشيا ۽ آفريڪا جي رهاڪن جو به حق آهي يا نه؟“

منهنجي ان ڳرچي تي کلڻ لڳي. جنهن بس جو آئون انتظار ڪري رهيو هوس ان جي سامهون اچڻ تي مون کائنس موڪلايو.

”تون ته شايد ٻي بس ۾ وڃي رهي آهين، مون کي هن ۾ وڃڻو آهي“.

”مون کي تيرهون نمبر بس ۾ فوڪٽ پارڪ ۾ وڃڻو آهي، جتي منهنجو پيءُ سيڪنڊ هئنڊ ڪپڙا وڪڻي ٿو.“

”ڇڱو حياتي رهي ته وري گس پنڌ ملاقات ٿي ويندي تيسين خدا حافظ.“

”اوڪي سلام اعليڪم.“ هن پڻ موڪلايو ۽ آئون سلام جو جواب ڏيندو اچي بس ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويٺس.

## يلا هيءَ ڪتي جي آهي؟

هڪ ڏينهن سئيڊن جي هن شهر (مالمو) جي هڪ خوبصورت علائقي ’ترئنگلن‘ جي شاپنگ سينٽر ۾ هڪ دڪان اڳيان فٽ پاٿ تي قميص، سوٽن ۽ گنجين تي Sale لڳل هئي. يعني اصلي قيمت کان سستي اگهه تي ملي رهيون هيون. هن پاسي ڪاڏي پيتي جي شين کان علاوه ڪپڙا گنديون به تمام ڳري اگهه ۾ وڪامن ٿا. خاص ڪري ڪاٽن جي ته هر شيءِ آسمان سان ڳالهايون ڪري ٿي. سو ان سستي وڪري (Sale) ۾ به گنجيءَ جي قيمت پاڪستاني سٺ ستر رپيا هئا. ان ڪري انهن کي ڇهڻ به پاپ سمجهيم. هڪ به قميص پسند آئي پر ڪالر جي ماپ صحيح نه هئي. وڪڻڻ واري همراهه کان پڇيم: ”فلاڻي ماپ جون ههڙيون قميصون اٿئي؟“

”ها. اندر دڪان ۾ هليو وڃ. فرسٽ فلور تي Sales Girl (ڪم ڪندڙ ڇوڪريءَ) کان معلوم ڪر.“ هن ٻڌايو.

H&M ڪمپني جو ڊپارٽمينٽل اسٽور هو جيڪو سئيڊن ۾ معياري ڪپڙن کان ائين مشهور آهي جيئن پاڻ وٽ ٽي جي جو. فرسٽ فلور تي چوڌاري نظر ڊوڙايم پر ڪٿي به ان اگهه تي سستا ڪپڙا نظر نه آيا جهڙا ٻاهر وڪامي رهيا هئا. چوڌاري فقط عورتون ۽ مرد گراهڪ ڦري رهيا هئا پر دڪان ۾ ڪم ڪندڙ ڪا به ڇوڪري نظر نه آئي. آخر زنانن ڪپڙن جي هڪ سيڪشن ۾ سورهن سترهن سالن جي ڇوڪري اسٽول تي ويٺل نظر آئي.

مون ڪائنس انگريزي ۾ قميصن جو پڇيو پر هن کي انگريزي نه برابر آئي ٿي.

”آءِ ايم ساري! آءِ اسپيڪ نو انگلش.“ هن چيو. ان جو مطلب اهو ٿيو ته هاڻ مون کي ڪو اهڙو سئيڊش گراهڪ ڳولڻو پوندو جيڪو انگريزيءَ جو به ڄاڻو هجي ۽ منهنجي ۽ هن جي ڳالهه جو ترجمو ڪري سگهي. ڇوڪري جا منهن مهانڊا ملائيشيا ۽ انڊونيشيا جي ماڻهن جهڙا هئا جيڪي ملئي زبان ڳالهائين ٿا ۽ اها مون کي به آئي ٿي. ان ڪري پڪ لاءِ پڇيو مانس ته ڪهڙي ملڪ جي آهين.

”انڊونيشين“ انگريزي زبان نه اچڻ ڪري هن مختصر جواب ڏنو.

”بوليح فهام ملايو؟“ (توکي ملئي زبان اچي ٿي؟) مون پڪ ڪرڻ لاءِ ملئي زبان ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پچيومانس.

جواب ۾ هوءَ گونگن واگر چپ رهي. يعني هن بلڪل نه سمجهيو.انڪري انگريزي ۾ ساڳيو جملو ورجايم:

“Can You Speak Indonesian.”

”نو. اونلي سئيڊش.“ هن وراڻيو.

ان جو مطلب اهو آهي ته هن جو پيءُ يا ماءُ مان هڪ انڊونيشين آهي جيڪو هتي سئيڊن ۾ اچي Settle ٿيو آهي ۽ سئيڊش عورت سان شادي ڪئي آهي.

”تنهنجو پيءُ انڊونيشين آهي؟“

”نو۔ هي از سئيڊش.“

”ته پوءِ ماءُ؟“

”اها به سئيڊش آهي.“ هن وراڻيو. آئون تعجب ۾ پئجي ويس ته اهو ته ڪمال آهي ماءُ پيءُ سئيڊش گورا ۽ هيءَ اسان جهڙي ڪڻڪ رنگي ڪارسري ۽ نه فقط شڪل مان پر ان جو پاڻ به اعتراف ڪري رهي آهي ته هوءَ انڊونيشين آهي. اهو پلا ڪيئن ٿي سگهي ٿو....

بهرحال مون ڪائنس مرداني قميص جو اشاري سان پڇيو پر پاڻ ٻڌائي نه سگهي ۽ سئيڊش ۾ جيڪي چئي رهي هئي ان جي لهجي مان اهوئي لڳو ٿي ته ڪيس خبر ناهي. آئون مغزماري ڪرڻ بدران اتان هلڻ وارو هوس ته سامهون ايندڙ هڪ سئيڊش عورت ڏي اشارو ڪري ٻڌايائين ته اها سندس ماءُ آهي.

سندس ماءُ کي سٺي انگريزي آئي ٿي ۽ خبر پيئي ته هوءَ سيلز گرل نه هئي پر ماڻس خالي اسٽول تي ويهاري پاڻ شاپنگ ڪري رهي هئي. مون جڏهن ڪيس چيو ته تون ماءُ ته سئيڊش آهين پلا هن جو پيءُ انڊونيشين آهي يا نه؟

”نه اهو به واقعي سئيڊش آهي.“ هن ٻڌايو ۽ پوءِ هوءَ مون کي ان جو راز سمجهائڻ لاءِ صحيح لفظ جي ڳولا لاءِ جهڙوئي سوچڻ لڳي ته مون کي سمجهه ۾ اچي ويو ته ڪيس يڪدم چيم:

”اوڪي. اوڪي. نائو آءِ انڊراسٽئنڊ. يو مين يو هئو اڊاپٽيڊ هر.“ (تو هن کي پاليو آهي.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”پيس. پيس.“ هن وراڻيو.

جيڪي قميصون جنهن اگهه تي مون چاهيون ٿي اهي ته نه مليون. مٿين ڳالهه جو ذڪر فقط انڪري ڪيم جو هتي سئيڊن ۾ جيڪي آفريڪا يا ايشيا جا ڪارا، چاڪليٽي، ڪڻڪ رنگا، هئڊا ۽ ڦڪا ماٺهو نظر اچن ٿا سي سڀ هتي غير قانوني طرح نه آيا آهن ۽ نه وري ڪي سيئي سياسي پناهگير آهن. ڪيترائي اهڙا به آ هن جن کي هتي جا ماڻهو پنهنجي مرضيءَ سان مختلف ملڪن مان وٺي آيا آهن. جيئن ته هتي سئيڊن ۾ برٿ ريٽ (ڄم جي رفتار) تمام گهٽ آهي يا ڪيتريون شاديون شده عورتون ٻار کي ڏهه مهينا پيٽ ۾ سانڍڻ ۽ ڄڻڻ جو ڪتراڳ نٿيون ڪڻن. پوءِ اولاد لاءِ هتي جا شادي شده جوڙا ٿائيلينڊ، انڊونيشيا، ويٽنام، برما جهڙن ملڪن مان ٻار وٺي Adopt ڪن ٿا. يعني نپائين پالين ٿا. جيئن مٿين انڊونيشي ڇوڪري کي هتي جي سئيڊش زال مڙس ننڍي هوندي کان نپايو آهي ايتري قدر جو ان ڇوڪري کي پنهنجي مادري زبان جي به خبر ناهي.

پهريون دفعو جڏهن هتي جي هڪ پوڙهي سئيڊش جوڙيءَ سان گڏ ٻارهن تيرهن سالن جي سريلنڪا جي ڪاري ڇوڪري بس ۾ ويٺل ڏٺم ته مون سوچيو ته اها ڪا هنن جي نوڪرياڻي آهي، جيئن عرب ملڪن ۾ فلپينو سريلنڪن انڊين ۽ پاڪستاني ڇوڪريون آيائون يا نوڪرياڻيون ٿي ڪم ڪن ٿيون. پر پوءِ بس مان لهندي ۽ شهر ۾ چڪر ڏيندي ڏٺوسين ته سئيڊش پوڙهو پوڙهي ان سريلنڪا جي ڇوڪريءَ جا ائين ناز نخرا کڻي رهيا هئا جيئن سندن پنهنجي ڌيءَ هجي. اسان جي يونيورسٽيءَ جي هڪ پراڻي شاگرد ٻڌايو ته هتي ٻئي جي اولاد پالڻ (Adoption) جو تمام گهڻو رواج ٿي ويو آهي ۽ ڪيترائي ايشين ٻار يا وڏا جيڪي هتي سئيڊن ۾ نظر اچن ٿا سي ضروري ناهي ته ڪو هتي ڀڄي آيا آهن. پر هتي (سئيڊن) جي ماڻهن انهن جي مائٽن ۽ حڪومتن کي منٿون ميڙيون ڪري نپائڻ لاءِ (Adoption) لاءِ هتي وٺي آيا آهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ان معاملي ۾ ٿڌائي آهي

هتي عورت ۽ مرد جي برابريءَ جي ايتري تہ سوچ ويچار آهي جو ڪنهن کي هڪ ٻئي سان شڪايت رهي ٿي. نوڪري ڪري پئسو بہ ٻئي ڄڻا ڪمائين ٿيون. پر جي نوڪري ناهي تہ هنن ملڪن ۾ بي روزگارن کي سرڪار طرفان هر مهيني ايترو ملي ٿو جو آرام سان گهر ويٺي کائي پي سگهن ٿا. بلڪ هتي جا ماڻهو ڪنهن هلڪي ڦلڪي نوڪري کان بي روزگار رهڻ ۾ بهتري سمجهن ٿا.

”بي روزگاريءَ جو پيتو مهيني ۾ ٻارهن هزار رپيا ڪن مون کي ۽ ٻارهن هزار منهنجي زال کي ملي ٿو“. هڪ همراهہ ٻڌايو. ”هاڻ منهنجي زال کي هڪ هنڌ سورهن سترهن هزار روپين ڪن جي نوڪري ملي آهي پر هوءَ چوي ٿي تہ ٽن چئن هزارن روپين جي فرق لاءِ ڇو صبح جون ننڊون ڦٽائي روزانو اٺ ڪلاڪ وڃي ڪلارڪي ڪيان.“

نوڪريءَ ۾ مرد عورت جي تفاوت ڪي نٿو ڏنو وڃي. دڪانن توڙي آفيسن ۾، مرد توڙي عورتون ساڳيو ڪم ڪن. فئڪٽرين ۾ ڪم مرد بہ ڪن تہ عورتون بہ. بس ڊرائيور مرد بہ آهن تہ عورتون بہ. پڙهيل ڳڙهيل ۽ هنرمند مرد بہ آهن تہ اوتروئي عورتون بہ. انڪري ڪنهن جي ننڍي وڏي جي ڳالهہ ئي ڪانهي. هرڪو پنهنجو پاڻ کي سوا سير سمجهي ٿو. ڪوبہ سير ناهي. رڌ پچاءَ بہ ٻئي ڪن. ٻار نپائڻ جو ڪم بہ ٻنهي جو سمجهيو وڃي ٿو. اسان جي هاسٽل سامهون ننڍڙن ٻارن جو اسڪول آهي. ٻارن کي واري وٽي تي هفتو ماءُ تہ هفتو پيءُ اسڪول ڇڏڻ ايندو آهي. منهنجي خيال ۾ ان مٽي جي سور کان مردن بہ اولاد تان ئي هٿ ڪڍي ڇڏيو آهي. حڪومت دانهون ڪندي رهي ٿي تہ گهٽي کان گهٽا ٻار ڄڻيو. ملڪ ۾مال ججهوئي آهي ماڻهو گهٽ آهن. پر هن پاسي ان معاملي ۾ ٿڌائي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## لاڏين ڪوڏين آندو آهي

هتي جي هڪ دعوت ۾ سئيڊش عورت يونيورسٽي جي شاگردن سان نه فقط نچي رهي هئي پر ڪافي فري انداز سان ڳالهائي رهي هئي.

”Are you Married?“ مون پڇيومانس.

”ييس.“ هن وراڻيو.

”پوءِ تنهنجو مڙس نه آيو.“

”آيو ٿي پر اچڻ مهل ڪيس متي ۾ سور اچي ٿيو. سو چيومانس هن بيوقتائتي مرض اسان جي چڳو مُنايو. پر پاڻ مونکي چيائين ته آءُ پلي Enjoy ڪري اچان.“

منهنجي تعجب ڪائڻ تي چوڻ لڳي:

”پاڻ به ته ڪڏهن ڪڏهن اڪيلو ڏارين ڇوڪرين سان هليو ويندو آهي.“

ٻنهي ڌرين جي آزادي يا ٻنهي ڌرين جو پڙهيل ڳڙهيل هجڻ يا ٻنهي ڌرين جو نوڪريون ڌنڌا ڪرڻ ته يورپ توڙي آمريڪا جي ٻين ملڪن ۾ به عام آهي. ويندي ايشيا جي جپان ۽ ڪوريا ۾. پر سئيڊن جو قانون عورت جي حقن جو تمام گهڻو خيال ڪري ٿو. جپاني يا ڪورين عورت محنت مزدوري بعد به مڙس جي موچڙن هيٺ رهي ٿي. پر مجال آهي جو سئيڊن جو ڪو مرد پنهنجي زال کي موچڙو مار ڪري يا وڏي واڪ به ڳالهائي.ڪو پاڙي واروئي پوليس کي فون ڪندو ته ملزم کي ان ئي وقت تنگوتالي ڪري وٺي ويندا.۽ نه وري ڪو مرد زال کي طلاق ڏئي ٽن وڳن ۾ ٻاهر ڪيڏي سگهي ٿو. طلاق مهل عورت جي پنهنجي ملڪيت ته پنهنجي رهنديس. پر مڙس جي اڌ ملڪيت جي به مالڪڻ ٿيو وڃي.

بهرحال انهن سيني ڳالهين هوندي به گهڻي ڀاڱي مرد توڙي عورتون هڪ ٻئي سان خوش نه آهن. عورت کي اهائي شڪايت آهي ته مرد عورت جي اها عزت ۽ خيال نٿو ڪري جيڪو ڪرڻ کپي. ڪيترن ملڪن ۾ عورت گهر جي راڻي ٿيو وينتي آهي. مرد نوڪري پورهيوڪري گهر جي خرچ لاءِ پئسو آڻي ٿو. گهر جي ڀاتين جي اڳهائي سگهائي جوخيال رکي ٿو ڳاڏين توڙي گهر جي مرمت جواونو رکي ٿو. پر هتي سئيڊن ۾ عورت کي به

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪمائڻوپوي ٿو. هڪ شهر مان ٻئي شهر اڪيلووڃڻو پوي ٿو. خود سامان ڍوئي ٿي. مڙس پنهنجن .ئي دوستن يارن يا سهيڙين جي سنگت ۾ رڌل رهي ٿو ۽ ٻاهران ئي ايترو پي اچي ٿو جو گهر ۾ گهڙڻ سان بستر تي ڍهيو پوي. هن ڪي زال جي ڏک درد ٻڌڻ ۽ همدردي ڪرڻ لاءِ نه وقت آهي نه واسطو. اهوئي سبب آهي جوسئيڊن جون ڪيترين ڇوڪريون ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪارن ڪوجهن کي وڌيڪ پسندڪن ٿيون. ۽ انهن ۾ ڪو شڪ ناهي ته انهن ڌارين سان شادين جي ٽٽڻ جو في سيڪڙو گهٽ آهي نه ته هن ملڪ ۾ طلاق ۽ خودڪشي جا ساليانا انگ اکر تمام وڏا آهن.

ساڳي وقت هتي جي مردن کي پنهنجين سئيڊش زالن سان پڻ شڪايت آهي ته هو مڙس جي اها عزت نٿيون ڪن جيڪا ڪرڻ کپين. ان لاءِ هو ٻين ملڪن جا مثال ڏين ٿا. خاص ڪري جپان، ٿائليند، انڊونيشيا، ملائيشا پاسي جي عورتن جا، جيڪي نوڪري ۽ پورهيو ڪن ۽ مردن کي پئسوڪمائي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ جي باوجود سندن دل و جان سان خدمت ڪن ٿيون. نتيجي ۾ جنهن جنهن سئيڊش مرد کي وجهه لڳي ٿو ته اهو غير سئيڊش عورت سان شادي ڪري ٿو. شايد ان ڳالهه کي مدنظر رکي، ٿائيليند حڪومت وچ ۾ ٽوئرزم (Tourism) جو اهڙو پروگرام ناهيو هيو جنهن ۾ يورپ جي پئسي وارن ٽوئرسٽن کي ٿائليند گهمڻ سان گڏ ٿائي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پنهنجي ملڪ وٺي وڃڻ جي آڇ ڪئي وئي هئي. ان اسڪيم هيٺ ڪيترين ئي غريب لاوارث ۽ ويندي هلندي چلندي وارين ٿائي ڇوڪرين جي يورپين سان شادي ٿي هئي ۽ سندن سنو وهنوار ۽ مڙس جي دل و جان سان خدمت چاڪري ڏسي اڃا تائين ڪيترا يورپي ٿائليند جي ڇوڪرين سان شادي ڪرڻ لاءِ واجهائين ٿا.

مٿئين قصي بيان ڪرڻ مان پڻ اهائي مراد آهي ته هتي جيڪي ايشيائي مرد توڙي عورتون نظر اچن ٿيون اهي پنهنجي مرضي سان هتي جي ماڻهن ۽ ملڪ جي ايڪانامي‌ءَ تي بار اچي نه ٿيا آهن پر خود هتي جي ماڻهن ۔ عورتن توڙي مردن، لاڏين ڪوڏين شاديون ڪري کين هتي آندو آهي. ان ڪري اڄڪلهه ايشيا يا آفريڪا جي ماڻهن جي گهٽائيءَ جي باوجود هتي جي حڪومت ڪو اهڙو قانون نٿي ڪڍي سگهي جنهن هيٺ هر ڌارئين کي ٻاهر ڪڍيو وڃي. ڇو جو ڪيترا ڌاريا ٻار، مرد توڙي زالون، هتي جا سئيڊش ماڻهو پنهنجي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

رضامنديءَ سان وٽي آيا آهن ۽ اهي سندن فيملي جو حصو بنجي ويا آهن ۽ هاڻ انهن کان ڇڇي ڏار ٿيڻ ڏکيو ڪم آهي. وڏ ۾ وڏ هو نون ايندڙ غير قانوني ماڻهن جي اچڻ تي روڪ ڪري سگهن ٿا.

# وڏي آفيسر هجان ها

اسان جي آفيس ۾ آئرين نالي ايراني عورت آهي، جنهن جي شادي هتي جي سئيڊش همراهه سان ست اٺ سال اڳ ٿي. هو ٻئي خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن. هوءَ شايد مسلمان نه پر بهائي مذهب جي آهي پر بهرحال، ايران جي ۽ فارسي ڳالهائيندڙ ٿي ڪري اسان پاڪستانين جي ۽ ايران کان آيل مڙني همراهه جي مدد ۽ رهنمائي ڪندي رهي ٿي. ڪڏهن لئبرري جي پاهران واندا ويٺا هوندا آهيون ته اچي خبرون چارون ڪندي آهي. پاڻ به ان نفرت جي اظهار بابت ٻڌايائين جيڪو پاڻ هتي جي سئيڊش سوسائٽي ۾ رهندي محسوس ڪري ٿي.

”هتي جا ماڻهو مون کي ڏسي اهوئي سوچيندا آهن ته آئون به ڪاهن ملڪ جي خوشحالي ڏسي، پنهنجو غريب ملڪ ڇڏي آئي آهيان. پر ڪنهن ڪنهن کي ٻڌائيندي وتان، ته بابا آئون ته انگلينڊ ۾ پڙهي رهي هيس توهانجو سئيڊش همراهه مون تي عاشق ٿي پيو. ان هوندي به منهنجا مائٽ ان شاديءَ ۾ راضي نه پئي ٿيا. پر پوءِ ڪجهه عرصو ڇوڪري کي ويجهڙائي کان جانچي جونچي پوءِ چيائون ته ڇوڪرو شريف آهي ڀلي ان سان شادي ڪر.

هتي جي ماڻهن کي ڪهڙي خبر ته آئون پنهنجي ملڪ ۾ هجان ها ته اتي به مون کي ڪنهن اعليٰ خاندان جو ڇوڪرو ملي وڃي ها ۽ هيڏي تعليم هجڻ ڪري پنهنجي ملڪ توڙي انگلينڊ ۾ هن کان به وڏي آفيسر هجان ها“.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## رمبوت حطام

هڪ ڏينهن مالمو (سئيڊن) کان ڪوپن هيگن (ڊئنمارڪ) ويندڙ فيريءَ ۾ ساڳي ٽيبل تي ايران ۽ عراق جا نوجوان مليا. شڪل شبيهه ۾ بئي گورا ۽ يورپين لڳا ٿي. هو ڇهن ستن سالن کان هت آهن. هنن به اهائي ڳالهه ڪئي ته هتي جا سئيڊش ماڻهو اسان ايشين يا ٻين ڌارين ملڪن جي ماڻهن جي هجڻ مان خوش نه آهن.

”پر توهان ته رنگ روپ ۾ اهڙا گورا آهيو جو ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته ايشيائي آهيو يا يورپين.“ مون چيومان.

”نه اهڙي ڳالهه ناهي. هتي جي ماڻهن کي خبر پئجيو وڃي. رنگ روپ مان، چال چلن مان، ٻيو نه ته ڳالهائڻ جي لهجي مان.“ هنن ٻڌايو.

پر آئون اهوئي سوچيندو رهيس ته ائين ضروري ناهي. اهي ايشيا جا اڇي رنگ جا ماڻهو جيڪي ننڍي هوندي کان هتي رهيل آهن انهنجي چال چلت ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو لهجو ته بلڪل هتي جي ماڻهن جهڙوئي آهي پوءِ ڪيرڪيئن ٿو سڃاڻي ته هي يورپي نه پر ايشيائي آهي.

ان جو جواب هتي جي رهاڪو انڊونيشين واهه جو ڏنو. هن سان ڪجهه ڏينهن اڳ هتي جي سبزي مارڪيٽ ۾ ملاقات ٿي. آئون خريداري ڪري ٻين ڪلاس ميٽ همراهن جو انتظار ڪري رهيو هوس. منهنجي پر ۾ ئي هي به بيٺو هو. وقت گذاري لاءِ ڪائنس خبرون چارون ڪرڻ لڳس.

”ڪٿي جو آهين؟“ انگريزيءَ ۾ پڇيومانس.

”انڊونيشيا جو.“

وڌيڪ هجائتو ٿيڻ لاءِ سندس ئي زبان۾ پڇيومانس ڪيترن سالن کان آهين؟“.

”تعجب آهي توهان کي انڊونيشين اچي ٿي.“ هن پڇيو.

”انڊونيشين نه پر ملئي زبان به ڄاڻان ٿو جيڪا ائين آهي جيئن اڙدو هندي يعني هڪ ٻئي سان ملن ٿيون. سوهتي ڪڏهن آئين؟“

”اج کان چار سال اڳ آيو هوس.“ هن وراڻيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”اڪيلو آهين يا فئملي سان؟“ اسين ملئي زبان ۾ ڳالهائيندا رهياسين.

”هينئر اڪيلو آهيان. هتي جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪيم، پر طلاق ٿي وئي.“

”ٻه پوءِ ٻار؟“ مون پڇيو مانس.

”ٻار زال وٽ آهن. آئون اڪيلو تو رهان.“

”ٻارن سان ملين يا نه؟“ مون پڇيومانس.

”ها. ائين هر هفتي هنن وٽ ويندو آهيان. زال به ڳالهائيندي آهي. هاڻ اسين زال مڙس نه پر دوستن وانگر آهيون.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ پلا هاڻ ڇا سوچيو اٿئي؟ ٻي شادي به هتان ڪندين يا پاڪستانين، هندستانين ۽ ٻين ايشين وانگر هاڻ هتي جو پاسپورٽ ملڻ بعد پنهنجي ملڪ مان شادي ڪري ايندين؟“ مون پڇيو مانس.

”نه آئون ٻي شادي هرگز نه ڪندس. ٻارن سان منهنجو تمام گهڻو ڳانڍاپو آهي.“ هن چيو.

۽ اها ڳالهه ڪندي هو بيحد جذباتي ٿي ويو ۽ مون محسوس ڪيو ته هن جي هتي جي سئيڊش ڇوڪري سان شادي Marriage of Convenience (سهوليت ۽ مطلب خاطر شادي) گهٽ ۽ پيار محبت جي وڌيڪ هئي. هاڻ شادي ٽٽڻ تي هن کي ڪافي صدمو رسيو آهي.

”ڇئبو ته تون طلاق ۾ خوش نه هئين؟“ مون پڇيومانس.

”نه. پر ڇا ڪجي. هتي جي ڇوڪرين سان نباهڻ ڏکيو آهي..“ هن ٻه دفعا ’لبيح لبيح سوسا‘ (ڏاڍو ڏاڍو ڏکيو) چيو.

”ڇو پلا؟“ مون سندس تجربي جي آڌار تي سندس واتان معلوم ڪرڻ چاهيو ٿي.

”هتي جون ڇوڪريون جنهن ماحول ۾ پليون نپنيون آهن انهن سان اسان جو نهراءُ ٿي نٿو سگهي. هڪ حد تائين اسين ايشيائي ـ خاص ڪري مسلمان، ڪين آزادي ڏئي سگهون ٿا. سندن ناز کڻي سگهون ٿا. سندن ڳالهين تي اکيون پوري سگهون ٿا. پر هر ڳالهه اسان کان برداشت ڪرڻ ڏکي آهي ۽ پوءِ جڏهن ڪين سمجهائجي ٿو ته، اها ڳالهه اسان جي قدرن، اصولن ۽ اخلاقن سان نٿي نهڪي ته هو سمجهن ٿيون ته اسين ڪائنڻ آزادي ڦرڻ چاهيون ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پوءِ هڪ دفعو سمجهوتي ۾ ڌار ٿيڻجي وڃن ته ان پيار جي گهرڙي جون ڀتيون جلدئي اچيو ڦهڪو ڪن. پوءِ اسان جهڙا انسان جنڊ جي هڪ ٻڙ پيار محبت ۽ ٻئي ٻڙ اخلاق ۽ مشرقي حيا ادب جي وچ ۾ ٿئي پيڙبا رهون ٿا.“

سندس هلڻ جو وقت ٿي ويو هو سو ٿيلهو ڪڍي موڪلائڻ مهل مون کان پڇيائين:

”توکي سئيڊن ڪيئن ٿو لڳي؟“

”سايا تيداق سُڪا نگري اني- آءِ لائيڪ ملائيشيا ائينڊ انڊونيشيا“ (مون کي هي ملڪ نٿو وڻي- مون کي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا پسند آهن.)

”ڪيناپا؟ ڪيناپا؟“ ڇو ڇو- هن تعجب مان ساڳي ملئي (انڊونيشي) زبان ۾ پڇيو.

”ان ڪري جو اتي ڌارئي لاءِ ايتري نفرت ناهي جيتري هتي آهي. هتي جا ماڻهو اسان کي بيحد نيچ سمجهن ٿا، ڇو جو اسان جي ڪاري چمڙي آهي.“ اهو جملو ڇوڪرن دوران هو به مون سان گڏ ساڳيو جملو دهرائي رهيو هو. پر جڏهن مون ”ڪاري چمڙي“ لفظ چيو ته هن ان بدران ڪو ٻيو لفظ چيو. جيڪو مون محسوس ڪيو پر ٻڌي نه سگهيس. سو ڪيس ورجائڻ لاءِ چيم ته هن ٻيهر چيو- حطام آپا- ڪارو ڇا؟

”حطام رمبوت“ هن وراڻيو- ڪارا وار. (ملئي زبان ۾ رمبوت وارن کي چئبو آهي. جيئن رمبوتان ميوو- معنيٰ وارن وارو ميوو. ان ڪري جو رمبوتان مٿان وار آهن.)

”يار واهه جي ڳالهه ڪيئي.“ مون چيومانس.

”چمڙي ته اسان مان ڪيترن جي ڪير جهڙي اڇي به آهي پر هي يورپ جا ماڻهو ته اسان کي وارن مان ئي سڃاڻن ٿا. ڪارا وار معنيٰ پڪ ايشيا جو هوندو. ائين اٿلي جا ڪيترا آهن جن جو رنگ اسان کان ويل آهي پر وار پورا يا ڳاڙهيرا يا اڇا ميٽوڙي هجڻ ڪري ڪين وري به اسان کان وڌيڪ. جيءَ ۾ جايون ڏين ٿا ۽ پنهنجو سؤٽ ماسات سمجهن ٿا.“

اهو چئي انڊونيشي نوجوان روانو ٿي ويو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# سنگل پئرنٽ

هتي (سئيڊن ۾) رهندڙ پاڪستانين جي هڪ محفل ۾ هڪ پاڪستانيءَ ٻڌايو تہ هتي جي ماڻهن ۾ طلاق تمام گهڻي آهي. ٿوري گهڻي ڳالهہ تي روسامو ۽ علحدگي ٿيووڃي. طلاق بعد ٻار زال وٽ رهن يا مڙس وٽ. ان لاءِ هو پنهنجو پاڻ فيصلو ڪري سگهن ٿا يا ڪورٽ کان اختياري وٺي سگهن ٿا.

ان پاڪستانيءَ اهو ٻڌايوتہ سندس ڌيءَ سان گڏ پڙهندڙ اناويهہ ٻارن جي ڪلاس ۾ ڪوبہ اهڙو ٻار نہ آهي. جنهن جي ماءُ پيءَ جي علحدگي ٿيل نہ هجي. يعني سڀ Single_ Parent ٻار آهن. ان پاڪستانيءَ جي اُها ڌيءَ بہ ڪيس پهرين زال مان آهي. جيڪا هتي جي سئيڊش هئي ۽ هاڻ طلاق ٿي چڪي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڏوهه ڪنهن جو آهي

اسان جو هڪ اوپن بڪ ٽيسٽ ٿيو. يعني سوالن جا جواب لکڻ لاءِ ان سبجيڪٽ جا ڏهه ٻارهن ڪتاب کولي ڏسڻ جي اجازت هئي. هڪ هڪ ڪتاب ٽن چئن ڪان اٺ نوَ صفحن تي مشتمل. نالي ۾ ته ڏسي لکڻ وارو امتحان هو پر اهڙي ٽيسٽ ڏسي ٻه اهو لکي سگهي ٿو جنهن پڙهيو هجي.

ڪلاس روم جي آخري چئن بينچن تي منهنجو نمبر هو ۽ ٻيا ٽي ڄڻا: فلپين جو سوتي چائي، تنزانيا جو دوبيلو ۽ مصر جو ڪئپٽن حنفي هو. حنفيءَ کي ته امتحان جو فڪر ٿئي ئي ڪونه. سڀ کان آخر ۾ ڪلاس ۾ اچي ۽ سڀ کان پهرين پيپر ڏئي وڃي. ان ڏينهن امتحان شروع ٿيڻ ۾ اڃا ڏهه پندرهن منٽ هئا. ٿائلينڊ جي سوتي چائيءَ مون کي ۽ تنزانيا جي دوبيلي کي چيو: ”توهان پاڪستاني ۽ تنزانيا جا ته خوش نصيب آهيو جو توهان جي ملڪ ۾ انگريزي پڙهائي وڃي ٿي. مون کي ته ڪيترن سوالن جا جواب اچن ٻه ڪٽي ته ٻه چڱيءَ طرح لکي نٿو سگهان جو انگريزيءَ کان گهڻو واقف نه آهيان. ٿائي زبان ۾چئو ته ڪئين ڪاڳر ڪارا ڪري ڏيکاريانوَ. پلا هڪڙو قرب ته ڪجو گهٽ ۾ گهٽ صفحي جو نمبر ته ٻڌائجو.

مون ڏٺو ته تنزانيا جو دوبيلو سنجيدو ٿي ويو. تنهن تي مون چيومانس:

”دوبيلو! تون امتحان جي معاملي ۾ ايترو گنڀير ٿيو وڃين جو توکان ڊپ ٿو لڳي.“ ۽ پوءِ هڪ ڏينهن اڳ جي ڳالهه ياد ڏياري چيومانس.

”ڪالهه امتحان دوران مون توکان ڪئلڪيوليٽر پئي گهريو پر مجال آهي جو ڪنڌ کڻي نهارين.“

”امتحان دوران ڳالهائڻو ناهي ۽ ٿائلينڊ جي سوتي چائيءَ کي صفحي جو نمبر ٻڌائڻ معنيٰ ڪاپي ڪرائڻ. اهو ڪم آءٌ هرگز نه ڪندس.“ دوبيلو نهه پهه وراڻيو.

مون کي سندس ان ڳالهه جتي تعجب ۾ وڌو اتي خوشي پڻ ٿي. هونءَ ته دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ٿوري گهڻي ڪاپيءَ جي پٽ شروع ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ (۽ خاص ڪري سنڌ ۾ ته) تباهيءَ جي حد تائين ڪاپيءَ جوناسور پکڙجي ويو آهي. پر ڪي ملڪ

اهڙا بہ آهن جن ۾ امتحان تمام سختيءَ سان ورتا وڃن ٿا ۽ شاگرد لاءِ امتحان پاس ڪرڻ جو واحد طريقو محنت ۽ فقط محنت آهي. انهن ملڪن ۾ ڪاپي يا سفارش جهڙي ڪا شيءِ نٿي هلي سگهي. ملائيشيا بہ انهن ملڪن مان هڪ آهي جتي امتحان سختيءَ سان ورتا وڃن ٿا. گهٽ مارڪون کڻندڙ شاگرد کي ٻئي ڪلاس ۾ داخلا ڏيڻ بدران اسڪول يا ڪاليج مان يڪدم ڪڍيو وڃي ٿو. جيئن پڙهڻ بدران وچي ڪو پورهيو ڌنڌو ڪري. يا ڪنهن دڪان، هوٽل وغيره تي وڃي سيلز مين يا بئرو ٿي ڪم ڪري، جتي دماغي ڪم جي گهٽي ضرورت نہ هجي. ملائيشيا جي سفرنامي ۾لکي چڪو آهيان تہ هڪ سال امتحان وٺندڙ واسطيدار اٿارٽيءَ کي اهو شڪ ٿيو تہ ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو پيپر ليڪ آئوٽ ٿي ويو آهي. ان بعد نہ فقط ان سبجيڪٽ جو پر سيني ڪمن جو امتحان سڄي ملڪ جي شاگردن کان وري ورتو ويو.

سو تنزانيا جي دوبيلو جي اها ڳالهہ ٻڌي مون کي يڪدم خيال آيو تہ تنزانيا هوندءَ ڪٽي آفريڪا جو هڪ غريب ملڪ آهي جتي سياسي هنگاما لڳا پيا هجن، پر تي سگهي ٿو تہ تعليم جو معيار بلند هجي. هونءَ بہ دوبيلي جي معلومات ۽ چاڻ مان اهوئي لڳي ٿو تہ هو ڪو سفارشي نہ پر پڙهيل ڳڙهيل ۽ پنهنجي سبجيڪٽ ۾ پڙ انجنيئر آهي. سو دوبيلو کان پڇيم:

”دبيلو! لڳي ٿو توهانجي ملڪ ۾ ڪاپي نٿي هلي.“

”سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. امتحان هلندي ڪنهن شاگرد وٽان ڪو ڪاغذ پرزو ملي وڃي يا هو ٻئي سان ڳالهائيندي ڏٺو وڃي تہ اٿارٽي ان ئي وقت ان شاگرد کي ريسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيندي آهي.“

”ويري گڊ! خوشي جي ڳالهہ آهي تنزانيا تعليم جو اهوئي معيار رکندو اچي جيڪو انگريز ڇڏي ويا.“ مون چيو ”ان جو مطلب اهو آهي تہ تنزانيا جي ڪاليجن، يونيورسٽين مان جيڪي شاگرد گريجوئيٽ ٿي نڪرندا هوندا سي پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ ماسٽر هوندا.“ مون چيو.

”ها.“ دوبيلو وراڻيو ”اسان جي ملڪ ۾ جيتوڻيڪ ڪي گهٽا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون نہ آهن پر جيڪي شاگرد تعليم حاصل ڪري نڪرن ٿا انهن جو سڄي دنيا ۾ قدر آهي. اڄ بہ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

تنزانيا جا ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ ٻين سبجيڪٽن جا ماهر انگلينڊ، آمريڪا ۽ آسٽريليا ۾ نظر ايندا ۽ هنن جي تمام گهڻي تعريف ڪئي ويجي ٿي.“

”ڊوبيلو توکي ڏسي ان جي شاهدي آئون به ڏيندس.“ مون چيو. ساٽس ان بابت وڌيڪ خبرون نه ڪري سگهيس. پر اهو سوچي ڏک ٿيندو اٿم ته ڪو زمانو هو سنڌ يونيورسٽي کي تعليم جي معيار کان پاڪستان ۾ سڀ کان اعليٰ درسگاهه سمجهيو ويندو هو پر اڄ سنڌ جي تعليم گاهن ۾ تنزانيا جهڙو حال به نه رهيو آهي. تعليم حاصل ڪري ڪيترن ملڪن ۾ اسانجا ڊاڪٽر، انجنيئر وڃن ٿا پر سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي، گهڻائي ولايت ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿي ٿئي. ڊگري ته سندن هٿن ۾ ضرور آهي پر علم نه هجڻ ڪري هنن جو حالتن سان گذارو ٿي نه پيو سگهي.

هڪ مسلمان ملڪ اسانجي نوجوانن جي بيروزگاريءَ جو خيال ڪندي ويهه کن تازن گريجوئيٽ ڊاڪٽرن کي پنهنجي ملڪ جي اسپتال ۾ نوڪري ڏني. پر افسوس جو هڪ به رهي نه سگهيو. ڪنهن چيو مون کي ڏورانهين ڳوٺ ۾ا ڪيلو رکيوويو. ڪنهن چيو مونکي گائني وارڊ ۾ رکيو ويو هو ۽ پڙهائيءَ دوران مون کي ويمر جو تجربو نه ٿيو هو. ڪنهن چيو غلط دوا ڏيڻ جيئن ته ان ملڪ ۾وڏو ڏوهه آهي، سو مون کي ڊپ لڳو ته ڪٿي غلطي نه ٿي وڃيم. سيني اهو سبب ڏنو ته کين ڪاليجن ۾ا ستادن چڱي طرح نه پڙهايو يا تجربن لاءِ Dead Bodies گهٽ هيون. يا هاسٽل جي هڪ هڪ ڪمري ۾ ٻه ٽي ٽي رهڻ ڪري پڙهائي نه ٿي سگهي يا سال جا ڇهه مهينا هنگامن ڪري ڪاليج بند رهيو وغيره وغيره. ڏوهه ڪنهن جو آهي؟ شاگرد جو، استاد جو، ڪاليج هلائيندڙن جو، حڪومت جو، سياستدانن جو، چند لوفر ڇوڪرن جو جيڪي ٻين کي پڙهڻ نٿا ڏين، ڪنهن ملڪي يا ڌارئين دشمن جو يا اڃا به ڪنهن ٽئين جو.

بهرحال هي تعليم ۾ ملاوٽ، ڪوٽ ۽ دغا قوم جي نئين نسل کي تباهيءَ ڏي وٺيو پئي وڃي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# پاڻ وٽ ڪهڙا مهمان ايندا

سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ اربع، چنچر ۽ آچر ڏينهن مارڪيٽ ٽائيپ مارڪيٽون لڳنديون آهن. انهن کي جمع مارڪيٽ نه نئو سڏي سگهجي جو جمع مارڪيٽ ۾ گهڻي ڀاڱي ميوو ۽ ڀاڃي هوندو آهي يا رڏ پچاءَ جو راشن ۽ نئون ڪپڙو گندي ۽ ٽانو ٽپو. پر اجا به هن کي ڪراچيءَ جي لنڊا بازار سڏي سگهجي ٿو جتي، هتي جا ماڻهو پنهنجي گهر جون فالتو شيون اچي وڪڻندا آهن. جن ۾نيون به هونديون آهن ته پراڻيون به. ڪي دڪان يا ڪارخانا هميشه لاءِ بند ٿيندا آهن يا موسم جي تبديليءَ تي گذريل موسم جو سامان ڪيندا آهن ته ڪي واپاري ان کي لاٽ ۾ خريد ڪري هنن مارڪيٽن ۾ سستو ڪري وڪڻندا آهن يا زال مڙس طلاق تي گهر جو سامان وڪڻي، وڪري جي پئسن جو اڌو اڌ ڪندا آهن. ان بابت شروع جي مضمون ۾ پڻ لکي چڪو آهيان. سئيڊش ماڻهو يورپ جي ملڪن ۾ ته خاص ڪري، پر ويندي جپان، ملائيشيا، ٿائيلينڊ، آسٽريليا پاسي گهمڻ وڃن ٿا جتان مختلف شيون وٺيو اچن. ڪجهه وقت کانپوءِ دل پرچڻ تي ههڙين مارڪيٽن ۾ اچيو تين وال ڪن. هونءَ به سئيڊش ماڻهن کي پئسي اڏائڻ- يعني خرچ ڪرڻ جي ڏاڍي پٽ آهي. بچت جو ته هنن وٽ Concept آهي ئي ڪونه. بچائين ته ڪنهن لاءِ بچائين. پاڻ بي روزگار ٿين ته سرڪار مهيني سر کين خرچ پکو پهچائي. باقي رهيو اولاد. سو جيئن ئي ماءُ جي پيٽ ۾ سرجي ٿو ته سرڪار طرفان ان لاءِ پئسا ملڻ شروع ٿيو وڃن. بقول هتي رهندڙ پاڪستاني همراهه جوهر زمان جي، هتي جي ماڻهن ۾ اجايو سجايو خرچ ڪرڻ جي عادت آهي. جيڪا نئين شيءِ ڏسن يڪدم وٺي اچن. ۽ پوءِ ٿورن ڏينهن بعد ان مان بيزاري محسوس ڪن ۽ پوءِ اوترو ئي جهٽ ان مان پنهنجي جان آجي ڪن. گهر جا ٽانوَ ٽپا ته ٺهيو پر ايتريقدر جو زال مڙس مان ۽ مڙس زال مان، پاڻ کي آزاد ڪرائڻ جي چڪر ۾ رهن ٿا.

اهڙيون سستيون مارڪيٽون جن کي انگلينڊ ۾ ”پيني مارڪيٽ“ به سڏجي ٿو هتي مختلف ڏينهن ۽ هنڌن تي لڳن ٿيون. اڄڪلهه سڀ کان وڏي مارڪيٽ اربع ڏينهن، شهر جي وچ مان لنگهندڙ ڪئنال جي ڪپر تي لڳي ٿي ۽ ٻي چنچر ڏينهن فوڪيٽ پارڪ ۾. ان ۾ آيل خريدارن ۾ هڪ ته اسين يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ سؤ کان مٿي ملڪن جا شاگرد هوندا

آهيون ۽ ٻيو هتي رهندڙ ايراني، عرب، ترڪ ۽ آفريڪي باشندا هوندا آهن. ان کان علاوه هتي جا لوڪل سئيڊش ۽ يورپي پڻ جام هوندا آهن. مڙيئي چاليھ پنجاھ کن هٽڙا لڳندا آهن. هر هڪ پنهنجيون شيون ٽيبل تي سجائي رکندو آهي. هر دفعي نوان وڪڻڻ وارا پنهنجوسامان نيڪال ڪرڻ لاءِ آڻيندا آهن. ڏهه پندرهن مڙيئي اهڙا همراھ به هوندا آهن جيڪي هر هفتي دڪان هلائين،اهي هتان هُتان شيون گڏ ڪري يا ٻهراڙيءَ جي گهرن مان اجا به گهٽ قيمت تي وٺي ڪجھ نفعي تي اچي وڪڻندا آهن. يعني ڦلن مٺ ۾ وٺي ٻڪڙن مٺ ۾ وڪڻندا آهن.

چنچر ڏينهن اسان کي موڪل ٿئي سو فوڪيٽ پارڪ جي ان مارڪيٽ ۾ ڪلاڪ ٻه سني وندر ٿي ويندي آهي. پوءِ ڪا هڪ اڌ ڪم جي شيءِ بنھ سستي اگهه تي ملي ويندي آهي ته ضرور وٺندا آهيون. دڪاندار ماين ۽ مردن سان (جن کي انگريزي اچي) خبر چار به ڪندا آهيون چو پيا وڪڻو يا فلاڻي يا فلاڻي شيءَ ڪٿان ورتي اٿوَ. ساڳي وقت خريدارن جي انبوهن ۾ مختلف ماڻهو ۽ سندن ويس وڳا ۽ خريداري جي نموني کي ڏسي لطف وٺندا آهيون.

منهنجي ڪورس پروفيسر پاڪستان ۾ اونيڪس پٿر مان ٺهندڙ شين جي تعريف ڪئي. ڪٿي ٿي ڪٿي سو چيومانس ته ڪو آيو ته تولاءِ گهرائي وٺندس. پوءِ ته پروفيسر منهنجو مٿو کائي ويو. نه پاڪستان کان اچي ۽ نه هن کي تحفو ملي. ۽ پوءِ هڪ ڏينهن هڪ همراھ ان پٿر جون شيون ان ”جهونا پرانا“ مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ آيو جيڪي هن پشاور مان ورتيون هيون. اهي وٺي اچي پوڙهي پروفيسر کي پنهنجي طرفان ڏنم ته تولاءِ ڪراچيءَ مان گهرايون اٿم. جان ڇٽي پئي نه ته اهي مهنگيون شيون ڪير صدر جي ڪوآپريٽو مارڪيٽ مان خريد ڪري، پوءِ اهي بار هوائي جهاز ۾ ڍوئي مون تائين پهچائي ها. وڪڻڻ وارا به خوش، وٺڻ وارو به خوش، جنهن کي تحفو مليو اهو به خوش.

هڪ همراھ لالٽين وڪڻي رهيو هو جيڪو پڻ پاڪستان يا هندستان مان ورتل لڳو ٿي. قيمت پنج سؤ روپيا، چيومانس: ”هي ته ٽڪو به نه لهي. نئين جو مُلھ به ٽيھ چاليهن رپين کان مٿي نه هوندو“.

چوڻ لڳو: ”نه هي Antique پراڻي زماني جي شيءِ آهي. انڊيا پاسي کان منهنجي پيءُ آندي هئي. اڄ کان سٺ ستر سال اڳ جڏهن لائيٽ نه هئي ته ان پاسي جا ماڻهو هي

استعمال ڪندا هئا.“

دل ۾ چيم: ”چريو ٿيو آهين. سنڌ جي ڳوٺن ۾ هينئر وچ ته اڄ به اهي لالٽين پيا ٻرن. پاسي کان پڪن رستن تان بجليءَ جون تارون ۽ سئي گئس جا پائيپ لنگهيو پيا وڃن پر هن دؤر ۾ به اهڙن گهرن ۾لالٽين پيا ٽمڪن ۽ مائرون چيٽن ۽ ڪاٺين جي دونهين ۾ ڳُنا پيون رڌين.“

هڪ دفعي هتي جون رهاڪو ٽي افغاني ڇوڪريون وڪڻڻ لاءِ نون ڪپڙن جون وڏيون هڙون ٻڌي آيون. سوٽ، قميصون، سئيٽر تمام گهٽ اگهه ۾ پئي ڏنائون. مون به هڪ سئيٽر ۽ قميض ڪانئن ورتي ۽ جڏهن خبر پيين ته پاڪستاني آهيان ته هڪ قميص مٿان مفت ۾ به ڏنائون. پنهنجن پاڪستاني ساٿين کي چيم:

”مون سمجهيو افغاني رڳو پاڪستان، هندستان، برما، بنگلاديش ۾ ڪپڙن جو واپار ڪن ٿا پر هاڻ خبر پيئي ته هو ته اچي اتر قطب ڪان نڪتا آهن.“

ڇوڪرين کان پڇيم: ”هي ڪپڙا ڪٿان آندا اٿوَ؟“

”هي جرمني جي هڪ فئڪٽري جو رجيڪٽ ٿيل مال آهي، ڪنهن جو تند ڏاڱو ڇڇيل آهي ته ڪنهن جو ڪاج ٻيڙو اٽپورو آهي. فئڪٽريءَ وارن اهو مال فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙن کي سستي اگهه ۾ خريد ڪرڻ لاءِ آفر ڏني. اسان جا پيئر پائر ان فئڪٽريءَ ۾ ڪم ڪن ٿا سي اتان وٺي آيا آهن.“

ايندڙ مهيني هاسٽل کان فليٽ ۾ شفٽ ٿيڻ لاءِ ڪجهه سامان جي ضرورت هئي جهڙوڪ: ٿانوَ ٺپڙا، چادرون، وهاڻا وغيره. هڪ عورت ڇت ۾ لڳائڻ جا لئمپ وڪڻي رهي هئي. هتي سيءَ هجڻ ڪري گهرن ۾ پنکا ته ٿين ڪونه. باقي لئمپ يا بلبن جا ڇت هرڪو مسواڙي پنهنجا آڻيندو آهي ۽ گهر خالي ڪرڻ وقت هن کي پنهنجو آندل هر سامان ڪيڏٽو پوندو آهي ۽ هتي جي قاعدي موجب گهر ۾ ڇڏڻو ناهي. پنهنجي سٺي يا خراب شيءِ پاڻ سان کڻي وڃڻي آهي پوءِ ڪوڪچري جو وڏو دٻو ڳولي اڇلي يا ٻهڙين مارڪيٽ ۾ وڪڻي.

گهر ڇڏڻ وقت هنڌ بسترن، ٽيبل ڪرسين ۽ ڪتن ڪوچن لاءِ ته اخبار ۾ ڏبو آهي ته جيئن ڪو ضرورتمند اچي خريد ڪري وڃي. خريدار نه ملڻ جي صورت ۾ وڏو مٿي جو سور ٿي پوندو آهي. ان فرنيچر کي اڇلڻ لاءِ به سؤ ڪرونا (اٺ سؤ رپيا) ڏئي ٽرڪ پاڙي تي ڪبي

آهي جيڪا اهو فرنيچر ۽ ٻيو سامان شهرجي ڊمپ هائوس ۾ اچلي ايندي آهي. ڊمپ هائوس وارا سؤ ڪن ڪرونا ان جي في الڳ وٺن. جو آخر هنن جو گدام آهي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو ڪاٺئن پگهار وٺن ٿا. پوءِ هو اهو سامان پنهنجن ماڻهن کان ڌار ڌار ڪرائين. يعني ڪاٺ جو الڳ، لوهه جو الڳ (جنهن ۾ لوهي ڪبٽ، ريفريجريٽر، واشنگ مشين وغيره اچي وڃن) شيشي جو الڳ ۽ پوءِ ان کي مشين ذريعي چيپاٽي مختلف ڪارخانن کي ڪچي مال جي صورت ۾ تورتي وڪڻن.

سو مٿي ذڪر ڪيل دڪاندار عورت کان اهو پت جو لئمپ (شيڊن سميت) وٺڻ چاهيم ٿي. هن وٽ ڇت جا لئمپ ۽ ٽيبل لئمپ پڻ هئا، جيڪي سڀ وٺڻ چاهيم ٿي پر قيمتن تي نه پئي ٺهياسين. هوءَ سيڪنڊ هينڊ مارڪيٽ جي حساب سان گهڻو اگهه چئي رهي هئي ۽ رکي رکي مونکي دليل ٿي ڏنائين.

”فلاڻن لئمپن يا بجلي جي دڪانن تان وڃي معلوم ڪر ته هيتري جو ٿو ملي. آئون ته اڌ کان به گهٽ قيمت تي وڪڻي رهي آهيان.“

هاڻ هن کي ڪير سمجهائي ته اتان وٺڻو هجي ها ته هتي ڇو اچجي ها ۽ ٻي ڳالهه ته دڪان تي نئين شيءِ ۽ Variety جا پئسا آهن. آئون هڪ وٺڻ جي ٻڌتر ۾ هوس ته بنگلاديش جو ڪئپٽن حبيب پتلون جا ور ڪجيندو اچي نڪتو. سندس فئملي به ايندڙ مهيني اچي رهي هئي سو مونسان گڏ هن مهيني جي آخر ۾ هاسٽل ڇڏي فليٽ ۾ شفٽ ٿيڻو هوس. پاڻ مسواڙ تي ورتل فليٽ لاءِ هر شيءِ وٺي ڇڏي هئائين. ان ڏينهن ڪيس ڪي وهاڻا ۽ ٽاول ملي ويا هئا سي پلاسٽڪ جي وڏي ٿيلهيءَ ۾ (جنهن ۾ ماڻهو به بند ٿي وڃي) اهو سامان وجهي، سانتا ڪلاز وانگر ڪلهي وٽان پنيءَ تي ورائي، منهنجي اڳيان اچي بيٺو ۽ پنهنجي ڪلمڪ انداز ۾ هيلو ڪري پڳل سڳل اڙدوءَ ۾ خبرچار پڇڻ لڳو:

”اڙي ڀائي ڪيا هورها هي. آڌا گنتا سي هم ديکهه رها هي. ڪيا چوڪري ڪا سامان لي رها هي يا چوڪري کو خريد رها هي.“

”يارا! ڳالهه ٻڌ هن لئمپ جا هيترا پئسا پيو ڏيانس مجي نٿي. هاڻ وٺانس يا نه؟“ مون صلاح ورتي مانس.

”اڙي اهي به تمام گهٽا آهن. ان جو به اڌ مناسب آهي.“ حبيب مون کي چيو ۽ پوءِ هن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

چوڪريءَ کي بہ انگريزي ۾ چيو ”منجهند جو هڪ تي ويو آهي. دڪان بند ڪرڻ ۾ باقي ڪلاڪ. ماٺ ڪري جلدي وڪٽي تون بہ گهر وڃ اسان بہ گهر وڃون. جي هي مٿن دلن جيڏا بلبن جا شيڊ ڪنهن نہ ورتئي تہ سائيڪل تي تہ گهر ڪٽي نہ ويندينءَ ۾ نہ بس وارو انهن مٿن سان توکي چڙهڻ ڏيندو. پوءِ سؤ ڪرونا (چار سؤ رپيا) ٽئڪسيءَ تي خرچ ڪرٽو پونديءِ يا بہ سؤ ڪرونا ٽرڪ واري کي ڏيڻا پونديءِ تہ توکي ۽ تنهنجن مٿن کي ڍوئي گهر رسائي.“

چوڪريءَ کي الائي حبيب ڳالهائڻ جي جو مزاحيہ انداز وڻيو يا پيش ڪيل دليل. مون کي نہ فقط اهي شيڊ وڪٽي ڏنائين پر ڊنر سيٽ (جنهن ۾ فقط بہ ڪوپ ڪٽل هئا) لاءِ بہ منٿون ڪرڻ لڳي تہ جيتري ۾ وٺيم ڪٽان. گهٽوئي چيومانس تہ اهو مفت ۾ بہ نہ کپي مون وٽ گهٽو بار تي پوندو ۽ ان کي ڪٽڻ لاءِ مون کي ٽئڪسي ڪرٽي پوندي. تہ چوي تہ گهٽ اگهہ ۾بہ ڪڻ.

ڪئپٽن حبيب چيو: ”لويار. آئو ڪٽائي تو هلانءِ پئسن ۾ اڏو اڏ ڪنداسين تہ ٿانوَن ۾ بہ.“

هاسٽل پهچي ڊنرسٽ جو اڏو اڏ ڪيوسين. چوڪري آمريڪا لڏي پئي وئي تڏهن اهو ڊنرسيٽ وڪيائين نہ تہ ٻن ڪوپن جي پڄڻ ڪري ههڙو قيمتي ڊنرسيٽ ڪو ورلي وڪڻندو. اهي ٿانوَ عام چلهہ توڙي مائڪرو ويو اوون ۾ فريزر ۾ رکي سگهجن ٿا. جنهن بابت هر ٿانوَ جي هيٺان لکيل آهي ۽ فنلئنڊ جا نهيل آهن. ڪئپٽن حبيب ڏسي چيو.

”سندر آهي. پالو (سنو) آهي.“

چيومانس: ”اهو سڀ صحيح آهي پر هتي، هن اتر قطب جي ملڪ ۾ پاڻ وٽ ڪهڙا مهمان ايندا جن لاءِ هرويرو ڊنرسيٽ وٺي آيا آهيون؟“

”تڏهن تہ اڏو اڏ ڪري رهيا آهيون جيئن مهمانن لاءِ نہ پر گهر ۾ ئي پنهنجي لاءِ استعمال ڪريون ۽ خدانخواستہ ڪو حيدرآباد. هالا. يا نرائڻ گنج ڪوميلا کان ڪو مهمان ٽڙي ٽاپڙي هن پاري جهڙي ملڪ ۾ تو وٽ يا مون وٽ اچي نڪتو تہ هڪ ٻئي کان اوڌر تي ٿانوَ وٺي استعمال ڪري سگهون ٿا.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪمپليٽ سوٽ خريدڻ

هڪ دفعي اهڙي مارڪيٽ ۾ سيڪنڊ ايئر جو بنگالي شاگرد ڪئپٽن معين ملي ويو. هن ڪمپليٽ سوٽ (ٿري پيس) وارو خريد ڪرڻ لاءِ چونڊيو هو. منهنجي پڇڻ تي مون کان صلاح ورتائين ته ڪيئن آهي!؟

”سٺو آهي“ مون چيومانس. ”پر پاڻ هٿڻ غريب ملڪن جا غريب ماڻهو شيءِ جي چونڊ فقط سونهن ڏسي نه ڪندا آهيون پر ان جو قيمت تي پڻ مدار آهي. بلڪ تمام ضروري شيءِ اگهه آهي. جي گهٽ آهي ته پاڻ لاءِ صحيح شيءِ آهي جي نه ته پسند هوندي به ڇڏڻي پوندي.“

”بس يار قيمت ۾ ئي ته گهپلو ڪري رهي آهي. ٿوري اجا گهٽ ڪري ته ڪٽي وٺانس. ڇئن مهينن بعد منهنجو ڪورس ختم پيو ٿئي. بنگلاديش لاءِ وٺي وڃڻ چاهيان ٿو.“

معين پاران مون دڪاندار زال مڙس کان وري اگهه پڇيو پر هنن گهٽائڻ نٿي چاهيو. معين کي چيم ته هڪ ڳالهه آهي جيڪڏهن سوٽ ۾ ڪو نقص ڳولي وٺين. يعني ڪو بيڙو نه هجيس يا صحيح استري نه ٿيل هجي گهنج هجنس ته پوءِ هي پڪ قيمت ڪيرائي ڇڏيندءِ.

”اها ئي ته ڪا خامي ڳولڻ سان نٿي ملي. بلڪل نئون نڪورو آهي.“ معين هڪ واري سوٽ کي وري غور سان ڏسي چيو:

”ڏسو مون کي ته هن کي آلٽرا ڪرڻ لاءِ درزري کي به پئسا ڏيڻا آهن.“

ڪئپٽن معين جو اهو ڪوڙو اهڙو لڳو جو ترقمي آسانيءَ سان ڇڏائجي وئي. سوٽ جي مالڪن هائوڪر ۾ ڪنڌ ڌوڻي چيو: ”ها. اها ڳالهه ڪر. ان لاءِ پنجاهه ڪرونا (به سؤ رپيا) اسان کي گهٽ ڪرڻ کپن جو هتي جا (هن شهر مالمو جا) درزي وڏا مٽي جا سور آهن. معمولي بٽڻ هڻڻ جا به ڏهه ڪرونا وٺن ٿا.“

ان بعد معين کي يونيورسٽي ٽوڙي هاسٽل ۾ ڪڏهن ڇيڙائڻو هوندو اٿم ته چوندو آهيانس: ”بيهه ته سوٽ جي اصلي مالڪن کي ٻڌايان ٿو ته توهان کان پنجاهه ڪرونا ڦٻايو وٺو آهي. پتلون جي ڊيگهه مالمو جي درزيءَ بدران ڍاڪا جي الهه ڏتي درزي کان وبهين رپئي

صحيح ڪرائڻ جو ارادو رکي ٿو“.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## وندر جي وندر

سئيڊن ۾ هر شيءِ مهنگي آهي. ڊاڪٽرن جون فيون به آسمان سان ڳالهيون ٿيون ڪن. شل نه ڪو بيمار ٿئي. پلي بيماريءَ جو علاج ريئي جي ائسپرو گوري هجي پر ڊاڪٽرن جي في هڪ سؤ ويهه ڪرونا يعني پنج سو رپيا پڌل آهي. اجا ته اڌ انشورنس پري ٿي نه ته هزار رپيا. قاضيءَ کي گوڏي ۾ ڏک لڳي ويو. فرئڪچر جي ڊپ کان ڊاڪٽر کي ڏيکاريائين جنهن 120 ڪرونا وٺي چيس فرئڪچر ڪونهي فزيوٿراپسٽ کان ٽي ڏينهن زيتون جي تيل جي مالش ڪراءِ. ٻئي ڏينهن يونيورسٽيءَ مان موٽندي زيتون جي تيل جي ڊٻي وٺي آيو ۽ پاڻ ئي مالشون ڪري نوبنو ٿي ويو. نه ته مالش جا به هر دفعي جا هڪ سؤ ڪرونا. پر اها في به ڪجهه نه آهي. شل نه ڪنهن کي ڏندن جو مسئلو ٿئي.

ملائيشيا کان ڪراچي ايندي سجو سال اهڙو مشغول گذريو جو هتي سئيڊن ۾ ايندي تائين ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ نه ويس. پوءِ هتي مهيني ٻن بعد ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ ويڙهو پيو. يونيورسٽيءَ وارن ٻڌايو ته هتي جي سيني ڊاڪٽرن جو ساڳيو اگهه آهي- سرڪاري توڙي پرائيويٽ ڊاڪٽرن جو ريٽ ساڳيو آهي. سرڪاري ڊاڪٽرن جي في سرڪار ڪٽي ٿي، خانگي ڊاڪٽر جي في ٽئڪس ڪٽجڻ تي باقي ڪين ملي ٿي. يونيورسٽيءَ وارن پر واري بس اسٽاپ وٽ هڪ ڪلينڪ ۾ وڃڻ جي صلاح ڏني. جنهن ۾ ڊينٽل سرجن هڪ سئيڊش عورت آهي. مريضن جي هن وٽ به ڍڳهي لسٽ هئي. بهرحال ست اٺ ڏينهن بعد جي Appointment ڏنائين.

ڏينهن اچڻ تي سندس ڪلينڪ ويس. سندس نرس سيني ڏندن جا ايڪسري ورتا جيڪي ڏسي چيائين: ”ڏند سڀ صحيح آهن.“

دل ۾ چيم اهوئي معلوم ڪرڻ لاءِ آيو هوس. هاڻ ڏي موڪل، پر چيائين: (اسڪيلنگ (صفائي) جي ضرورت آهي. لڳي ٿو ته سال ڏيڍ کان ڏند صاف نه ڪرايا آهن“.

”ها. آئون شهري زندگيءَ کان ڏور هوس. مستقل جهازن تي ۽ سمنڊ تي هوس.“ ساڻس ڪوڙ ڪيم. هاڻ ڪيس ڪير ٻڌائي ته ڏينهن ۾ به دفعا ڏندن کي برش ڪرڻ ۽ هر ڇهين مهيني ڊاڪٽر کان ڏند چيڪ ڪرائڻ واري اصول تي اسان جهڙن ملڪن ۾ ڪيترا آهن

جوهلن ٿا.

پوءِ پاڻ ٻرل ذريعي ڏند بہ صاف ڪندي رهي ۽ وچ ۾ رکي رکي مون کان سمنڊ جون خبرون پڇندي رهي. ڪلاڪ سوا بعد منهنجي جان آجي ٿي ۽ مون کي پرچيءَ تي ٽن مهينن ڪانپوءِ جي تاريخ هٽي ڏنائين تہ ان تي وري چڪاس لاءِ اچجان. نرس کي چيم تہ منهنجو فون نمبر نوٽ ڪري ڇڏ جيئن هفتو اڳ ۾ هو مونکي اطلاع ڪري سگهي.

پاڻ واچ ۾ ٽائم ڏسي بل ناهڻ لڳي. مون کان منهنجو هتي جو رجسٽريشن نمبر ۽ انشورنس جو ڪارڊ وٺي نمبر پاڻ وٽ لکيائين جو ڪين اڏيئسا انهن کان وٺڻا پوندا آهن.

بل جي رسيد تي ست سؤ ڪرونا (يعني ٽي هزار رپيا) ڏسي مونکي تعجب لڳو جومون سمجهو تہ ٻين ڊاڪٽرن وانگر ڏندن جي ڊاڪٽر جو بہ ساڳيو اگهہ هوندو. مون کي تعجب ڪائيندوڏسي ۽ اهو سمجهي تہ آئون هن ملڪ ۾ نئون آيل آهيان. هوءَ سمجهي ويئي ۽ مون کي ٻڌايائين تہ هتي ڏندن جي سيني ڊاڪٽرن جي في وقت مطابق ٿئي ٿي ۽ اها ڪلاڪ جا ڇهہ سؤ ڪرونا آهي (يعني اڌ انشورنس ڪمپنيءَ جو ڪٽڻ بعد اها آهي نہ تہ ٻارهن سؤ ڪرونا.) توتي هڪ ڪلاڪ ٽيهہ منٽ لڳا آهن.

اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جي چيف انجنيئر عبدالحميد قاضي جيڪو پڻ ٻن سالن لاءِ هتي سئيڊن ۾ آيل آهي اها خبر ٻڌي چيو: ”مونکي جيڪڏهن هتي سئيڊن ۾ ڏاٺ ۾ سور ٿيو تہ ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ وڃي ڇهہ ست سؤ ڪرونا خرچ ڪرڻ بدران پنجاهہ ڪرونائن جي انبوري وٺي پاڻهي ڏند ڏاٺ ڪيڍي ڇڏيندس. آئون بہ خوش انشورنس ڪمپني بہ خوش تہ پاڪستان جي هن شخص قاضيءَ تعليم دوران ڊاڪٽرن جا بل نہ ڪڍيا.“

قاضي کي چيم: ”مون کي جي خبر هجي ها تہ ڏندن جي ڊاڪٽرن جو بل ڪلاڪن جي حساب سان آهي تہ ڪيس حجامن واري ٻَڪ ڪرڻ کان جهليان ها. جيئن ڪجهہ وقت بچي پوي ها. پر اهو تہ نہ ڪيم ويٺر پڏڻ تي ويني اوٹ پٽانگ جا سوال ڪيامانس تہ ڪهڙي ڪاليج مان پڙهي آهين. مڙس ڇا ٿو ڪريئي. گهڻا ٻار اٿئي. وغيره وغيره.“

مٿين ڏندن جي ليڊي ڊاڪٽر جو ذڪر ان ڪري ڪيم جومنهنجي ان علاج بعد واري ڇنڇر تي مون ان ڊاڪٽرياڻي کي گهرجو فالتو سامان فوڪيٽ پارڪ ۾ وڪڻندو ڏٺو. ڪجهہ لاليون سرخيون, روج ۽ لپ اسٽڪون وغيره. ڪجهہ ٻارن جا رانديڪا ۽ پنهنجا ڳڏ

ڪيل سووينئر، ڪجھ ڪتاب پينون ۽ گھڙيال، ٿيلها وغيره وڪڻڻ لاءِ رکيو ويٺي هئي. ڪيس ڏسي مون کي تعجب لڳو ۽ هن کي وري مون کي ڏسي. ٻنهي ساڳي وقت هڪ ٻئي کي چيو: ”يو آر آلسو هيئر!“

ان جي جواب ۾ مون چيومانس اسان ته رهون ئي هتي پر ۾ ٿا ۽ اڄوڪي ڏينهن تي اسين يونيورسٽي وارا هتي جو چڪر ضرور هڻندا آهيون.

”۽ آئون به سال ۾ هڪ به دفعا گھر نئين سنئين سيٽ ڪرڻ بعد فالتو سامان هتي اچي وڪڻندي آهيان.“ هن چيو.

”۽ پوءِ ڪلينڪ؟“ مون پڇيومانس.

”اڄوڪي ڏينهن بند ڪئي اٿم.“

ٽيبل تي پکڙيل سندس سامان تي نظر وجهي، چيومانس:

”ڪمال آهي. هي سڀ سامان به سؤڪرونائن جو به ناهي جنهن لاءِ تون هتي چار پنج ڪلاڪ ويهندينءَ ۽ هوڏانهن ڪليڪ بند ڪئي اٿئي جنهن ۾ ڪلاڪ جا پنج ڇهه سؤ ڪرونا توکي ملن ٿا.“

”بس مڙيئي وڪري جو وڪرو وندر جو وندر.“ هن کلندي چيو.

”اها ڳالھ ڪر.“

سو دراصل هنن مارڪيٽن ۾ وڪڻڻ وارا ۽ خريداري ڪرڻ وارا ڏوڪڙ پئسا ڪمائڻ يا بچائڻ کان وڌيڪ وندر لاءِ اچن ٿا.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# غلط جانورن جي کَلَ جو چمپل

هڪ دفعي هڪ همراهہ نيون گنجيون، ڪڇا، جراب ۽ اڻ رڱيل چمڙي جا چمپل وڪڻي رهيو هو. اهي شيون پرپاسي واري ڪنهن ملڪ: پولينڊ، هنگري يا چيڪو سلاويا جون لڳيون ٿي. آئون اهو سامان ڏسي رهيو هوس تہ بہ عرب عربي ڳالهائيندا اچي ان ٽيبل وٽ بيٺا ۽ چمپلن کي غور سان ڏسڻ لڳا جيڪي بيحد سهڻا ٺهيل هئا ۽ لڳو ٿي تہ چڙ هٿ جا ٺهيل هجن. ايران ۾ خميني جي انقلاب بعد ۽ ايران عراق جي جنگ بعد ڪيترائي ايراني عراقي ۽ ڪرد هن ملڪ ۾ سياسي پناهہ هيٺ رهن ٿا. هي عراق جا هئا. جيڪو پوءِ ڪائنن ئي معلوم ٿيو. هو ٻئي ڄڻا چمپلن کي اٿلائي پٿلائي ڏسڻ لڳا ۽ وضو ۽ صلو جا لفظ ٻڌي مون کي لڳو تہ هو پڪ اهوئي سوچي رهيا هوندا تہ هي چمپل نماز يا وضوءَ لاءِ سولو رهندو. ان بعد هنن قيمت پڇي جيڪا پڻ واجبي هئي. قيمت ۽ شيءِ جي سنائي مان مطمئن لڳا ٿي پر ان هوندي بہ چمپل هٿ ۾ جهلي بحث ڪندا رهيا. جيڪو صاف لڳو ٿي تہ ان چمپل جي سلسلي ۾ هو. اتي هنن واتان مون هڪ بہ دفعو پاڪستان جو لفظ ٻڌو ۽ دل ۾ سوچيم تہ هو پڪ اهو سوچي رهيا هوندا تہ ههڙا سنا ۽ سستا چمپل پاڪستان ٺاهيا هوندا. جو پاڪستاني چمڙي جي سامان ۾ ماهر آهن. ايتريقدر جو ملائيشيا ۾ بہ اتي جي واپارين پاڪستانين کي پاڻ سان ملائي بوٽن ٺاهڻ جو ڌنڌو شروع ڪيو آهي.

ايتري ۾ مون هنن کي انگريزيءَ ۾ پاڻ بابت ٻڌايو ۽ هنن پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ پوءِ ٻڌايائون تہ هو بحث ڪري رهيا آهن تہ آيا هي چمپل پاڪستان جا آهن يا نہ؟ ”تنهنجو ڇا خيال آهي؟“ هنن مون کان پڇيو.

مون کي جيتوڻيڪ پڪ هئي تہ اهي پاڪستان جا ٺهيل نہ آهن پر مون پاڪستان جي لئہ رکڻ لاءِ گول مول جواب ڏنو تہ شايد پاڪستان جا ئي آهن. آخر پاڪستان ۾ چمپل، سپاٽا، سئنڊل، سليپر ٺهن ڪونہ ٿا ڇا. ان کان بهتر ۽ سهڻا ٺهن ٿا.

پر پوءِ اهو چوڻ بعد مون کي يڪدم خيال آيو تہ هي چمپل ٺاهيندڙ ملڪ جو نالو معلوم ڪري ان ملڪ کي چمپل جي سونهن، ڪاريگري ۽ آرٽ ورڪ جو داد ڏيڻ لاءِ آتا نہ آ هن پر هو اها پڪ ٿا ڪن تہ هي چمپل جنهن چمڙي مان ٺهيل آهي اهو ڪنهن غلط جانور جو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تہ نہ آهي. ۽ ظاهر آهي جي پاڪستان جو نهيل هوندو تہ مينهن، ڏيڱي، ٻڪري جي کل جو ئي هوندو ۽ هو اڪيون پوري وٺي سگهندا.

مون ڪي سندن مذهبي خيال ڪان اهو جذبو وڻيو جو هنن سونهن ۽ گهٽ قيمت ڪي بہ ڪٿ ۾ نہ آندو ۽ جيئن ئي معلوم ٿين تہ اهو چمپل پولينڊ جو نهيل آهي تہ پرس مان ڪڍيل پئسا واپس رکي چمپل واپس ڪري ڇڏيائون.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## اسانجي ٽي وي ڪِلَ ۾ خواري

هتي سئيڊن ۾ جيڪي ويهارو کن ٽي ويءَ جا چئنل نظر اچن ٿا انهن ۾ ٽي سئيڊن جا پنهنجا آهن. ٻه پرواري ملڪ ڊينمارڪ جا ۽ چار پنج ٻين پرڀرن ملڪن: ناروي، فنلئنڊ، جرمني، فرانس ۽ اسپين جا آهن. ڪجهه C.N.N، ڊسڪوري، چلڊرين، Euro Sport، سپر چئنل، Sky News، لائيف اسٽائيل، اسڪرين اسپورٽ ۽ M.T.V جهڙا عالمي ۽ مشهور چئنل آهن. جيڪي سڄي يورپ ۾ نظر اچن ٿا. ان کان علاوه ڪجهه مختلف ملڪن ۽ ايجنسين جا مختلف زبانن جاچئنل نظر اچن ٿا. جيئن ته بي بي سي جو چئنل ون وارو انگريزي پروگرام. (بي بي سي چئنل ٽو وارو پروگرام ڊش اينٽينا سان ئي نظر اچي ٿو.) انهن ملڪن جا ماڻهو جن جي ملڪن تي انگريزن جي حڪومت رهي- جيئن ته ملائيشيا، انڊيا، سنگاپور، پاڪستان، ڪينيا، نائيجيريا وغيره ۾ اهي جيڪي انگريزي سمجهن ٿا انهن جو بي بي سي دلپسند چئنل آهي.

هڪ چئنل تان ته ڪجهه ڪلاڪن لاءِ جپاني پروگرام ايندو آهي. اها خبر ناهي ته اهو پروگرام يورپ جي ڪهڙي ملڪ مان ٽيليڪاسٽ ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ ڏنو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ چئنل تان سڄو وقت ترڪي زبان ۾ پروگرام ايندو آهي. اهو ترڪي طرفان يورپ ۾ رهندڙ ترڪن ۽ ترڪي سمجهندڙن لاءِ آهي. سڄو ڏينهن گانا، خبرون، ڊراما، حال احوال، فلمون۽ اشتهار هلندا آهن. اسان جي ڪلاس ميٽن ترڪيءَ جي حسن بقا ۽ عدنان، آذربائيجان جي چنگيز تيمورلو ۽ رومانيا بلغاريا جي همراهن لاءِ (جن کي ترڪي زبان اچي ٿي) اهو ترڪي زبان وارو چئنل دلپسند آهي. اهڙيءَ طرح هڪ چئنل تان هر وقت عربيءَ ۾ پروگرام اچي ٿو. اهو پروگرام انگلينڊ کان براڊ ڪاسٽ ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي مالڪ هڪ پرائيويٽ ڪمپني آهي، جنهن ۾ سعودي عرب جي ڪنهن شهزادي جو وڏو حصو چيو وڃي ٿو. ڪن جو چوڻ آهي ته چار عرب ملڪن (سعودي عرب، ڪويت، لبيا ۽ دبئي جهڙن) گڏجي پئسو ڪڍيو آهي. ۽ پروگرام ۾ عقل مصر، موراڪو ۽ اردن وارن جو آهي. ان پروگرام جو نالو M.B.C آهي.

مصر جو ڪئپٽن حنفي، ٽيونيشيا جو چيف انجنيئر اياز نائيجير جو علي جمبا،

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

موراڪو جو امين، سوڊان جو عبدالهادي ۽ ٻيا عرب هر وقت هن چنل جي اڳيان پٽل ماريووينا هوندا آهن. ترڪي يا عربي زبان مون کي نٿي اچي پر اهو چوڻ غلط نه ٿيندو ته انهن چئنلن جا پروگرام ضرور بلند معيار جا آهن تڏهن ته شوقين شوقين ان کي ڏسن ٿا، نه ته يورپ جي هنن ملڪن ۾ جتي هر چئنل تي خبر ناهي ڪهڙا اعليٰ کان اعليٰ پروگرام اچن ٿا اتي ماڻهو اهي ڇڏي هي ترڪي يا عربيءَ جا پروگرام ڏسن. اها انهن پروگرامن جي ساک جي نشاني آهي.

ان ڏينهن هڪ محفل ۾ اسين پاڪستاني ويٺا هئاسين، ڪنهن لنڊن مان شروع ٿيندڙ هڪ نئين نڪرندڙ چئنل جي ڳالهه ڪئي جنهن تان پاڪستاني پروگرام ڏيکاريو ويندو ته جيئن يورپ ۾ رهندڙ پاڪستاني اهي پروگرام ڏسي سگهن. هن شايد اهوچيو ته اهڙو پروگرام شروع ٿي ويو آهي ۽ Trial تي فقط انگلينڊ ۾ ڏيکاريو پيو وڃي ۽ هو گذريل هفتي لنڊن م اهڙي پروگرام تان اڙدو جو هڪ ڊرامو ڏسي به آيو آهي.

”تنهن جي معنيٰ ته جيڪي پاڪستان وارا پاڪستان ۾ رهي پنهنجي PTV تي ويءَ تان ٻيا ڏسن اهوئي سجو ڏينهن اسين به ڏسي سگهون ٿا.“ ٻئي چيو.

”اجا فل پروگرام ته نه ڏيندا، ڪلاڪ ڪلاڪ ڪري وڏائيندا جنهن جو مدار ڏسڻ وارن ۽ اشتهارن ڏيڻ وارن تي آهي.

ان تي هڪ چيو: ”پاڪستان واروهوبهو ٽي وي پروگرام هلائين ته جيڪر اسين پاڪستاني به نه ڏسون. هندستان، بنگلاديش ۽ ٻين ملڪن جا- جيڪي اڙدو سمجهي سگهن ٿا اهي ته ٿيا پري. وڏ ۾ وڏ ڊرامو ڪٽي ڏسنداسين. باقي پاڪستاني خبرون يا حالات حاضره تي هر هر حڪومت جي شان ۾ پيش ٿيندڙ ڪوڙ ڪير ويهي ٻڌندو. اها ٽي وي جيڪا هڪ گهڙيءَ ڏيکاري ٿي ته تندوبهاول ۾ نَو دهشتگرد ماريا ويا آهن ۽ ڪائڻ ڪسيل خطرناڪ هٿيار ڏيکاريا به وڃن ٿا ۽ ٻي گهڙي ان ٽي وي تان اها خبر ته اهي نو ڄڻا دهشتگرد نه پر غريب ڳوناٽا هاري هئا جن جي زخميل هٿن زمين جي ڌرتيءَ تي ان سلا اپارڻ لاءِ ڪوڏر، هر ۽ ڏاٽي ڪانسواءِ ٻي ڪا شيءِ نه جهلي آهي.“ اهڙي ڪوڙي ميڊيا کي يورپ ۾ پيش ڪرڻ سان ڪنهن جي معلومات ۾واڌاو ته نه ايندو پر ملڪ لاءِ ڪل ۽ خواري جو سبب ٿيندو“.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# چا هي اسلام آهي

”منهنجي خيال ۾“. سئيڊن ۾ رهندڙ هڪ ٻئي پاڪستانيءَ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو ”ان ڪم لاءِ سرڪاري ٽي ويءَ وارن کي ته نه پر P.T.N يا ڪنهن خانگي اداري کي ٺيڪو ڏنو وڃي ته سٺو.“

”ان جو سڄو دارومدار حڪومت تي آهي هوءَ سچ کي ڪيترو پسند ڪري ٿي.“ ٻئي چيو.

ڳالهه ترڪي ۽ عربي زبانن جي ٽي وي چئنلن جي هلي رهي هئي جيڪي هتي يورپ جي ملڪن ۾ تمام گهڻو مشهور آهن. ترڪي ۽ عربي زبان ڄاڻندڙن کان علاوه هتي جا مڪاني ماڻهو پڻ اهڙي نئين زبان، نئين ڪلچر، نئين ويس وڳن ۾ ملبوس ماڻهن کي ڏسي Enjoy ڪن ٿا. ترڪي ته بقول اسان جي هڪ ايراني دوست جي ته ماشاءَ الله آهي جنهن جي هڪ ٽنگ ايشيا ۾ آهي ته ٻي يورپ ۾، پر گهٽ عربي پروگرام به نه هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي ڪٿا ڏسندا آهيون ان مان ديڳ جي ناماچار جي خبر اسان کي به پوندي آهي.

T.V روم ۾ رڳو عربي يا ترڪي ڄاڻندڙ شاگرد هوندا آهن ته هو پنهنجو ئي پروگرام ڏسن. جهڙوئي اسين پاڪستاني، بنگالي، انڊين، فلپينو يا آفريڪا جي ٻين ملڪن جا پهچندا آهيون ته پوءِ سيني کي اهڙي چئنل لاءِ راضي ٿيڻو پوندو آهي، جنهن جي زبان سيني کي سمجهه ۾ اچي ۽ جنهن جو پروگرام سيني کي وڻي. عيد جي ٻيءَ رات بي بي سي تان اسين نائين بجي واريون خبرون ٻڌڻ لاءِ ٽي وي روم ۾ آياسين ته ڪجهه عرب ملڪن جا شاگرد ايم ايس سي چئنل تان پنهنجو عربي پروگرام ڏسي رهيا هئا. اسان جي گهڻن سان جاريڻ جي عايد هٿ ٻڌي چيو: ”پليز چئنل چئنج نه ڪجو هن عربي چئنل تان عيد جو پروگرام هلي رهيو آهي. اڄ نيوز ڪٽي ٿيو يا توهان مٿين يا هيٺين فلور واري ٽي وي روم ۾ بي بي سي وڃي ڏسو.“

اسان به اچي هاڻ موٽڻ نٿي چاهيو ۽ ڪجهه دير لاءِ هنن جو عربي پروگرام ڏسڻ لاءِ ويهي رهياسين. عرب دنيا جا مشهور آرٽسٽ ڳائڻ وڄائڻ، ناچ ۽ ڪل خوشيءَ جو مظاهرو

ڪري رهيا هئا. اسان وٽ بہ عيد جي موقعي تي هن قسم جا روايتي پروگرام ٿيندا آهن جن ۾ اهي آرٽسٽ جن جي ”پي آر“ سٺي ۽ لابي مضبوط هوندي آهي انهن کي نمايان حصو ڏنو ويندو آهي. جهڳ مڳ جهڳ مڳ ويس وڳا ۽ منهن چپن تي لالين سرخن جا ٿلها تهہ هڻي پنهنجي فن جي مظاهري سان گڏ ڏسندڙن کي عيد جي دلي مبارڪ ڏيندا آهن ۽ ملڪ ۽ قوم لاءِ دعائون گهرندا آهن. خاص مهمان انعام ڏيندي ڪنهن خاتون آرٽسٽ کي ٻُل ۾ هٿ ڏيندو آهي تہ هو هٿ ملائڻ بدران قدم پٺتي ٽپي پنهنجي پرهيزگاري ۽ پاڪدامني جو مظاهرو ڪندي آهي. ڪي ڪي آرٽسٽ حضرات مبارڪن سان گڏ ملڪ جي ترقي، موجوده حڪومت جي سناين ۽ ملڪ کي اسلامي بنائي ڇڏڻ جي واڪاڻ ۾ زمين آسمان هڪ ڪري ڇڏيندا آهن. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ آهي تہ انهن مان ڪيترين کي مون نشي ۾ ٽڙندي ٿاپڙندي ڏٺو آهي ۽ دنيا ڪانئن ۽ سندن اهڙي ڪوڪلي پرچار کان نہ فقط واقف آهي پر بيزار آهي. پر هي اسان جي ماحول ۾ هلندڙ ڪوڙي ساراهہ، ڪوڪلي شان، ٺلهي لئہ واري مرض ۾ نہ فقط اسان جو سياستدان ۽ بيورو ڪريٽ پر اديب، آرٽسٽ، بزنس مين، زميندار پڻ مبتلا ٿيندو وڃي. هرڪو پنهنجي منهن غير اسلامي ۽ غير اخلاقي ڪم پيو ڪري پر ٻاهريون ڍهل پنهنجي مولوي ۽ متقي هجڻ جو پيو وجائي. نتيجي ۾ هڪ عام ماڻهو منجهي پيو آهي تہ ڇا هيءُ آهي اسلام.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## چاواپدا جو ڏوھ آھي

ھتي مسلمان عرب ملڪن جي گڏيل ھن پروگرام ۾ ڪا بہ اھڙي ڪھاڻي نہ ھئي. اسان جي پاڻر مسلمان ملڪن ۾ مذھب تي واعظ ضرور ٿيندو ھوندو پر مسجدن، ٿي ويءَ ڪي ھنن وندر لاءِ وقف ڪيو آھي. عرب دنيا جا راڳ روپ ۽ ساز سرندا ڏسندا رھياسين. عربي سمجھ ۾ نٿي آئي تہ بہ ڪنھن ڪنھن ڳائڻي يا ڳائڻي جي گلي ۾ اھڙو سوز ھو جو لڳو ٿي تہ ھي خوشيءَ جو يا درد ۽ پيڙا جو قصو ٻڌائي رھي آھي. ھڪ نوجوان ڳائڻيءَ جبي ٽائيپ ڪاري مئڪسيءَ ۾ اسٽيج تي اچي ڳايو. سندس سونھن، آواز ۽ سوز سيني ڪي مسحُور ڪري ڇڏيو. سندس مئڪسي جا چاڪ چيلھ کان وٺي ھيٺ تائين کليل ھئا. مصراعن جي وچ ۾ ميوزڪ تي نچڻ مھل جڏھن جھمري ھنيائين ٿي تہ مئڪسي مٿي ڪجھ ويئي ٿي ۽ سٿرن تائين سندس اگھاڙيون ٽنگون نظر آيون ٿي. اسان جي اڳيان ويٺل سعودي عرب جي صالح ۽ ساڄي کان ويٺل سوڊان جي عبدالھاديءَ ان وقت تاڙيون ۽ سيٽون وڄائي سرتال ملايو ٿي. پر منھنجي ڪاٻي پاسي ويٺل اسان جي قاضي حميد عادت موجب اھڙي موقعي تي مون کي ھر وقت ٺونٺيون ھڻي ٿي وي وارن تي چوھڙ چنڊيا ٿي. ”ڇي ڪجھ شرم نہ اٿن. جھڙي بي حيا اھا عرب ڳائڻي آھي تھڙائي ٽي وي وارا. ھھڙا واحيات پروگرام ڏبا آھن. چئنل چئنج ڪجي.“

”قاضي صاحب ٻين چئنلن تي الف اگھاڙا پروگرام اچن ٿا.“ رکي رکي راحت ورندي ڏنس تي جنھن ڪي پڻ مون وانگر ھي پروگرام وڻيو پئي. پر قاضيءَ جي اھا ئي ٺونٺ ۽ منھنجيون پاسراٽيون.

آخر جيئن .ئي گانو ختم ٿيو تہ قاضي ڪي چيم: ”يار تو تہ منھنجون پاسراٽيون ئي ڀڃي ڇڏيون آھن.“

”مسلمان ٽي ڪري ھھڙا پروگرام ڏبا آھن؟“ قاضي چيو.

”قاضي صاحب! تنھنجو ڏوھ ڪونھي. رڳو پاڪستاني ٽي وي ڏسڻ بعد ھر ھڪ جو اھو حال ٿيو وڃي. ھو سڄي دنيا ڪي اگھاڙو سمجھي ٿو. رستي تي ڪنھن عورت جو ڪڇو يا ٻاڏي سڪندي ڏسي ٿو تہ ان ڪي بہ غير اسلامي قرار ڏيئي سڪائڻ واري تي ڪفر جي فتوىٰ ڏئي

ٿو. ماٽ ڪري ويهي ٽي وي ڏس. آخر اهي پروگرام ڏيڻ وارا عرب ته اسان جهڙا مسلمان آهن ۽ هي سڄو ٽي وي روم اردن، سعودي عرب، الجيريا، مصر، جبوتي ۽ سوڊان ٽيونيشيا جي همراهن سان پريو پيو آهي اهي به ته مسلمان آهن. يا اسين ننڍي کنڊ جا اسپيشل مسلمان آهيون. پر ننڍي کنڊ جا بنگالي ته اهڙي ٿڌي ڳالهه کي لکين ٿي ڪونه ٽا“.

پوءِ سنهي See Through ٽائيپ پهريل ڊريسن ۾ ڇئن مصري يا موراڪو جي عربياڻين جيڪا ڊانس ۽ ناچ نچڪو ڪيو ان کي هتي جا يورپي به ڏسي ٺري پيا هوندا. بهرحال هيو ڪو ٺريو هجي يا نه پر اسان پاڪستانين لاءِ سڄي عمر پاڪستاني ٽي ويءَ تان پوتيءَ ۾ ڍڪيل ۽ ٻت ٿي هڪ هنڌ بيٺل ڇوڪرا ڏسڻ بعد هر ملڪ جي ٽي ويءَ تان هر پروگرام ڏسي ٺري پوڻ لازمي ڳالهه آهي.

ڪلاڪ ڏيڊ جي پروگرام بعد جڏهن سڀ ٽي وي روم مان نڪتاسين ته ڪنهن به آفريڪا توڙي عرب جي مسلمان ان ٽي ٽيڪا ٽپٽي نه ڪئي. لڳو پئي ته هنن لاءِ ان قسم جا اهي پروگرام نارمل آهن ۽ پنهنجي ملڪ ۾ به ڏسندا رهن ٿا. بقول ملائيشيا ۾ رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ جي ته اسين پاڪستاني به عجيب آهيون. ڪنهن جي اگهاڙي ستر يا ڪڇ ڏسيو آپي کان ٻاهر نڪريو وڃون ۽ پوءِ پنهنجي ذهنيت کي ڏوهه ڏيڻ بدران وتون ٽي وي وارن ۽ ٻين ٽي ڏوهه مڙهيندا. اسان کي پنهنجي ڇڙواڳ ۽ پتڪيل خيالن کي واڳ وجهڻ کپي.

ڪراچي آفيس ۾ منهنجي هڪ دوست چيو: ”اليڪٽرڪ جو ٿنيو ڏسي ڪنهن عورت جا جيڪڏهن جذبات مشتعل ٿي وڃن ته خرابي ان عورت ۾ سمجهڻ کپي ۽ نه واپڊا وارن ۾ ته هنن اهي ٿنيا چو هٽايا آهن يا ٿنين جي موجوده شڪل غير اخلاقي آهي.“

پڙهندڙ چڱي ريت پروڙ رکندا هوندا ته اسان جي ملڪ ۾ ٽي ويءَ کي مسلمان بنائڻ جي چڪر ۾ جيترو پوتي ۽ برقعي کي آندو پيو وڃي اوترو شهرن ۽ ڳوٺن ۾ روزانو وي سي آر ڪئسٽن جا نوان دڪان کلي رهيا آهن يا ڇاڻ ته ڊش انٽينا عام ٿي.

جن ملڪن ۾ ٽي وي پروگرام وندرائيندڙ آهن انهن ۾ ماٺهو وي سي آر ٿي ٺٺا وٺن بقول هڪ عربي دوست جي: ”خبرون پڙهندڙن جي اڌ مٿي تي زوريءَ پوتي رکائڻ سان خبرون پڙهڻ واري يا ٻڌڻ وارا مسلمان ٿي ويندا ڇا. سڀ کان وڏي ڳالهه ته جي عورت کي مٿو ڍڪڻو آهي ته چڱي طرح عربن، ايرانين يا ملائيشين، انڊونيشين وانگر حجاب (روسري) ٻڌي جنهن مان هڪ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

وار به نظر نه اچي باقي اڌ اگهاڙي دوپٽي سان پاڪستان جي مسلمان عورتن کي سِڪٽيون بنائڻ سان اسلام جي ڪهڙي خدمت ادا ٿي رهي آهي. سي به ڪا صحيح ڳالهه اچي ٻڌائين. اڌ ڪان وڌيڪ پاڪستاني خبرون حڪومت جي تعريف ۾ ڪوڙتي ٻڌل هونديون آهن. ڇا مسلمانن کي اها خبر ناهي ته ڪوڙ ڳالهائڻ واري تي ڪيڏو عذاب آهي؟“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## رڌ بچاءَ ۽ زور ڏيڻ لاءِ مائي رڪان ها

سئيڊن ۾ جيڪي هوٽلون آهن سي پُرتڪلف ۽ وڏي معيار جون ضرور آهن پر آهن ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيتريون. اسان جي ايشيائي ملڪن وانگر گهٽيءَ گهٽي ۾ بي نه ته ملباري يا ايرانيءَ جي چانهه بسڪيٽن جي هوٽل آهي ئي آهي ۽ اهڙين ايرانين جي هوٽلن ۾ بن ۽ چانهه ڪائي نيرن ڪرڻ يا گهر ۾ نيرڻ ڪرڻ واري خرچ ۾ ڪو وڏو فرق نٿو اچي.

پر هتي يورپ ۾ خاص ڪري سئيڊن جهڙي ملڪ ۾ جتي ڪاڏي پيتي جون شيون اٽلپ آهن پيو مٿان وري انهن تي حڪومت طرفان ڳرو ٽئڪس لڳل آهي، اتي هوٽلن ۾ ماڻهو ائين وڃي ٿو جيئن شاديءَ لاءِ ڪليسا گهر ۾- يعني گهڻو ڪري زندگي ۾ ڪو هڪ يا ٻه دفعا مس. هتي جي مهنگائي جو اهو عالم آهي جو ڪوڪا جي هڪ لٽر واري بوتل جنهن جو پاڻي پاڪستان ۾ يارهين رپئي ملي ٿو پر هتي جڏهن Sale لڳندي آهي يعني دڪاندار سستو ڪري وڪڻندا آهن تڏهن ٻه ارڙهن ڪرونا هوندو آهي يعني ٻاهتر رپين جو بصر پٽاٽن جو ساڳيو اگهه ڏهه ڪرونا (چاليهين رپئي) ڪلو آهي.ڪيلي ۽ عام صوفن جو ٻه اهو اگهه آهي. انب في داڻو ويهين رپئي آهي. سستي شيءِ بيضو آهي جيڪو تور جي حساب سان ملي ٿو ۽ ڇهين رپئي ڪن ۾ هڪ ملي. ٿورو وڏو هوندو ته ستين رپئي.

سئيڊن يورپ جو ڏورانهون ملڪ آهي، جتي برف ۽ ٿڌ ڪري هر قسم جو اناج يا ڀاڄي ميوو نٿو ٿئي ۽ جي ٿئي ٿو ته ڪتي ڪتي ڪو ٿورو گهڻو. ماڻهن جي ضرورت لاءِ ٻاهران شيون اچن ٿيون. سنگترا ۽ گريپ فروٽ اسرائيل ڪان، انگور فرانس ڪان، صوف اسپين ڪان، چانور ۽ داليون پاڪستان، هندستان ڪان ۽ ڪيڪ بسڪيٽ انگلينڊ ڪان، ڪي شيون ته تمام ڏورانهين ديسن ڪان اچن ٿيون. جهڙوڪ: ڪيلو فلپين ۽ اڪيدار ڪان، اڪيدار ڏکڻ آمريڪا جو ملڪ آهي جتان ڪيلا ۽ آمريڪا ڪان گوبي روزانو هوائي جهاز رستي هتي پهچي ٿي. سو ظاهر آهي ته هر شيءِ جو اگهه ان حساب سان آهي. سرڪار ڪي ٻه حڪومت جو ڪاروبار هلائڻ لاءِ ملڪ جي بهبوديءَ لاءِ پئسو ڪپي جيڪو هوءَ هر شيءِ تي ٽئڪس هڻي ان مان اوڳڙ ڪري ٿي. ان ڪري هر شيءِ ڪاڏي پيتي ڪان ڪپڙي گندي، جوتي سپاتي جي قيمت چوٽ چڙهيل آهي. سو جتي دڪان تي ئي ڪوڪا ڪولا، پيپسي ڪولا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

جي قيمت ايتري ڳري آهي اتي هوٽل ۾ويهي ڪوڪا ڪولا جو آرڊر ڪري پيئڻ معنيٰ پنهنجي کل لهرائڻي آهي. چڱو جو اسان جي ماني ٽڪيءَ جو بندوبست يونائيٽيڊ نيشن وارن جي طرفان آهي ـ اها هتي جي ميس ۾ ملي ٿي، سواءِ موڪل جي ڏينهن جي، نه ته هونءَ سيءَ ۽ مهنگائيءَ ۾ ڪير هوٽلن ڏي نڪرندو.

هر هفتي ڇنڇر ۽ آچر موڪل ٿئي ۽ موڪل جي ڏينهن تي ميس بند رهي ٿي. اسان کي سؤ ڪرونا هر ڏينهن جي حساب سان ملندا آهن ته ماني هوٽل ۾ڪائون. بس ظاهري نالو هوٽل جوهوندو آهي پر مطلب اهوهوندو آهي ته پاڻهي رڌي پچائي کائو چو جو اهو ڊبل روٽي وارو پٽاٽن يا قيمي جو بن (برگر) جيڪو گذري ڪراچي ۾ چئين رپئي ملي ٿو سو به هتي جي سستي ۾ سستي هوٽل/ دڪان مئڪڊونالڊ ۾ ويهين ڪرونا (يعني اسي رپئي) جو آهي. سو اتي سؤ ڪرونا (پنج سؤ رپين ۾ ڪهڙي هوٽل ۾ ڪير تي ويلا کائي سگهندو. آفريڪا ۽ ايشيا جي غريب ملڪن جا اسين جڏهن ان بابت ٽيڪاٽپڻي ڪندا آهيون ته چوندا آهيون ته هي يونيورسٽي ڪراچي، بمبئي يا ڪينيا جبوتي ۾ هجي ها ته پوءِ هڪ ڏينهن جي ايترن پئسن مان به ڏينهن هوٽل ۾ ماني کائون ها. سريلنڪا جو مسٽر پريرا ته چوندو آهي ته ڪولمبو ۾ ته هزار ڪرونائن (چئن هزارن رپين) ۾، جيڪي مهيني جي پنجن ڇنڇرن ۽ پنجن آچرن جا ملن ٿا، سڄي مهيني جو راشن ۽ بورچياڻي جو پگهار نڪري سگهي ٿو. بئنڪاڪ جو سوتي چائي چوندو آهي. ”هيءَ يونيورسٽي ٿائيلينڊ جي ڪنهن شهر ۾ هجي ها ته آئون جيڪر هڪ پرمننٽ مائي ماني پچائڻ ۽ زور ڏيڻ لاءِ رکان ها.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪڪڙ ۽ واڱڻ جي دعوت

نائيجيريا (آفريڪا) جي شاگردياڻي جوليانا چيو: ”توهان مردن کي هر وقت فقط اهي واحيات ڳالهيون آهن. توهان مرد وري بہ خوشنصيب آهيو جو توهان جون زالون اچن ٿيون تہ گهٽ ۾ گهٽ رڌ پچاءَ کان بچيو وڃو. اسان جا مڙس اچن ٿا تہ اسان لاءِ بيٺو ڪم وڌيو وڃي.“

موڪل جي ڏينهن تي هاسٽل جي ڪمرن مان ڪاڏي پچڻ جي مختلف خوشبوئن ۽ تيل ۽ مرچ مسالا سڙڻ جي بوءِ ايندي آهي. هر ڪمري ۾ رڌ پچاءَ جو هڪ ننڍڙو ڪمپارٽمينٽ آهي، جنهن ۾ فرج، چلهہ، اوون، ٿانوَن جو ڪبٽ آهي. مختلف قسم جا ديڳڙا، ڪٽڇيون، چمچا، ڪانٽا ڇريون، پليٽون، ڪوپ ساسرون هر هڪ کي مليل آهن جنهن جو هر هڪ پورو پورو فائدو وٺي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي هٿن جو رڌل کاڌو ٻين کي بہ ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهيون. بنگلاديش جو ڪئپٽن معين، ملائيشيا جو ڪئپٽن لي ۽ ايران جو ايماد تہ هر مهيني ڏيڍ بعد ٻن ٽن ڪلاس ميٽن کي ڪمري ۾ گهرائي دعوت بہ ڪندو آهي.

هڪ دفعي مون بہ پنهنجي ٻن هم وطنين: عاشق ۽ راحت جي دعوت ڪئي. اڳواٽ جو پروگرام نہ رٿيو هوم. صبح جو اڌ ڪڪڙ جو وڌيڪ اڌ ڪرڻ بدران سڄو اڌ ديڳڙي ۾ رڌڻ لاءِ وڌم. اهو سوچي تہ سياڻ تائين ان جو ٻوڙ هلي ويندو يا ٻئي هفتي کائڻ لاءِ فريزر ۾ رکي ڇڏيندس. پر پوءِ جڏهن اڌ ڳابرو تيار ٿي ويو تہ سوچيم، تہ عاشق ۽ راحت کي مانيءَ تي گهرائي وٺان جيئن هنن کي رڌ ٻچاءَ جي اڄ تڪليف نہ ڪرڻي پوي.

”يلا اڄ منجهند جي ماني جوڇا سوچيو اٿوَ؟“ ٻئي ڄڻا ٽي وي روم ۾ ملي ويا، سو کائن پڇيم.

”اڄ بيضا ترڻ جو پروگرام آهي.“ راحت چيو.

”منهنجو اڄ گوبي ۽ پٽاٽا رڌڻ جو پروگرام آهي.“ عاشق چيو ”پٽاٽا چلي بہ آيو آهيان.“

”بس تہ پوءِ هينئن ڪجو اڄ لنچ مون وٽ اچي ڪائجو. مون پاران توهان ٻنهي کي دعوت آهي.“ مون چيومان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پهرين هو نه نه ڪندا رهيا. آخر ٻئي ڄڻا راضي ٿي ويا. ”يلا ڪيڏي مهل اچون“ هنن پڇيو.

”بس اهوئي ٻارهين ھڪ جي وچ ۾. هر شيءِ ريڊي ڪري اچي سڏيندوسانوَ.“ مو چيومان.

ڪمري ۾ پهچي، ڪڪڙ جي ٻوڙ کان علاوه ڪا ٻي شيءِ ناهڻ جو سوچيم. فرج کولي ان مان ٻه واڱڻ، پاڪستان، هندستان ۾ کٽي وائي باديءَ جي بيماري ڏيندو هجي ۽ ان کي سستي نيچ ڀاڄين ۾ شمار ڪيو ويندو هجي. پر هتي ته سائين واڱڻ جي ڇا ڳالھ ڪجي. سيني ڀاڄين ۾ مهنگو واڱڻ ۽ سيني ميون ۾ مهنگو گدرو آهي. سبزي مارڪيٽ ۾ اسي رپئي ڪلو ملي ٿو. ڊپارٽمينٽ اسٽور يا عام ريزڪي دڪان ته اڃا به مهنگو آهي.

ڪڪڙ جو ٻوڙ لاهي، ھڪ چلھ تي مصالحو لڳل واڱڻ رکيم ۽ ٻيءَ تي چانور چاڙهيم.

ٻارهين سوا ٻارهين تائين سڀ ڪم ٺيڪ ٿي ويو. واڱڻ ۽ ڪڪڙ جو ٻوڙ ته واهه جو ٺيو. نيرن به نه ڪئي هيم سو بک ۾ ھڪ وار دل ۾ آيو ته آئون ته کائي ٿو ڇڏيان مهمان جڏهن ھڪ بجي ايندا ته اهي پاڻ اچي کائيندا. پر پوءِ چيم ته ٿورو ٻيو انتظار ڪجي. بس ٻت رڌجي وڃي ته عاشق ۽ راحت ٻنهي کي وٺي ٿو اچان.

ڪجھ دير بعد ڏڪڻ کٽي چانور ڏٺم. پاڻي سڀ سڪي ويو هو پر چانور اڃا ڪچا هئا. سو اڌ ڪري کن پاڻيءَ جي ٻي وجهي، ديڳڙي کي ڍڪي اچي لکڻ پڙهڻ تي ويٺس. پندرهن ويهن منٽن بعد جڏهن اٿي ڍڪ کوليم ته اهو چوڻ ته اڄايو هو ته ٻت ڪيئن ٿيو هو. پر اها سا چاڻ تي وئي ته لئي يا پيڻ ڪيئن ناهبو آهي. گهڙيال ۾ ڏٺم ته منو ٿي رهيو هو. يعني مهمان مانيءَ جي انتظار ۾ هوندا. ان کان وڌيڪ مون کي به بک لڳي هئي. هاڻ وري ٻيا چانور چاڙهڻ بدران ڊبل روٽي آٽڻ جو سوچيم. اسان جي هاسٽل جي سامهون ڪنڊ تي ھڪ عرب جو ننڍڙو دڪان آهي جنهن تي هر شيءِ مهنگي ملي ٿي پر موڪل واري ڏينهن تي توڙي رات جو دير تائين کولڻ ڪري، ايمرجنسي ۾ اسان هن وٽ ڦاهو کائڻ ويندا آهيون.

هاڻ پنهنجي حساب سان عقل جي ڊوڙ مون هن ريت ڪئي ته ڪڪڙ جي ٻوڙ ۽ واڱڻ کي الڳ الڳ چلهين تي رکي انهن جا اليڪٽرڪ سئيچ ڇهن نمبر تي رکيم. جيڪو سڀ کان

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

گهٽي گرمائش وارو ڏاڪو آهي. ڊبل روٽي ونڻ لاءِ پرس کيسي ۾ وڌم ۽ بوٽ پائڻ لڳس. ارادو اهو ڪيم ته ڪمري مان نڪرڻ تائين پلي فل رينج تي چلهه On رهي. پوءِ ڪمري مان نڪرڻ مهل Off ڪري ويندس. موٽندي مهل عاشق ۽ راحت کي سندن ڪمرن مان سڏيندو ايندس ته اچي گرم گرم کائين.

# چاواپڊا جو ڏوهه آهي

هاڻ چا ٿيو جو ڪمري مان نڪرڻ وقت مون ڪان چلهين جا سئيچ آف ڪرڻ وسري ويا. جيتوڻيڪ ان معاملي ۾ آئون وڌيڪ خبردار آهيان ۽ هر هڪ کي چوندو آهيان ته گهر ڇڏڻ مهل ٽي شيون هلندڙ نه ڇڏجن. گئس، اليڪٽرڪ ۽ پاڻيءَ جو نلڪو پر اتفاق سان چئجي جو اڄڪلهه ٽي ويهه ورهيه ڏبل روٽي وٺي سڌو اچان ٿو ته به ڪم ايترو خراب نه ٿيندو. پر ڊبل روٽي وٺي جيئن هاسٽل جي هيٺين ماڙ تي پهتس ته فلپين جي شاگردياڻي ڊيزي ملي ويئي جيڪا مون کي منهنجي ڪمري ۾ ڳوليندي هيٺان اچي نڪتي. ڊيزي پنهنجي ملڪ جي سرڪاري آفيس ۾ جهازن جي نيول آرڪيٽيڪٽ انجنيئر آهي ۽ هتي ”بندرگاهن جي مئنجمينٽ“ ۾ M.Sc ڪري رهي آهي. ڪيس ڪمپيوٽر جو ڪجهه پڇڻو هو جنهن لاءِ واندڪائي نه هجڻ ڪري ڪيس به دفعا نتائي چڪو هوس. هينئر هوءَ هر صورت ۾ معلوم ڪرڻ لاءِ آئي هئي.

”بس به منٽ ته لڳندا. مون کي ورڊ پرفيڪٽ جي اها ڪمانڊ ٻڌائي ڇڏ ته باقي اسپيلنگ چيڪ آئون پاڻ ئي ڪنديس.“ هن چيو.

”چڱو يلا هل.“ ڪمپيوٽر روم ڇهين فلور تي آهي. اسان لفٽ ۾ مٿي چڙهڻ بدران ڏاڪڻيون استعمال ڪرڻ لڳاسين. ٻي ماڙ تان جڏهن ٽيءَ ماڙ ڏي مٿي وڌي رهياهئاسين جنهن تي منهنجو ڪمرو آهي ته مرچن ۽ مسالن جي سڙڻ جي بوءِ آئي. پر منهنجو ان ڏي ڌيان ئي نه ويو ته اهي منهنجا پوڙ سڙي رهيا آهن. بلڪ ڊيزي جڏهن ان بوءِ ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته مون چيومانس:

”اسان جي فلور تي ڪجهه چيني رهن ٿا، اهي ڪڏهن ڪڏهن الائي چا پچائيندا آهن.“

”اسان جي سيڪنڊ فلور تي به ويٽنامين ڪافي گند ڪيو آهي. الائي ڪئا ٿا پچائين يا ڏيڏر نوريئڙا.“ ڊيزيءَ چيو ۽ پوءِ هين هين ڪري کلڻ لڳي ۽ آئون به ساٿ ڏيڻ لاءِ هين هين ڪرڻ لڳس. جڻ اسان ٻئي پاڪستاني ۽ فلپيني سڄي دنيا ۾ اهم ماڻهو هجون ۽ باقي ٻيا چيني، ويٽنامي، ٿائي، برمي گرا گنجا ڪولهي باگڙي هجن.

ٽين ماڙ تان چوٿين تي پهتاسين تہ پمپ وٽ ئي رڪيل بليرڊ ٽيبل تي عاشق ۽ راحت بليرڊ راند ڪيڏي رهيا هئا. مون کي ڏسي عاشق پنهنجي مخصوص چرچائي انداز ۾ پڇيو:

”يئي ڇوڪري ڪوڪهان ليڪي جا رهي هو؟ ۽ مانيءَ جو ڇا پروگرام آهي.“

”بس ھِن منٽن ۾ ماني لاءِ سڏيانوَ ٿورڳو هن کي ٿورو ڪمپيوٽر جو ڪم ڏسي اچان.“ مون وراڻيومانس.

ڇهين ماڙ تي ڪمپيوٽر روم ۾ پهچي هيڏانهن هوڏانهن نظر ڪيم تہ ڏهن ڪمپيوٽرن مان مِن ڪنهن هڪ تي ڪو Word Perfect تي ڪم ڪري رهيو هجي تہ ڊيزيءَ کي ان جي ئي حوالي ڪيان پر هتي گهڻا تڻا فرسٽ چائيس First Choice پروگرام ذريعي ٽائيپ ڪري رهيا هئا ۽ جلدي جلدي تہ بہ ٻن بدران ڏهہ منٽ ڪن لڳي ويا. ان بعد لفٽ ذريعي پنهنجي ٽين ماڙ تي پهتس. سڙڻ جي ڌپ پهرين ڪان بہ تيز ٿي وئي هئي. پر منهنجي دماغ ۾ اچا نہ پئي آيو تہ هي منهنجو ئي ڪُنو سڙي رهيو آهي. مون سمجهيو تہ مون چلهيون آف ڪري ڇڏيون آهن. بلڪ هينئر ڊبل روٽي ڪٽي چلهيون آن ڪري پوءِ عاشق جن کي سڏڻ جو سوچيندو ڪمري ڏي وڌي رهيو هوس. پر ڪمري جو تالو جهڙو ئي ڪوليم تہ دونهن ئي دونهن آڏر ياءُ ڪئي. يڪدم معاملو سمجهي ويس. جهٽ جهٽ دريون ڪوليم پر دونهن جي ڪري ڪنگهہ ورائي وئي. چلهيون جهٽ پٽ آف ڪري ٽوال سان دونهين کي ڪمري مان ڪڍيم. (باقي دونهين جي ڌپ شام تائين سڄي ماڙ تي موجود رهي.) ديڳڙن جا ڍڪڻ لاهي ڏٺم تہ سپ ڪجهہ سڙي ڪارو ڪوئلو ٿي چڪو هو جيڪو ديڳڙي سان اهڙو تہ سخت چنبڙيل رهيو جو ٻئي ڏينهن بازار مان سئنڊ پيپر وٺي ان سان ڪرڙي ديڳڙا صاف ڪيا هئم.

راحت ۽ عاشق جن کي دعوت ڏيڻ مهل جڏهن پڇيو هوم تہ هنن ٻڌايو تہ سندن بيضي يا پٽاٽن ناهڻ جو پروگرام آهي. سو هاڻ هنن وٽ پهچي ڏيرج سان چيم:

”يار توهان پنهنجي پراٽي پروگرام تي رهي سگهندئو؟“

”ڇا مطلب؟“ عاشق پڇيو.

”مطلب اهوئي تہ دعوت ڪئنسل. جهڙا ميرا جت تهرا ميرا تت.“ مون چيو.

”ڪمال ٿو ڪرين. هاڻ ڪنهن ڪان رڌيو ٿيندو ۽ هي جو ٿون بہ بہ ديڳڙا اسان لاءِ

پڇائي رهيو هئين اهي پاڻ ڪائي ڇڏئي ڇا؟“

”بس افسوس تہ اهو آهي، جيڪر پاڻ ئي ڪان ها. پر ڪائڻ جو ارادو ڪري بہ ڇڏي ڏنم. گهٽ ۾ گهٽ پاڻ تن مان هڪ جي تہ لنچ ٿي وڃي ها.“ مون چيو.

”سچ ٻڌاءِ ڀوڙ ڪيڏانهن ويو؟“ عاشق کي اڃا بہ دعوت ڪئنسل ٿيڻ تي يقين نہ پئي آيو ۽ ڪلندي چيائن، ”ڊيزيءَ کي ڏئي ڇڏئي ڇا؟“

”بهرحال ڪنهن کي بہ ڏئي ڇڏيم پر هينئر نہ آهن.“

”تڏهن بہ ڪجھ تہ بچيو هوندو نہ؟“ عاشق زور پريو.

”بچي فقط اها سڙڻ جي ڌپ آهي“ مون کين اصل ماجرا ڏي ڏيان ڇڪائيندي چيو. حقيقت معلوم ڪري عاشق ۽ راحت ڪان ٿهڪ نڪري ويا. پنهي چيو:

”اسان بہ گاريون وري چينين کي پيا ڏيون تہ الاهي ڪهڙي ٿوم ادرڪ پيا ساڙين.“

”هاڻ اچو تہ ٿئي ڇٽا بيضا تري ڪائون. ڊبل روٽي تہ جام آهي.“ مون چيومان.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## يو جست ويٽ ائنڊ سي

هونءَ رڌ پچاءَ ۾ اسان پاڪستانين ۾ قاضي عبدالمجيد ۽ راحت عزيز سنا آهن يعني اسان باقي پاڪستانين ۾، ٻڌجي پيو ته پاڪستان کان ٻئي سال ايندڙ ٽن ڄڻن ۾، ڪئپٽن اشرف اچا به سنو آهي. بهرحال اها ته ٿي پوءِ جي ڳالهه. في الحال هن سال موڪلن ۾ راحت ۽ قاضيءَ نه فقط اسان کي پنهنجن هٿن جا رڌل کاڌا چکايا ۽ کارايا آهن پر ڪيترائي ڊش سيکاريا پڻ آهن. جيئن ته صحيح طرح چانور ناهڻ، گوبي، پٽاٽن جي ڀاڄي، واڱڻ ۽ ٽماٽن جو پرتو اسپاگهيٽي ۽ مناڻ ۾ سستوءِ تمام جهٽ پٽ ناهڻ وارو چلو (مني پوري)، ڀُگل اٽي ۾ کير بيضو کنڊ ۽ ٿورو مکڻ وجهي ان کي چڱي طرح مکس ڪري ۽ پوءِ فرائنگ پئن ۾ گيهه گرم ڪري مٿان اهو مڪسچر وجهڻ سان چلو ٺهي ٿو جيڪو بسڪٽ ۽ ڪيڪ پيسٽري کان لذيذ ٿئي ٿو.

واندڪائي ۾ راحت به چار ڪوپ اٽي جا هلڪي باهه تي ڀُڃي رکندو آهي جيئن پوءِ ضرورت وقت چلي جهڙي شيءِ ناهي سگهجي. ان ڀڳل اٽي مان ڪڏهن ڪڏهن سيرو به ناهيندو آهي. اٽي کي وڏيڪ ڳاڙهو ڪري، ٻيءَ ديگڙي ۾ گيهه کنڊ ۽ پاڻي گرم ڪري چاش ناهيندو آهي. پوءِ ٻئي ملائي هلڪي باهه تي رکي چمچي سان ڪجهه دير گهمائيندو آهي جيسين اهو گيهه ڇڏي. منجهس پستا، بادام ۽ ڪشمش به وجهندو آهي. انهن مالن مکڻ وجهڻ بعد سيرو يا جيڪا به شيءِ تيارٿيندي سا بهتر ٿي ٿيندي. خاص ڪري چلهه تي ڪو پيو سڙي، ناهي کارائي ته کائڻ واري کي اچا به لذيذ لڳي ٿو.

هتي رڌ پچاءَ ۾ ڪا تڪليف نه آهي. وقت سو ضايع ٿئي ٿو پر چلهه تي سڙڻ وارو اصطلاح هتي جي رڌ پچاءَ سان لاڳو نٿو ڪري سگهجي. چاڪاڻ جو هن ملڪ ۾ ايڏو ته سيءَ آهي جوسال جا نو مهينا ته ڪمري جي هيٽنگ آن رهڻ بعد به سيءَ محسوس ٿئي ٿو سو اهڙي رڌڻ پچائڻ ۾ تڪليف نه پر فرحت ٿي محسوس ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو هتي جي هاسٽل ۾ توڙي ٻين ننڍن گهرن ۾ هڪئي ڪمري يا بيڊروم ۾ رڌ پچاءَ لاءِ چلهه جو ڪنڊ ۾ بندوبست ڏنل آهي ۽ ساڳي ڪمري ۾ ريفريجريٽر به رکيل آهي. اها ڳالهه اسان جهڙن ملڪن ۾ ناممڪن آهي جو ويندي سياري ۾ به ايترو سيءُ نٿو پوي جيڪو چلهه يا

ريفريجريٽر مان نڪرندڙ گرميءَ کي ماري سگهي.

مختلف ملڪن جا رهندڙ شاگرد پنهنجي ملڪ جا مختلف کاڌا تيار ڪندا آهن. گهڻو ڪري اهي کاڌا جيڪي جهٽ پٽ تيار ٿي سگهن. پر اها حقيقت سڀ مڃيندا آهن ته مڙني ۾ پاڪستان، هندستان جي رهاڪن جا کاڌا وڌيڪ لذيذ آهن.

آفريڪا جي شاگردن جو ته گهڻو زور لاهوري گجرن (Sweet Potatoes) ۽ مڱن چونئرن (Beans) تي هوندو آهي. چيني، فلپينو ڪورين ۽ ويٽنامي شاگردن جو دلپسند کاڌو مي (Mee) ۽ نوڊل (Noodles) هوندو آهي، جيڪو چڊڙي رس ۾ سنهيون ڪٽڪ يا چانورن جي اٽي مان ٺهيل سيون وجهي ٺاهين.

هڪ ڏينهن گهانا جي شاگرد پيٽر جو ڪمرو ڪليل ڏسي آئون ۽ راحت اندر گهڙي وياسين. پيٽر چلهه اڳيان بيهي بازار مان آندل اڌ اڌ پاءُ کن تور جا ٻه پاڪيٽ کولي رهيو هو.

”پيٽر ڇا پيو ڪرين؟“ راحت پڇيس.

”ڊنر پيو تيار ڪريان.“ وراڻيائين.

”پر هي اڇي پائوڊر جهڙي ڪير مان ڇا ٿو ٺاهين.“

”فوفو ٿو ٺاهيان.“

”فوفو! اها ڇا بلا آهي؟“ اسان تعجب مان پڇيس.

”يو ڊونٽ نو فوفو؟ توهانکي فوفوءَ جي خبر ناهي؟“ هن جواب بدران اسان کان سوال ڪيو.

”نه. بلڪل نه. اسان ته اڄ پيا ٻڌون.“ مون چيومانس.

”اوهه! پو ته توهان ترسو Just Wait and See ته آئون ناهي ٿوڏيکاريان بيحد لذيذ ٿئي ٿو.“ پيٽر چيو.

”ٺهڻ لاءِ هاڻ ڪير ترسندو جلدي ۾ آهيون ائين زباني ٻڌاءِ.“

پيٽر تيسين پيو ڊبو کولي ان مان ٻه اڇي هيڊي رنگ جو پائوڊر ڪڍي پهرين پائوڊر پاڻيءَ ۾ ملائيندي چيو.

”مون چيو نه ته بس ڏهه ٿوري ساعت لاءِ ترسو اجهو ته تيار ٿي ويو.“

مون خالي ڊبا کڻي ان تي سئيڊش زبان ۾لکيل پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪهڙي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

شيءِ آهي. هڪ تي (Potato Mos) وغيره لکيل هو جنهن مان اندازو لڳايوسين ته پٽاٽن جو اٽو آهي ۽ ملائڻ سان رڌل پٽاٽا (Meshed Potatoes) ٿي پوندا. ٻيءَ ۾ چانورن يا مڪئي جو اٽو هو يا ڪير.

”هن ۾ ڇا آهي؟“ اسان پيٽر کان پڇيو.

”مون کي پاڻ خبر ناهي.“ پيٽر چيو ”پر هنن ٻنهي پائوڊرن ۾ تمام گهڻو وٽامن ۽ ڪاربو هيڊريٽ آهي. روز روز چانورکائي کائي بيزار ٿي پيا آهيون.“

”ڀلا قيمت ڇا اٿن؟“ اسان پڇيس.

”هي ڏيڍ سو رهين ڪرونا جو آهي ۽ هي چوڏهين ڪرونا جو.“

راحت اردو ۾ چيو ته عجيب بيوقوف آهي هي پيٽر به. جڏهن شهر ۾ تازا پٽاٽا توڙي مڪئي هن کان سستي اگهه تي ملي رهي آهي ته پوءِ ٽيهه ڪرونا (سوا سؤ رپيا کن) خرچ ڪري هي ڏبا آٽڻ جو ڪهڙو ضرور. بهرحال اسان به تجسس مان بيهي پيٽر کي ڏسڻ لڳاسين ته اهو فوفو ڇا آهي ۽ ڪيئن ٿو ٺاهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪو اهڙو ڪيڪ پيسٽري ٺهي پوي جيڪو بيحد لذيذ هجي ۽ جنهن ٺهيل نڪيل جي قيمت شهر ۾ ٽيهن ڪرونائن کان تمام گهٽ هجي.

پيٽر هاڻ انهن ٻنهي پائوڊرن ۽ پاڻي جي مسڪچر کي ديگڙي ۾ وجهي چلهه تي رکيو.

”پيٽر ڪنڊ مکڻ ته وجهه.“ مون ڪيڪ پيسٽري يا سيري جو سوچي کيس ياد ڏياريو.

”You Just wait and see“، پيٽر اهو مڪسچر ڪاٺ جي ڏوئيءَ سان گهمائيندي مونکي صبر سان ويهڻ لاءِ چيو. ”بس هاڻ ٻن منٽن ۾ فوفو تيار ٿي ويندو. ويري ٽيسٽي ائنڊ رچ ان وٽامنس.“

راحت ۽ آئون هڪ ٻئي جو منهن ڏسي وري پيٽر کي ڏوئي گهمائيندو ڏسڻ لڳاسين.

”پيٽر ڀلا اهو فوفو ٺاهڻ توکي ڪنهن سيکاريو؟“

”مون کي سيڪنڊ ايئر جي شاگرد حاجي جمعا ٻڌايو. هو گهانا بليڪ اسٽار جهاز تي چيف انجنيئر هو ته ان جهاز تي فلپينو بورچي اهو فوفو ٺاهيندو هو.“

راحت کي چيم ته الله خير ڪري. هڪ گهانا جو هن جو هم وطني حاجي جمعو درويش ماڻهو ٻيو گهانا جو ذڪر آمريڪا ڏي هلندڙ جهاز جيڪو سڄو وقت يا سمنڊ تي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندو يا چلي ۽ برازيل جهڙن ڪنگلن ملڪن ۾ ۽ ٽيون ان مٿان فلپيني بورچي! جهاز هلائيندڙ واقعي فوفو ڪائيندا هوندا.“

ايتري ۾ اٽي ۾ملايل پاٽي سڪي ويو ۽ ديڳڙي کي هيٺ لاهي ان مان هٿ سان اٽو ڪرڙي مٿين سان ڳوهڻ لڳو.

”بس. ٿهي ويو فوفو؟“ مون پيٽر کان پڇيو.

”بس. ٿهي ويو فوفو هاڻ هن ۾ ڪڪڙ جو ٻوڙ ملايان ته پوءِ چکي ڏسجو.“

ٻوڙ جي ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ڏنم ته ڦنگي پاٽيءَ ۾مرغيءَ جا ٻه وڏا ٽڪرا تري رهيا هئا. جيڪي پيٽر ان پاٽي جهڙي رس سميت ان اٽي ۾ ملائي وري مٿين سان ڳوهڻ لڳو. راحت آهستي آهستي ٽي سرڪڻ لڳو. در جي ٻاهر پهچي هن مون کي ٻه سڏيو.

”ڪمنگ ڪمنگ“ راحت کي سندس سڏ جي ورندي ڏيندي ٻاهر نڪتس.

”چو ڀلا هليو آئين؟“ مون راحت کان پڇيو.

”يار منهنجي ته اچي دل ڪچي ٿي. هاڻ پيٽر پڪ چوي ها ته اهو فوفو توهان ٻه کائو ۽ پوءِ انڪار ڪريون ها ته دل۾ڪري ها. سوشرافت ۾ فوفوءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ نڪري آيس.“

”واهه جي ڳالهه ڪئي. هل ته هلون جيڏانهن وياسين پئي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# عالم برزخ ۾

هڪ دفعي ڊينمارڪ جي بندرگاهه ڪوپن هيگن کان فيري (ننڍڙي پئسينجر جهاز) رستي سئيڊن جي هن شهر مالمو ڏي اچي رهيو هوس تہ مون واري ٽيبل تي مون کان علاوه بہ ڇهہ ٻيا بہ ويٺا هئا جيڪي سئيڊش ۽ ايراني زبان ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

“Are you an Iranian?” مون پر ۾ ويٺل نوجوان کان انگريزيءَ ۾ پڇيو.

”نہ، آئون ايراني نہ پر عراقي آهيان.“ هن وراڻيو.

”۽ تون؟“ مون ٻئي کان پڇيو.

”آئون ايراني آهيان. اسان ٻئي ٻن ٽن سالن کان هتي رهون ٿا. هي صدام جي ظالم حڪومت کان ڀڄي آيو آهي ۽ آئون خمينيءَ جي حڪومت کان.“

”پوءِ هتي سئيڊش ۾ رهڻ ڪيئن ٿو لڳي.“ مون پڇيومان.

”پنهنجي ملڪ کان تہ بهتر آهيون. پر اسان کي سال اڌ بعد جيئن ئي پڪي رهائش ۽ هتي جو پاسپورٽ ملندو تہ پوءِ آمريڪا ڀڄي ويندا سين. اُتي سڀ ۾ بهتر آهي. وڏو ملڪ آهي. هر قسم جو موسم ۽ ماڻهو آهن“.

”پوءِ هينئر ئي ڇو نٿا وڃو؟.“ مون پڇيو مان.

”ان ڪري جو هينئر ايراني يا عراقي پاسپورٽ تي اسان کي آمريڪا يا ٻئي ڪنهن ملڪ جا لفٽ نہ ڪرائيندا.“ هڪ چيو.

”هڪ دفعو سئيڊن جو پاسپورٽ هٿ اچي ويندو تہ پوءِ اسان بہ ملڪ ۾ سئيڊش يعني يورپي ليبل سان جاتا ويندا سين.“ ٻئي چيو.

هتي رهندڙ هڪ پاڪستانيءَ بہ ڪجهه اهڙن خيالن جو اظهار ڪيو هو:

”مون کي سئيڊن ملڪ جي آبهوا ۽ نہ وري ماحول وڻي ٿو پر هن ملڪ جي Citizenship ملڻ بعد آئون پاڪستاني نہ پر سئيڊش سڏيو ويندس. ۽ پوءِ سئيڊن جي ليبل سان آئون سعودي عرب، ڪويت، دبئي ۽ برونائي توڙي انگلينڊ، آسٽريليا، نيوزيلينڊ جهڙن ملڪن ۾ بنا ويزا جي ائين اچي وڃي پيو سگهندس. جيئن چيچہ وطني کان ميانوالي ـ يعني جيئن ڪو هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ اچي وڃي. هينئر هڪ پاڪستانيءَ جي حيثيت

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليڪ وٽ محفوظ

۾ مون کي ڪو عرب ملڪ هڪ ڏينهن لاءِ به پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم رکڻ نه ڏيندو. ڀلي ڪٽي آئون پنج وقت نمازي، پرهيزگار متقي مسلمان هجان. ڀلي ڪٽي آئون ڊاڪٽر، انجنيئر يا ڪو قابل سائنسدان هجان. عرب، پاڪستاني، هندستانيءَ بنگلاديشي کي ڀنگي، ڀاگڙي، ڀيل کان به ڪمتر سمجهن ٿا. پر يورپ جي ڪنهن ملڪ جي پاسپورٽ سان ڪٽي ڪو ڪارو چور هجي، هن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون وڃن ٿيون“.

عراقي نوجوان کان پڇيم: ”توهان ڪهڙي زبان ۾ گفتگو ڪري رهيا هئاؤ؟“

”هتي جي زبان سئيڊش ۽ فارسيءَ ۾.“ هن وراڻيو.

”عربي ۾ نه؟“ مون پڇيومانس.

”نه، ان ڪري جو هن بئي همراهه (ايرانيءَ) کي عربي نٿي اچي.“

”تون ايراني ڪٿان سکئين؟“ مون پڇيو مانس.

”هتي اچڻ کان اڳ ايران جي هوٽلن ۾ مون پنج سال ڪن بئرو تي ڪم ڪيو آهي. ايراني اتي سکيس.“

”عراق ڇو ڇڏيئي؟“

”بس پنهنجو وطن ڇڏڻ ڪنهن کي وڻي ٿو. حاڪم صحيح قسم جا هجن ته رب پاڪ سڪ ۽ آرام لاءِ سڀ ڪجهه ڏنو آهي. جيڪو ورهائي ونڊي کائي سگهجي ٿو. پر قدرت جتي سڀ ڪجهه عطا ڪيو اتي جيڪر اسان جا حاڪم به صحيح هجن ها ته عرب ملڪ سينگاپور، سئيڊن، جپان، آسٽريليا کان وڌيڪ خوشحال ۽ باعزت هجن ها. پر اسان جي حڪمرانن جي ڪڌن ڪرتوتن، انڌي حوس، عزت جو سوال سمجهي پر وارن ملڪن سان جهيڙا فساد ڪرڻ ۾ اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. لکين مرد انهن جهيڙن جنگين ۾ مارجي ويا. منهنجي ماءُ نٿي چاهيو ته مون کي ان آرمي لاءِ ڀرتي ڪيو وڃي جيڪا هڪ بي مقصد جنگ وڙهي رهي آهي. ساڳيو حال هن ايراني نوجوان جو آهي. انڪار ڪرڻ تي اسان کي ماريو ڪٽيو ويو. جيلن ۾ وجهڻ جا دڙڪا ڏنا ويا. آخر واهه ڏسي ڀڄي ڀياسين ۽ ڏکڻ ڪائي اچي هتان نڪتا آهيون.“

”ڀلا هاڻ ايران ۽ عراق جا تعلقات ڪٿي پهتا آهن؟“ مون پڇيو.

”عالم برزخ ۾.“ ايراني وراڻيو.

”ڇا مطلب؟“ مون پڇيو.

”بس اهوئي ته نه سٺا آهن نه خراب. انسان مرڻ بعد يڪدم دوزخ يا جنت ۾ ته نه ويندو آهي. ان جي فيصلي ٿيڻ ۾ وچ کان اڳ انسان جو جتي روح ٽنگيل هوندو آهي ان کي عالم برزخ چئي سگهجي ٿو. سو ساڳيو حال اسانجو آهي“.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## سنڌ ۾ رهڻ جنجال ڪيو پيو وڃي

سئيڊن جو هي شهر مالمو چون ٿا تہ پارڪن ڪان مشهور آهي. بلڪل صحيح آهي. جڳهہ جڳهہ تي هتي پارڪ، باغ بستان ۽ ساوڪ نظر اچي ٿي. سڄو شهر گل ۽ گلڪارين سان پريو پيو آهي جنهن تي هن شهر جي ميونسپالٽيءَ جو چڱو خاصو خرچ ايندو هوندو. پر مالمو City of Parks ڪان وڌيڪ بدڪن جو شهر بہ چئي سگهجي ٿو جو جتي ڪٿي قسمين قسمين بدڪون آزادي سان ائين گهمندي ڦرندي نظر اچن ٿيون جيئن پاڻ وٽ ڪانگ ڪبرون.

اسان جو پاڪستاني شاگرد احمد ڪمال علوي، جنهن کي شڪار جو تمام گهڻو شوق آهي تنهنجو بدڪن، ڪونجن، آڙين کي ائين هلندو ڏسي وات پاڻي ٿيندو آهي ۽ چوندو آهي: ”دل ٿي چوي تہ ڪنهن ڏينهن ٿيلهي ۾ لڪائي ڪمري ۾ اچي مٿن سير ڦيرجي“.

پر ڪين ڦاسائڻ ايترو سولو بہ نہ آهي. ڪبوترن وانگر هي بدڪون بس اسٽاپن، پارڪن، دڪانن ۽ ڪئنالن جي ڪناري وٽ توهان جي اڳيان پيون هلنديون ۽ چڳنديون. پر جيئن ئي ڪين جهلڻ لاءِ هٿ اڳيان ڪندؤ تہ ڦڙڪو ڏيئي اڏامي وينديون. ان ڪان علاوه حڪومت طرفان پڻ ڪين ڦاسائڻ جي سخت بندش آهي. انڪري هن ملڪ جي قانوني جي عزت ڪندڙ شهري ڪين هٿ لائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي بري نيت سان بہ نٿا ڏسن. اها بہ ڳالهہ آهي تہ اسان ايشيائي ۽ آفريڪن کي هي شڪار جا پکي ڏسي اکين اڳيان يڪدم ديڳڙا ۽ رڌ پچاءَ جوسامان ڦري ٿو. پر هتي جا ماڻهو هنن پکين کي پنهنجي شهر جو مهمان ڪري سمجهن ٿا. جيڪي تڏ گهٽ تيڻ سان ڏاڪڻ علائقن ڪان هتي اچن ٿا.

هڪ ڏينهن قاضي چيو: ”هي ملڪ ڪيڏا خوش نصيب آهن جو هنن وٽ ههڙا پکي پيا هلن.“

”دراصل ان ڪان وڌيڪ تہ خوش نصيب پنهنجو ملڪ آهي.“ مون چيومانس، ”خاص ڪري سنڌ جو علائقو جتي هر سال سياري جي موسم ۾ هن ڪان بہ وڌيڪ قسم جا هجرتي پکي هنن اتراهين ملڪن (ويندي سائبيريا ڪان) اچن ٿا. سو اهو نٿو چئي سگهجي تہ هي

ملڪ خوش نصيب آهن. اجا بہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسان جا ماڻهو يا حڪومت بدنصيب آهن، جيڪي هڙن پڪين جو قدر نٿيون ڪن ۽ نہ فقط پاڻ هنن پڪين کي بي دردي سان ماريندا وتون پر اوسي پاسي جي امير عربن کي دعوتون ڏيندا وتون تہ اچو ۽ اچي پيينگ ڪريو.“

علوي چوڻ لڳو: ”مون کي يقين آهي تہ اهي پکي جيڪڏهن دبئي، دوحا يا سعودي عرب، ڪويت پاسي وڃن ها تہ اتي جا ڇت عرب بہ انهن کي نہ مارين ها. پر هنن جي بچاءَ ۽ وڌڻ ويجهڻ جا اپاءُ وٺن ها. پر اسان وٽ اهو وچي حال ٿيو آهي جو انهن مهمان پکين کي بہ سک جو ساهہ کڻڻ نٿا ڏيون“.

”گذريل ٻن ٽن سالن کان تہ انهن ۾ اهڙو تاڪوڙو وڌو ويو آهي جو ڪيترن پکين سنڌ ۾ لهڻ گهٽائي بمبئي ۽ هندستان جي ٻين ڪنارن ڏي وڃڻ شروع ڪيو آهي.“ مون ڪين ڪجهہ عرصو اڳ جي هيرالڊ رسالي ۾ ڇپيل هڪ رپورٽ ڏي ڌيان ڇڪايو.

”ڪيڏو ڏک ٿو ٿئي.“ قاضيءَ افسوس جو اظهار ڪيو. ”اسانجي ملڪ ـ خاص ڪري سنڌ جي حالت ڏينهون ڏينهن ڇا ٿي رهي آهي. سندس درياءَ سڪندا وڃن، نتيجي ۾ اهي مڇيون پلا نظر نٿا اچن. واٽر ٽيبل مٿي کڄڻ ڪري زمينن جي سم ۽ ڪلر ستياناس ڪري ڇڏي آهي. هيرن جهڙن ماڻهن کي ڌاڪو ۽ ڌاڙيل سمجهي ماريو پيو وڃي ۽ ڌاڙيلن کي تاتي هن پُر سڪون ڌرتي تي ناحق ڀاريو پيو وڃي. جيئن ڪو سک چين سان نہ رهي سگهي ويندي پکي پکڻ لاءِ بہ سنڌ ۾ رهڻ جنجال ڪيو پيو وڃي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪڏھن انهن ڳالھين کي

سئيڊن، فنلئنڊ،ناروي ۽ آئيس لئنڊ اهي اتر قطب وارا ملڪ آهن جتي سخت ٿڌ ڪري ماڻھوءَ جو جياپو ايڏو سولو نہ آهي جيترو انگلينڊ، آمريڪا، جرمني، فرانس يا جپان ۽ سنگاپور پاسي. اسان جا پاڪستاني دنيا جي هر ڪنڊ ۾ نظر ايندا پر هنن ملڪن ۾ سڀ ڪان آخر ۾ آيا ۽ اڃا تائين سندن تعداد ٻين ملڪن ۾ رهندڙ پاڪستانين جي مقابلي ۾ تمام گھٽ آهي. موسم کان علاوه زبان جي پڻ ڏکيائي آهي جو هتي انگريزي زبان نٿي هلي. سئيڊش، ڊئنش، فنشن ۽ نارويجن زبانون اسپيني، جپاني، فرينچ ۽ ملئي جھڙين زبانن کان تمام ڏکيون آهن. بهرحال جن پاڪستانين همت ڪئي ۽ ڪشالا ڪري هيستائين پهتا ۽ ٽِڪي پيا انهن ۾ نوي کان مٿي سيڪڙو پنجاب پاسي جي رهاڪن جو آهي. باقي اٺ نوَ سيڪڙو ۾ مهاجر، پناڻ، بلوچ ۽ سنڌي اچي وڃن ٿا ۽ اهي بہ عام طرح عيد جي گڏجاڻين يا ٻين اهڙين محفلن ۾ ورلي نظر اچن ٿا.

هڪ ڏينهن ڪنهن گڏجاڻي ۾ ناروي ۽ فنلئنڊ جا رهندڙ ڪجھ پاڪستاني پڻ شامل هئا. تقريباً سڀ پنجاب پاسي جا هئا ان ڪري سڄي گفتگو پنجابيءَ ۾ هلي رهي هئي.مون جھڙو ٻي سگھي ٿو ڪو هڪ بہ غير پنجابي بہ هجي جيڪو مون وانگر ڪنڊ پاسي ۾ ويهي خاموشيءَ سان ٻين جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. ڳالھين ڪندي اها ڳالھ نڪتي تہ سنڌ ۾ پنجاب جي ماڻھن کي ايترو هٿ چراند نہ ڪرڻ کپي. بهرحال سڀ نيڪ نيتي سان ڳالھ ڪري رهيا هئا. ڪنهن کي خوش ڪرڻ بدران سڀ نيوٽرل جي حيثيت ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪري رهيا هئا. جنهن ۾ڪافي حقيقت لڳي رهي هئي. هونءَ بہ ڪين ملڪ ڇڏي ڪي سال ٿي ويا ۽ هاڻ سندن مرڻ جيئڻ مٿيون ماٿيون هنن ملڪن سان آهن. انڪري سندن تنقيد يا چيد ڪرڻ ۾ ڪا گھٽي طرفداري نہ هئي ۽ آئون بہ وچ ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻ يا سندن ڳالھ قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ بدران ماٺ ڪري ٻڌڻ لڳس تہ آخر ٻين ماڻھن کي پاڪستان جي رهاڪن ۽ خاص ڪري سنڌين بابت ڇا Views آهن.

”سنڌ جي زمين، نوڪرين، اسڪولن، ڪاليجن ۽ ڪارخانن فئڪٽرين تي پنجابين جو روزانووڇي قبضو ٿيندو. هاڻ تہ ماڳھين ڪراچيءَ جون فئڪٽريون ئي پنجاب ڏي شفٽ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

تي رهيون آهن.“ هڪ چيو.

”پنجاب جي رهاڪن کي ائين ڪرڻ نہ کپي.“ ٻئي چيو. ”ان سان خواه مخواه ٻين جي دلين ۾ اسان لاءِ نفرت وڌندي. اسان کي سنڌ ۾ ان جي عوام جي خدمت بہ ڪرڻ کپي.“

”دراصل ان ۾ سنڌي وڏيرن، وزيرن ۽ پير ميرن کان علاوه سنڌي ڪامورن جو پڻ ڏوهہ آهي جن کي رڳو پنهنجو فڪر آهي، مقامي ماڻهن جي ڀلي جو نٿا سوچين.“ هڪ چيو.

”سنڌ جي فلاڻي ڳوٺ ۾ اسان جي هڪ بزنس مين اهو سوچي فيڪٽري هڻڻ ٿي چاهي تہ ڀلي ان ڳوٺ جا سنڌي بي روزگار هنر بہ سکن تہ روزگار بہ ڪمائين. پر ڳوٺ جي وڏيري (سنڌس نالو وٺي ٻڌايائين) نياپي ذريعي چتاءُ موڪليو تہ خبردار جو هن جي ڳوٺ ۾ ڪا فئڪٽري يا ڪارخانو هٽي سنڌس ماڻهو ڪاريا اٿس. هن لاءِ اهي ائين ڀکيا، بي روزگار ڀلا آهن. سنڌ جي وڏيري جي اهائي ذهنيت آهي تہ ڳوٺ جو غريب نہ سڌري نہ خوشحال زندگي گذاري، هر وقت سندس موڇڙي مار جي منهن ۾ هجي ۽ ڪيس سائين سائين ڪندو رهي.“

”منهنجا مائٽ ٽنڊو محمد خان پاسي هڪ پنجابين جي ڳوٺ ۾ رهن ٿا.“ هڪ ٻئي ڳالهہ ڪئي، ”سندن ننڍڙو ڳوٺ هوندي بہ اسڪول، اسپتال، پارڪ سڀ ڪجهہ آهي. سندس پر ۾ سنڌين جو وڏو ڳوٺ آهي، جنهن جو وڏيرو اسيمبليءَ جو ميمبر بہ آهي. اسڪول اسپتال ڏي تہ ڌيان نہ اٿس پر ڳوٺ جي جيڪا چنگي ناڪو ملي ٿو سان بہ هو پنهنجين عياشين ۾ خرچ ڪريو ڇڏي. ڪڏهن پنهنجي بنگلي کان ٻاهر نڪري ڳوٺ جو چڪر نہ هنيو اٿس تہ سندس ڳوٺ جي غريب سنڌين جو ڇا حال آهي.“

”سنڌي پير، مير، وڏيري کان پوءِ ٻئي نمبر تي سنڌين جو دشمن رشوت خور سنڌي ڪامورو پڻ آهي، جنهن پنهنجو پيٽ ڀرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي.“ هڪ چيو ۽ ٻئي ڪلندي چيو: ”اسان وٽ پنجاب ۾ مشهور آهي تہ ڪراچي يا سنڌ ۾ ڪو ڪم پوي تہ پهرين معلوم ڪجي تہ ڪو سنڌي بابا آفيسر آهي. جي سنڌي سائين آفيسر آهي تہ پئون ٻارهن. جيڪو ڪين رشوت ڏيندو ان جو ڪم ڪندو. توهان کي ڪوڙو ڊوميسائل کپي، زمين جي لڪائي ۾ هير ڦير ڪرائڻي هجي، ڪٿي نوڪري کپي، توهان سنڌي ڪاموري جي هٿ تي ڏوڪڙ وجهي رکو. پوءِ جيڪو گهڻا ڏيندس ان جو ڪم پڪو. پر آهي مڙس جوڀٽ، پئسو وٺي پوءِ ڀلي سندس نوڪري هلي وڃي پر توهان جو ڪم ڪري ڏيندو. پوءِ ان جي مقابلي ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

پلي ڪو سندس سنڌي پائو هجي، پلي ڪو سندس سڳو سؤٽ، ماسات هجي.ڪين گشاپتا هٽي چيڙي ڪرائي ڇڏيندو. سنڌي ڪاموري لاءِ وڏو پير پئسو آهي.“

سڀ کلڻ لڳا. کلي بس ڪيائون تہ هڪ پڇيو: ”يار سنڌي ڪامورو يا پير، مير، وڏيرو ايڏو پئسو ڪري ڪيڏانهن ٿو. نظر تہ اهي ئي غريب جا غريب اچن ٿا.“

ان ڪانپوءِ آئون پنهنجي خيالي دنيا ۾ هليو ويس ان ڪري وڌيڪ ٻڌي نہ سگهيس تہ ڪڏهن اهو عنوان ختم ٿيو ۽ ڪڏهن ٻيو شروع ٿيو. ان ۾ ڪٽي ڪيتري بہ کڙاڻ هجي پر ان ۾ جيڪو حقيقت جو پهلو هجي ان کان اسان سنڌين کي اٿ پکي وانگر اک ٻوٽ نہ ڪرڻ کپي. ان ئي وقت آئون هڪ سنڌي وزير جو سوچي رهيو هوس جنهن مون کان سندس هڪ پاٽي/ پاٽيجي جي مستقبل لاءِ صلاح ورتي هئي.

”يارهن انجنيئرنگ ۾ بي اي ڪئي آهي هاڻ ڪٿي لڳايانس.“

”ڳالهہ ٻڌ.“ مون کيس صلاح ڏني، ”تون وڏيرو زميندار ماڻهو آهين. الله جي فضل سان توکي پئسي جي ڪا کوٽ ناهي. هيئن ڪر جو هن کي آرمي ۾ موڪلي ڇڏ. اڄڪلهہ آرمي ۾ انجنيئرن جي چونڊ هلي رهي آهي. اتي هڪ سٺو آفيسر ٿي رهندو.“

”نہ يار! سول ۾ انجنيئرنگ ان لاءِ ڪانہ ڪئي اٿس.“ هن وراڻيو.

”چڱو پلا هيئن ڪر، کيس انگلينڊ يا آمريڪا موڪلي ڇڏ ايم اي ڪري يا اچا بہ وڌيڪ پڙهي قابل انجنيئر ٿي ان بعد پنهنجو فرم اچي کولي، جنهن ۾ ٻين بہ محنتي نوجوان انجنيئرن کي رکي. ائين ڪرڻ سان سندس نالو هڪ طرف پيدا ٿيندو تہ ٻين کي روزگار ڏئي خوشي الڳ محسوس ٿيندي“ مون کيس صلاح ڏني، پرهن خبر ناهي ڇا پسند ڪيو ٿي جو منهنجي ڳالهہ کيس ايتري نہ وڻي.

سال سوا لاءِ منهنجو ٻاهر وڃڻ ٿي ويو. ان بعد آيس تہ ان وزير صاحب ٻڌايو تہ هن پنهنجي ان مائٽ کي ڪسٽم ۾ لڳرائي ڇڏيو آهي. مونکي ڏاڍو تعجب لڳو.

”هڪ انجنيئر ۽ ٽيڪنيڪل ماڻهوکي ڪسٽم جي غير ٽيڪنيڪل ۽ گهٽ پگهار واري نوڪري ڏياري تو تہ هن جي سڄي تعليم، علم ۽ Creativeness ختم ڪري ڇڏي.“ مون چيومانس.

وزير صاحب وڏو ٿهڪ ڏيندي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”ميان ڪڏ ۾ هڻ انهن ڳالهين کي. هتي مهيني ۾ ٽيهه چاليهه هزار رپيا گهر ويٺي ڪمايو وينو آهي. ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو عيش ڪيو.“ هن چيو ۽ مونکي معلوم ٿيو ته ڪسٽم جي نوڪريءَ بعد همراهه واقعي عيش ۾ آهي. شراب ڪباب جو دور رات تائين پيو هلي. آلي موالي دوستن جي واهه واهه لڳي پئي آهي. همراهه خوش ته وڏو ڪارناموتي رهيو آهي.

سال ٻن لاءِ وري مونکي ٻاهر وڃڻو پيو ۽ جڏهن موٽي آيس ته ان وزير صاحب جي هاڻ حڪومت ئي نه رهي هئي. خبرپئي ته سندس وزارت وڃڻ ڪانپوءِ سندس پائٽي/ ڀاٽيجي جي نوڪري به هلي ويئي. نوڪري ته هلي ويئي پر سال ٻه ههڙي وڏي پيماني تي عياشيءَ هن نوجوان جي صحت ۽ عادتون ئي خراب ڪري ڇڏيون. ڪسٽم جي رشوت جي نوڪري هئي جنهن مان پئسوپئي آيو. عياشي پئي هلي. يار دوست ساراهه ڪندي نه پئي ڍاپيا. هاڻ رهجي وئي آهي ابي ڏاڏي جي زمينداري ۽ سنڌ جي زمينن جي پوري ساري حال جي سڀني کي خبر آهي. ان عياشي لاءِ پورو پئسونه ملڻ ڪري همراهه کي هر وقت چتائي آهي يا وٽي چورن ڏاڙيلن سان سنگتون رکندو جيئن سندس خرچ جو پورائو ٿئي. ان قسم جون ڳالهيون ٻڌي هر عام سنڌيءَ کي ڌڪ ٿيندو هوندو ته ٻين ملڪن ۾ ته ماڻهو پڙهي ڳڙهي ڪٿان جو ڪٿان وڃيو نڪرن. رشوت جي پئسن مان به ڪارخانا فئڪٽريون هٽي پاڻ ۽ پنهنجي ڳوٺ جي غريبن کي سکيو بنايو ڇڏين. ڪٿي اسان جو وڏيرو ۽ ڪامورو آهي جو پاڻ ته پنهنجي تباهي آڻي ٿو پر ٻين لاءِ به ڏچو بڻجيو پوي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ٻئي جي واتان پنهنجي سنڌيءَ لاءِ ان قسم جون حقيقتون ٻڌي ان تي چڙ ڪجي ۽ هميشه وانگر هن جو ڏيک ڏيکجي. ان ڪري جو هو سنڌي آهي. ڀلي پيو پيپنگ ڪري. يا ان جي حق ۾ هن جي سڌرڻ لاءِ دعا گهرجي جيئن هو سنئين راهه تي اچي ۽ ساڳي وقت غريب عوام کي به سندس ڪڌن ڪرتوتن کان نجات ملي. يا شاندار ماضي جا گيت ۽ لوليون ڳائي گهاٽي ننڊ ۾ غرق ٿي وڃجي. يا ڪڏ ۾ هٽجي اهڙين ڳالهين کي؟

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڏوڙ وڏي ڏير مان پائجي

سال جي شروعات وارا مهينا يونيورسٽي ۾ دعوتن جو دؤر هلندو آهي. گذريل هفتي ايم ايس سي جي فائينل ايئر وارن اسان نون آيل شاگردن کي ڊنر ڏني. جيڪي فئملي سان آيل آهن، انهن جي زالن کي پڻ گهرايووبو هو. پروفيسر ۽ يونيورسٽي جو سڄو اسٽاف هو. ان سان گڏ ڪجهه آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا، فلپين ۽ انڊونيشيا جهڙن ملڪن جون ڪجهه زالون مرد هئا، جن ۾ گهڻا اُهي هئا جيڪي هتي سئيڊن ۾ سياسي پناهه واري پاليسيءَ مطابق رهيل آهن. اهي ههڙين مفت جي پارٽين۾کائڻ پيئڻ ۽ ڊانس جي شوق ۾ هليا ايندا آهن. ڪجهه هتي جون يعني سئيڊن جون عورتون پڻ هيون.جيڪي بقول هڪ پراڻي جهازي انجنيئر محمود جي، يورپ جي هر شهر ۾ هڪ گروپ اهڙين عورتن جو هوندو آهي جن جا حقوق غير محفوظ هوندا آهن. اهي اڪثر بيوهه، رن زالون، نشي جون عادي، ٿلهيون، بي ڊوليون، مڙسن سان رٺل، اولاد کان تڙيل هونديون آهن. اهي پنهنجين ساهيڙين سان اهڙين پارٽين ۾ اچي نازل ٿينديون آهن. ٿوري دير بعد جيئن ئي نغاري تي ڏونڪو لڳو يعني ميوزڪ شروع ٿي، ته هڪ هڪ اُٿي، آفريڪي شيدين سان پيچي ٿي، فلور تي ڊانس ڪرڻ ۾جنبي ويون. سندن دلپسند ماڻهو ڪارا هوندا آهن، يعني آفريڪي شيدي.

بنگلاديش جي ڪئپٽن حبيب چيو:

”يار ڪارا وڏا لاهه آهن. اسين ايشيا جا چريا رڳو وتنداسين پوسٽ آفيس ۽ اسپتالن جا ڏس پتا پڇندا. اميگريشن آفيس جا چڪر هڻندا ته اسان جي زالن کي جهٽ ويزا موڪليو ته اچن. موڪل جي ڏينهن ۾ سستا دڪان ڳوليندا سين ته ڪٿي حلال گوشت۽ مرچ مسالا ملن ٿا. هي آفريڪن هتي پهچڻ سان سامان به پوءِ کوليندا، پهرين ڪا مڪاني لولي لنگڙي، گوري سئيڊش ڇوڪري ساهيڙي ٺاهيندا. پوءِ موچڙو به ڇوڪري جو ته منهن به ڇوڪري جو. هو پنهنجين موٽر ڪارن ۾هنن ڪارن کي پير ۾ ويهارين گهمائن به ته خريداري به ڪرائين.اهڙي طرح هنن شيدي شاگردن جون پنجئي آڱريون گيهه ۾ آهن.“

سريلنڪا جي ٻُڍّ شاگرد پريرا (جيڪو ڪولمبو جي بندرگاهه جو ائڊمنسٽريٽر آفيسر آهي) چيو: ”بابا هنن آفريڪن همراهن ۽ هتي جي يورپي ڇوڪرين جو ساڳيو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ڪلچر آهي. ڪائڻ پيئڻ نچڻ ڪڏڻ، ڪو غلط ڪم ڪندي جيل ۾ هليا ويندا ته به پرواهه نه ڪندا. جيل ڪاٽي ائين پيا هلندا جڻ حج يا هني مون تان موٽيا هجن. پر پاڻ واري علائقي- يعني بنگلاديش، هندستان، پاڪستان، سريلنڪا جي رهاڪن لاءِ اهو ڪم ڏکيو آهي. پنهنجي غريب توڙي امير جو واسطو عزت ۽ سوشل زندگي گهر ۽ فئمليءَ سان آهي. نه فقط زال ۽ ٻارن سان پر ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ سان هر وقت ذهني واسطو ڳانڍاپو رهي ٿو ۽ سچي ڳالهه اها آهي ته پاڻ ان معاملي ۾ ڊڄون ٿا. پوءِ ڪٿي اسان ۾ ڪو مسلمان هجي، هندو يا ٻڌ هجي يا عيسائي.“

”پر هتي جون گوريون رنون به هنن شيدين تي مرن ٿيون.“ بنگلاديش جي حبيب چيو. ”مون ته ڪيترا دفعا ترا‌ءِ به ڪيو آهي پر اجا تائين ڪا سئيڊن جي ڇوڪري ته نهيو پر پولينڊ جي پوڙهي به منهنجي اڳيان گاهه نٿي وجهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڪيئن حاصل ڪجي؟“

”ڇا؟ گاهه يا ڇوڪري؟“ پريرا پڇيس.

”لڳي ٿو“ مون ڪلندي چيومانس، ”ته هتي جون يورپي عورتون اسان ڏارين مردن کان ڊڄن ٿيون. ان ڪري هو پنهنجن گورن سان ئي گڏ رهڻ بهتر سمجهن ٿيون. پر جيڪي تبديلي چاهين ٿيون اهي پوءِ يڪي چاهين ٿيون يعني يا ته بنهه اڇو هجي يا وري سخت ڪارو. ان ڪري ڪنهن ڪڪ رنگي يا هيڊي ڦڪي رنگ واري ايشيائي بدران ڪاري شيديءَ جي ويجهو وڃن ٿيون. يعني ڏوڙ پائجي ته ڪنهن وڏي ڏير مان پائجي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## بنگلاديش جي مفروحا ۽ ملائيشيا جي ڊيزي

بنگالي شاگردن جي زالن سان گڏ هڪ بنگالي نوجوان عورت پڻ هئي. منهنجي پرسان لنگهي تہ هڪ ٻئي کي سلام ڪرڻ بعد بنگاليءَ ۾ ”ڪيمن آشين؟ ڀالو تو؟“ خير خبرڪئي مانس. پاڻ اوورڪوٽ ۾ مفلر لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگڻ لاءِ اٿي هئي. مون کان پڇيائين تہ ڪٿي جو آهيان.

”پاڪستان جو آهيان پر ’مئرين انجنيئرنگ‘ چٽگانگ مان ڪئي هيم. ان ڪري ڪجهہ ڪجهہ بنگالي اچا ياد اٿم.“

”اپنار باري ڪوٿائي“ – ”تنهنجو ڳوٺ ڪهڙو آهي؟“ مون پڇيومانس.

”امي ڍاڪا ٿاڪبو.“ (آئون ڍاڪا رهان ٿي) هن ٻڌايو.

دراصل مون معلوم ٿي ڪرڻ چاهيو تہ هوءَ اسانجي سينئر گروپ جي ڇئن بنگلاديشين مان ڪنهن جي زال آهي. (هن سال جي شاگردن جي فئملين کي هتي اچڻ جي اجا ويزا نہ ملي آهي.) پر هن جي ڳالهين مان جڏهن اندازو نہ لڳائي سگهيس تہ نيٺ ڊائريڪٽ پڇيومانس تہ آيا هوءَ نجم العالم جي زال آهي؟

”نہ نہ.“ هن پنهنجو هٿ منهنجي منهن ڏي ڪري اهو چوڻ چاهيو تہ ڪهڙيون وينو ڳالهيون ڪريان. ۽ مون يڪدم درستي ڪندي چيو تہ. ”پوءِ توهانمسز ڪئپٽن معين آهيو؟“

”نہ نہ. منهنجي اجا شادي بہ نہ ٿي آهي.“

”اوه! آءِ ايم ساري! مون سمجهيو هتي رهندڙ بنگالي شاگردن مان توهان ڪنهن جي زال آهيو.“

”نہ نہ.“ آئون بنگلاديش ۾ گورنمينٽ آفيسر آهيان. پرواري شهر لُنڊ (Lund) ۾ هفتي کان سيمينار هلي رهيو آهي. اهو اٽينڊ ڪرڻ لاءِ آيل آهيان.“ هن پرس مان پنهنجو ڪارڊ ڪيڍي مون کي ڏيندي چيو.

موٽ ۾ مون کيس پنهنجو ڪارڊ ڏنو ۽ سندس ڪارڊ پڙهڻ لڳس. نالومفروحا سلطانا، وزارت خزانا جي ايڪانامڪس رليشن ڊويزن جي ڊپٽي سيڪريٽري هئي.

پاڻ چڱي دير بنگلاديش حڪومت کي درپيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن کي خير اسلوبيءَ

سان منهن ڏيڻ ۾ پنهنجين ڪوشش بابت ٻڌائيندي رهي. ڪيترين تعليم يافته بنگالي عورتون اسان جي ملڪ جي ساڳي ليول جي پڙهيل عورتن کان وڌيڪ سلجهيل ۽ سياسي شعور رکن ٿيون ۽ هيءَ ته ڪجهه وڌيڪ ئي هوشيار ۽ معلومات رکندڙ هئي. پاڻ بيحد دلچسپ ڳالهيون ڪري رهي هئي پر آفريڪن شاگردن اهڙا ته هيئون ڦاڙ ڳانا فل آواز تي ڪٽي رکيا جو سچ پچ دانهون ڪري ڳالهائڻ بعد به چوٿون حصو ڪو مس سمجهه ۾ آيو ٿي. ساڍس وري ملڻ جو رسمي واعدو ڪري اُٿان رڙهي اندرين هال جي ساڄي ڪنڊ ڏي آيس، جيڪا ٽيپ رڪارڊر کان سڀ کان ڏورانهين جڳهه هئي. ملائيشيا ۾ مون سان ڪم ڪندڙ ڪئپٽن لي (جيڪو مون سان گڏ هن سال آيو آهي) هڪ چيني عورت سان ويٺو هو. هن مون سان واقفيت ڪرائي.

”هيءَ مسز ڊيزي آهي سندس مڙس سئيڊش آهي ۽ ويهن سالن کان هتي رهي ٿي. ۽ هي الطاف آهي.“

”آپا خبر.“ هن مون کان ملئي ۾ خير عافيت پڇي.

”بائيڪ لا- باگوس.“ مون هٿ ملائي وراڻيو.“ توهانجي تعريف ملائيشيا جا سڀ چيني ۽ ملئي ڪندا آهن.“ مون کيس ٻڌايو. سئيڊن ۾ جيئن اسان پاڪستانين جي مسٽر جوهر، مضمون ۽ مسعود مدد ڪري ٿو تيئن ملئي همراهن لاءِ هر ڏک دور ۽ تڪليف دور ڪرڻ لاءِ هي پنجاهه سالن کن جي نيڪ عورت پاڻ پتوڙي ٿي.

”آئون ٽيچر به آهيان. فارينرس کي سئيڊش زبان سيکاريندي آهيان. ڪئپٽن لي چيو پئي ته توهان کي شايد هتي جي زبان سکڻ جي دلچسپي هجي.“

”نه. پڙهائي ڏاڍي آهي. وقت ڪيئي نه سگهندس.“ مون چيومانس.

”توهان کي ٻن مهينن اندر Crash Course (تڪڙي ۽ گهٽي پڙهائي) ذريعي سيکاري سگهان ٿي.“

”نه. آئون ٻنهه ان پويان وقت وڃائڻ نٿو چاهيان. باقي ٻئي مهيني منهنجي زال اچي پئي اها شايد سکي.“ مون في الحال جان ڇڏائڻ جي ڪئي.

”بس پوءِ ڪئپٽن لي ۽ ٻين جي زالن سان گڏ کيس به سيکاريندس. گذريل سال به توهان جي پاڪستاني دوستن: ظهير بابر، ڪئپٽن لوڌي ۽ ڪئپٽن رحمت جي زالن مونکان

سئيڊش زبان سکي هئي. پيلا فئملي اچڻ بعد هاسٽل مان شفٽ ٿي ڪٿي رهڻ جو ارادو ڪيو اٿئي؟“ هن پڇيو.

”گهٽو ڪري شهرجي ڏکڻ ۾ هولما علائقي ۾.“ مون ٻڌايو.

”گهر لاءِ فرنيچر ۽ ٿانوَ ڪپنوَ ته اينڊڙ چنچر تي روٽري ڪلب وارا وڏي Sale لڳائي رهيا آهن. جنهن ۾ گهر جي هر شيءِ تمام گهٽ اگهه تي وڪڻندا. هيءَ Sale سال ۾ هڪ دفعو هڻندا آهن. تون سامان وٺي في الحال ملئي ڪئپٽن زين اڪبر (آخري سال جي شاگرد) جي گهر يا منهنجي گهر رکي سگهين ٿو.“ ڊيزي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## ريفريجريٽر نہ پر ڊيپ فريزر

پاڻ نيلام واري جاءِ جو ڊس پتو لکي ڏنائين ۽ مون سندس ٿورو مڃي ڪائنس موڪلايو ۽ ڪجھ ڪائڻ لاءِ پليٽ ڪنئي. لاطيني ۽ آمريڪا ۾ آفريڪا جي ڪجھ شاگردن جو مفت جي شراب ۽ بيئر تي سخت مارو هو. باقي عرب، پاڪستاني، مصري، اردني چپڙي ڪري ڪوڪا ڪولا يا اسپرائيٽ جو گلاس هٿ ۾جهلي ڏوڪي رهيا هئا. شايد شراب جو ڪوبہ عادي نہ هو يا شايد سڀ ڪو شريف بنجي رهيو هو. گذريل سال ۽ هن سال جي جملي اٺن ايراني شاگردن مان ڇهہ تہ بنهہ نہ آيا جو هر ان دعوت ۾ جنهن ۾ شراب، رباب ۽ شباب هجي اچڻ کان پرهيز ڪن ٿا. بهرحال اسان مسلمانن جي ڪسر في الحال يمن جي محمد مبارڪ پوري پئي ڪئي. هو عدن پورٽ جو انجنيئر آهي. هڪ بيئر جو دٻو خالي ٿيس ٿي تہ ٻيو ڪنيائين ٿي ۽ شيدين ۽ ڏکڻ آمريڪن سان آخر تائين مقابلو ڪندو رهيو. ۽ هڪ لولي لنگڙي کي چڙيائين ٿي تہ ٻيءَ کي ڪرسي تان اٿاري فلور تي آڻي ڊانس ڪيائين ٿي. جنهن وقت بہ مون تي نظر پيس ٿي تہ ڇوڪريءَ کي پنهنجي وڊيڪ ويجهو ڇڪي رڙ ڪيائين ٿي:

”مسٽر الطاف! پليز ٽيڪ ماءِ فوٽو گراف.“ ۽ مونکي بہ دفعا ٻهانو ڪري ٽيون دفعو ڪيڏوئي پيو ٿي. ٻن ٽن ڏينهن بعد مبارڪ فلسفو بہ ڳالهائڻ لڳو هو. هونءَ ئي نارمل حالتن ۾ئي هو فلسفانہ ڳالهيون ڪري ٿو ۽ هاڻي تہ هو ان منزل تي پهچي چڪو هو جتي سندس ديس، وطن، عدن، يمن جو ڪو ملان مولوي پهچي نٿي سگهيو.

هڪ موقعي تي مون کي جهلي چيو هيائين:

”لڪ فرينڊ! منهنجا دوست! هي ملڪ بہ عجيب آهي جتي جي، نہ گلن ۾ خوشبوءِ آهي، نہ ڪاڏي ۾ڪا لذت آهي ۽ نہ وري ڪا عورت ۾ گرمائش آهي.“

ڪئپٽن حبيب چيو: ”اهو يمني ياسر عرفات مهانڊو توسان ڪهڙا راز سليندو رهي ٿو.“

ڪيس ٻڌايم تہ هيئن ٿو چوي.

”عجيب ماڻهو آهي.“ ڪئپٽن حبيب پنهنجي روايتي انداز ۾ ٽهڪ ڏيندي چيو. ”ڪيس اها خبر نٿي پوي تہ ڪهڙي عورت جي ويجهو وڃجي. ههڙي سرد رات ۾ اهڙي ٿلهي ۽

پوڙهي عورت جا جذبا Defrost ڪرڻ ۾ ته ڪيس تي راتيون ڏينهن ڪپن.“

”تو مبارڪ جي ساهيڙيءَ کي ريفريجريٽر سمجهيو آهي ڇا؟“ مون کيس ڪلندي چيو.

”ريفريجريٽر! قسم سان ڊيپ فريزر آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## خطرناڪ ماڻهوءَ جي ملڪ جي آهين

رات جا ٻارهن ڪن ٿيا ته اهي شاگرد جيڪي فئملين سان آيا هئا، روانا ٿيڻ لڳا.جو ٻارهين ڪانپوءِ شهر جي بسن جا ڦيرا گهٽجيو وڃن. هونءَ ڪلاڪ ۾چار يا پنج ڦيرا ڪندڙ بس، رات جو ٻارهين ڪانپوءِ ڪلاڪ ۾ فقط هڪڙو ڦيرو ڪري ٿي. ان جي معنيٰ هڪ بس ڇٽي وئي ته ٻي پوري ڪلاڪبعد ايندي. پر اهو آهي شهر جي هر بس اسٽاپ تي هر بس مقرر وقت تي اچي ضرور ٿي. هر بس اسٽاپ تي گهڙيال لڳل آهي ۽ سالن کان بس جو اهو مقرر وقت هلندو اچي. ماڻهو پنهنجن گهرن مان واچ ڏسي نڪرن جيئن ڪين بس اسٽاپ تي سيءِ ۾وقت وڃائڻو نه پوي.

مهمانن ـ خاص ڪري فئملين جي وڃڻ ڪري ڊانسنگ ۽ ڊائنگ هال توڙي باقي بچيل اڪيلن همراهن جي دلين ۾ آيل مهمانن لاءِ ڪافي جاءِ ٿي پئي، جو مون ڏٺو ته ڪيترا همراهه جيڪي پنهنجن دوستن يا ملڪي شاگردن جي زالن اڳيان شرمائي ڪنڌ پاسو ڏئي رهيا هئا سي به هاڻ انهن جي وڃڻ ڪانپوءِ پنهنجين سڏايل گرل فرينڊن يا پاڻهي آيل انهن عورتن کي (جن جا حقوق غير محفوظ ٿي لڳا) پنهنجين دلين ۾ جايون ڏيڻ لڳا.

ملائيشيا جي ڪئپٽن ليءَ جي زال ائنا، پٽ سان لڳل ڪرسين مان هڪ تي ويٺي هئي.

”تون اڃا ويٺي آهين؟“ مون ڪائنس پڇيو.

”لي هلي ته هلان. هڪ ٻئي پوبان بيئر جا ڊبا ڏوگهي رهيو آهي.“ ائنا وراڻيو.

ائنا جي پر ۾ اسان جو پاڪستاني ڪئپٽن سليم ۽ راحت عزيز ويٺا هئا. راحت کي انگريزيءَ ۾چيم، ”ڪئپٽن ليءَ کي مفت جي شراب پيئڻ جي ايڏي پٽ آهي جو پوءِ جان ڇٽڻ مشڪل آهي. ملائيشيا ۾ به ٻيوڪو پيئي يا نه پر لي صاحب ضرور پيئندو.“

ڪئپٽن لي جي زال ائنا منهنجي ڳالهه جي تصدي ڪندي سليم ۽ راحت کي چيو: ”الطاف سچ ٿو چوي.“

”يار ائنا ڇا سوچيندي“ ڪئپٽن سليم مون کي چيو.

”ائنا ڇا سوچيندي. ڪا لڪيل ڇپيل ڳالهه آهي ڇا. آئون پنهنجي مائٽن جي ايڏو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

عرصو ويجهو نہ رهيو هوندس جيترو هنن جي. لي ۾ مون ملائيشيا جي نيول اڪيڊمي ۾ اٺ سال گڏ گذاريا آهن. هنن جو مڱڻو ۽ شادي بہ مون اڳيان ٿي هئي.“ اهو ٻڌي ائنا خوش ٿي.

”مون کي لي چوي ٿو تہ آئون هلان, ٿوري دير بعد هوپاٺهي ايندو.“ ائنا ٻڌايو.

متان وئي آهين. هي چندو ائين ڪڏهن شراب نہ ڇڏي“ مون خبردار ڪندي جهليومانس.

بنگلاديش جو ڪئپٽن حبيب بہ اتي بيٺل هو تنهن چيو: ”ڪئپٽن لي پيئي گهٽ ٿو رڳو ضايع ڪري ٿو. بيئر جو ڊبو کوليو بہ ڍڪ پيو وري وڃيو نئون ڊبو کڻيو اچي. هي ڏسو.“

هن پر واري ٽيبل تي ڪئپٽن لي جا ڇڏيل بہ ڪن ڊبا ڪٽي اسانکي ڏيکاريا جيڪي واقعي اڌ بہ خالي نہ هئا.

ايتري ۾ ڪاٻي پاسي واري پٽ سان لڳل ڪرسين تان هڪ ڪينيا جو همراهہ ڊانس لاءِ اٿيو. آئون ان جي جاءِ تي ٿي ويٺس. پرواري ڪرسين تي هڪ حبشڻ ۽ هڪ هتي جي سئيڊش عورت ويٺي هئي. راحت اڙدوءَ ۾ مون کي چيو: ”تنهنجي پر ۾ ويٺل آفريڪن ڇوڪري اڄ جي آيل مهمانن ۾ سڀ کان حسين ترين آهي.“

”واهہ ڙي واهہ راحت عزيز تنهنجا فيصلا.“ مون چيومانس.

”ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهايان چڱي طرح ٿورو ڏسينس. گورين بہ سندس مقابلو نہ ڪري سگهن.“ راحت پنهنجي ڳالهہ تي پختو رهيو.

”خير هاڻ پر ۾ ويهي, هڪ تہ مڙي مڙي ڏسڻ صحيح ناهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ ههڙي چنجهي (Dim) روشني ۾ گورين اڇين بہ چٽيءَ طرح نظر نٿيون اچن سو هن ڪاري ڪوئل جا تہ فقط ڏند ۽ ڪنن ۾ پيل اڇا ايئرنگ ئي نظر اچي رهيا آهن.“

بنگالي ڪئپٽن حبيب جنهن کي ٿوري ٿوري اڙدو بہ اچي ٿي تنهن راحت کي چيو: ”سوير مانيءَ مهل, هوءَ منهنجي پرسان ڪائي رهي هئي. مونکي تہ ان وقت روشني ۾ بہ منجهس ڪا خاص سونهن نظر نہ آئي, توکي هتي اونداهہ ۾ منجهانئس ڪهڙي سونهن تجلا ڏيکاري رهي آهي.“

”بس ڪجهہ آهي.“ راحت چيو.

”هاڻ ڏيو منهن. اها بہ ڪا ڳالهہ. سائنسي طرح ثابت ڪرڻ بدران ائين ئي ٽيو زوريءَ

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٿاڦڻ تہ ڪجھ آھي.“ مون چيومانس.،

”پلا مڙي ڪٽي نہ ڏسينس، پراھو تہ پڇينس تہ ھوءَ ڪٿي جي آھي.“ راحت مون کي چيو.

مون ساڻس ھيلو ڪري سندس ملڪ بابت پڇيو.

”يوگينڊا جي آھيان.“ ھن وراڻيو.

”خطرناڪ ماڻھو جي ملڪ جي آھن؟“ مون يڪدم چيومانس.

”ڪيئن ڀلا؟“

”ٻيو وري ڇا. عيدي امين پاڪستاني، انڊين ۽ ايشين تہ ڀڄائي ڪڍيا پر پنھنجن ڪارن جي بہ پيينگ ڪري ڇڏيائين.“

”اھا تہ ڳالھ آھي.“ ھن مڃيو.

”يوگينڊا ۾ ڪٿي رھن؟“ مون پڇيومانس.

”ڪمپالا جي پرسان.“ ھن ٻڌايو.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ها بابا سڀ متي چڙهي ويندا

”هتي پڙهڻ لاءِ آيل آهين يا نوڪريءَ لاءِ“ پڇيومانس.

”منهنجي پيڻ هتي رهي ٿي. هوءَ هتي جي نئشنل آهي. اڄ ڪان ڏهه ٻارهن سال اڳ پهرين سندس مڙس هتي سئيڊن ۾ اچي رهيو تن ڏينهن ۾ سئيڊن ۾ اچڻ ڪو اهڙو ڏکيو نه هو. جهڙو هينئر هر صورت ۾ ناممڪن ڪري ڇڏيو اٿن. ڪجهه سالن بعد جيئن ئي هن جو پاسپورٽ ٺهيو ته زال کي به گهرائي ورتائين. هينئر آئون هنن وٽ گهمڻ لاءِ آئي آهيان.

”هيڏو خرچ ڪري سئيڊن آئي آهين؟“ مون حيرت مان پڇيو.

”دراصل هتي هميشه لاءِ رهڻ جي ڪوشش لاءِ آئي آهيان. پر هاڻ سئيڊن ۾ يا هن پاسي جي ٻين ملڪن ۾ ديرو ڄمائڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي. ڪو زمانو هو جڏهن عيدي امين ايشين کي يوگينڊا مان پٽي ڪڍيو ۽ ظلم مچائي ڏنو هئائين. انهن ڏينهن ۾ نه فقط يوگينڊا ۾ رهندڙ ايشيائي پر آفريڪن پڻ امين جي ظلم جو بهانو ناهي يورپ جي ڪيترن ملڪن ۾ سياسي پناهه وٺي اتي جا شهري ٿي ويا هئا. سئيڊن، ناروي ۽ جرمنيءَ ته انساني همدرديءَ خاطر تمام گهڻن کي رهڻ ڏنو هو. پر هاڻ ڏکيو ڪم ٿي پيو آهي.“

”پوءِ تنهنجي معنيٰ تنهنجا پاڙا پيتا ويا برباد ٿي؟“ مون چيو.

”نه. ائين ناهي. ڪافي اميد آهي. هتي رهڻ لاءِ پورو زور لڳائي رهيا آهيون. ڪجهه پيا به گس آزمائڻا پوندا.“ هن ٻڌايو.

اتي مارشل آئليند (Marshal Islands) جو مسٽر لئري اچي اڳيان ٻيهي رهيو ۽ يوگينڊا جي ڇوڪريءَ کي ڊانس جي آڇ ڪرڻ لڳو.

”لئري توکي به هرويرو هاڻ ڊانس ڪرڻي آهي. ٻيون ڇوڪريون سڀ منديون آهن ڇا جو ڏيهه ڇڏي هتان اچي نڪتو آهين.“ مون چيومانس.

يوگنڊا جي ڇوڪري کلڻ لڳي ۽ لئبري به شرمائي ’ساري! ساري!‘ چوڻ لڳو.

”نه يار ائين چرچا پيو ڪرين.“ مون لئريءَ کي چيو ۽ پوءِ يوگنڊا جي ڇوڪريءَ کي لئريءَ لاءِ چيم.:

”زبرسست ماڻهو اٿئي. مارشل ائليند جو هي پهريون شاگرد هتي آيو آهي. گذريل

سال جيئن ئي مارشل ٻيٽ يونائيٽيڊ نئشن جو ميمبر ٿيو تہ I.M.O وارن نيويءَ سان واسطو رکندڙ هڪ آفيسر کي هيڊآنهن اچي ايم ايس سي ڪرڻ جي آڇ ڪئي ۽ سڄي ٻيٽ تان هي چونڊيو ويو. ان مان اندازو لڳائي سگهين ٿي تہ اسان جو لئري ڪيڏي اهم شخصيت آهي.“

”اهو بہ تہ ٻڌائينس تہ سڄي ٻيٽ تي ڪل ماڻهو گهڻا آهن؟“ ڪئپٽن حبيب کلندي چيو. آڱوٺي جيڏو ٻيٽ، چين يا انڊيا جي آدمشماري مان چونڊجي ها تہ ڪا وڏي ڳالهہ هئي. سڄي ٻيٽ تي ڪل ستر هزار ماڻهو تن مان فقط ٿي نيوي ۾ آهن. انهن مان هڪ چونڊجي هتي آيو آهي.“

لئري ٽيسين ان يوگنڊا جي ڇوڪريءَ سان نچڻ ۾ محو ٿي ويو هو.

”ڪجهہ بہ آهي.“ مون حبيب کي چيو ”جتي وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو بہ درخت وارو حساب آهي. لئري هن وقت بہ ڏن اهم پوسٽن تي آهي. هتان ايم ايس سي ڪرڻ بعد ڪيس اجا بہ پروموشن ملندي، جو هن ٻيٽ تي پڙهيل ڳڙهيل مڪاني ماڻهن جي تمام گهڻي کوٽ آهي.“

”ها بابا! سڀ مٿي چڙهي ويندا.“ حبيب هڪ دفعو وري کلندي طنز ڪئي. ”باقي پاڪستاني، هندستاني ۽ بنگلاديشي ڪيڏا بہ تير هڻي اچن تہ بہ اتي جو اتي رهندا. مون کي تہ ڊپ آهي تہ ٻن سالن بعد پنهنجي آفيس ۾ اها پوسٽ بہ شايد نصيب نہ ٿئي، جيڪا ڇڏي آيو آهيان. ڪنهن سياستدان جي چمچي کي اها ڪرسي ڏئي ڇڏيندا.“

# فيلي باهمت عورت آهي

راحت ۽ حبيب کي چيمر ته فائينل ايئر جي شاگردن هيءَ آڌر ڀاءُ واري دعوت (Welcome Party) اسان کي ان لاءِ ڏني آهي ته جيئن اسان هنن سان ملون جلون. پر پاڻ ته رڳو پنهنجو پاڻ ۾ ويٺا ڪچهريون ڪريون. سامهون فائنل ايئر جي شاگردياڻي مس فيلي پنهنجي هڪ شيدي ڪلاس ميٽ سان نچي رهي هئي. سندس سچو نالو فيلستاس وونورو خايومبي آهي. پاڻ اوپر آفريڪا جي ملڪ ڪينيا جي آهي ۽ اتي جي منسٽري آف ڪميونيڪيشن ۾ ڊپٽي سيڪريٽري آهي. پاڻ سڄي يونيورسٽي ۾ ٿلهي ۾ ٿلهي عورت آهي. مون ڪيترين ئي ٿلهيون عورتون ڏٺيون هونديون پر هن جهڙي ٿلهي عورت ڪا ورلي هجي. پر فيليءَ کي اهم ۽ نمايان سندس ٿولهه نه، خوش مزاجيءَ بنايو آهي. هوءَ جيتري ٿلهي آهي اوترو ئي ڪلمڪ، چرچائڻ ۽ پڙهيل لکيل آهي. پاڻ پورٽس ۽ شپنگ ائڊمنسٽريشن ۾ ايم ايس سي ڪري رهي آهي. فيليءَ کان گهٽ ٿولهه واريون عورتون به شرم ۽ احساس وچان جيڪر پنهنجو پاڻ کي لڪائينديون وتن. پر فيلي کي پرواهه ئي ناهي. هن پنهنجي ٿولهه کي ڪڏهن به ڪمزوري نه بنايو آهي. هر وقت ڪچهري ۽ چرچن ڀوڳن ۾ مشغول نظر ايندي. هيڏي وزن هوندي به هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ نچي سگهي ٿي. بس رڳو يونيورسٽي هلڻ مهل پنهنجو ٿيلهو يا بيگ ڪنهن ڪلاس ميٽ يا اسان نون آيلن مان هڪ کي کڻڻ لاءِ منٿ ميڙ ڪندي آهي ۽ جو بقول سندس ڪائنس سامان سان گڏ بس مان لهيو چڙهيو نٿو ٿئي. بس ۾ چڙهندي آهي ته ويٺل مسافر في الحال هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ ڇڏي ڪيس غور سان ڏسندا آهن. لهندي آهي ته پيادا مڙس مڙي ڏسندا اٿس. ته به هن مائي کي ڪنهن ڳالهه جو فڪر ئي نه آهي. راحت هڪ ڏينهن چيو: ”ٿلهن کي کائڻ جي معاملي ۾ وڏو احساس ٿيندو آهي ۽ گهٽ کائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پر هي ماسي فيلي هڪڙي پليٽ خالي ڪري وري ٻي به ڀرين وانگر ٽپ ڀري کائي ٿي. ڊنر تي مڇي يا ڪڪڙ جو وڏو حصو هڪ ئي دفعو ملندو آهي. پر هيءَ اهو ڊش به بورچيءَ کان نڪ جو پڪو ٿي ٻيو دفعو گهرندي آهي. پاڻ نئروبي (Nairobi) شهر جي آهي جيڪو ڪينيا جي گاديءَ جو هنڌ آهي. فيليءَ کان علاوه سندس ملڪ ڪينيا جو هڪ ٻيو شاگرد عبدالله پڻ آهي. ڪئپٽن عبدالله آدم ممباسا جو

مسلمان شيدي آهي ۽ مئريتائيم ايڊيوڪيشن ۽ ٽريننگ ۾ ايم ايس سي ڪري رهيو آهي. ڪيس هڪ ڏينهن چيو هوم تہ ڪڏهن لکي فيليءَ جو اخبار لاءِ فوٽو ڪيڊندس. هن وچي فيليءَ سان ڳالهہ ڪئي ۽ هاڻ منهنجن هٿن ۾ ڪئميرا ڏسي فيلي سڏ ڪيو.

”مسٽر الطاف فوٽو اچي ڪيڊ.“

پرجيسين فئلش تيار ڪري اُٽيس تيسين ڳانو ختم ٿي ويو ۽ نچڻ وارا فرحت وٺڻ لاءِ ڊائننگ هال ۾ اچي ويٺا. آئون بہ اٿي فيليءَ واري ٽيبل تي ويٺس جتي پاڪستان جو ڪئپٽن عاشق ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ پيرو (Peru) جو الفونسو ويٺا هئا. عاشق کي چيم تہ فيليءَ جي تصوير مضمون سان گڏ ڪنهن اخبار يا رسالي ۾ ڏيندس تہ پڙهندڙن کي احساس ٿئي تہ فيلي ڪيڏي باهمت عورت آهي جيڪا پنهنجي هھڙي ڳري جسم کي بهانو بنائڻ بدران هھڙي سيءَ ۾ جهڙ مينهن واري ملڪ ۾ ۽ هن عمر ۾پڙهي رهي آهي.

ٿوري دير بعد فيلي ۽ ٻيا ڊانس لاءِ اٿيا ۽مون سندس فوٽوڪيڊي ڊانسنگ هال ۾ويٺل راحت ۽ سليم کي واچ ڏيکاري هلڻ جو اشارو ڪيو.

”اجا ٿورو ترس. ٻين بجي دعوت ختم ٿيڻ جو وقت آهي. هونءَ بہ سياڻ آچر آهي. موڪل جو ڏينهن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# مئڊا گاسڪر جي لالائو

فلور تي سڀ جوڙا جوڙا هئا. جن ۾ ڪي يونيورسٽي جا شاگرد ۽ شاگرديائڻيون هيون ۽ ٻيون ٻاهران آيل ڪاريون ۽ گوريون مهمان عورتون هيون. جيڪي آفريڪن شاگردن سان نچي رهيون هيون. پٺين جي چوڌاري رکيل ڪرسين تي ڪجهه بنگلاديش، پاڪستان، سعودي عرب ۽ ايران جا شاگرد اڪيلا هئا نہ تہ ٻيا سڀ جوڙا جوڙا وينل هئا. چوڌاري ٽيبلن تي گلاسن ۽ دٻن جا ڍير هئا. ائش ٽڙي سگريٽن جي راس سان ٽٻ هجڻ ڪري ڪيترائي پنهنجا سگريٽ بيئر جي دٻن يا گلاسن ۾ وسائي رهيا هئا. پٽ تي پٽئٽو چپس، ڪرئڪر بسڪٽ ۽ چونئرن جا ذرا پرزا پکڙيا پيا هئا. جنهن مان لڳو پئي تہ دعوت واقعي گهٽو وقت هلي رات جي پوئين حصي ۾ پهچي چڪي آهي. راحت هتان هُتان برف جون ٻہ چار ڳوڙهيون هٿ ڪري ڪوڪا ڪولا کي ڪجهه ٿڌيرو ڪري کٽي آيو. پر واري ٽيبل تي فائنل ايئر جي ڇوڪري لالائو اڪيلي ويٺي هئي. پنهنجن گلاسن مان ٿوري ٿوري ڪوڪا ڪولا ڪيڏي ٽيون گلاس ناهي ڪيس ڏنوسين.

”ڏس تہ صحيح توهان فائيل ايئر وارا بہ ڪمال ٿا ڪريو“ راحت لالائو کي چيو ”بيئر جيڪو مهانگو آهي ان جا دٻا تہ جام کٽي رکيا اٿوَ باقي ڪوڪا ڪولا تي ڪنٽرول وجهي ڇڏيو اٿوَ“

”پر مزي جي ڳالهہ تہ ڪوڪا ڪولا بہ تہ هتي اوتروئي مهانگي آهي.“ لالائو چيو ۽ پنهنجي ٽيبل تان اٿي اسان واري ٽيبل تي اچي ويٺي. لالائو عمر توڙي قد بت ۾ سڀ کان ننڍي آهي. هيترا ڏينهن آئون اهوئي سمجهندو رهيس تہ هوءَ انڊونيشيا يا ٿائيلينڊ جي آهي. سندس چهري مان ائين ئي لڳو ٿي. پر ان ئي ڏينهن مون کي معلوم ٿيو تہ هوءَ ڏور اوير جي ڪنهن ايشيائي ملڪ بدران هندي وڏي سمنڊ جي ڪنهن ٻيٽ کان آئي آهي.

”معاف ڪجانءَ لالائو! تون سيشلز ٻيٽ جي تہ نہ آهين.“

”نہ.“

”خبر ناهي مون کي ڪنهن ٻڌايو تہ تون انڊين اوشن جي ڪنهن ٻيٽ جي آهين. شايد موريشش جي.!“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”نہ. آئون مئڊاگاسڪر جي آهيان.“ هن ٻڌايو. ”اوهہ! آءِ ايم ساري! پهرين تہ آئون توهان کي ٿائي يا انڊونيشي سمجهندو هوس.“ مون ٻڌايومانس.

”ها. مون کي ڪيترا ائين سمجهندا آهن. ڪي تہ مونکي ملئي، سلوني يا انڊين بہ سمجهن ٿا. هن آهستي آهستي جملا ناهي انگريزءَ ۾ ٻڌايو.

اسان پنهنجو ساڻس تعارف ڪرائي ڪانئس سندس مادري زبان جو پڇيو.

”مئبوگاسڪر ۾ اسان جي پنهنجي لوڪل زبان قومي زبان آهي. هڪ ٻئي سان اها ڳالهايون.“

”پوءِ انگريزي ڪٿي پڙهين؟“

”هتي سئيڊن ۾ ئي اچي سکيس، ٽن مهينن جو شارٽ ڪورس ڪيم. ڇو جو مئڊا گاسڪر ۾ اسڪول ۽ ڪاليج ليول تي انگريزي نہ پر فرينچ هلي ٿي.“

”پوءِ شاباس هجنئي. سٺي انگريزي ڳالهائين ٿي.هتي اچڻ کان اڳ ڪجهہ تہ انگريزي ايندي هوندئي؟“ مون پڇيو مانس.

”صفا نہ. پهريان ڏينهن تہ جهڙي گونگي گانءِ ٿي پئي هليس. فقط انهن آفريڪن ڪلاس ميٽن سان ڳالهائيندي هيس جن جي ملڪن ۾ فرينچن جو راڄ هو. مثال طور: ڪانگو نائيجريا، الجيريا، موراڪو وغيره. ڪلاس روم ۾ بہ گهڻو سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. انگريزي نہ اچڻ ڪري وري سوال بہ پڇي نہ سگهندي هيس. پر ڏينهن رات محنت ڪندي رهيس. آئون عزم جي پڪي آهيان. هاڻ تہ چڱي انگريزي سکي وئي آهيان پر ان هوندي بہ اڃا سکندي اچان.“

سندس ننڍي عمر ڪري سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ آيا شادي شده آهي يا اڪيلي. مڙس جي خيريت جو پڇجيس يا ماءُ پيءُ جو حال احوال ونجيس.

”باءِ دي وي آر يو مئرڊ؟ ڇا تون شادي شده آهين؟“ مون پڇيو مانس.

”ها. بہ ٻار بہ اٿم. ڏس عجيب ٿو لڳي نہ؟ ويتر قدبت جي بہ هلڪي آهيان ان ڪري ڪيترن کي يقين ئي نٿو اچي. منهنجي شادي پڙهائيءَ دوران ٿي وئي. مئڊاگاسڪر جي يونيورسٽي مان M.B.A ڪري پوءِ ملڪي شپنگ ڪمپني ۾ اسسٽنٽ مئنيجر طور نوڪري ورتم. منهنجي باس چيو تہ سئيڊن ويندينءَ؟ جنرل مئنجمينٽ ۽ ائڊمنسٽريشن ۾

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايم ايس سي ڪري اچ تہ توکي اجا وڌيڪ پروموشن ڏيان. مڙس سان ڳالهہ ڪيم، هو ميڊيڪل ڊاڪٽر آهي. تنهن چيو همت ڪري سگهين تہ ڀلي وڃ. ٻارن جو فڪر نہ ڪر ۽ مون ٻئي ڏينهن هيڊآفيس اچڻ جو رضامندي ڏني.“

”ڪيڏا وڏا ٻار اٿئي؟“

”هڪ ڇهن سالن جو ۽ ٻيو ٻن سالن جو.“ لالائو ٻڌايو.

”ٻارن کي تہ ڏاڍو ياد ڪندي هوندين؟ جو جو هڪ پيءُ ٻارن کان پري رهي سگهي ٿو، پر ماءُ لاءِ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. خاص ڪري ٻن ۽ ڇهن سالن جي ننڍن ٻارن کي يڪدم ڇڏي ڏيڻ.“

”واقعي. اها ڳالهہ تہ آهي. ٻارن ۽ مڙس جي جدائي، اوپري ۽ نئين زبان (يعني انگريزي) ۾ هيڏي پڙهائي ۽ اڪيلي سر رهڻ. ڪڏهن ڪڏهن ايڏي ڊپريشن ٿيندي آهي جو چڙ وڃي پوندا آهن. پر آئون بہ همت ڪري منهن ڏيو وٺي آهيان.“

”پوءِ مڙس ۽ ٻارن کي چونٽي گهرائي وٺين. تنهنجي ٻارن جي تہ پڙهائي جو بہ مسئلو ناهي.“

”اسان جي ٻيٽ تي پهچڻ جي ٽڪيٽ تمام ڳري آهي. اهي هوائي اڏا جتي گهٽا مسافر وڃن ٿا انهن جي ٽڪيٽ ايتري ناهي، جيتري مئڊاگاسڪر جي، جتي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو وڃن ٿا. هڪ فرينچ ايئر لائين جو هفتي ۾ هڪ دفعو هوائي جهاز Antananarivo وڃي ٿو. سو بہ پيرس کان.“ ('انتانانا ريوو' مئڊا گاسڪر جي گاديءَ جو هنڌ آهي.)

”هائو. مون کي ياد آهي. هڪ دفعي اسان جو جهاز موزمبق جي بندرگاهہ ۾ بيٺو هو. اتان ايمرجنسي ۾ هڪ انجنيئر کي ٽرانسفر ڪري ٻئي جهاز تي موڪلڻو هو جيڪو توهان جي ٻيٽ مئڊا گاسڪر ۾ بيٺل هو. موزمبق کان مئڊا گاسڪر ڪو ايترو پري ناهي. ٻنهي جي وچ ۾ فقط سمنڊ جي وٿي آهي، جنهن کي موزمبق چئنل سڏجي ٿو. موزمبق جي هوائي اڏي موپوتو (تن ڏينهن ۾ لارينزو مارڪس سڏبو هو) کان توهان جي گاديءَ واري هنڌ انتاناناريوو تائين ڪلاڪ کن جو پنڌ مس ٿيندو پر موزمبق کان مئڊا گاسڪر (انتاناناريوو) ڪا بہ ڊائريڪٽ اڏام نہ هئي. نتيجي ۾ هن انجنيئر کي پهرين موزمبق کان لسبن Lisbon پورچو

گال موڪليو ويو (موزمبق پورچوگالين جي قبضي ۾ هجڻ ڪري ان تي انهن جو اثر رسوخ آهي.) پوءِ لسبن کان بي اڏام ۾ لندن ويو. اتان پوءِ ٽين ۾ پئرس پهتو. پئرس ۾ ڪيس ٽي ڏينهن ڪن هوٽل ۾ رهڻو پيو جو پئرس کان انتاناناريوو (مئڊاگاسڪر) هفتي ۾ فقط هڪ اُڏام آهي. بهرحال ڇهه سؤ ڪن ميلن جي سفر لاءِ ڪمپنيءَ جو اٺاويهه هزار روپيا خرچ اچي ويو ۽ انجنيئر کي ڪلاڪ ڪن جو سفر بدران يڪو هفتو ڪن ڏهه ٻارهن هزار ميل سفر ڪرڻو پيو.“

”اها ته تڏهن جي ڳالهه آهي اڄ کان 15 سال کن اڳ جي. هينئر ته هتان کان مئڊاگاسڪر هڪ طرفي ٽڪيٽ ته پوٽا چار هزار ڊالر (هڪ لک رپيا) آهي. ٻي ڳالهه ته منهنجو مڙس نوڪري ڪيئن ڇڏي اچي هتي ويهي رهي. بس ارڙهن مهينا گذري چڪا آهن باقي ڪي ڇهه مهينا. هاڻ اسين فائينل ايئر وارا اچي چڙهيا آهيون. جولاءِ ۾ ٽيون سيمسٽر ختم ٿيندو. ان بعد 15 ڏينهن موڪل ڪاٽڻ بعد آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ ناروي، جرمني ۽ انگلينڊ فيلڊ ٽرپ (Field Trip) ۾ بزي رهنداسين. ان بعد اچڻ سان پروجيڪٽ (ٿيسز) جمع ڪرائڻ آهي. پوءِ امتحان ۽ سامان جي پئڪنگ ڪبي ته گريجوئيشن اچي ويجهي ٿيندي.“

”بهرحال شاباس هجنئي. تو جهڙيون عورتون اسان جي مشرقي عورتن لاءِ همت ۽ محنت جو سٺو مثال آهن.“ مون چيومانس.

”آئون جڏهن مئڊاگاسڪر کان آيس پئي ته ڪيترن پاڙي اوڙي جي عورتن چيو ته زال ذات ٿي اڪيلو پئي وڃي سو به يورپ جهڙي ملڪ ۾ ۽ يورپ جي به ان ملڪ ۾ جيڪو آزاد جنسي تعلقات، تڏ ۽ مهانگائيءَ کان مشهور آهي.“

”پر منهنجي مڙس مون کي چيو ته تون ڪنهن جي به ڳالهه جو فڪر نه ڪر. بس همت بلند رک ۽ مون به کين اهوئي چيو ته انسان جي عزت ۽ شرافت هن جي دل ۾ آهي. جيڪي عورتون خراب ٿين ٿيون اهي مڙس هوندي، سٽن ڪوٽن ۾ به خراب ٿيو وڃن. آئون پڙهڻ وڃي رهي آهيان ۽ جتي آفريڪا ۽ ايشيا جي ملڪن جون عورتون پڙهي رهيون آهن اتي آئون به تعليم حاصل ڪري ايندي ۽ هونءَ به رڳو مردن کي نه پر عورتن کي به اعليٰ کان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کپي. مرد وانگر عورت کي به پڙهائي ڪم اچي ٿي. سٺدس تعليم نه فقط پنهنجو پاڻ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿي پر مڙس لاءِ، ٻارن لاءِ، قوم لاءِ ۽ ملڪ لاءِ پڻ.“

”ڏاڍو سنو توسان ملي سچ پچ خوشي ٿي. ساڳي هاسٽل ۾ رهڻ ڪري جيتوڻيڪ روز گس پنڌ تي ملاقات ٿي پئي. پر مون کي اها خبر نہ هئي تہ تون ايڏو باهمت آهين ۽ پڙهائي کان علاوه ڪيترن مسئلن ۾ مونجهارن کي منهن ڏيو ويٺي آهين. توتي آئون ضرور بہ اکر لکندس. پنهنجي ملڪ جي اخبار لاءِ بہ.“ مون چيومانس.

”فوٽو بہ ڏجانءِ“. ۽ پوءِ ان اخبار جي ڪاپي مون کي بہ ڏجانءِ تہ آئون پنهنجي مڙس کي موڪليندس.“ لالائو موڪلائيندي چيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# ڪجهه مڊاگاسڪر بابت

”آفريڪا جي ڀر ۾، هندي وڏي سمنڊ ۾ هي هڪ ٻيٽ نما وڏو ملڪ آهي. ڪجهه عرصو اڳ سنڌس نالو ملاگاسي ٻه رهيو پر هاڻ وري مڊاگاسڪر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. سنڌس پکيڙ اٽڪل ڇهه لک چورس ڪلوميٽر آهي ۽ آدمشماري هڪ ڪروڙ ڪن اٿس، جن ۾ ڪيٽريون ئي مڪس قومون رهن ٿيون. انهن ۾ آفريڪا جي مختلف قبيلن جا شيدي، عرب، ملئي، پئسفڪ ٻيٽن جا Polynesian، ننڍي کنڊ جا ماڻهو ۽ چيني پڻ اچي وڃن ٿا. ويهه هزار ڪن يورپي ٻه رهن ٿا. جن ۾ گهڻائي فرينچن جي آهي- جن جو هي ملڪ ڪالوني ٿي رهيو هو.

انٽاناناريوو (Antananarivo) سنڌس گادي جو هنڌ آهي ۽ ٻيٽ جي وچ تي آهي. ان جي آدمشماري ٻارهن لک ٿيندي. ٻئي نمبر تي وڏو شهر توماسينا ۽ مهاجنگا آهي. اهي ٻئي بندرگاهه آهن. ان کان علاوه هڪ ٻه ٻيا ٻه ننڍا بندرگاهه اٿس. ملڪ جي زبان ملاگاسي ۽ فرينچ آهي. ٿوري گهڻي انگريزي ٻه ڳالهائي وڃي ٿي پر ملڪ جو سڄو ڪاروبار ۽ سرڪاري لکپڙهه فرينچ ۾ ٿئي ٿي، جيئن پاڻ وٽ انگريزيءَ جو مان آهي. هي ٻيٽ فرينچن جي قبضي ۾ رهيو ۽ 1960ع ۾ کيس آزادي ملي.

ملڪ جو وڏو ’صدر‘ آهي جيڪو ”سپريم انقلابي ڪونسل“ جي مدد سان حڪومت هلائي ٿو. ليجسليٽو پاور ملڪ جي نئشنل پيپلز اسيمبلي جي 137 چونڊيل ميمبرن جي هٿ ۾ آهي. هر پنجين سال اليڪشن ٿيندي آهي. باقي هتي جو صدر ستن سالن لاءِ چونڊبو آهي.

مڊاگاسڪر جي خاص ايڪسپورٽ لوَنگ ۽ ڪافي آهي، جنهن مان هو غير ملڪي ناڻو ڪمائي ٿو. هي ملڪ اسان جي ملڪ وانگر اتر گول ۾ هجڻ بدران ڏکڻ اڌ گول ۾ آهي. ان ڪري هتي ڊسمبر جو مهينو سڀ ۾ گرم آهي ۽ سيءُ ۽ ٿڌ جون ۽ جولاءِ ۾ پوي. نومبر کان مارچ تائين مڊاگاسڪر ۾ مينهوڳيءَ جي موسم سڏبي آهي.

مڊا گاسڪر ۾ پهچڻ لاءِ سنڌس هوائي ڪمپني Air Madagascar جي هوائي جهاز ۾ وڃي سگهجي ٿو. ان هوائي ڪمپنيءَ ۾ ٽيون حصو مالڪي فرانس وارن جي آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ايئر مئڊاگاسڪر ڪان علاوه ايئر فرانس، ايئروفلوٽ ۽ ايئر ماريشش جي بہ هفتي ۾ هڪ اڌ اڏام هتان هُتان اچيو نڪري.

مئڊاگاسڪر ۾ ڇنڇر ۽ آچر جا ڏينهن موڪل ٿين. سومر ڪان جمع تائين صبح جو اٺين ڪان شام جو ڇهين تائين اسڪول، ڪاليج آفيسون ڪليل رهن ٿيون. گرمي ۾ گهم ڪري هتي جا ماڻهو منجهند جو ٿوري دير آرام ڪن. ان ڪري ٻارهين ڪان ٻين بجي تائين آفيسون ۽ دڪان بند رهن.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## يو.اين.او ۽ آءِ ايم.او

يونائيٽيڊ نئشنس (اقوام متحده) گڏيل ملڪن جي هڪ جماعت آهي ۽ دنيا جا 150 کن ملڪ ان جا ميمبر آهن. اسيمبلي جي ميٽنگ ۾ اهم مسئلن جي گڏجاڻيءَ لاءِ انهن ملڪن جا ميمبر نيويارڪ ۾ اچي گڏ ٿيندا آهن.جتي(UNO) جي عمارت آهي. پاڪستاب بہ 30 سيپٽمبر 1947ع کان ان جو ميمبر آهي. مختلف ڪم هلائڻ ۽ انهن جي نظرداري ڪرڻ لاءِ U.N.O جا ڪيترائي ننڍا ننڍا ادارا آهن. جيئن تہ دنيا جي ماڻهن جي ڪرنڊڙ صحت جي ڪُٽتي لاءِ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن (W.H.O) نالي ادارو آهي.دنيا جي مزورن کي ڪنهن قسم جي ظلم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ' انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن (I.L.O) آهي.اهڙيءَ طرح سامونڊي دنيا جي مسئلن- جهازن جي بناوت, ان ۾ استعمال ٿيندڙ لوهہ ۽ مشينري ۽ جهازن کي هلائڻ کان وٺي سمنڊ کي گند ڪچري کان صاف رکڻ لاءِ انٽرنيشنل مئريٽائيم آرگنائيزيشن (I.M.O) ان کان علاوه ويهہ پنجويهہ ادارا ٻيا بہ آهن, جن جا هيڊ ڪوارٽر لنڊن, پئرس, جينيوا, مانٽريل ۽ ٻين اهم شهرن ۾ آهن.

هر اداري جي قاعدي قانون ناهڻ ۽ ڪم ڪار هلائڻ لاءِ پنهنجي اسيمبلي ۽ ڪائونسل آهي, جنهن ۾ پڻ دنيا جا مڙيئي "چڱا مڙس" (ملڪ) حصو وٺن ٿا. هر هڪ اداري وٽ دنيا جي اهم زبانن: انگريزي, روسي, اسپيني, فرينچ, عربي ۽ چيني وغيره جا ڪيترائي ترجمي ڪار آهن. ميٽنگن دوران هر تقرير ۽ ان تي ٿيندڙ سوال جواب مٿين زبانن ۾ ترجما ڪيا وڃن ٿا جيئن جنهن ملڪ جي نمائندي کي جيڪا ٻولي سمجهہ ۾ اچي انجو ٽيبل تي لڳل بٽڻ دٻائي ڪنن تي چڙهيل ايئرفون ۾ ٻڌي سگهي. مثال طور انگريزي ۾ تقرير هلي رهي آهي تہ وينزوئلا ڏکڻ آمريڪا جو نمائندو تقرير هلندي ان جو ترجمو اسپيني زبان ۾ ٻڌي سگهي ٿو تہ بحرين جي نمائندو عربي ۾. ۽ پوءِ سوال جواب ڪرڻ وقت هو مٿين اهم زبانن مان ڪنهن ۾ بہ سوال ڪري سگهي ٿو جنهن جو ترجمو ٻين زبانن ۾ ان وقت ٿيو وڃي. چيني نمائندو چيني زبان ۾ تقرير ڪري ٿو تہ پاڪستاني ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٻڌي سگهي ٿو ۽ پاڪستانيءَ جو انگريزيءَ ۾ ڪيل سوال جو جواب ڪنهن ٻئي ملڪ جو نمائندو فرينچ يا روسي زبان ۾ ٻڌي ۽ ڏيئي سگهي ٿو پر پاڪستاني پنهنجن ڪنن ۾ لڳل ايئرفون ۾ انهن

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سوالن جا جواب انگريزيءَ ۾ ڏئي پڏي ٿو.

سو يونائيٽيڊ نئشنس توڙي ان جي ٻين ادارن جي گڏجاڻي وقت ضروري ناهي ته سيني کي انگريزي اچي. ميٽنگ لاءِ ميمبر ٻاهر پلي هڪ ٻئي جي زبان نه ڄاڻڻ ڪري هڪ ٻئي سان آمهون سامهون نه ڳالهائي سگهن پر ميٽنگ دوران ترجمي جي سهوليت ڪري دنيا جي مختلف ملڪن جا نمائندا اچي هڪ ٻئي سان بحث مباحثو ڪري سگهن ٿا. اسان جي هيءَ سئيڊن واري W.M.U يونيورسٽي به ڪجهه اهڙو ئي ٻين الاقوامي ادارو آهي پر اسان وٽ شروع کان اها ڳالهه رکي وئي ته فقط هڪ زبان انگريزي هلندي جنهن کي بين الاقوامي زبان جو درجو مليل آهي ۽ جن کي انگريزي نٿي اچي انهن کي پنهنجي ملڪ يا هتي اچي ڀهرين انگريزي سکڻي پوندي. يونيورسٽي جا پروفيسر جپاني، اسپيني، نارويجن، انڊين، يوناني ۽ فرينچ آهن. پر سيني کي انگريزيءَ ۾ ليڪچر ڏيڻو پوي ٿو. هي يونيورسٽي يونائيٽيڊ نئشنس جي اداري I.M.O سن 1983ع ۾ سئيڊن جي هن شهر مالمو ۾ ٺهرائي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## سمنڊ تي ڪيترن جوئي واسطو آهي

هن صديءَ جي اڌ بعد- خاص ڪري آخري چوٿي ۾ ساموندي دنيا ۾ هر طرف تمام گهڻيون تبديليون آيون آهن. پهرين فقط مال بردار ۽ مسافر جهاز هئا پر هاڻ تيل جا ٽئنڪر، گئس ۽ ڪارون کڻڻ لاءِ مختلف جهاز. مسافر ۽ سندن ڪارون ڍوئيندڙ رو رو (Ro Ro) فيريون ۽ ڪنٽينر ڪئريڪر (Container Carrier) اڌ هوا ۽ اڌ پاڻي ۾ هلندڙ هوور ڪرافٽ (Hoover_ Craft) مڇيون ڦاسائڻ ۽ سمنڊ تي ئي صاف ڪري ڊبن ۾ بند ڪرڻ واري فئڪٽرين وارا جهاز- مطلب تہ ڪئين قسمن جا جهاز نڪري پيا آهن. ويهہ پنجويهہ هزار ٽن جي جهازن ڪان وٺي لک ڊيڊ ٽن، چئن لک ٽنن جا سپر ٽئنڪر، ويري لارج ۽ الٽرا لارج جهاز نڪري پيا آهن. اهڙيءَ طرح بندرگاهن جا نمونا بہ جهازن مطابق تبديل ٿي ويا آهن. ڇو جو هڪ ڪنٽينر جهاز يا رورو فيري عام ڌڪي (جيٽيءَ) تي تہ بيهي نہ سگهندي. بندرگاهہ ڪان علاوه جهاز سازي جا ڪارخانا ۽ سمنڊ تي هلڻ جا مختلف رستا اختيار ڪيا ويا آهن. گهڻي آزادي بہ سٺي ناهي. قاعدو قانون نہ هجڻ ڪري ڪيترائي شپ يارڊ ردي سامان استعمال ڪري سگهن ٿا يا پنهنجي مرضي تي سمنڊ تي رستا ٺاهي هلڻ ۽ بين لاءِ رستو نہ ڇڏڻ تي حادثا ٿي سگهن ٿا ۽ نہ فقط جهاز جو سامان ۽ ماڻهن جي جان تباهہ ٿي سگهي ٿي پر انهن جهازن ۾ ڪنيل ڏامر جهڙو تيل، يا ٻيا زهريلا ڌاتو سمنڊ جي سوين ميلن جون ساهواريون شيون ماري يا ڪاري سگهن ٿا.

سمنڊ تي اڄڪلهہ فقط ٻيڙين وارن جو واسطو ناهي جيڪي ٻين کي اهو چئي ٻچائي ڪڍن تہ هي دنيا هنن جي آهي ٻيا ٻچي پاسو ڪن. پر هاڻ تہ آئل گئس وارا اهو چئي سگهن ٿا تہ ملڪ جي معاشيات سڌارڻ لاءِ گئس ۽ تيل ضروري آهي جنهن جي کوجنا ڪرڻ لاءِ سمنڊ ۾ Oil Rings ۽ ٻيو ريسرچ ورڪ ڪرڻ لاءِ اسان کي کلو ڪاٽو ڏنو وڃي. باقي ٻيا مڙيئي ماڻهو مهاڻو ٿيهہ قدم پري ٿي بيهن. فشريز (مڇيون ڦاسائڻ ۽ ان جو ڪاروبار هلائڻ) وارا پنهنجي اداري جي اهميت مڃائي سگهن ٿا. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ ئي فشريز جو ادارو مڇين، ڪانگٽن مان ملڪ کي ڪروڙين ڊالر ڪمائي ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح بحري فوج وارا پنهنجن جهازن ۽ ملٽري ڪمن لاءِ سمنڊ تي پنهنجو ديرو ڄمائڻ جي حق جو اظهار ڪري

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

سگهن ٿا.

سو انهن ڳالهين کي منهن ڏيڻ ۽ بين الاقوامي نموني جا قاعدا قانون ٺاهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ I.M.O وارن هي اسان جي (W.M.U) ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي ٺاهي آهي جيئن دنيا جي ملڪن جي اهم ساموندي ادارن سان واسطو رکندڙ آفيسر پنهنجي ڪم ۾ وڌيڪ ماهر ٿيڻ لاءِ ٻن سالن لاءِ هتي اعليٰ تعليم حاصل ڪن. هر ملڪ جي ساموندي ڪاروبار، آدمشماري ۽ بندرگاهن جي حساب موجب ان ملڪن مان شاگردن جو تعداد اچي ٿو. مثال طور پاڪستان، بنگلاديش، انڊيا مان هر سال ٻه ٽي اچن ٿا. فلپين ۽ ايران مان چار ڪن، سريلنڪا، برما، بلغاريا، ويٽنام، رومانيا مان هڪ هڪ. اسپين پورچوگال، سئيڊن جهڙا يورپي ملڪ جيتوڻيڪ وڏا آهن پر ترقي يافته (Developed) آهن ان ڪري اُتان هڪ شاگرد به ڪافي آهي. هن يونيورسٽيءَ مان اهو فائدو ٿي رهيو آهي ته دنيا جي ملڪن ۾ سمنڊ جي قاعدن ۽ قانونن ۾ هڪجهڙائي اچي رهي آهي. جهاز ۽ ان ۾ سفر ڪندڙ انسان جي سلامتي ۽ سمنڊن کي صاف رکڻ جا اپاءَ ورتا پيا وڃن. مثال طور جهاز جي بناوت جي سلامتي چيڪ ڪرڻ لاءِ نه فقط فلئگ اسٽيٽ (جنهن ۾ اهو جهاز رجسٽرڊ ٿئي ٿو ۽ ان ملڪ جو جهنڊو ڦڙڪائي ٿو) دخل اندازي ڪري سگهي ٿو پر پورٽ اسٽيٽ (جنهن جنهن ملڪ جي بندرگاهه ۾ جهاز وڃي ٿو) پڻ چڪاس ڪري سگهي ٿو. مثال طور آفريڪا جي ڪنهن ملڪ جي جهاز تي باهه وسائڻ جو ايمرجنسي فائر پمپ ڪم نٿو ڪري، جيڪا خطرناڪ ڳالهه آهي. ڪنهن وقت به باهه لڳڻ تي ان کي وسائڻ لاءِ ان پمپ جو هجڻ ضروري آهي پر جهاز جو مالڪ اهو سوچي ته جهاز پراڻو ٿي ويو آهي سال ڏيڍ بعد هونءَ ئي جهاز وڪڻي ڇڏيندس يا پيچي پوري لوهه ڪري هلائيندس، ان ۾هن وقت لک ڏيڍ خرچ ڪري نئون پمپ ڇو وجهان ۽ پيو ته باهه الائي لڳي به يا نه به. اهڙي طرح هو اثر رسوخ ۽ دوستي ياري ۽ پئسو ڏوڪڙ رشوت طور ڏيئي پنهنجي ملڪ جي قانو هلائيندڙ اداري جون اکيون ڍڪي جهازين جي جان سان کيڏي سگهي ٿو پر ٻئي ملڪ ۾ ڦاسي سگهي ٿو. بين الاقوامي قائدن موجب هاڻ پورٽ اسٽيٽ کي به اٿارٽي آهي ته جهاز تي ڪا خامي ڏسن ته جهاز کي بندرگاهه ۾ اندر گهڙڻ يا ٻاهرنڪرڻ کان سوگهو ڪري ڇڏين پوءِ جهاز ڪهڙي به ملڪ جو هجي. يعني جيسين رب ڏنو ميهار چاليهه رپيا قاسم علي ڊِڪ منشي وٽ سرڪاري ڪاتي لاءِ جمع نه ڪرائي تيسين

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪيس سندس رولاڪ ڊيور جو رسو نہ ملندو. ان وانگر جهاز جو مالڪ پنهنجي ملڪ ۾ تہ پلي بچي سگهي ٿو پر ٻي ملڪ جي بندرگاھ ۾ پهچڻ سان اتي جي پورٽ اٿارٽي يا مئرين ايڊمنسٽريشن ان کي سوگهو ڪري سگهي ٿي، ۽ جيسين پمپ نہ ڀرائي ۽ ڏنڊ نہ ڀري تيسين جهاز ڇري نٿو سگهي. ۽ اڄڪلهہ جي مهانگائيءَ ۾ جهاز هلندو ئي رهي ٿو تہ ڪمائي سگهي ٿو. جو بندرگاھ ۾ هڪ ڏينهن بيهڻ جو گهٽ ۾ گهٽ بہ ادائي لک رپيا کن جملي خرچ آهي. (بندرگاھ جي ڏڪي جي مسواڙ جهازين جو ڪاڏو پيتو پگهار, جهاز تي بجليءَ پاڻيءَ جو بندوبست وغيره.)

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

## دنيا جي ماڻھن سان ڏيٺ ويٺ

سڀ کان وڏو فائدو ھن قسم جي بين الاقوامي يونيورسٽي جو اھو آھي تہ مختلف ملڪن (ننڍين توڙي وڏن)، مذھبن، ادارن، ڪلچرن، زبانن ۽ رنگ روپ جي ماڻھن سان يڪا سارا ہہ سال چڱي طرح ڏيٺ ويٺ ٿئي ٿي. ھيترا سال ھيڏي دنيا ڏسڻ بعد ہہ مالاوي (Malawi) گرينڊا، ڪوٽا ڊي آوري ۽ مارشل آئلينڊس جھڙن ملڪن ۾ بندرگاھن جا ماڻھو مون ڏٺا ھئا.“ ۽ ڪيترا ملڪ جيتوڻيڪ وڏا آھن پر ھتي اچي خبر پيئي تہ انھن ۾ڪو چاڙھو ناھي ۽ ساڳي وقت گرينڊا ۽ سينگاپور جھڙن ننڍين ہيٽن جو ساموندي قائدو قانون سخت آھي ۽ ايران، سعودي عرب جھڙن ملڪن جي ماڻھن کي دنيا ڪٽي چا ہہ سمجھي تہ ھو جاھل ۽ عياش آھن پر ھتي اچي معلوم ٿيو آھي تہ اھو ڪيڏو غلط آھي. ھنن کي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پنھنجي ملڪ جي جھاز راني، جھاز سازي ۽ قاعدي قانون کي باسلامت ۽ سخت بنائڻ لاءِ بيحد گھڻي اڻ تڻ آھي.

۽ ھڪ اديب جي حيثيت ۾مون کي ھڪ ھنڌ ويھي مختلف ملڪن جي ماڻھن ۽ انھن جي رسم رواج، مذھب، پوشاڪ، زبان بابت ڄاڻ پوي ٿي. گھانا مون لاءِ ڄڻ ہڻ قدمن تي آھي، ترڪي سٽن قدمن تي جو ترڪي جو عدنان ٽن ڪمرن بعد واري ڪمري ۾ رھي ٿو. فلپين، نائيجريا ۽ موراڪو وغيره گرائونڊ فلور تي تہ مئڊاگاسڪر، روس، آذربائيجان، ڪانگو ڇھين فلور تي آھي. لفٽ ذريعي ہن ٽن منٽن ۾ پھچيو وڃجي، نہ تہ ڏاڪڻين رستي پنجن منٽن ۾. ان کان علاوہ ڏينھن ۾ ہہ دفعا ماني تي، ٽي وي روم ۾، ڪمپيوٽر روم ۾، بس ۾، يونيورسٽي جي ڪئنٽين ۾، تقريباً ھر ملڪ جي، ھر ماڻھوءَ سان سلام دعا ٿيو وڃي ۽ ھفتي سوا ۾ھڪ دفعو ھر ھڪ سان پندرھن ويھہ منٽ ڪچھري ٿيو وڃي.

ھتي (سئيڊن) ۾ اچڻ کانپوءِ ڪيترا دفعا انھن پاڪستاني دوستن کان پڇيو ھوم جن کي يونائيٽيڊ نئشنس جي مختلف ادارن جون انٽرنيشنل ميٽنگون اٽينڊ ڪرڻ جو نيويارڪ، لنڊن يا جنيوا ۾ موقعو مليو ھو:

”ہہ ھفتا ڪن نيويارڪ۾رھڻ دوران آفريڪا، ڏکڻ آمريڪا يا عرب ملڪن کان آيل نمائندن سان ڪچھري ٿي ھوندي؟“

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”نہ. ڪنھن بہ قسم جي ذاتي ملاقات ڪنھن سان نہ ٿي سگھي. چو جو اتي ايندڙن مان سيني کي انگريزي نٿي اچي جو ساڻن ڳالھائي سگھجي. ميٽنگ دوران ترجمي جون سھوليتون ھجڻ ڪري ڪم جي ڳالھ تي تہ ضرور بحث مباحثو ھلي ٿو. ميٽنگ ختم ٿيڻ بعد، ٻاھر نڪرڻ تي سيئي جھڙا گونگا ٻوڙا. ٻيو تہ لنڊن، پئرس، نيويارڪ اھڙا شھر آھن جتي نہ فقط اسانجا پاڪستاني سفارخاني وارا ۽ دوست يار، مٽ مائٽ موجود آھن پر ٻين ملڪن کان آيل ھمراھن جا پڻ. نتيجي ۾ ميٽنگ ۾ ڪم ڪرڻ جي ڳالھ پوري ٿيڻ تي ھرڪو پنھنجن سان ملڻ لاءِ وڃيو پڇي. ڪنھن کي بہ ٻئي جي ملڪ جي ماڻھوءَ سان ملڻ يا ڄاڻ سڃاڻ وڌائڻ جو شوق نٿو ٿئي.“ ھن ٻڌايو.

پر ھتي، ھن يونيورسٽيءَ ۾ اھا مٿين ڳالھ ناھي جنھن جا ڪيترائي سبب آھن. سڀ کان وڏو اھو تہ ھر ھڪ کي انگريزي ڳالھائڻ اچي ٿي ۽ اھو سوچڻو نٿو پوي تہ آيا ھو منھنجي ۽ آئون ھن جي زبان سمجھي سگھندس يا نہ. ۽ ٻيو تہ سئيڊن جو ھي شھر مالمو نہ گاديءَ جو ھنڌ آھي نہ ھتي ڌارين ملڪن جا سفارتخانا ۽ انھن سان وابستہ ھم وطني آھن. نہ وري ڪو تمام وڏو شھر آھي جتي اسان جي ملڪن جون ھوائي ڪمپنيون، ٻئنڪون ۽ ٻيا تجارتي ادارا ھجن جن ۾ ڪم ڪندڙ پنھنجن ماڻھن سان ئي ملاقات ڪجي. جيئن دبئي، ڪويت، سينگاپور، لنڊن، جھڙن ھنڌن تي ڪيترا ماڻھو چار چار سال رھي ايندا آھن پر ڪين پاڙي ۾ رھندڙ ڪنھن ڌارئين ملڪ جي ماڻھوءَ سان ملڻ جو وقت نہ ملندو آھي، جو پنھنجي ئي ملڪ جا ايترا ھوندا آھن جو سڄو وقت انھن سان ملڻ ۾ گذري ويندو آھي. پر ھتي اھا ڳالھ ناھي.

ٽين ڳالھ تہ سڄو ڏينھن يونيورسٽي ۾ گڏ آھيون پر شام جو رھائش بہ ھڪ ئي ھنڌ ھاسٽل ۾ آھي. اسان مان جيڪي ھاسٽل ۾ رھڻ بدران الڳ فيلٽ وٺي رھيل آھن سي بہ سڀ ھڪ ئي علائقي ۾ آھن. ان کان علاوہ ھر ھڪ جو ڏار ڏار ڏنڌو ڏاڙي ھجڻ بدران ساڳيو ئي آھي. يعني سڀ شاگرد آھيون ۽ روز جي ھوم ورڪ کان وٺي امتحان جي تياريءَ تائين ھڪ ٻئي ۾ ڪم پوندو رھي ٿو. ڪنھن کان ٻئي ڏينھن پيپرن جو پڇڻ، ڪنھن کان امتحان لاءِ اھم سوالن جو پڇڻ. پروجيڪٽ (ٿيسز) لکندي ڪمپيوٽر ۾ ايندڙ مسئلي بابت ڪنھن کان پڇڻ، پئسا اڌارا وٺڻ تہ ڪنھن کان پينسل، سانچو ربڙ وساري اچڻ تي، ڪئنٽن ۾ ڪنھن کان اڌارا پئسا وٺڻ تہ ڪنھن کان پينسل، سانچو ربڙ گھرڻ. مثال طور اڄ رسيس ۾ ترنيڊاڊ (ويسٽ انڊيز) جو شاگرد (چيف انجنيئر ڊٿوڊسن) اچي

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

ويھي رھيو. ڪيس جھاز جو ٻاھريون حصو ماپڻ لاءِ Simpsons Ruleسمجھ ۾ نہ پئي آيو. پوءِ ظاھر آھي ڪجھ پڙھائيءَ جون ڳالھيون تہ ڪجھ دنيا جھان جون ٻيون ڳالھيون ڪندا رھياسين.

”يار ورلڊ ڪرڪيٽ ڪپ ۾ (ويسٽ انڊيز) نہ ڪٽيو پر ان جو افسوس نہ اٿم پر اھا خوشي اٿم تہ، پاڪستان ڪٽيوءِ انگلينڊ وارن کي شڪست ملي.“ ڊئوڊسن چيو.

”ھونءَ پاڪستانين کي ڪئريبن (Carribean) سمنڊ جي ٻين ٻيٽن: ڪيوبا، ھائٽي، ڊومنين ريپبلڪ کان وٺي اڪيڊار، گايانا، سري نام جي ڄاڻ ھجي يا نہ پر ڪرڪيٽ جي ڪري ويسٽ انڊيز جي نالي کان ھر ھڪ واقفڪار آھي.“ مون ٻڌايومانس.

”آئون ڪيترا دفعا جھاز کي ڪراچي وٺي آيو آھيان اتان صدر مان پٽر (Onax) جون ڪافي شيون وٺي پنھنجي نئين گھر کي سينگاريو اٿم.“ ھن چيو.

”آئون بہ ڪنھن زماني ۾ ٽرنيڊاڊ ٻيٽ جي بندرگاھ ’پورٽ آف اسپين‘ ۾ ڏاڍو ويو آھيان. توھان جو ھڪ ليکڪ جيڪو جيتوڻيڪ انڊين نسل جو آھي. منھنجو بيحد دلپسند آھي. سندس نالو وي. ايس نائيپال (V.S. Naipaul) آھي.“ مون ٻڌايومانس.

”واقعي سنو رائيٽر آھي. مون کي پڙھڻ جو شوق ناھي پر مون سندس ھڪ بہ ڪتاب ڪنھن زماني ۾ پڙھيو ھو.“

اھڙيءَ طرح سان ھڪ ٻئي سان ڪچھري ۾ ڏيٺ ويٺ ٿيندي رھي ٿي.

ھن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# موراڪو جو اڪوح عبدالوهاب

اڄ جي ئي ڳالهه آهي تہ موڪل مهل. يونيورسٽي ڪان بس اسٽاپ تائين اچي رهيو هوس تہ موراڪو جو اڪوح عبدالوهاب مليو. بس اسٽاپ تي لڳل ٽائيم ٽيبل ڏسي هن چيو:

”ٻي بس اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ ايندي موسم سٺي آهي. اچو تہ واڪ ڪري هاسٽل هلون“.

”هلو.“ وراڻيو مانس.

ٻ پوءِ وچان ئي وچان پارڪن ۾ رستن سان شارٽ ڪٽ ڪندا, ايندڙ ويندڙ ماڻهو توڙي عمارت تي ٽيڪاٽپٽي ڪندا, اچي هاسٽل پهتاسين.

”يار الطاف چانهه ٿي وڃي.“ عبدالوهاب چيو.

”ٺهيو ڪنهن ٻئي دفعي, هينئر تون بہ ٿڪل هوندين.“ وراڻيومانس.

”ڪو خاص پروگرام نہ هجي تہ اڄ تہ گڏجي چانهه پيئون, هونءَ ئي مون کي پنهنجي لاءِ تہ ناهٽي آهي.“ هن زور ڏنو.

”پروگرام وري ڪهڙا آهن. هل پلا.“ مون وراڻيومانس..

عبدالوهاب گرائونڊ فلور تي رهي ٿو ۽ آئون ٽين فلور (ٽين ماڙ) تي, لفٽ ڏي وڃندي وڃندي, عبدالوهاب جي چانهه جي دعوت لاءِ موٽيس ۽ هن جي ڪمري نمبر 117 تي پهتاسين.

هتي سئيڊن ۾ بہ ماڙين (منزلن) جي ڳڻپ چين جپان وانگر ٿئي ٿي. انگليند يا پاڪ وٽ هينيون گهر (پٽ وارو) گرائونڊ فلور سڏبو آهي. ان جي مٿان واري عمارت پهرين ماڙ ۽ پوءِ ٻين ٽين ماڙ ٿيندي آهي, پر هتي گرائونڊ فلور پهرين ماڙ سڏبو آهي ۽ ان جي مٿان پوءِ ٻي, ٽين, چوٿين ماڙ ٿئي ۽ ڪمرن جي نمبرن وارو ڪاٻي پاسي وارو انگ فلور (ماڙ) سان واسطا هوندو آهي. جيئن عبدالوهاب جو ڪمرو نمبر 117 آهي معنيٰ هو پهرين ماڙ تي سترهين ڪمري ۾ آهي. منهنجي ڪمري جو نمبر 322 آهي معنيٰ آئون ٽين ماڙ تي ٻاوهين نمبر ڪمري ۾ رهان ٿو.

عبدالوهاب ڪمرو کولي, مون کي ٽي وي جي سامهون واري ڪوچ تي ويهاري ٽي وي آن ڪئي. ان وقت لاس ايجنلس (آمريڪا ۾ ڪارن جي هنگامن جي پراڻي رپورٽ

C.N.N تان هلي رهي هئي. عبدالوهاب ڪتابن جي بئگ ڪنڊ ۾ رکي، اوور ڪوٽ ۽ بوٽ لاهي، پتيليءَ ۾ چانهه لاءِ پاڻي رکي هيٽر کي آن ڪيو. سامهون ٽيبل تي ڪيترائي ساموندي دنيا سان واسطو رکندڙ مئريٽائيم لا (قانون)، مئنيجمينٽ مئريٽائيم ٽريڊ ۽ ٽرانسپورٽ جا ڪتاب رکيا هئا. هڪ ٻه ڪٽي ڏٺم، سڀ فرينچ زبان ۾ هئا.

”عبدالوهاب! توهان جي ملڪ ۾ مادري زبان کان علاوه ٻي ڏارين ٻولي انگريزي آهي يا فرينچ؟“

”فرينچ. پر آئون انگلينڊ ۾ ڪافي وقت رهيو آهيان ان ڪري مون کي انگريزي به اچي ٿي، پر اهڙي سٺي نه جيتري فرينچ.“

”تو گريجوئيشن انگلينڊ مان ڪئي؟“ مون پڇيو مانس.

”نه. اها فرانس جي يونيورسٽيءَ مان فرينچ زبان ۾ ڪيم. انگلينڊ ۾ ٻين مختلف ڪورسن ۽ سرڪاري ڊيوٽي خاطر رهڻ ٿيو.“

”چئبو ته پوءِ فرانس ۾ جڏهن فيلڊ ٽرپ لاءِ هلڻ ٿيو ته ترجمي لاءِ تنهنجو ئي پاسو ونجي.“ مون کلي چيومانس.. ”تنهن لاءِ ته اتي مزو ٿي ويو ۽ تون اسان لاءِ چڻ انڌن لاءِ لٺ هوندين، جو اسان کي ٻان زوئار کان وڏيڪ فرينچ جو ٻيو اکر به نٿو اچي.“

”ها. پر مون کي فرانس بنهه نٿو وڻي. آءِ لَو انگلينڊ.“ عبدالوهاب چيو.

”چو ڀلا؟“ پڇيومانس.

”بس انگريزن جو پنهنجو اسٽائيل آهي. هنن جو ڪلچر، نمونو رسم رواج، شهر، دڪان، عمارتون. ڪاڏا پيتا ٻين سان وهنوار- هر شيءِ ۾پنهنجائپ جي سڳنڌ آهي. اهوئي ته سبب آهي جو هنن يورپي ڀاڙين مڙسن ۾ وري به انگريز بهتر هئا ۽ جيتري توهان جي هنن سان Attachment آهي اوتري اسان جي فرينچن سان ناهي، جن جي هٿ هيٺ اسان جهڙا ڪيترائي آفريڪي ۽ عرب ملڪ رهيا.“

پاڻي ٽهڪڻ تي پتي وجهي ٿوري دير دم تي رکي پوءِ چانديءَ جي گلن واري روايتي ڪتليءَ ۾ چانهه وجهي اچي منهنجي اڳيان رکي. ان سان پليٽ ۾ ڪجهه پستا بادام ۽ عربي مٺائي هئي جيڪا ڪنهن زماني ۾ مون لبنان جي شهرن طرابلس ۽ بيروت ۾ کاڌي هئي. اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ ڊفينس مارڪيٽ ۾’گلشن سويٽ ميٽ‘ وارو به ناهي ته.

هن قسم جي روايتي ڪٽلي هن کان اڳ مون عربن جي محلاتن جي تصويرن ۾ يا اتر آفريڪا جي ملڪن تي ٺهيل هالي ووڊ جي فلمن ۾ ڏٺي هئي.

”چوپلا منائي نٿو ڪائين. مناڻ پسند ناهي ڇا؟“ عبدالوهاب پڇيو.

”پسند آهي، پر توهان جي عرب دنيا جي منائي حد کان وڌيڪ ئي مٺي ٿئي ٿي ۽ چانهه جو مزو خراب ڪريو ڇڏي.“

”پرواهه نه ڪر. ان ئي ڪري مون چانهه ڪجهه وڌيڪ منيري ناهي آهي.“

منائي چکي پڇيومانس ته اها ڪٿان ورتائين.

”موراڪو جي آهي.“ هن وراڻيو.

”ڪو مٿ مائٹ آيو هو ڇا؟“

”نه آئون پاڻ گذريل هفتي ويو هوس.“

”هاڻ مون کي ياد آيو. اڳئين هفتي بس سينٽرل اسٽيشن تي ترسي ته ڪجهه شاگرد ڊرائيور کي ٿوري دير وڌيڪ ترسڻ لاءِ چئي رهيا هئا. آئون اڳيان وينو هوس. مون سبب پڇيومان ته هڪ ٻڌايو ته ڪنهن شاگرد کي سامان لاهڻو آهي، جيڪو موراڪو پيو وڃي. مون سمجهيو چرچا پيا ڪن ته ريل رستي موراڪو پيو وڃي. ڇو جو موراڪو پهچڻ لاءِ هڪ بالٽڪ سمنڊ اڪري وچ يورپ ۾ پهچڻو آهي ۽ پوءِ اسپين مان پونوچ سمنڊ جو ٻيو حصو لتاڙڻو آهي. جيڪو خالد بن وليد به ٻيڙيءَ رستي اڪريو“.

”نه آئون ريل رستي گوٽوبرگ ويو هوس جتان فيريءَ ۾چڙهي فرانس پهتس ۽ اتان ڊائريڪٽ اڏامر رباط هئي.“ عبدالوهاب ٻڌايو.

”ٻارن کي هتي گهرائين پيو يا نه؟“ مون پڇيومانس.

”نه ان ڪري جو هڪ ته منهنجي زال نوڪري ڪري ٿي. پر ڪٽي هوءَ سال سوا نوڪري تان موڪل ڪري، پر ٻارن جي پڙهائي خراب ٿي ويندي. وڏي ڌي اٺم ان بعد به پٽ، ننڍي ڪانسواءِ ٻئي وڏا ٻار اسڪول وڃن ٿا.“

”پر عبدالوهاب! ڌارين ملڪن جي ٻارن لاءِ هتي مالمو ۾ ڪيترائي اسڪول اٿئي.“ مون ٻڌايومانس.

”ها. انهن بابت مون معلوم ڪيو. پر اهي يا ته هتي جي ٻولي سئيڊش ۾ آهن يا

انگريزيءَ ۾. منهنجا ٻار مون وانگر عربي ۽ فرينچ پڙهڻ ٿا.“

چانهه جو ڪوپ ختم ٿيڻ تي عبدالوهاب اڌ ڪوپ ٻيو پريو.

”چانهه ڪيئن لڳي؟“ هن پڇيو.

”تمام سٺي ٿاهي اٿئي پر سمجهي نه سگهيس ته ڪهڙي چانهه آهي؟ ڪاري، سائي، چيني.... ۽ ڪهڙي برانڊ جي - ييلو ليبل، ٽيٽلي، جاسمين....“

”مون کي پڪ هئي ته تون ان بابت ضرور سوچيندين. هيءَ گرين ٽي نموني جي آهي. پر هڪ خاص جنس جي آهي جيڪا مون موراڪو مان آندي آهي.“ هن ٻڌايو.

موڪلائڻ مهل عبدالوهاب ڪجهه چانهه جي پتي ۽ مناڻي وجهي ڏني.

”مناڻي واري پليٽ موٽائڻ وسري ويئيم ته مهرباني ڪري ياد ڏيارجانءِ“ مون ڪائنس موڪلائيندي چيو.

سو اهڙي طرح گهڻو ڪري روزانو ڪنهن نه ڪنهن ڌارئين ملڪ جي باشندي سان ملڻ جو موقعو ملي ٿو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## تنزانيا، زنجبار ۽ درپيلو

هڪ گڏيل دعوت ۾ جتي بيا تہ ٺهيو پر ڪيترن عرب رياستن ۽ آفريڪا جي مسلمان ملڪن جا ماڻهو شراب پي رهيا هئا، اتي منهنجو ڪرسچن ڪلاس ميٽ دوبيلو نالي، ڪوڪا ڪولا ڪٽي اچي منهنجي پرسان ويٺو. پاڻ اوڀر آفريڪا جي ملڪ تنزانيا جو آهي. تنزانيا ڪنهن زماني ۾ بہ الڳ ملڪ هئا. هڪ ٽانگانيڪا ۽ ٻيو زنجبار. زنجبار ٻيٽ کي انگريز زئنزيبار (Zanzibar) سڏين ٿا.

دوبيلو MDOBILU جي نالي اڳيان ايم اکر پڻ اچي ٿو پر ايم جو اچار ايترو هلڪو آهي جيترو انگريزيءَ جي لفظ سئڪلاجي ۽ نمونيا ۾ P جو اُچار آهي يعني نہ برابر. يا ڍچ ماڻهو جڪارتا لکڻ مهل D جو بہ اڳيان واڌارو ڪندا آهن. دوبيلو جا سندس قبيلي جا آفريڪي شاگرد پورو نالو وٺن ٿا پر اسان لاءِ 'دوبيلو' سڏڻ ايترو ئي ڏکيو آهي جيترو غير سنڌي لاءِ 'مگيلڏو' يا 'ڏاتر ڏنو' اچارڻ. اهوئي سبب آهي جو آئون وچان ئي کيس درپيلو سڏيان.

وري بہ درپيلو ۽ دوبيلو ۾ ايترو فرق ناهي جيترو جارج ۽ هورهي ۾ آهي. هورهي پڻ اسان جو ڪلاس ميٽ آهي. پاڻ وچ آمريڪا جي هڪ خوشحال ملڪ ڪاسٽا ريڪا جو اسپيني ڳالهائيندڙ آهي. (وچ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ اسپيني ائين ئي هلي جيئن گلف ۾ عربي. C اسپيني زبان ۾ J کي 'ج' نہ پر 'هہ' پڙهبو آهي. يعني هو لکندو Jorje آهي پر پڙهبو هورهي آهي. اسان تہ کيس هورهي سڏيون پر هر نئون ماڻهو کيس جارج سڏي ٿو.

دوبيلو کي چيم: "درپيلو! تون بيئر شيئر ڪونہ پيئين ڇا؟"

مرڪي وراڻيائين: "No I perfect Coke."

۽ پوءِ ساعت کن ترسي چيائين: آئون شراب ڏاڍو پيئندو هوس. پر هاڻ مون ڇڏي ڏنو آهي."

"تمام سٺو. پر ڇو؟ هڪ تو جهڙي جوان، جهازي ۽ ولايت ۾ اينڊڙ ويندڙ آفيسر لاءِ، جيڪو ٻهرين کان پيئڻ جو عادي هجي، سگريٽ يا شراب جهڙي شيءِ ڇڏي ڏيڻ ڪمال جي ڳالهہ آهي!" مون چيومانس.

پاڻ مرڪي چوڻ لڳو:

”بس چڙي ڏنم. دراصل خاص سبب تہ ايڪانامڪل هو. اجايو خرچ آهي انهن ڳالهين پويان. موت ۾ وري ڪجهہ بہ ڪونہ ٿو. ۽ پوءِ هڪ دفعو ماڻهو ان سنگت ۾ اچي ٿو تہ اڙجيو وڃي. تنزانيا ۾ تہ وري ولايتي شراب تمام ڏکيو ملي ٿو. پوءِ مڪاني ٺهيل ڪچو ۽ ڪنو بيئر پيئڻ ڪري صحت بہ خراب ٿيو پوي. پر هونءَ بہ I Want to be a good Christian آئون هڪ سٺو عيسائي ٿيڻ چاهيان ٿو.“

سٺي عيسائيءَ کي شراب پيئڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي. اها مون لاءِ نئين ڳالهہ هئي. ان ڪري پڇيومانس:

”Is it so? – چا عيسائي بہ ان کي خراب سمجهن ٿا؟“

”ها بلڪل.“ هن وراڻيو ”اسلام، عيسائيت، يا ڪوبہ مذهب هجي، نيڪ ٿيڻ جي تلقين ڪري ٿو. نشي پتي لاءِ ڪهڙو مذهب يا مهذب ماڻهو چوندو. بس اسان ماڻهن کٽي ان قسم جي ڳالهين کي وڏ ماڻهپي جا ماپا (Status Symbols) ناهيا آهن. ٻين آفريڪي ۽ ايشيائي غريب ملڪن وانگر منهنجي ملڪ جا ماڻهو بہ ڪوڪلو شان ۽ لئہ رکڻ لاءِ اهڙا ڪم ڪن ٿا ۽ منهنجا دوست مون مان اهائي اميد رکن ٿا تہ آئون بہ پيئان پياريان پوءِ ڀار پلي گهر ۾ پيا ٻک مرن. يا رشوتون کائي ظاهري ڏيک ۽ عيش ڪريان. پر آئون حقيقت پسند انسان آهيان۽ انهن ڳالهين سان نفرت اٿم.“

دوبيلو کي ڪيترا ماڻهو يوگنڊا جو سمجهندا آهن جو سندس شڪل يوگنڊا جي عيدي امين سان ملي ٿي. ۽ ڪيترا ڪيس پرپٽ عيدي امين سڏين. پر منهن تي هرگز نہ. ڇو جو اسان جي دوبيلي ۽ عيدي امين جي ڪردار ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. عيدي امين جي جڏهن ڪمن ڪري هن پاسي جا يورپي تہ ساڻس سخت نفرت ڪن ٿا پر سندس ملڪ جا ماڻهو بہ ڪانئس حقارت ڪن ٿا، جو هن هڪ خوبصورت ملڪ کي اهڙو تباهہ ڪري ڇڏيو جو اجا وري صحيح نہ ٿي سگهيو آهي.

هڪ ڏينهن دوبيلو کان سندس ملڪ تنزانيا بابت پڇيم تہ معاشي طرح ڪيئن آهي؟

”صحيح ناهي.“ هن غمگين لهجي ۾ چيو ”اسان جو ملڪ تمام سکيو ستابو هو ۽

ترقيءَ جي راهه تي گامزن هو. پلو ٿئي عيدي امين جو. هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو پنهنجي فوج اسان جي ملڪ جي سرحد تي موڪلي. اسانجي سرسبز ۽ سائي ستابي ڌرتيءَ جو ڳچل حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو. ڇي هي يوگنڊا جو حصو آهي. نقشي ۾ غلط ڏيکاريل آهي."

"پوءِ؟" مون پڇيومانس.

"بس پوءِ ڌرتي خاطر، عزت ڪارڻ اسان کي سڀ ڪجهه قربان ڪري فوج پٺيان خرچ ڪرڻو پيو ۽ کي سال اسان وڙهندا رهياسين ۽ ملڪ جي سچي ڪمائي فوج ۽ فوجي ساز و سامان خريد ڪرڻ ۾ برباد ٿيندي وئي. اهڙن موقعن تي مغربي قومون ٻنهي جي وچ ۾ ٽپي يڪدم صلح ۽ امن امان ڪرائڻ بدران پنهنجين فئڪٽرين ۾ تيار ڪيل جنگي سامان وڪڻڻ پنهنجو فرض سمجهن ٿيون. ڇو جو هنن جي خوشحاليءَ جواهوئي راز آهي ته اسين وڙهندا رهون.هينئر قرضن جا ڪوٽ چڙهيل آهن جن جو وياج ئي ايترو آهي جو لاهيندي هي حال اٿئون. قرض ۽ وياج لاهيون يا ملڪ جي ٻي خوشحاليءَ کي منهن ڏيون."

"واقعي تنزانيا جي ابتر حالت ڏسي افسوس ٿئي ٿو." مون چيو ۽ ٻين سان گڏ ماني لاءِ اٿياسين. مانيءَ واري هال تائين اچڻ مهل دوبيلو آهستي چيو:

"اسان جي غريب آفريڪي ۽ ايشيائي ملڪن وڏين طاقتن پويان لڳي ٻه پنهنجي ٻيڙي ٻوڙي آهي. نتيجو اکين اڳيان آهي. روس سوشلزم ۽ ڪميونزم جي تعريف جا هوائي محل آسمان تائين اڏيندو رهيو. اڄ خبر پيئي ته هو ڪجهه ٻه نه هو. اندر سڄو کوکلو هو. هاڻ روس ته ان نظام ۾ تباهه ٿيندو رهيو پر نعري ۾ اچي اسان جهڙا غريب ملڪ وڌيڪ غريب ۽ فقير ٿي ويا."

مانيءَ جي ٽيبل تي اسان جون ڪرسيون ملڪن جي پهرين اکر مطابق هيون. پاڪستانيءَ جي حيثيت ۾ منهنجي ڪرسي پاپانيوگني ۽ فلپين جي وچ ۾ هئي. ۽ تنزانيا جي دوبيلو جي ترڪيءَ، تيونيشيا ۽ توگو ترنيداڊ وارن جي پر ۾ هئي.

"See you Latter."چئي دوبيلو في الحال موڪلايو.

هن وقت هي مضمون لکڻ وقت دوبيلو جي اباڻي وطن زنجبار (Zanzibar) ۽ ٽانگانيڪا بابت سوچي رهيو آهيان. جيڪي ڪنهن زماني ۾ ڪينيا ۽ ممباسا سان گڏ بلي

بلي ملڪ ۾ بندرگاهہ هئا. ننڍا هئاسين تہ فلمن ۾هنن ملڪن جا فلمايل نظارا ڏسبا هئا ۽ هنن ملڪن تي ٺهيل گانا مشهور هئا جن مان هينئر بہ هڪ ياد اٿم.

”تم ني ديکها کيا بهلا

گر نہ ديکها آفريڪا

تانگانيڪا! تانگانيڪا!

ممباسا تي پڻ هڪ گانو۔ شايد فلم ’آزاد‘ جو مشهور هو.

# عمان جو سلطان ۽ آغا خاني

زئنزيبار جو بيٽ دنيا جي خوشحال جاين مان هڪ هو. هانگ ڪانگ، سينگاپور، دبئي وغيره تہ جڻ ڪالهہ واپار وڙي ۾ پڙ ٿيا آهن. نہ تہ لونگن جو واپار هجي يا ناريل، عاج يا غلامن جو زنجبار جا واپاري سڀ ۾ اڳ هوندا هئا ۽ سڄي اوير آفريڪا ۾ سندن خوشحاليءَ جي هاڪ هئي. عرب توڙي انگريز ۽ پورچوگالي پري پري ڪان ڪهي هتي ايندا هئا. واپار وڙي لاءِ، گهمڻ ڦرڻ لاءِ، آرام ۽ عياشي لاءِ ۽ مختلف هنڌن تي آيل ماڻهن سان ملڻ جلڻ لاءِ.

عمان جي سلطان جون تہ هن بيٽ تي ايڏيون دلچسپيون هيون جو 1832ع ۾ هن پنهنجي سڄي حويلي کي زنجبار ۾ اچي رهايو. عمان جي سلطان جي محلات ٺهڻ بعد يڪدم آمريڪا زنجبار ۾ پنهنجو قونصل خانو کوليو. گڏيل ننڍي کنڊ جي واپارين (خاص ڪري هندو سنڌي، گجراتي، آغا خاني ۽ بوهرين) کان وٺي چيني، ملئي، گورڪا هتي نظر ايندا هئا. پر زنجبار جي خوشحاليءَ جو ستارو عدن، ڪولمبو ۽ بيروت جيان هڪ ڏينهن گردش ۾ اچي ويو. سندس رونقون ان وقت کان اجهامڻ لڳيون، جڏهن هتي جي ماڻهن 1964ع ۾عماني سلطنت جي خلاف انقلاب آندو. (عماني سلطان هاڻ پورٽس مائوٿ۔ انگلينڊ ۾ رهي ٿو) ۽ ٽانگانيڪا سان شامل ٿي سوشلسٽ حڪومت وارو ملڪ تنزانيا ٺاهيو.

اهو زنجبار بيٽ جنهن جا پٿر جا ٺهيل گهر ۽ چوڏاري اچي پوچي ڏنل چمڪندڙ پٿيون ۽ سوڙهين گهٽين ۾ واپارين، خريدارن، تماشائين ۽ سير سپاٽو ڪندڙن جي چهل پهل، خوشبو آواز ۽ خوشيون هيون، هاڻ سڀ خاموشيءَ ۾ تبديل ٿيل نظر اچن ٿيون. رات جو دير تائين هي جاڳندڙ بندرگاهہ اڄ ڏينهن جو بہ جڻ ستو پيو آهي. نہ اهي ديس ديس جون شيون ۽سوکڙيون آهن ۽ نہ ان جا قدردان ۽ خريدار. دڪاندار دڪانن جي ڏاڪڻين وٽ ويٺل نظر ايندا. پنهنجي وکر جو وکرو ڪرڻ بدران هتان هُتان جو اوپارين لهوارين ڪندي نظر ايندا. شل نہ ڪو توهان کي فون ڪرڻ جي ضرورت پوي، هر ٽيليفون توهان کي مرمت هيٺ ملندو. جڏهن تہ گهاري کان ڳاڙهي يا جوهي کان چني وارن زبون حال رستن تي بہ ڪا ٽريفڪ نظر اچي ٿر پر زنجبار جي سڄي بيٽ تي آڪرين تي ڳڻن جيترين موٽر ڪارون نظر

ايندين. نہ تہ اڄ جيڪو سنگاپور جو اوڄ آهي اهو زنجبار جو هجڻ کپي ها. پر ملڪ جا حاڪم ملڪن جون اجهوائين قسمتون ڦيرايو ڇڏين. ڪو زمانو هو جو هن سلطنت ۾ لونگن جو فصل ايڏو ٿيندو هو جو دنيا جي اڌ ضرورت پوري ٿيندي هئي. ان ڏينهن انگ اکر پئي پڙهيم تہ زنجبار ۾ جتي پهرين ويهہ هزار ٽن لونگن جو فصل لهندو هو Nationalization بعد هاڻ ڏيڍ هزار ٽن مس لهي ٿو. انڊونيشيا برازيل جهڙن ملڪن، دنيا جي لونگ مارڪيٽ تي قبضو ڪري ورتو- جهڙي طرح عدن ڪولمبو زنجبار ممباسا جهڙن بندرگاهن (جيڪي ڪنهن زماني ۾ خريدارن جي جنت سڏبا هئا) جي ڪسر سنگاپور دبئي جهڙا بندرگاهہ پوري ڪري رهيا آهن. تنزانيا جي حڪومت وڏي ڪوشش ۾ لڳي پئي آهي تہ ڪنهن نموني سان زنجبار جو اوج موٽي اچي. هوءَ ڌارين کي واپار ڪرڻ ۾ پئسو لڳائڻ لاءِ دعوتون ڏيئي رهي آهي. پر سيٺ ماڻهو پئسو لڳائيندي ڊڄن ٿا جو آفريڪي ملڪن جو ڪو خاص ڀروسو ناهي. ڪنهن وقت بہ ڪو عقيدي امين، ڪو ملٽري جو جنرل يا ڪو سياسي ڊڪٽيٽر موڊ بگڙڻ تي ڪين تڙي ڪڍي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ هاڻ آغا خان دلچسپي وٺي رهيو آهي. عمان حڪومت بہ تحفي طور هوائي اڏو ناهيو پئي ڏئين. جنهن جي خاندان جا اڃا ڪيترائي ماڻهو زنجبار ۾ رهن ٿا. ڪجهہ وڏيون هوٽلون ۽ ڊيوٽي فري علائقا(Zones) پڻ ٺهي رهيا آهن. هن ننڍڙي ٻيٽ جي چيف منسٽر جو اهوئي خواب آهي تہ زنجبار کي اوڀر آفريڪا جو سنگاپور ٺاهيو وڃي. پر ان جي حصي تائين پهچڻ ۾ بہ ظاهري طرح ڪيس وڏي منزل طئہ ڪرڻي آهي. جو هتي نہ ماڊرن ٽيلي ڪميونيڪيشن سسٽم آهي نہ بئنڪاري، نہ آفيسون آهن ۽ نہ سواري جو بهتر سسٽم. جيڪو ٻيٽ کي تنزانيا جي مين لئنڊ سان ملائي- جيئن سينگاپور، ملائيشيا سان ملي ٿو يا هانگ ڪانگ چين سان.

ايتري قدر جو اڄ جا ماڊرن مال بردار جهاز بہ هن بندرگاهہ ۾بيهي نٿا سگهن. جيڪو ڪاٺ ٻيڙن ۽ ڍائو (Dhow) ٻيڙي جي لحاظ سان ٺاهيو ويو هو. جن ٻيڙين جو هن علائقي ۾ صديون راڄ رهيو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# گلوبل وارمنگ

مالمو ۾ ريلوي اسٽيشن وٽ هوٽل Savoy ۾ روٽري ڪلب جي ميٽنگ اٽينڊ ڪري نڪتس ته سامهون ويهون نمبر بس نظر آئي. يڪدم اچي چڙهيس. پارڪ وٽان ٿيندي هتي جي اهم اسٽاپ گستاوو اڊولف ٽورگ تي ڪافي دير اچي بيٺي. ٻين ماڻهن سان گڏ ليسا (Lisa) به چڙهي. ليسا فلپين پورٽ اٿارٽيءَ ۾ آفيسر آهي. پاڻ سيڪنڊ ايئر جي شاگردياڻي آهي. گذريل سال سنڌس مگڻو هتي پڙهندڙ هڪ ٻئي فلپيني شاگرد سان ٿيو هو. پاڻ راندين ۽ پڙهائي ۾ ڪافي هوشيار آهي. بس ۾ منهنجي پرسان اچي ويٺي ۽ تازو اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي ٿيل اليڪشن جون مون کي مبارڪون ڏنائين. وائيس پريزيڊنٽ جي پوسٽ لاءِ مون کي جن ملڪن جي شاگردن ووٽ ڏنو انهن ۾ سعودي عرب، ايران، ملائيشيا، مصر ۽ چين سان گڏ فلپين اڳيان اڳيان هو. منهنجي مقابلي ۾ به ٻيا اميدوار ڏکڻ آمريڪا جا هئا. هڪ وينزوئلا جو ۽ ٻيو ڪئبين سمنڊ جي ڪنهن ٻيٽ جو هو.

مون سنڌس ووٽ لاءِ ٿورو مڃيو. بس آهستي آهستي چرڻ لڳي. اڄ صحيح معنيٰ ۾ سيءُ ناهي. گرمي ته نٿي چئي سگهجي. جيتوڻيڪ هتي جا ماڻهو هن کي اونهارو چون ٿا پر اسان اڃا ڪوٽ پايو هلون. بس سئيٽر ۽ اوورڪوٽ جو بار ضرور لاٿو اٿئون ۽ ٻي ڳالهه ته اس نظر آئي آهي ۽ منجهند جو ويهه ڊگريون ٽيمپريچر ته اسان وٽ سياري ۾ ٿيندو آهي پر هتي جي حساب سان گرمي آهي. ليسا ۽ آئون رستي تي ۽ بس ۾ چڙهندڙ اڌ اگهاڙن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڏسون ٿا.

”رات ٽي وي جي خبرن ۾ آيو هو ته ويهن سالن ۾ هتي اهڙي گرمي نه ٿي. اسڪاٽلينڊ ۾ ڪالهه 25 ڊگريون ٽيمپريچر هو. ايترو گهڻو هن کان اڳ اٽي پنجيتاليهه سال اڳ ٿيو هو.“ ليسا ٻڌايو.

هڪ ڇوڪري بنا برئزيئر جي ٻانهن کانسواءِ واري گنجي ۾ چيغم ڪائيندي چڙهي. ان تي مونکي تعجب لڳو. يعني چيغم ڪائڻ تي نه پر، سنڌس اوگهڙ نمايان ٿيڻ تي. پر ڪيس گهٽ ۾ گهٽ پتلون ته هئي. ان جي پنيان چڙهندڙ ساهيڙيءَ جو هيٺيون حصو به اڌ اگهاڙو هو. هو فقط فٽ کن ڊگهي چڊيءَ ۾ هئي. اڳئين کي چڏي پوئينءَ جي سفيد ۽ شفاف جسم کي

ڏسڻ لڳس. يڪدم خيال آيو ته بس ۾ ويٺل ٻيا ڇا سوچيندا.مون ڇوڪريءَ مان نظرون ڪڍي ٽيڏي اک سان پاسي وارين سيٽن تي ويٺل مسافرن کي ڏٺو. مرد حضرات اهوئي ڪي ڪجهه ڪري هئا جيڪوآئون ڪري رهيو هوس. يعني اکيون ٺاري رهيا هئا. باقي پوڙهيون پنهنجيون هڙون ۽ ٻجڪا ڪڇ ۾ رکي پنڪيون ڪائي رهيون هيون. نوجوان مرد ۽ ڇوڪرا ته نه برابر بس ۾چڙهن. هو سائيڪل تي اچن وڃن يا پنڌ.

ٻئي ڇوڪريون ٽڪيٽ وٺي اسان جي پر واري سيٽ تي اچي ويٺيون ۽ اخبار ڪڍي پاڻ کي وڃڻي هٽي اهو حساس ڏياريو ته ظلم جي گرمي آهي.

ليسا هنن جي ان ادا کي ڇتائي ڏسڻ بعد مون ڏي سوالي نگاهن سان ڏٺو ته ڇا واقعي اهڙي گرمي آهي!

”هاڻ ايتري به گرمي ناهي. هتي جي ماڻهن کي ڪجهه نخرو به آهي.“ مون ليسا کي انگريزي ۾ پر آهستي چيو. متان ذڪر ۾ آيل پر ۾ ويٺل ڇوڪريون ٻڌي وٺن جو انگريزي زبان گهٽو گهڻو هر سئيڊش سمجهي ٿو.

”نه هنن کي گرمي واقعي لڳي ٿي. سوبر يونيورسٽيءَ جي پر واري بيچ (ساموندي ڪناري) تان آئون واڪ ڪري پئي لنگهيس ته ڪيتريون ڇوڪريون ۽ وڏي عمر جون زالون چولا ۽ باڊيون لاهي ڇٻر تي ليٽيون پيون هيون.“ ليسا ٻڌايو.

”اهو گرمي ڪري نٿيون ڪن پر اهو سج نڪرڻ ڪري ان جي خاص ڪرڻن Ultra (Violet) سان پنهنجي جسم کي سيڪ ٽيون ڏين.“ مون ٻڌايومانس.

”نه گرمي به آهي ۽ گذريل سال هن کان اڳ گهڻ گرمي هئي ته اسڪول جي ٻارن کي موڪل ڏيئي ڇڏيائون. ڇو جو هتي جي عمارت جون دريون پنهنجي ملڪن جي درين وانگر نٿيون کلن ۽ نه وري ڇتين ۾ پکا لڳل آهن جيڪي هلائي هوا ڪائجي“. ليسا ٻڌايو ۽ پوءِ ٿورو ساهه کڻي، سنجيده ٿي چيو: ”دراصل Global Warming جو به ته اثر آهي. سڄي ڌرتي جو گولو گرم ٿي رهيو آهي.“

هن جواب لاءِ مون ڏي نهاريو. سندس ڳالهه مون کي به دلسان لڳي. ترقي يافته ملڪن فئڪٽرين، ڪارخانن، لارين موٽرن جي ايڏي ڌم لڳائي آهي جو فضا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس وڌي ويئي آهي ۽ ان گئس کي هضم ڪرڻ واري سڀ کان بهتر شيءِ وڻ

وڏڪار آهي جيڪا خط استوا جي اوس پاس وارن غريب ايشيائي، آفريڪي ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن ۾ آهي. هو اهي قدرتي جهنگل ۽ ٻيلا وڍي عمارتي ڪاٺ جو وڪرو ڪري پنهنجي ملڪ جون ضرورتون پوريون ڪري رهيا آهن. نتيجي ۾ دنيا جا اڌ کان وڌيڪ جهنگل ٻيلا نابود ٿي ويا آهن ۽ هڪ طرف دونهون ئي دونهون ($CO_2$) وڌي رهيو آهي ته ٻئي طرف ان کي منهن ڏيڻ وارو ساهوارو- وڻ ٽڻ ختم ٿي رهيو آهي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# قيامت ۾ يقين رکين ٿو

”گرين هائوس جي اثرات بابت تنهنجا ڇا خيال آهن؟“ مون کي ماٺ ۾ ڏسي ليسا وري سوال ڪيو.

دراصل ليسا ڪجهه وڏيڪ ئي منڊل لڳي رهي هئي ۽ ان عالمي مسئلي بابت مون کي بہ پريشان ٿيڻ کپي. جيڪو اسانجي هڪ سبجيڪٽ Environmental Pollution جو هڪ حصو آهي ۽ ان بابت جيئن ئي ليسا ياد ڏياريو تہ ساعت پن لاءِ آئون بہ غمگين ٿي ويس. پر مون جهڙي هڪ پاڪستاني لاءِ خاص ڪري سنڌ جي رهاڪوءَ لاءِ ٻيا روزمره جا سر تي سوار ويجها ۽ مستقبل قريب جامسئلا ڪي گهٽ آهن جو ڏور آئيندي جي (سو بہ الائي اچي يا نہ) هڪ عالمي مسئلي جي هينئر کان ئي ڳڻتي ڪريان. اسين ماڻهو سوين مونجهارن ۽ مسئلن ۾ وڪوڙيل. هر پل تي جيئڻ لاءِ جس ڪندڙن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون عالمي آفتون رحمت ثابت ٿينديون آهن. جيڪي اسان کي لاتعداد ڏکن غمن کان نجات ڏياريو ڇڏين. هو ڇا چوندا آهن تہ ڏک غم تہ سيني وٽ آهن پر اسان سنڌي ماڻهن وٽ وٽاٽين آهن. هيڪاندا گهٽا آهن.

ليسا کي تہ نہ ٻارن ٻچن جي پڙهائيءَ جو فڪر آهي، نہ انهن جي نوڪرين جو نہ مٽن مائٽن جي بيماري ۽ علاج جوءِ نہ گهر ۽ مسواڙ جو. سندس ڪو مٽ مائٽ اغوا ٿئي ٿو نہ ڪنهن سندس عزيز ۽ پاڙي واري جي گهر ۾ ڪات لڳي ٿو نہ مٿائن پوليس جي پٽ آهي ۽ نہ ملٽري جو مار موچڙو. نہ اتي لٽي جي ڪوٽ جو مسئلو آهي نہ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڪورٽن جا چڪر آهن. نہ ڪنهن ڌاڙيل، پير وڏيري جا ظلم آهن نہ هنن کي ڊاڪٽر مدي خارج دوائون ڏئي وڏيڪ اگهو ڪري ٿو. هوءَ ٻلي اڄ کان پنجويهه سالن بعد اچڻ وارن مسئلن تي اڄ ئي سوچي ڪجهه وڏيڪ سنهي ٿئي.

”ڇا پيو سوچين؟“ درياءَ جي ٻاهران مون کي تڪ ٻڌي گهوريندو ڏسي هن پڇيو.

پارڪ واري بس اسٽاپ وٽ وڻ هيٺان هڪ ڇوڪر ۽ ڇوڪري پاڪر پائي ويٺا هئا. ان اسٽاپ کي جيئن بس ڇڏيو تہ ليسا کي سندس سوال جو جواب ڏنم. دراصل ولايت ۾ اڪيلو رهندڙ عورت توڙي مرد تي ڪڏهن ڪڏهن رکي رکي سخت قسم جي

Depression حاوي ٿيندي آهي. ليسا تي هن وقت شايد ان دوري جو اثر هو جنهن ڪري هن کي هر ڳالهه ۾ مايوسي نظر اچي رهي هئي. ۽ ان ڊپريشن مان نڪرڻ لاءِ هن ڪجهه نه ڪجهه ڳالهائي پاڻ کي بزي ۽ Occupied رکڻ چاهيو ٿي.

”ليسا! آئون سوچي رهيو آهيان ته ان ڌرتيءَ جي گرمائش ۾ به سڀ کان وڏيڪ نقصان پاڻ ايشيائي ماڻهن کي ٿيندو ۽ خط استوا جي ويجهڙائي وارن ملڪن جي ماڻهن جو گهڻو موت ٿيندو. ڏس پاڻ وٽ اڳهين سخت گرمي ٿئي ٿي. ويتر جي تي چار ڊگريون وڌيڪ گرمي ٿي ته معنيٰ قيامت ئي ٿي. خبر اٿئي گذريل سال سنڌ ۾ ڪجهه ڏينهن ايڏي سخت گرمي ٿي جو ڪيترا اڌمنڊڙيڪي Dehydration ڪري بيهوش ٿي ڪري پيا هئا. آفريڪا ۾ ته هينئر ئي ان گرميءَ جا اثر سوڪڙ Draught جي صورت ۾ نظر اچڻ لڳا آهن. اٿوپيا، صوماليا، سوڊان ۽ چاڊ سان گڏ هي پهريون دفعو موزمبق ۽ هاڻ ڪينيا ۾ به مينهن نه پوڻ ڪري اهو ملڪ به ڏڪاري حالت ۾ داخل ٿي رهيو آهي ۽ توهان فلپيني ماڻهن سان جيڪي ننڍن ننڍن ٻيٽن تي رهو ٿا گرميءَ سان گڏ ساموندي ٻوڏ جو به مسئلو ٿيندو. گرميءَ ڪري اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب جي برف ڳرندي ۽ سمنڊ جي وڌندڙ ليول خط استوائي ملڪن جا ڪنارا ۽ ٻيٽ ٻوڙي ڇڏيندي.“

۽ هاڻ ليسا وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويئي ۽ هاسٽل جي بس اسٽاپ تائين، چپ چاپ، چيچ سان پنهنجي هڏن سان پريل مٿي کي ڪنگهندي رهي. بس مان لهي هاسٽل جي در تائين به ماٺ متوڙي ۾ سوچيندي آئي ۽ پوءِ لفٽ ۾ پنهنجي ڇهين ماڙ ڏي روانو ٿيڻ کان اڳ پڇڻ لڳي:

”الطاف! هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ. قيامت ۾ڇا تنهنجو يقين آهي؟“

”هائو. بلڪل. آئون مسلمان آهيان ۽ هر مسلمان جو قيامت جي ڏينهن تي يقين هجڻ ضروري آهي.“ مون وراڻيو مانس.

”مون کي ته ائين لڳندو آهي ته قيامت جاڻ ته آئي.“ ليسا چيو.

”اسان جي مذهب موجب قيامت جي مقرر ڏينهن جي ڪنهن کي خبر ناهي. پر اهو ڏينهن اچڻو ضرور آهي. ان جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا آهن. ٿي سگهي ٿو هڙيون گرميون اڳتي هلي قيامت آڻين.“

”ڪيئن پلاءِ؟“ ليسا حيرت مان پڇيو.

”آئون ننڍو هوس تہ آمريڪا جي هڪ شهر فلڊ لفيا ۾ هڪ عيسائي سائنسدان مون کي ٻڌايو هو. هو تازو مسلمان ٿيو هو ۽ هيءَ ڳالهہ اڄ کان ويهہ ٻاويهہ سال اڳ جي آهي، جڏهن هي Green House Effect ۽ گلوبل وارمنگ جهڙيون ڳالهيون اڃا عام ماڻهوءَ جي خواب خيال ۾ بہ نہ هيون. هن چيوتہ ڌرتي اڳتي هلي تتي ٿيڻ بدران گرم ٿيندي ۽ اها گرمائش هڪ حد کان پوءِ تيزي سان Geometrical Progression ۾ ايڏو وڏي ويندي جو هي دنيا جو گولو جيڪو چقمق وانگر هر شيءِ کي پاڻ وٽ ڇڪي بيهاريو ويٺو آهي سو ڪشش وڃائي ويهندو. ڇو جو گرمائش ۾ Magnetic Properties (حقمقي خاصيتون) ختم ٿيو وڃن. لوهہ جي ذرڙن کي چقمق سان چنبڙائي ۽ پوءِ چقمق کي موم بتيءَ سان گرم ڪيو. هو ڇڪڻ جي خاصيت وڃائي ويهندو ۽ لوهي ذرڙا وچي پٽ تي ڦهڪو ڪندا. ان ريت جڏهن ڌرتي گرمائش ڪري پنهنجي ڪشش وڃائي ويهندي تہ انسان جانور تہ ڇا پر وڏيون وڏيون عمارتون ۽ جبل ٽڪر ڌرتيءَ جي گولي کان اچلجي پري هليا ويندا.“

منهنجي ڳالهہ پوري ٿيڻ تي ليسا ڪو ٻيوسوال ڪري ان کان اڳ لفٽ جو دروازو کولي ڪيس اندر گهڙڻ لاءِ چيو ۽ سندس ماڙ جو ڇهون نمبر بٽڻ دٻائي کيس لفٽ ذريعي روانو ڪيو ۽ آئون پاڻ ڏاڪڻيون چڙهي پنهنجي ڪمري جي ٽين ماڙ تي پهتس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## ڪجهه عيدي امين ۽ يوگنڊا بابت

1972ع ۾ عيدي امين يوگنڊا ۾ ٽيهه هزار ڪان مٿي رهندڙ ايشين کي ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي . ڪينيا، تنزانيا ۽ يوگنڊا ۾ رهندڙ ننڍي کنڊ جي واپارين لاءِ مڪاني ماڻهن کي ائين نفرت ٿي پيئي جيئن صديءَ جي شروع ۾ اوير يورپ وارن کي يهودين لاءِ هئي.

آفريڪا ۾ رهندڙ 'ايشيائي' مڪاني (آفريڪن ڪارن) ۽ 'يورپي گورن' جي وچ ۾ سئنڊوچ وانگر هئا. انگريز ۽ يورپين هنن جي ڪا حيثيت نٿي مڃي ۽ ڪارن کي هنن جي پئسي ۽ ترقيءَ تي ساڙ هو جيڪي هنن سخت محنت، سادگي، بچت ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ سندن مائٽن ذريعي واپار ڪري حاصل ڪيو هو. (ڪجهه ٺڳي ۽ اٽڪل بازيءَ ذريعي پڻ.)

يوگنڊا مان تڙجڻ بعد ننڍي کنڊ جا ماڻهو سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا. ڪي هندستان، پاڪستان هليا ويا ته ڪي انگلينڊ، آمريڪا. پنيان ڇڏيل سندن مال ملڪيت تي عيدي امين جي چاڙتن قبضو ڪري ورتو. ڪجهه وقت ٿيو ته يوگنڊا جو هاڻوڪو صدر يوويري مسيوني انگلينڊ جي دوري تي آيو. هن ڪيترن پاڪستاني، هندستاني همراهن کي يوگنڊا واپس هلي پنهنجو واپار سنڀالڻ لاءِ چيو جيئن سندس ملڪ جي تباهه ٿيل ناٽي ڏوڪڙ جي حالت ڪجهه سڌري پوي. ڪجهه همراهه ته وڃڻ لاءِ راضي ٿي ويا آهن. انهن ۾ گهڻا اسماعيلي فرقي جا آهن. يوگنڊا جي حڪومت مسلمانن توڙي هندن کي سندن ڇڏيل ملڪيت توڙي زمين ۽ مندر مسجدون واپس ڪرڻ جوواعدو ڪيو آهي. آغا خان يوگنڊا ۾ وڏي پئماني Investment ڪرڻ جو خيال ڏيکاريو آهي. مازمو ويراني۔ هڪ امير کوجو پاڻ سان گڏ ڪيترن ئي انگريز واپارين کي يوگنڊا جو دورو ڪرائي ڪجهه واپار شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيوآهي.

يوگنڊا ۾ رهندڙ هڪ بوهريءَ سان ڪجهه ڏينهن اڳ ڊئنمارڪ ۾ ملاقات ٿي. هو عيدي امين جي ڪيڙڻ تي بمبئي هليو ويو هو ۽ هاڻ واپس يوگنڊا جي شهر ڪمپالا وڃي رهيو آهي جتي هن جو ننڍپڻ گذريو. مون کائنس پڇيو:

"ڇا توهان سمجهو ٿا ته هڪ دفعو واپار تي وري توهان جو قبضو ۽ اوج ٿيندي؟"

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”نہ مون جهڙن ڪيترن جي دل ۾ واپار ۾ ان مان نفعو حاصل ڪرڻ جي مول مقصد ناهي.“ هن ٻڌايو. ”هيترا سال بمبئي ۾ رهيس. سڀ سک هوندي بہ مون کي اهو سڪون نہ مليو جيڪو مون کي ڪمپالا (يوگنڊا) ۾ حاصل هو. يوگنڊا اهو ملڪ آهي جتي منهنجو ڏاڏو ننڍي عمر ۾ آيو. جتي منهنجو پيءُ ڄائو ۽ جتي مون جنم ورتو. جنهن جي گهٽين ۾ مون ننڍپڻ جا ڏينهن گذاريا. آئون انهن وچايل يادن ۾ ٿتل خوابن جي ڳولا ۾ آفريڪا جي هن ”هاڻ- ويران- ٿيل“ ملڪ ڏي وچي رهيو آهيان.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

## هوم ميڊ هيئرڪٽ

سئيڊن ۾ نه فقط موڇي ڪل ٿولاهي پر حجام پڻ. شهر جي چڱي خاصي علائقي ۾ ته وار نهرائڻ تمام گهڻي آهي. پر مالمو جي چاڪيوڙي ۾ محمود آباد اخترڪالوني جهڙن علائقن ۾ هيئرڪٽ سستي سستي ته به هڪ سؤ ڪرونا يعني چار سؤ رپيا آهي.

راحت عزيز خبر ناهي ڪهڙي ملڪ جو نالو ونئي پئي ٻڌايو ته اتي جا حجام جهاز جي خلاصين جي اڌ قيمت ۾ سنوارت لاهين ٿا. سو جڏهن به هنن (انجنيئرن) ۽ نيويگيشن آفيسرن کي وار نهرائڻا هوندا هئا ته حجامن سان ڪوڙ ڳالهائي ته هو آفيسر نه پر خلاصي آهن، اڌ قيمت ادا ڪندا هئا.

ڪئپٽن سليم وري جپان جي ڪنهن شهر جو نالي پئي ٻڌايو ته هونءَ ته جپان ۾ڏاڙهي لهرائڻ جا ٽي سؤ رپيا ۽ وار نهرائڻ جا ساڍا ٽي سؤ رپيا آهن پر ان شهر ۾ جتي حجامڪو ڏنڏو سکڻ جا ڪيترائي اسڪول آهن، سيکڙات حجام اڌ قيمت ۾وار لاهين.

”پوءِ اسان جو جهاز جڏهن به ان بندرگاهه ۾ويندو هو ته اهڙا ختابي (Apprentices) ڳوليندا وتندا هئاسين جيڪي اڌ قيمت تي وار ڪتري اسان کي وڏي خرچ کان ڪجهه بچائين ۽ پاڻ اعليٰ حجام بنجڻ لاءِ پرئڪٽس ڪن. يعني اسانجو مٿو هنن جي لاءِ ٽريننگ گرائونڊ هو.“

راحت چيو: ”ڪراچيءَ ۾ ظهير بابر ۽ اشرف ازور جن (جيڪي هتي سئيڊن ۾ ٻه ٻه سال رهي ايم ايس سي ڪري ويا آهن) مونکي حجام،موچي ۽ Dentist جي اڳهه کان اڳهين خبردار ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري سئيڊن اچڻ کان اڳ بوٽ جي تري تي ربڙ جو ٿلهو سول هڻائي ڇڏيم. ٻن ڏاڻن ۾ ڪيڙو لڳڻ جا آثار هئا انهن جي فلنگ (ڀرائي) ڪرائي ورتم ۽ وار ضرورت کان وڌيڪ ڪٽائي پوءِ مالمو پهتس. پر هاڻ به ٽي مهينا گذرن بعد وارن جي ڪٽائي ڪرائڻ ضروري پيو سمجهان.

سيڪنڊ ايئر جي شاگرد ڪمال علويءَ صلاح ڏني ته هڪ دفعو پاڻ ئي ڪئنچيءَ سان Trim ڪجن ۽ ٻئي دفعي ڪنهن ”سستي حجام“ کان هيئرڪٽ ڪرائن سان ڪم صحيح پيو هلندو ۽ ٻن سالن ۾ فقط پنج يا ڇهه دفعا اهو ڦاهو ڦڪٽو پوندو.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”پر اهو ’سستو حجام‘ سؤ ڪرونا وارو آهي يا ان ڪان بہ ڪو گهٽ آهي؟“ اسان پڇيس.

”جنهن مارڪيٽ ۾ اربع ۽ چنڇر ڏينهن سيڪنڊ هئنڊ شيون وڪامن ٿيون. اتي اهي بہ ڏينهن هڪ حجام عورت ويهي ٿي ۽ فقط اسي ڪرونا وٺي ٿي. اڄ هڪ جارڊن جو شاگرد عايد خلف بہ ان ڪان وار ٺهرائي آيو آهي.“

”هاڻ جي پئٽرول ۽ ڊيزل تيل جا مالڪ يعني عرب بہ اهڙن حجامن وٽ ويندا تہ پوءِ هتي جا اوچا حجام تہ بک مرندا.“

دراصل لڳاتار چار ڏينهن موڪل هجڻ ڪري هرڪو وارن جي گس ۾ لڳو پيو آهي. ملائيشيا جي ڪئپٽن لي جيڪو هيپي ٿي هتي آيو هو تنهن شايد پاڻهي پاڻ يا سندس زال ائنا ڪان اهڙي تہ خراب هيئرڪٽ ڪرائي آهي جو پري ڪان پڌري آهي. پاڻ بہ شڪي ٿي رهيو آهي انڪري ناشتي تي ٻين جي وچڻ ڪانپوءِ دير سان آيو. پر سندس قسمت خراب هئي جو سيڪنڊ ايئر جو ايراني شاگرد محمد علي شاهبا اچا وينوهو. ٻيا ڏهہ ويڻا هجن ها تہ لي جي اها خوفناڪ هيئرڪٽ ڏيان ۾ ئي نہ آڻين ها يا گهٽ ۾ گهٽ رمارڪ نہ ڏين ها. پر علي جيڪو ڪافي چرچائي آهي (۽ لي پاڻ بہ سيني سان چرچا ڪري ٿو) تنهن لي جي پرسان ٻيهي ڪائنس پڇيو:

”هيءَ ڪٿان جي هيئرڪٽ آهي؟“

”هوم ميڊ Home Made آهي.“ لي مختصر جواب ڏنو ۽ ان ڪان اڳ علي ڪا ٻي ٽيڪاٽپٽي ڪري لي ڪارن فليڪس کائڻ ۾ لڳي ويو.

# ڪهڙو مَتو ڪنهنجو آهي

ملائيشيا ۾ حجامن سان ڪچهري دوران هنن کي وار ڪتريندو ڏسي اهو اندازو لڳايو هوم تہ وار ناهڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي. اهو راحت وارن کي بہ ٻڌايم تہ ضرورت پوي تہ مون وٽ هليا اچو. شام ڏاري راحت ڪئنچي ۽ سيفٽي ڪٽي آيو تہ وار ٿورا ننڍا ڪري سگهندين.

”بلڪل.“ مون وڏي اعتماد سان چيو ۽ پوءِ سندس پٺن تي ٽوال رکي وارن ۾ ڦڻي گهمائي سندن مڏي پٺن ڪترڻ واري ڪئنچيءَ سان ٿورا ٿورا ڪري وار ڪتريندو ويس. تمام سٺي طرح ڪم هلي رهيو هو. مون کي پاڻ تي تعجب لڳو تہ پهرين دفعي ئي سٺي حجامت ڪري رهيو آهيان. پر پوءِ الائي ڇو پاڻ کي ايڪسپرٽ سمجهي ٽڪو ٽڪو ڪترڻ لڳس. ان ٽڪائي ۾ بہ بہ ٽي اهڙا لاٻارا هٽي ويس جو راحت جي مٿي جي ڪن حصن جا وار باگڙين جي ٻارن جهڙا ٿي پيا. ڏاڍو پريشان ٿيس تہ هاڻ تہ ڏاڍي ڳالهہ ٿي. راحت کي ڪا خبر نہ تہ پنيان ڇا پيو وهي واپري. هو خوش تہ وار سٺا پيا لهن ۽ پئسا پيا بچن. پهرين سوچيم تہ کيس حادثي جواطلاع ڪيان . پر پوءِ اهو سوچي تہ وٺي رڙيون ڪندو ۽ مون کي وڌيڪ ڪوشش ڪرڻ نہ ڏيندو. سوآهستي آهستي ڪري ڪيارڙيءَ ڪان وڌيڪ وار ڪترڻ شروع ڪيم جيئن ساڄي پاسي جا وار کاٻي پاسي گهٽ ڪتريلن سان هڪجهڙائي ظاهر ڪن. بهرحال ڪجهہ حد تائين ڪامياب ٿيس پر ايترو بہ نہ جو ٻئي کي محسوس نہ ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪل بہ پئي آئي تہ راحت جي مٿي سان ڇا تہ ويڌن ٿي ٿي وئي. ڪيترائي ڏيان ۾ خيال آيا. هڪ تہ اڄ موڪل جو آخري ڏينهن نہ هجي ها تہ بہ خير ٿي وڃي ها. ٽي چار ڏينهن موڪل جا ڪمري ۾ ئي گذارڻ سان وار ڪجهہ وڏا ٿيڻ تي سنوت ۾ اچي وڃن ها. جو هونءَ بہ ڪهڙي بہ ايڪسپرٽ حجام ڪان وار نهرائبا آهن تہ هڪ ڏينهن متو ڪتريل نظر ايندو آهي. بيو Alternative اهو هو تہ راحت کي صلاح ڏيان تہ جتي هي ٽي چار ڏينهن موڪل ڪئي اتئي اتي ٽي چار ڏينهن بيا بہ ڪٽي موڪل ڪر. پر پڪ هيم تہ هو اها ڳالهہ نہ مڃيندو جو ٻئي ڏينهن کان اهم سبجيڪٽن جا ليڪچر هئا. هڪ اهو بہ اپاءُ هو تہ جيڪو ٿيو سو ٿيو. هاڻ ڏند خاطر آئون سؤ ڪرونا (چار سؤ رپيا) پريان ۽ ڪنهن سٺي حجام کان هلي Finishing

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

صحيح ڪرائجي. جيتوڻيڪ اهو به وڏن وارن ڪي ته ڪتري ننڍا ڪري سگهندو پر ننڍا ٿي ويلن ڪي وڏا ڪيئن ڪندو. هتي ته Wig نقلي وار به مهنگا ملن ٿا. بهرحال سٺن لفظن ۾ راحت ڪي خطري جو سگنل ڏنم.

”يار ڪي خاص نه ٿيا آهن پر مڙيئي ڪم هلي ويندو. جهڙا پاڻ واري چيني همراهه ڪئپٽن ليءِ جا لڳي رهيا آهن ڪجهه اهڙائي آهن.“

آرسي ته ڪنهن وٽ به نه هئي جو پويان جهلي ڊريسنگ ٽيبل ۾لڳل آرسي ۾پنهنجي پٺ ڏسي سگهجي. سو شريف انسان راحت، بنا هيئر اسٽائيل ڏسڻ جي راضي ٿي ويو.

ان بعد يڪدم سليم وٽ پڳس ۽ ڪيس ٻڌايم ته هيءَ ڳالهه ٿي آهي. هاڻ مهرباني ڪري راحت ڪي ڏسڻ سان هيئين ڦاٽ رڙ نه ڪجانءِ. بلڪ راحت جي خوفناڪ هيئر ڪٽ ڏسي ڪو به ڏندڻ جي وجي ته به پاڻيءَجا چنبا راحت ڪي هٽجانءِ ته هن جو هيئون سڌير رهي.

ان بعد آئون اچي سمهي رهيس. شام جو وهنجي سهنجي راحت پين پاڪستانين سان گڏ وينو هو. وهنجڻ ۽ تيل هڻن بعد ڪجهه بهتر لڳي رهيو هو. پڪ هيم ته ڪيس ڪنهن نه ڪنهن ته ضرور ٽوڪيو هوندو. سو مون غلطيءَ جو اعتراف ڪندي چيو:

”يار هڪ ٻه اونها ڪٽ لڳي ويا ان ڪري ليول تي آڻڻ جي ڪوشش ۾ ڪجهه وڌيڪ وار ڪترڻا پيا.“

”نه نه نيڪ آهي. ڏينهن ٻن ۾ سڀ صحيح ٿي ويندو.“ راحت بردباريءَ سان جواب ڏنو. جنهن مون کي ڪافي راحت ڏني. انهيءَ دوران علوي مون لاءِ Trimmer کڻي آيو جيڪو ڦٽيءَ وانگر آهي ۽ منجهس به بليڊ پون ٿا.

”واهه! واهه! بس راحت خان هاڻ پلا منهنجا وار تون هن سان ڪجهه ننڍا ڪري وٺ. ڪو خاص وقت نه لڳندءِ. تنهنجي مقابلي ۾ منهنجي مٿي تي ڪو چوٿون حصو وارن جو به مس آهي.“ مون چيو.

”نه يار! اهو جوڪم جو ڪم آئون نه ڪري سگهندس. خاص ڪري تنهنجي هيئرڪٽنگ جو. تنهنجي مٿي تي وار ئي ڇا آهن. جي خراب ڪٽنگ ٿي پئي ته سواءِ پاڪي ڏيارڻ جي ڪو بيو Alternative باقي نه رهندو.“ راحت وراڻيو.

”پيلي ائين تہ نہ ڪريو. مونکي بہ تہ چار سؤ رپيا بچائڻ ڏيو. چو ٿا مون کي حجام ڏي موڪليو.“

”اهڙي منهن بلڪ مٿي سان تون حجام وٽ وڃين ئي چو ٿو. ههڙي سيءَ ۾ اهي مختصر وار بہ لهرائڻ بدران ڪا بجڪي واري ٽوپي پائي ڇڏ.“ علويءَ چيو.

پوءِ ڪئپٽن سليم جي صلاح سان آرسيءَ اڳيان بيهي هر هڪ Trimmer ذريعي پنهنجي پنهنجي هيئرڪٽ ڪئي. حجام جهڙي سٺي هيئر ڪٽ تہ نہ ٿي پر سٺي هوم ميڊ هيئرڪٽ ٿي وئي.

”هڪڙي صلاح ڏيانوَ“ ان وقت آيل ڪئپٽن عاشق اسان کي صلاح ڏني. ”بہ ڏينهن پيا بہ موڪل ڪري ڪمري ۾ ويهڻ سان هڪ تہ رهيل هوم ورڪ پورو ٿي ويندو ٻيو تہ ڪنهن کي محسوس نہ ٿيندو تہ اسان ڪاهوم ميڊ هيئرڪٽنگ ڪئي آهي. پر اها صلاح توهان مڃيندا کونہ. ان ڪري ٻي صلاح اها اٿو تہ ايندڙ بہ ڏينهن نائيجريا ۽ گهانا جي شيدي شاگردن سان گڏ گڏ هلجو. ڪنهن تي شڪ بہ نہ پوندو تہ ڪهڙو مٿو ڪنهن جو آهي. اجا بہ پنهنجو وڏيڪ سٺو لڳندو“.

## هرڻ (Rein_ Deer) ۽ بگهڙ

سئيڊن جا اتراهان علائقا جتي ٻارهوئي برف لڳي پئي آهي. اتي بگهڙ ۽ رين ڊيئر ٻہ مشهور جانور آهن. رين ڊيئر هرڻ جو قسم آهي، جيڪو گوشت لاءِ ۽ برف ۾ گاڏيون ڇڪڻ جي ڪم اچي ٿو. سئيڊن جهڙن اتراهن ٿڌن ملڪن ۾ برف جي ڪري، ٻيو تہ ڪجهہ نٿو ٿئي ۽ پوءِ هتي جا ماڻهو ڪاڏي خوراڪ، پوشاڪ ۽ واپار خاطر هن قسم جي هرڻن جا ڌڻ پالين. هي هرڻ قدبت ۾ وڏا ۽ سندن سڱ ڦڏا سڏا ۽ ڪيترين ئي شاخن وارا ٿين ٿا. رين ڊيئر سواريءَ جي ڪم پڻ اچي ٿو. ڪاٺ جي، ڦيٿن بنا گاڏين ۾ هنن کي جوٽيو وڃي ٿو جيڪي برف تي ترڪن. ان کان علاوه هن هرڻ جو گوشت، کير ۽ کل ڪم اچن ٿا غريب هرڻن کان علاوه هنن ٿڌن برفاني پٽن ۾ بگهڙ جهڙو خوفناڪ جانور پڻ رهي ٿو. بگهڙ هنن هرڻن لاءِ آخري ڏينهن آهي. ان ڪري هتي جا ڌراڙ بندوقون کڻي بگهڙن پويان هوندا آهن. بگهڙن کي ماري ماري انهن جو ڳاڻيٽو ان حد تائين گهٽائي ڇڏيو اٿن، جو سرڪار کي اچي ڳڻتي لڳي آهي تہ اهو وقت پري ناهي جو هن جانور (بگهڙ) جو نسل دنيا جي تختي تان ختم ٿي ويندو. ان ڪري هن جانور کي اٽلپ جنس قرار ڏيئي سندس مارڻ تي بندش وڌي وئي آهي. پر اتر يورپ جاهي قطبي رهاڪو ان قانون کان بلڪل خوش ناهن. سندن دانهن جا خط هتي جي اخبارن ۾ ايندا رهن ٿا.

”اسان جي روزگار جو ذريعو هي هرڻ آهن. بگهڙ اسان جي مال کي ماري رهيا آهن ۽ مال جي بچاءَ لاءِ اسين بگهڙ ماريون ٿا، تہ سرڪار قانوني ڪاروائي ڪري اسان کي سزائون ۽ ڏنڊ وجهي ٿي. اسين وڃون سو وڃو ڪيڏانهن. يا تہ سرڪار هي قانون ختم ڪري يا اسان جي هرڻ مرڻ تي ان جو ملهہ ادا ڪيو وڃي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# ڪوئي مهانڊو جانور

يورپ جي سرد اتراهن ملڪن ۾ گدڙ جي قد بت جيڏو ڪُوئي مهانڊو هڪ جانور بيحد مشهور آهي. جيڪو منڪ (Mink) سڏجي ٿو. هن جي ڳري اگهه واري بجن واري کل نہ فقط سيءَ جو بچاءَ ڪري ٿي پر فئشن طور پڻ هن جو مٿانهون درجو آهي. هن جانورمنڪ جي کل جو معمولي ڪوٽ بہ لک لهي.

وڏي قيمت ڪري، پئسي ڪمائڻ جي لالچ ۾ ماڻهن هن جانور جي اها مارا ماري شروع ڪئي، جو ائين لڳو تہ هي اڻلڀ جانور پڻ هن دنيا مان جاڻ تہ غائب ٿيو. ڪيترن مهينن کان، ان ايندڙ افسوسناڪ حالت کان هن پاسي جون اخبارون خبردار ڪنديون رهن ٿيون. ٽي وي ۽ ريڊيو تان پڻ ايندو رهي ٿو تہ مهرباني ڪري ان فئشن کي ڇڏي ڏيو. نہ تہ هي جانور فقط تصويرن ۾ ڏسڻ لاءِ رهجي ويندو. توهان کي پنهنجي دولت جو ڏيکاءُ ڪرڻو آهي تہ مهنگو منڪ ڪوٽ وٺڻ بدران ڪا ٻيءَ شيءِ وٺو.

ان مهم پنهنجو اثر ڏيکاريو آهي ۽ ماڻهن کي هن ڪوئي مهانڊي منڪ سان محبت ۽ ان جي ان کل جا ڪوٽ وڪڻندڙ ۽ پهريندڙ دڪاندارن ۽ اميرن سان نفرت ٿي پئي آهي. گذريل هفتي قاضي حميد لنڊن جي ٽوئر تان موٽي اچي ٻڌايو تہ اتي ڪا عورت منڪ ڪوٽ پائي شهر ۾نڪري ٿي تہ ماڻهو ان کي پٿر هڻن ٿا ان ڊپ کان نہ ڪو پائي ٿو نہ خريد ڪري ٿو. منڪ ڪوٽن جا اگهه ڪري پيا آهن. پنج سؤ پائونڊن (پنجويهہ هزارن جو ڪوٽ) ڪو هزار بہ روپين ۾ بہ نٿو وٺي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# بيمارين ۽ موت آدمشماري جي صحيح رکڻ لاءِ آهن

گذريل چند مهينن ۾ يورپ ۾ ڪجهه اهم شخصيتن جو Aids ڪري موت ٿيڻ تي، هڪ دفعو وري هن بيماريءَ جو خوف ۽ هراس ڇائنجي ويو آهي. اهي ملڪ جن جي آدمشماري گهٽ ۽ ڪنڊوم استعمال نٿا ڪن اتي به هاڻ اهڙين شين جو وڪرو وڌي ويو آهي. ملائيشيا جهڙن ملڪن وڏندڙ ڪپت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ربڙ ناهڻ جو تعداد ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي.

اسان جو ٿائي ڪلاس ميٽ مسٽر 'سوتي چائي' جيڪو هيئرڪٽ لاءِ حجام وٽ ويڻ جو سوچي رهيو هو تنهن ڪي ملائيشيا جي ڪئپٽن ليءَ سمجهائيندي چيو:

”سوتي! مهرباني ڪري ڪئنچي ۽ بليڊ پنهنجو ڪٽي وڃ. Aids بيماري نه فقط سيڪس مان پر ٻئي جي استعمال ڪيل سئي يا پاڪيءَ سان به ٿي سگهي ٿي.“

۽ پوءِ معصوم صورت ناهي اسان کي چيو: ”آئون هميشه پنهنجي ڪئنچي ۽ سيفٽي استعمال ڪندو آهيان. ٻي صورت ۾ ڪهڙي خبر متان ائبز ٿي پوي ته ڪيڏي ڏک جي ڳالهه آهي. ڪجهه ڪيو به نه ته به، گهر ويٺي درد پرائڻ واري ڳالهه ٿي.“

اوشنو گرافي جي آمريڪن پروفيسر هڪ ڏينهن ليڪچر دوران چيو ته ”عوام جي وڏڻ سان دنيا جي گولي (ڌرتي توڙي سمنڊ) تي ڪچري جو مقدار وڌي ٿو. دنيا جي آدمشماري جڏهن به حد کان وڌي ٿي ته قدرت ان کي گهٽائڻ جا اپاءُ ڪري ٿي. طوفانن، ٻوڏن، زلزلن، ڏڪارن، بيمارين رستي. پر انسان ان قدرتي عمل کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان ڪري صحيح آدمشماري ٿيڻ بدران اهائي وڌندي رهي ٿي. ايڊز بيماريءَ جي خوفناڪ هجڻ جي خبرعام ڪرڻ بدران راز ۾ رکي وڃي، جيئن پلي گهٽي کان گهڻا ماڻهو مرن ۽ بئلنس صحيح ٿئي“.

خبر ناهي ڇو سندس ڳالهه ۾ چرچو يا حقيقت جو پهلو گهٽ ظالميت جو عنصر وڌيڪ محسوس ٿيو- خاص ڪري اسان ٽين دنيا جي رهاڪن کي جن جي ملڪن جي آدمشماري هيڪاندي گهٽي آهي. سندس مٿينءَ ان ڳالهه (يا چرچي) تي جڏهن ڪوبه نه کليو ته ڪيس به احساس ٿيو ۽ ڳالهه کي گول مول ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

# سهڻي سيڪريٽري

اسان جي يونيورسٽي توڙي هاسٽل ۾ ڏهن ڪن ڪمپيوٽر ۽ پرنٽر اسان جي استعمال لاءِ رکيا ويا آهن جيئن ٿيسز (جنهن کي پروجيڪٽ ۽ Dissertation به سڏجي ٿو) لکي سگهون. ۽ جلدي لکڻ لاءِ ٽائيپ جو اچڻ ضروري آهي، جيئن گهٽي ڪان گهٽيون آڱريون استعمال ڪري، جلدي لکي سگهجي. ٽائيپ سيکارڻ جو بندوبست پڻ يونيورسٽي وارا ڪن ٿا. مالمو شهر جي لئبرري پرسان هڪ ٽائپنگ جو وڏو اسڪول آهي. يونيورسٽيءَ وارا انهن کي في شاگرد جي حساب ساب ڏهن ڏينهن جي ٻه سؤ ڪرونا (اٺ سؤ رپيا) في ڏيندا آهن.

هن سال به جيئن ئي نوٽس بورڊ تي سرڪيولر لڳو ته جن کي ٽائپنگ سکڻي هجي اهي پنهنجا نالا لکن ۽ هفتي ۾ ٻه دفعا شام جو ٽائيپ سکڻ لاءِ تيار ٿين. ته اسان به جهٽ پٽ نالو ڏنو جيئن ٻن آڱرين سان ٽائيپ ڪرڻ بدران سيني آڱرين سان ٽائيپ ڪرڻ جي پرئڪٽس ٿئي. يونيورسٽيءَ طرفان ان آفر ۾ هڪ شرط رکيو ويو ته ٽائپنگ جي في هو ڏيندا پر ڏهن ڏينهن مان گهٽ ۾ گهٽ اٺ ڏينهن اسان کي ضرور وڃڻ ڪپي نه ته فيءَ جا ٻه سؤ ڪرونا اسان کي ملندڙ مهيني جي خرچيءَ مان ڪٽيا ويندا.

پهرين ڏينهن ته خوش خوش وياسين. پر پوءِ جلدي ٽائپنگ جا ڪلاس مٿي جو سور ٿي پيا. ڇو جو اسان سيني اهوئي سوچيو ته ڪو اڌ ڪلاڪ ٽائيپ سکڻ سان اسان اهڙا ماهر ٿي ويندا سين جهڙا پاڪستان ۾ ڪورٽن اڳيان رٽائرڊ آفيسر پيگل ٽائيپ تي ٽائيپ ڪندي نظر ايندا آهن. پر پوءِ پهرين ڏينهن ئي محسوس ڪيوسين ته عشق ناهي راند جيڪي ڪيڏن ڳيرو. تنهن وانگر ٽائپنگ سمجهڻ هڪڙي ڳالهه آهي پر ائين ٽائيپ ڪرڻ اهڙو سولو ڪم ناهي جو مائي انيليءَ جو هڪ به ليڪچر ٻڌي ڏهن ئي آڱرين سان ٽڪ ٽڪ ٽڪ شروع ڪري ڏيون. سچي ڳالهه ته اها، ته ٻن ڏينهن ۾، ٽائيپ ۾ صحيح طرح پنو وجهڻ به مس آيو ۽ انيليءَ کي جڏهن چيوسين ته هي ڏهن ڏينهن ۾ ايڪسپرٽ ٿيڻ ته مشڪل آهي، ته هن به چتاءُ ڏنو ته ان لاءِ ته گهٽ ۾ گهٽ ڏهه هفتا ڪپن سو به دل لڳائي روزانو ٻه ٽي ڪلاڪ پرئڪٽس ڪندؤ ته پوءِ ڪم جهڙي ٽائيپ ڪري سگهندؤ. هن ’دل لڳائي‘ لفظ تي زور ڏيندي ان انداز سان چيو ڄڻ دل لڳائي اسان هرگز نه ڪنداسين. سو اسان هرگز سکي نه

سگهنداسين. انهيءَ ڪري اسانجي بسم الله ئي موچاري نـ ٿي. پهرين ڏينهن ئي دل ٽٽي پئي.

ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيترن ٽائيپ سکڻ کان توبهه ڪري ڪلاس روم وارو ڏيڍ ڪلاڪ ڪچهري ڪرڻ لڳا. يا وقت پاس ڪرڻ لاءِ هڪ آڳر سان ٻئي دوستن يارن کي خط لکڻ لڳا. ان خط لکڻ جي شروعات گهانا جي ائلس پنهنجي مڙس کي خط لکڻ سان ڪئي. هر هڪ ايندي ويندي کيس چيو ٿي: ”مڙسين کي اسانجا سلام لکجانءِ.“

”ائلس! منهنجا بـ سلام لکجانءِ.“ پري کان ويٺل آذربائيجان جي ٿلهي چنگيز چيو.

”مون کي چريو سمجهيو اٿوَ ڇا؟“ ائلس چيو. ”مڙس ڇا سوچيندو تـ آئون ٻار ڇڏي هتي سئيڊن پڙهڻ آئي آهيان يا ترڪيءَ جي حسن بقال، آذربائيجان جي چنگيز پاڪستان جي الطاف ۽ ٻين جا سلام نيايا پهچائڻ آئي آهيان.“

”چڱو پلا مون طرفان Hello لکينس.“ ڪولمبيا جي ائنا روزا چيس

”سڀ ماٺ ڪري ويهو.“ ائلس چيو.

منهنجي پر ۾ آفريڪا جي هڪ ملڪ گنيءَ جي ويٺل شاگرد عورت چيو: ”ائلس ڪنهن عورت بابت تـ هرگز مڙس کي نـ لکندي.“

”ڇو ڀلا؟“ مون پڇيومانس.

”ڇوته ٿي تـ سندس مڙس دل ڦينڪ عاشق آهي. هن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهندڙ عورتن بابت لکانس تـ هو توکي سلام ڇئي رهيون آهن تـ، يڪدم سندن ائڊريس گهرندو.“

”پوءِ ڀلا اتي اڪيلو ڪنهن جي آسري ڇڏي آئي آهيس؟“ مون پڇيومانس.

”ان لاءِ ٻڌائيندي آهي تـ کيس ڏيج ۾ مائٽن وٽان هڪ خوفناڪ قسم جي نوڪرياڻي (حبشڻ) جيڪا ملي آهي، اها سندس سار سنڀال لهندي آهي ۽ مڙس جيڪڏهن ڪنهن غلط ڪم ڏي رغبت ڏيکاريندو آهي تـ ان جا اسڪريو ٽائيٽ ڪندي آهي.“

”توبنهن! توبنهن!“ موراڪو جي امين چيو. ”انهي ڪري تـ آئون گهانا يا سينيگال جي ڪنهن شيدياڻي سان شادي نٿو ڪريان. جيتوڻيڪ منهنجا ناناڻا انهن ملڪن ۾ آهن، پر مون صاف صاف چيو اٿمان تـ آئون فرينچ ڳالهائيندڙ ڇوڪريءَ سان ڪٽي شادي ڪندس پر هجي اڇي رنگ جي.“

گنيءَ جي هيءَ شاگرد عورت امين جي ان جملي جو آخري حصو ٻڌي ڪاوڙمان امين

ڏي نهارڻ لڳي. موراڪو جو امين ۽ گنيءَ جي هيءَ شاگردياڻي ٻئي فرينچ ڳالهائيندڙ آهن ۽ ٻئي ڪارا آهن.

ٽائيپنگ جي ڪلاس ۾ هرڪو ان انتظار ۾ هوندو هو ته ماسترياڻي- مئڊم انيلي فوٽن واري لسٽ ڪٽي حاضري هٽي ته ڀڄڻ جي ڪجي. ان چڪر ۾ هرڪو اڳيان ويٺل ڪرسيءَ تي انيليءَ ڏي اهاني بهاني پيو ويندو هو ته جيئن هو ڏسي ۽ حاضري لڳي.

انيليءَ بار بار اها صلاح ڏني تي ته ڏهه پندرهن منٽ ٽائيپ ڪري ۽ منٽ واڪ ڪريو. پر اسان ڏهه پندرهن منٽ واڪ ڪري ۽ منٽ ڪن ٽائيپ ڪئي ٿي. چنگيز حسن بقال ۽ ماريطانيا جو شيخنا ته هتان هتان ڦري ڏکڻ واري دريءَ تي وڃي بيٺا هئا. جتان هيٺ سئمنگ پول تي نظر پئي ٿي.

”پلي توهان اتي بيهي وقت خراب ڪريو“. انيليءَ چتاءُ ڏنو ”ٻئي سال جڏهن توهان کي ٽيسز ٽائيپ ڪرڻي پوندو ته پوءِ پاڻهي خبر پوندو.“

”ٽائيپنگ مان فائدو ئي ڪهڙو آهي؟“ هڪ ڏينهن موريطانيا جي شيخنا غائوض انيليءَ کان پڇيو.

”ڪمال آهي!“ انيليءَ چيو ”وڏو فائدو ته اهو آهي ته ٽائيپنگ اچڻ ڪري راز وارا خط پٽ ۾ سرڪاري ڪاغذ توهان پاڻ ٽائيپ ڪري سگهندؤ.“

”پر آئون ته ان هوندي به ٽائپنگ لاءِ هڪ سهڻي سيڪريٽري رکندس.“ آئوري ڪوسٽ جي ڪمانڊر مائيڪل چيو.

مائيڪل اوير آفريڪا جي ملڪ ڪوٽا ڊي آئوري کان آيل آهي. جيڪو ملڪ ڪجھ سال اڳ تائين، آئوري ڪوسٽ جي نالي سان مشهور هو. ’عابد جان‘ سندس مشهور بندرگاهه آهي. جنهن ۾ اسان جا پاڪستاني جهاز اڪثر ويندا رهن ٿا. منهنجي پير ۾ راحت عزيز وينو هو. تنهن ڪمانڊر مائيڪل جي مٿين ڳالهه تي نڪ کي موڙو ڏيئي مون کي آهستي چيو: ”ڏوڙ اٿس پئي. اها سهڻي حبشڻ سيڪريٽري الائي ڪهڙي هوندي. سينيگال جي ائميءَ جهڙي هجي ته به غنيمت.“

”يار تون ائميءِ کي ائين نه سمجھه.“ مون چيو مانس.

”واقعي! مجنونءَ جي ليلي به ته ڪاري هئي. ائمي جا به ڪيترا مجنون ٻڪار ۾ ڦرندا

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

هوندا.“ راحت چيو.

”بلڪل صحيح ٿو چئين.“ وراڻيو مانس، هتان ايم ايس سي ڪرڻ بعد سندس هڪ سان شادي ٿيڻ واري آهي. مون کي فئمليءَ سان دعوت ڏني اٿس. اوسي پاسي جي ڪنهن ملڪ ۾ هونداسين ته ضرور هلنداسين. ڪنهن زماني ۾ تيل وٺڻ لاءِ اسان جو جهاز ٻڪار ۾ ڏاڍو ويندو هو.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نانگ جهڙو نالو

اسانکي ڳالهائيندو ٻڌي ڪئپٽن سليم به اچي پر ۾ ويٺو.

”يار ويتنامي ٻئي ڇٽا: ذنح زئان ۾ تران تائپنگ ۾ ڏاڍا تکا آهن.“ سليم چيو.

”تکا آهن! اهي درويشKeyboard کي ڏسي هڪ آڱر سان وينا ٺڪ ٺڪ ڪن. جڏهن ته تائپنگ سکڻ واري کي پني ڏي ڏسڻ کپي“.

تائپنگ جو هي اسڪول چار ماڙ آهي. هر ماڙ تي ڪيترائي ڪلاس روم آهن جن مان ڪن ۾ تائيپ سکڻ جو بندوبست آهي ته ڪن ۾ شارٽ هئنڊ جو ته ڪن ۾ وري هتي جي ماڻهن لاءِ ڌارين ٻولين: انگريزي، جرمن، فرينچ سکڻ جو ته ڪن ۾ڌارين کي هتي جي زبان سئيڊش سکڻ جو.

هڪ ڏينهن اسان جو ڪلاس ميٽ وچ آمريڪا جي ملڪ نڪراگئا جو گونزالينز ٽئاليت مان تي اچي انيلي کان پڇيو:

”اسان مردن جو ڪهڙو ڪاڪوس آهي؟ جنهن جي ٻاهران H لکيو پيو آهي يا D وارو.“

”H واروسيڊش زبان ۾ Herr مرد کي سڏجي ٿو ۽ Dame عورت کي.“ انيلي ٻڌايو.

”صحيح ٿي چوين.. گونزاليز وراڻيو “ آئون ايچ Herr وارو عورتن جو سمجهي ٻي واري ڪاڪوس ۾ هليو ويس. پر پوءِ چوڌاري پٽين تي انگريزيءَ ۾ لکيل به چار جملا پڙهي سمجهي ويس ته هي عورتن جو ڪاڪوس آهي. پٽين تي لکيو پيو هو I Love Charles ۽ ”My Boy Friend is Sexy.“.

انيليءَ کان هڪ ڏينهن پڇيم ته سئيڊش زبان سکڻ سولو ڪم يا ڏکيو؟“

”جن کي انگريزي اچي ٿي انهن لاءِ ته سولي ڳالهه آهي جو ڪيترائي لفظ ۽ گرامر انگريزيءَ جا آهن يا انهن سان ملن ٿا. بس ڪجهه زبان کي ٿورو گهڻو موڙڻو پوي ٿو.“

”اها ته ڪا وڏي ڳالهه ناهي.“ مون چيومانس، ”اسڪول ۾ خبر ناهي ته ڪيترا دفعا She Sells Sea Shells in a Sea Shore ورجائي ويندا هئاسين.“

”چڱو پلا ست هزار ست سؤ ستهتر جو سئيڊش لفظ Sujstsensjuhundra

Sjuttiosju تہ چئي ڏيکارا!“

”انيلي اهو تہ ڪجهہ بہ ناهي. سنڌي زبان جا ڪي لفظ تہ چينيءَ کان بہ ڏکيا آهن.“ مون چيومانس ۽ دل ۾ آيو تہ کيس مائي ڀاڳي جي راڳ جا هيٺيان ٻول ورجائڻ لاءِ چوانسِ:

”هونءَ تنان پچان، چيل پمريا هيڪلي،
تارڙو مناڙو جاني، چاني ماني، ڏيکلي.“

پر پوءِ سوچيم تہ انيلي لاءِ اهو اچارڻ ڏکيو ٿيندو. سوچيومانس:

”انيلي ذرا هي جملو تہ مون کي چئي ٻڌاءِ.“

“Rasolomampionona Lalao of Anatananarivo

”اهو ڇا آهي؟“ پڇيو.

”تون واقعي نالا پڙهي نہ پر شڪليون ڏسي حاضري هڻين ٿي. اهو نالو آهي مڊاگاسڪر کان آيل شاگردياڻيءَ جو. ’رسولومام پينانونا لالائو! سندس نالو آهي ۽ ’اناتاناناريوو‘ سندس شهر جو نالو آهي جيڪو مڊاگاسڪر جي گاديءَ جو هنڌ پڻ آهي.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# نيپالي گورکا يا شيدي غلام

اسان جا پاڪستاني فائينل ايئر جا شاگرد: قاضي حميد ۽ عاشق خان هتي جي يونيورسٽي W.M.U طرفان فيلڊ ٽرپ تي لنڊن ويا هئا، جتي ڪين I.M.O جون هلندڙ ڪانفرنسون ڏسڻيون هيون ته ڪيئن دنيا جي ملڪن جا ميمبر سامونڊي مسئلن تي بحث مباحثو ڪن ٿا. سندن غير حاضريءَ وارو اهو سڄو هفتو سئيڊن ۾ موسم سٺي رهي. جيتوڻيڪ سئيڊن جا ماڻهو ان کي اونهارو چئي رهيا هئا پر اسان جهڙا ايشيائي ۽ آفريڪائي ڪجهه سيءُ محسوس ڪري ڪجهه وڏيڪ سيءُ جي اچڻ جي ڊپ کان سئيٽر پائي پئي هلياسين. پر هتي جا يورپي ڇوڪرا ڇوڪريون، مرد عورتون شهر ۾ فقط گنجين ۽ چڊين ۾ پئي هليا. پارڪن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي ته عورتون گنجين ۽ باڊين کي به لاهي اس جو سيڪ وٺنديون رهيون. هتڙن ڏينهن ۾ هتي جي عورتن جوسمنڊ جي ڪناري تي اگهاڙو ليٽي پوڻ ڪو عيب يا خراب ڳالهه نه سمجهيو ويندو آهي.

عاشق جيئن ئي ڪالهه لنڊن کان موٽيو ته هتي (مالمو- سئيڊن) جي موسم جو حال پڇيائين.

”هي سڄو هفتو سيءُ نه برابر رهيو. ٽيمپريچر پندرهن ۽ ويهن جي وچ ۾ رهيو. اوڏانهن لنڊن جو ڇا حال هو؟“ اسان پڇيس.

”لنڊن ۾ ڏاڍي گرمي هئي. ڏينهن جو ٽيمپريچر 25 کان به مٿي چڙهي ويو ٿي.“ عاشق ٻڌايو.

”ابوه! پوءِ ته انگريزن جي حالت هوندي! جڏهن هتي جي موسم ۾ ئي ماڻهو ڪڇن ۾ پئي هليا.“ اسان رڙ ڪري چيو.

”نه.“ عاشق جواب ڏنو ”اهائي ته انگريز جي خوبي آهي جو هو ويس وڳي توڙي عادتن جو بي افعالو نه آهي. فرينچ، جرمن، اسپينش، سئيڊش يلي ڇا به پيا ڪن پر هي هر وقت ۽ هر حال ۾ پُرتڪلف رهندو. انگلينڊ جي گرمي ته ڪجهه به نه آهي. انگريز ته هندستان، ڪينيا ۽ نائيجيريا جي گرميءَ ۾ به ڪمپليٽ سوٽ پائي ٽپ ٽاپ ٿي پوءِ ٻاهر نڪرندا هئا. هنن کي يورپين جون اهي ٽرڙبائيون هرگز نٿيون وڻن.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

”واقعي.“ اسان سندس تائيد ڪئي، ”انگريز ان ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن. جهنگ جبل هجي، بر بيابان هجي، انگريز ٽاءِ سوٽ ۾ نڪرندو. ڪانٽي ڇريءَ سان کائيندو ۽ ڪموٽ تي ويهي هنگندو- پوءِ ان ڪموٽ کي شڪار توڙي سير سفر تي کڻي هلڻ لاءِ پلي هن کي چار گورکا نوڪر يا شيدي غلام رکڻا پون.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# هتي جي بائبلوٿيڪ

يورپ جي ڪيترين زبانن ۾ لئبرريءَ کي بائبلوٿيڪ سڏجي ٿو. آئون نٿو سمجهان ته يورپ جي ڪنهن ايڏي ننڍڙي شهر کي ايڏي وڏي، سهڻي ۽ ڪتابن سان ڀرپور لئبرري هوندي، جيڏي سئيڊن جي هن شهر مالمو کي آهي. جپان، ٿائليند، ملائيشيا ۽ ڏور اوڀر جي هن ڪان وڏن شهرن ۾ به ايڏي وڏي لئبرري مونکي نظر نه آئي. هندستان، پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ بيشڪ وڏيون لئبرريون آهن پر منجهن ڪتابن جي ايڏي ورائٽي ناهي. جيڏي هتي آهي.

مالمو شهر ۾ ٽي چار لئبرريون آهن جن مان مُک ۽ وڏي لئبرري هيءَ "مالمو اسٽئڊبس بائبلوٿيڪ" نالي شهر جي وچ ۾ آهي. اها هتي جي اهم بس اسٽاپ "گستائو اڊولف تورگ" وٽ آهي. منجهس سئيڊش ڪتابن کان علاوه عربي، ايراني، اڙدو ۽ ٻين ڪيترين زبانن جا ڪتاب آهن. پر سڀ کان خاص ڳالهه جيڪا هن لئبرري کي دنيا جي ٻين ڪيترين لئبررين کان اهم حيثيت ڏئي ٿي اها آهي رسالن ۽ اخبارن جي گهڻائي. هن لئبرريءِ ۾ نه فقط سئيڊن ۽ پروارن يورپي ملڪن جا مڙيئي رسالا ۽ اخبارون آهن پر دنيا جي ڪيترن ئي ڏورانهن ملڪن ۽ زبانن جا رسالا ۽ اخبارون هتي اچن ٿيون. پاڪستان کان ڪراچيءَ جي روزنامه اخبار 'جنگ'، 'ڊان' ۽ هفتيوار'اخبار جهان' رسالو باقاعدي اچي ٿو. ٿي سگهي ٿو. لنڊن، نيويارڪ جهڙن شهرن جي ڪن لئبررين ۾ به ايترين اخبارون ۽ رسالا ايندا هجن. پر سئيڊن جو ملڪ جنهن جو ڪو ايشيا آفريڪا ۽ عرب ملڪن سان نه ماضيءَ ۾ اهڙو واسطو رهيو ۽ نه هينئر آهي، ان جي هڪ ننڍو آدم جيڏي شهر جي هڪ لئبرريءَ ۾ انگلينڊ، فرانس، اسپين، پورچوگال، جرمني وغيره جون اخبارون ته ملن پر بنگلاديش جي روزاني بنگالي اخبار "اتفاق" کان وٺي مصر ۽ سعودي عرب جون عربي اخبارون، ايران جون ايراني، ڪولمبيا، برازيل، چليءَ جون اسپيني اخبارون. نائيجير، گهانا، گنيءَ جون فرينچ اخبارون هن لئبرريءَ ۾ اچن ٿيون. ساڳيو حال رسالن جو آهي. ڪتابن ۽ رسالن کان علاوه هن لئبرريءَ ۾ وڊيو ۽ آڊيوڪيسٽ پڻ ملن ٿا.

مزي جي ڳالهه اها ته هن لئبرري (بائبلوٿيڪ) جو ميمبر ٿيڻ جي ڪابه في ناهي ۽

ڪتابن ڪڍڻ جو به تعداد مقرر ناهي. پهرين ڏينهن ئي ير ۾ بيٺل هڪ همراهه کان پڇيم:

”هڪ ئي وقت ڪيترا ڪتاب وٺي سگهجن ٿا.“ هن کي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي ته وري پڇيومانس:

”منهنجو مطلب آهي هڪ ڪٽي سگهجي ٿو يا ٻه يا ٽي.

”جيترا وٽنوَ؟“ هن وراڻيو جواب مان مطمئن نه ٿيڻ ڪري لئبررين عورت کان اچي پڇيم. جنهن سٺي انگريزي ڳالهائي ٿي.

”جيترا ڪٽي سگهو مهيني لاءِ بارو ڪري سگهو ٿا. اجا به گهڻا ڪپنوَ ۽ هٿن ۾ نٿا ڪٽي سگهو ته هڪ ڪرونا (چئن رپين) جي, اسٽال تان پلاسٽڪ جي ٿيلهي وٺي ان ۾ پري سگهو ٿا.“

اها ڳالهه مون کي وڻي. يعني اڌارو ورتل ڪو ڪتاب گهر اچي پسند نه اچي يا ڏينهن اڌ ۾ پڙهي پورو ڪري ڇڏجي ته متائڻ لاءِ ذري ذري اچڻ جي ضرورت ناهي. جو هڪ ئي وقت مهيني جو راشن ڏهه ٻارهن ڪن ڪتاب ڪٽي سگهجن ٿا. اها ٻي ڳالهه ته لئبرري وچ شهر ۾ آهي جتان اسان کي يونيورسٽي ويندي ۽ موٽندي بس بدلائڻي پوندي آهي ۽ هر ٻئي ٽئين ڏينهن اڌ ڪلاڪ ڪن لائبرري هليا ويندا آهيون ۽ فرحت جي فرحت به ڪندا آهيون ته ’ڊان‘, ’جنگ‘ ۽ ’اخبار جهان‘ به پڙهي وٺندا آهيون ۽ هاڻ ڳوٺان اهي اخبارون هتي گهرائڻ جي خرچ جي بچت آهي ۽ فقط سنڌي اخبار ’جاڳو‘ گهرائڻي پوي ٿي.

’جاڳو‘ يا ڪنهن ٻي سنڌي اخبار جي هيڏانهن ڏورانهن ڏيهه جي لئبرري ۾اچڻ جي اميد نٿي رکي سگهجي, جو ڪا سنڌي اخبار پاڪستان جي سفارتخانن ۾ ئي ڪانه ٿي اچي. سفارتخانا ته پري جي ڳالهه آهي ملڪي هوائي ڪمپني پي آءِ اي جي هوائي جهازن ۾ئي نظر نٿي اچي!

هتي جي لئبرري جي اها به سٺي ڳالهه آهي جو اندر گهڙڻ وقت پاڻ سان آندل ٿيلهو بئگ, ڪتاب يا ڪو ٻيو سامان ٻاهر رکڻو نٿو پوي, پاڻس ان ڪڏ ڪٽي سگهجي ٿو. اڄڪلهه جي ماڊرن ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺي هنن لئبريءَ جو هر ڪتاب چقمقي ڪري ڇڏيو آهي, جيڪو وٺڻ مهل Demagnetized ڪري ڏين ٿا. ان ڪري لئبرري وارا ڪتاب جي چوريءَ جي ڊپ کان آجا آهن. ڪوئل ۾يا جاٽي واٽي چوريءَ جي نيت سان ڪتاب لڪائي

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ٻاهر نڪرڻ جي ڪندو ته گيٽ وٽ لڳل چڪاس ڪندڙ اوزار Scannerيڪدم آن ٿيو وڃي ۽ الارم وڄي ٿو. هن قسم جو حفاظتي اوزار اڄڪلهه تمام عام ٿي ويو آهي ۽ هر دڪان ۽ آفيس ۾ ان جو استعمال ٿئي ٿو. ڪوبه چور اڻ خريد ڪيل يا بنا موڪل جي ڪابه شيءِ ٻاهر ڪيڻ لاءِ ڪيڏي به ڪوشش ڪري ڪامياب نٿو ٿي سگهي.

هن لئبرري جو ميمبر ٿيڻ تمام سولو ڪم آهي. ڇا جا ڊگها فارم ڇا جا فوٽو بس رڳو سندن ٽن انچن جي ڪارڊ تي پنهنجو نالو ۽ سئيڊن ۾ رهائش جو نمبر لکي ڏيو. ان ئي وقت توهان کي ڪارڊ ملي ويندو. ڪارڊ تي هڪ ڪوڊ نمبر (جيئن منهنجي تي 9247907120956) لکيل ٿئي ٿو.

ان کان علاوه ڪارڊ تي ڪجهه ٿلهيون سنهيون ليڪون ڇپيل ٿين. جيڪي فقط اسڪئنگ مشين پڙهي اندازو لڳائي سگهي ٿي ته هي ڪارڊ ڪنهن جو آهي ۽ سندس اتو پتو ڇاهي. ليڪن جي ڍهڻ يا خراب ٿيڻ تي يا اسڪئنگ مشين جي ڪم نه ڪرڻ تي لئبررين مٿيون نمبر ڪمپيوٽر ۾ وجهي مون بابت معلومات حاصل ڪري سگهي ٿي ته ڪٿي رهان ٿو. ڪيترا ڪتاب لئبرري مان اڌارا ورتا اٿم ۽ ڪڏهن واپس ڪرڻا اٿم وغيره. مٿيون نمبر منهنجي پرسنل نمبر سان واسطو رکي ٿو. جيڪو هتي جي اميگريشن ۽ رجسٽريشن آفيس طرفان مليو اٿم ـ جن کي منهنجي ڄرپر جو رڪارڊ ۽ علم رهي ٿو.

ان ئي قسم جون ليڪون ۽ نمبر هر ڪتاب جي آخري صفي تي به ٿين. جن مان ڪتاب جي نالي ۽ قيمت جي خبر پوي ٿي. ڪتاب اڌارا وٺڻ مهل لئبررين هڪ هڪ ڪتاب جونالو لکڻ بدران ميمبر جوڪارڊ وٺي مشين ۾ وجهندو آهي ۽ پوءِ مشين سان ڳنڍيل ٽارچ نما پين ڪٽي هڪ هڪ ڪتاب جي ليڪن مٿان گهمائيندي آهي. ان بعد ڪتاب ۽ ڪارڊ موٽائي ڏيندي آهي. ائين ڪرڻ سان مشين ذريعي آٽوميٽيڪلي منهنجي نالي تي اهي ڪتاب اچيو وڃن ۽ ساڳي وقت انهن ڪتابن جي ڇقمقي خاصيت ضايع ٿيو وڃي ۽ بنا الارم وڄڻ جي, ميمبر اهي ڪتاب لئبرري کان ٻاهر ڪٽي وڃي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح واپسيءَ تي مشين چيڪ ڪري ٿي ته ڪٽي مهيني کان وڌيڪ دير ته نه ڪيائين ڇو جو مهيني کان مٿي هر روز جو رپيو به ڪن ڏنڊ آهي.

ان ڏينهن ڪجهه ڪمپيوٽر ۽ ڪجهه ڪئلڪيولس (مئٿس) جا ضروري ڪتاب

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

چوندي، دخل وٺ ويٺل هڪ ٻي انچارج آفيسر چوڪريءَ ڪي چيم:

”آئون ته نٿو سمجهان ته توهانجي زبان (سئيڊش ۾ ڪو گهڻو ادب ۽ شعر و شاعري آهي پر جيڪي ڪجهه هوندو سو سئيڊش زبان ۾ ئي هوندو.“

”نه ڪجهه ترجما به آهن جيڪي پڙهي سگهو ٿا.“ هن وراڻيو ۽ ترجمن جي سيڪشن مان ڪجهه شاعريءَ جاڪتاب ڪڍي ڏنائين.

## سئيڊن جو ادب ۽ شاعري

گھر اچي پڙهيم پر ڪو خاص مزو نہ آيو. ٿي سگھي ٿو تہ مون کي شاعري پڙهڻ جو ايڏو شوق ناهي ان ڪري هن شاعريءَ ۾ لڪيل اونها راز (جيڪڏهن ڪي آهن تہ) سمجهي نہ سگهيس، جيڪي قمر شهباز تاجل بيوس ۽ عنايت بلوچ جهڙا پڙهي واهہ واهہ ڪن ها ۽ ڪنڌ ڌوڻين ها. يا ٿي سگهي ٿو ترجمي ڪري سئيڊش شاعريءَ جي اصل سرهاڻ سڪي وئي آهي.

نموني خاطر هتي ڪجھ شعر ڏيان ٿو. هڪ تہ هن شهر مالمو جي شاعر هيالمار گلبرگ جو آهي ۽ ٻيو هتي جي مشهور عورت شاعره ايڊٿ سوڊرگران جو آهي.

هيالمار 1898ع ۾ مالمو ۾ ڄائو ۽ 1961ع ۾ گذاري ويو. هن يوناني لاطيني Scandinavian ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪئي. 1927ع ۾ ڪيس ادب ۾ پي ايچ ڊي ملي. 1941ع ۾ هو سئيڊش ڊراماتسٽ يونين جو چيئرمين ٿيو.

هيٺ ”دي جنرل وارڊ“ جي عنوان سان سندس مشهور سئيڊش شعر جو انگريزي ترجمو آهي.

THE GENERAL WARD
Do not be afraid
The Doctor has arrived
Soon, you will see
It will all be over
That the sweet nurse
Put a Screen around your bed
Is only as things should be;
You can take it calmly.
Do not Tremble, do not
Cry; this is only

The way things are done
When you die, you see.

ايڊٿ سوڊرگران 1882ع ۾ روس جي شهر سينٽ پيٽرسبرگ ۾ جائي ۽ 1923ع ۾ گذاري وئي. روس مان ڀاڙ فئمليءَ سان گڏ فنلئنڊ اچي رهي، جيڪو ان وقت سئيڊن جو حصو هو. (اڄ بہ فنلئنڊ جي ڪيترن حصن ۾ سئيڊش زبان هلي ٿي.) 1908ع کيس ٽي بي ٿي پيئي ۽ زندگيءَ جا آخري ڏينهن سئٽزرلئنڊ ۾ گذاريائين.

سئيڊش زبان ۾ ايڊٿ جو شعر ۽ پوءِ ترجمو

DAGEN SVALNAR
Dagen svalnar mot kvallen....
Drick varmen ur min hand,
Min handhar samma blood som varen
Tag min hand, tag min vita arm,
Tag mina smala axalrs langtan.....
Det vore underligt att kanna,
En enda natt, en natt som denna.
Ditt tunga huvud mo mitt brost.

انگريزي ترجمو:

THE DAY COOLS
The day cools toward evening....
Drink the warmth from my hand,
It throbs with spring's own blood,
Take my hand, take my white arm,
Take the longing of my slender shoulders.....
How strange if I could feel,
one single night, a night like this.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

your heavy head against my breast.

ايڊٿ جو هڪ پيوسئيڊش زبان جو شعر:

LANDET SOM ICKE AR

Jag langtar till lander som icke ar,
Ty allting som, ar, ar jag trott att gegara.
Menen berattar mig I silverne runor
Am landet som icke r.
Landet, dar all varaonskan klit under bart supplylled,
Landet, dorall avara kedijor falla,,
Landet, dar vi svaklka var sargade panna
I manerns dagg.
Mitt liv var en het villa.
Men ett har jag funnit och ett har jag verkligen vunit.
Vagen till landet som icke ar.

انگريزي ترجمو:

THE LAND THAT IS NOT

I Long for the land that is not,
Because all that exists, I'm too weary to want.
The moon tells me in silvery runes
About the land tha is not.
The land where all our dreams are wondrously fulfilled,
The land where all our chains fall,
The land where we cool our bleeding brow
in the dew of the moon.
My life was a hot illustion.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

But one thing I have found and one thing I have really won,
The way to the land that is not.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# يونيورسٽي ۾ اليڪشن

سئيڊن جي هن رونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي هڪ تسليم شده ڪائونسل آهي جيڪا استوڊنٽ يونين وانگر ڪم ڪري ٿي ۽ ڪيس مئنيجمينٽ طرفان چڱا خاصا پاور مليل آهن. پريزيڊنٽ، وائيس پريزيڊنٽ، سيڪريٽري ۽ خزانچي ان جا اهم عهدا آهن. ان کان علاوه هاسٽل، مئگزين، راندين ۽ سوشل ڪميٽي جي ڪمن لاءِ هڪ هڪ چيئرمين چونڊيو وڃي ٿو.

وائيس پريزيڊنٽ جي پوسٽ نون آيل شاگردن لاءِ هوندي آهي. باقي پوسٽون فائينل ايئر – يعني ٻئي سال جي شاگردن لاءِ هونديون آهن. جيئن نون آيلن لاءِ فقط هڪ پوسٽ آهي ان ڪري ان تي هر سال مقابلو تمام سخت ٿئي ٿو. مختلف مذهبن، زبانن، ملڪن، علائقن ۽ رنگن جا شاگرد گروپن ۾ ورهائجي پنهنجي پسند جي اميدوارن کي ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هونءَ ويٽنامي، چيني، فلپينو ۽ ٿائي پلي هڪ ٻئي سان وڙهندا رهن، پر اليڪشن جي معاملي ۾ هڪ ٿي هو پنهنجي تر جي همراهه کي ڪٽرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

گذريل سال هن پوسٽ جي اليڪشن لاءِ ڇهه ڄڻا اميدوار بيٺا جن مان تنزانيا جو شاگرد مسٽر ڊئنيل ڪيسا وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو. ساٽس مقابلي ۾ بيٺا ارجنٽائنا، چلي، فلپين، جبوتي ۽ پاڪستان جو ڪئپٽن عاشق هئا. هن سال جيئن ئي چونڊن جي تاريخ مقرر ٿي ته وائيس پريزيڊنٽ جي پوسٽ لاءِ نالا ڪڇڻ لڳا. راحت ڪلندي مون کي چيو.

”تون ڪٽي ان پوسٽ لاءِ مقابلي ۾ بيهه.“

”هڪ ته پاڻ سياست مان ڄاڻون ڪونه. ٻيو ته رڳو منهنجي ها ڪرڻ سان ڪو چونڊجي ته نه ويندس. ووٽ ڪير ڏيندو؟“ مون چيومانس.

”مڙيئي ڇهه ست ته ملي ويندا.“ راحت ٺهڪ ڏيندي چيو ۽ مون کان به ڪل نڪري وئي ۽ ڪيس هڪ چرچو ٻڌايم.

”ميڪسيڪو شهر جي ميونسپالٽي جي اليڪشن ۾ هڪ همراهه کي فقط ٽي ووٽ مليا. سندس زال ڪيتروئي سمجهايس ته ان اليڪشن ۾ نه بيهه. ڪير به توکي ووٽ نه ڏيندو

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

پر هو مجيو ڪونہ. ٽن ووٽن جو ٻڌي هن جي شڪي زال سخت ناراض ٿي ويئي. چي: ’ٻہ ووٽ تہ صحيح هئا. هڪ تنهنجو هڪ منهنجو. پر هيءَ ٽين ڪهڙي نياڻي تنهنجي زندگي ۾ داخل ٿي آهي جنهن توکي ووٽ ڏنو آهي.“ سو تون ڇهہ ست ووٽن جو انگ ڇئين ٿو. ڇهہ ووٽ پاڻ ڇهہ پاڪستانين جا تہ صحيح آهن پر هي ستون ووٽ ڪير ڏيندو؟“

منهنجي اها ڳالهہ راحت کي دل سان لڳي تہ واقعي مقابلو ڪٽڻ لاءِ سؤ کان مٿي ووٽ ملڻ ڪپن. هن کي اميد هئي تہ ويهہ ووٽ تہ پڪا آهن. ڇو جو ملائيشيا ۾ ڪافي وقت رهڻ ڪري اتي جي آيل ٻنهي سالن جي شاگردن جي مون سان سٺي دوستي آهي ۽ ملئي زبان اچڻ ڪري انڊونيشيا جي همراهن سان بہ سٺي عليڪ سليڪ آهي. (ملائيشيا توڙي انڊونيشيا ۽ برونائيءَ ۾ ساڳئي ملئي زبان هلي) بنگال ۾ رهڻ ۽ بنگالي زبان ڄاڻڻ ڪري بنگلاديش جي شاگردن جي ڏهہ کن ووٽن جي پڻ پڪي اميد هئي- بشرطيڪ انهن مان ڪونہ بيهي. اهڙي طرح هندستان ۽ سريلنڪا جي شاگردن جي ووٽن جي پڻ پڪ هئي. هونئن سياسي طرح هندستان، پاڪستان يا سريلنڪا پلي هڪ ٻئي کي گاريون ڏيندا وتن پر ڪلچرلي اسين هڪ ٻئي جي ويجهو آهيون. ان جا ڪيترائي مثال ملندا. ولايت ۾ پلي ڪو مسلمان، ترڪ، عرب يا ايراني ملي پر پاڪستان ۽ هندستان جي هڪ عام ماڻهو کي پنهنجو پاڻ ۾ گڏ رهڻ ۽ هلڻ چلڻ ۾ مزو ايندو- چاهي هڪ هندو هجي ۽ ٻيو مسلمان. هڪ ٻئي سان گڏ اڙدو/ هندي زبان ڳالهائڻ ۾ آسانيءَ کان علاوه، ڪپڙا، کنديون، کاڌا پيتا، رسمون رواج، غربت ۽ سادگي، سماجي مسئلن ۽ ريتن رسمن ۾ ساڳي هڪجهڙائي جيڪا پاڪستانين جي هندستانين سان آهي، اها ٻين سان نہ آهي.

بهرحال ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي اليڪشن ۾ بيهڻ لاءِ في الحال ارادو لاهي ڇڏيم. پر ٻن ڏينهن بعد هڪ ملئي وري ساڳي صلاح ڏني تہ آئون اليڪشن ۾ ضرور بيهان.

”ووٽن جو ڇا ٿيندو؟“ مون ڪائنس وري ساڳيو سوال ڪيو.

”فڪر نہ ڪر. ڪافي ملي ويندا. عرب ايراني توکي ئي ڏيندا. جو هو تو وٽ پڙهڻ لاءِ اچن ٿا ۽ تنهنجو ڪنهن سان بہ جهڳڙو ناهي. اخبارن ۽ يونيورسٽي جي نيوز ليٽر ۾ مضمون لکڻ ڪري توکي سڀ سڃاڻن ٿا. ترڪي، آذربائيجان، سوڊان ۽ ماريطانيا جا شاگرد تہ سڄو

ڏينهن توسان ئي گڏ ويهن ٿا“.

۽ هاڻ جڏهن ڏينهن ٻه رکي، نالن ڏيڻ لاءِ باقي وڃي ٻه ڏينهن بچيا ته بنگلاديش جي ڪئپٽن حبيب ساڳئي ڳالهه لاءِ اسان پاڪستانين کي سمجهايو ته ڪنهن طرح مونکي هائوڪار ڪري ان مقابلي ۾ حصووٺڻ کپي. هو فارم ڪٽي آيو هو. نامينيشن پاڻ ڪيائين ۽ ان وقت ڪولمبيا جي شاگردياڻي ائنا روزا لنگهي رهي هئي، سيڪنڊ لاءِ ٻي صحيح ان کان ورتائين.

”پوءِ پلا پڪو ارادو آهي نه؟ موڪلائڻ مهل راحت عزيز چيو.

”الله حافظ آهي. ڪرڪيٽ جو ورلڊ ڪپ ته پاڻ پاڪستانين کٽيو آهي. هاڻ جي هن اليڪشن ۾ هارايوسين ته دنيا پاڻ کي معاف ڪري ڇڏيندي“ مون کلي وراڻيومانس.

”نه نه هن ۾ به پاڻ پاڪستاني ضرور کٽينداسين.“ راحت دلداري ڏني.

”چو ابا! پاڪستانين کي کٽائڻ جو دنيا ٺيڪو کنيو آهي ڇا؟ ڏٺئي نه ته گذريل سال پاڪستاني بينو پر کٽيائين ڪونه. سڀ کان گهٽ ووٽ ڪيس مليا.“ مون ياد ڏياريومانس.

”اهو ان ڪري جو نه ڪئپٽن عاشق ۽ نه ٻين پاڪستانين آخر وقت تائين ڪا ڪوشش ڪئي. تولاءِ اسان هينئر کان ئي ورڪ ڪرڻ شروع ڪريون ٿا. مئرلين کي ڪلاس روم ۾ چيم ته مانيٽري لاءِ اسان توکي ووٽ ڏنو هاڻ وائيس پريزيڊنٽ جي چونڊ لاءِ تون اسان جي ملڪي همراهه کي ووٽ ڏي.“ راحت ٻڌايو.

”ڏوڙ آهي پيئي، مئرلين سان ياري رکڻ جو توکي سٺو ٻهانوملي ويو. ٻهرحال اها ڳالهه پنهنجي جاءِ. باقي هوءَ اڪيدار (وچ آمريڪا) ملڪ جي ٿي ڪري ووٽ پنهنجي ڪنهن لاطيني يا ڪرئيبن سمنڊ جي ٻيٽن مان ٻيئل ڪنهن همراهه کي ڏيندي. يا ٿي سگهي ٿو ته ڪو اسپيني ڳالهائيندڙ ٻيهي وڃي ته پوءِ ان کي ووٽ ڏيندي جو پاڻ به اسپيني ڳالهائي ٿي.“ مون سمجهايومانس.

”ائين به آهي ڇا؟“ راحت تعجب مان پڇيو.

”گذريل سال ائين ئي ته ٿيو. آفريڪي ملڪن جا ووٽ فرينچ ۽ انگريزي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ ورهائجي ويا. ڪينيا ۽ سينيگال جهڙن ملڪن جي مسلمان شاگردن به ووٽ اسان کي ڏيڻ بدران انگريزي يا فرينچ ڳالهائيندڙ شيديءَ کي ڏنو.“

# فڪر جي ڳالهہ ناهي

هاسٽل ۾ پهچڻ سان ائنا روزا (ڪولمبيا جي شاگردياڻي) ملي. هو اسان کي ڳولي رهي هئي.

”ايڪسڪيوزمي!“ هن چيو. ”مون توهان جي نامينيشن فارم تي ڪالهہ سيڪنڊنگ لاءِ صحيح ڪئي هئي. اها واپس وٺڻ چاهيان ٿي، ڇو جو اسان پنهنجي پاڙيسري ملڪ وينزوئلا جي مسٽر اسپارا گوزا کي مقابلي لاءِ بيهاريو آهي ۽ مون هن جي فارم تي پڻ صحيح ڪئي آهي ۽ هڪ ئي وقت ٻن فارمن تي صحيح نٿي ڏئي سگهان.“ ڪيس فارم واپس ڪندي چيف انجنيئر راحت کي چيم.

”ابا ڏنئي؟ آگي آگي ديکهيئي هوتا هي کيا.“

ائنا روزا جي وڃڻ بعد راحت اڙدوءَ ۾ ڪافي ٻڙ ٻڙ ڪئي، جيڪي الفاظ فيروز سنز جي اڙدو ڊڪشنري ۾ ملڻ ناممڪن آهن.

”اسان کي موڊ آف ڪرڻ نہ کپي.“ ڪئپٽن سليم چيو.

”موڊ جي ڳالهہ ناهي. هونءَ وينزوئلا ۽ ڪولمبيا جا فوجي باڊر تي هڪ ٻئي جي خلاف بندوقون ڇڪيو بيٺا آهن هي ڇوريءَ وري هلي آهي پاڙيسرين جا حق نباهڻ،“ راحت چيو. ”ان ڪانپوءِ پنهنجو تڪيوڪلام ’فڪر جي ڳالهہ ناهي‘ ورجايو.

”راحت! تنهنجو اهو ’فڪر جي ڳالهہ ناهي‘ تان مون کي هڪ پولڙي جي ڳالهہ ياد اچي ٿي.“ مون چيومانس.

”ڪيئن؟“ راحت پڇيو.

”هڪل پولڙي جهنگ جي سيني غريب جانورن: هرڻين، سهن، گدڙن، رڇن، ٻڪرين کي چيو تہ اڄ کان آئون توهان جو بادشاهہ آهيان. جيڪي وٽنوَ موج مزا ڪريو ۽ ڪنهن کان بہ ڊڄو نہ. توهان جو ڪوبہ نالو نہ وٺندو. يعني خوش گذاريو فڪر جي ڪا ڳالهہ ناهي.“

هڪ ڏينهن اوچتو شينهن جي اچڻ جو اطلاع مليو. جانور ڊڄي پولڙي وٽ آيا تہ هاڻ ڇا ٿيندو.

پولڙي وراڻين ’فڪر جي ڳالهہ ناهي‘ ان بعد ڊوڙ پائي ناريل جي وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهي

ويو. ٿوري دير بعد لهي اچي ڪين ٻڌايو ته فڪر جي ڳالهه ناهي. ڪجهه دير بعد جانور وري پولڙي وٽ آيا ته شينهن واقعي هن طرف پيو اچي.سندس گجگوڙن جو آواز اچي رهيو آهي. پولڙي هڪ دفعو وري وڻ جي چوٽي تان ٿي اچي ڪين ٻڌايو ته فڪر جي ڳالهه ناهي.

اهڙي طرح پريشان ۽ فڪر مند غريب جانور ذري ذري پولڙي کي پنهنجي خوف کان آگاهه ڪندا رهيا ۽ هر دفعي پولڙي ساڳيو عمل دهرائي ساڳيو جملو چيو ٿي.

شينهن کي اچڻو هو سو اچي هڪ ٻه جانور هڙپ ڪري ويو. ان بعد جانور ڏوراپو ڏيندي پولڙي کي چيو: ”شينهن اسان جي ساٿين کي ماري ويو پر تو ڪجهه به نه ڪيو.“

پولڙي ٽڏو ساهه کڻي چيو: ”آئون ڇا ڪريان، توهان خود ڏٺو ته مون ڪوشش ته ڏاڍي ڪئي.“

”سو راحت صاحب! اها وڻ تي چڙهڻ ۽ لهڻ واري ڪوشش نه ڪجانءِ.“

”نه اها ڳالهه ناهي،“ راحت چيو ”مون کي لڳي ٿو ته سوبي پنهنجي ٿيندي، انشاءَ الله.“

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

# نوابشاهه جي اليڪشن ۾ ڀٽ جو ڪٽڻ

”دل ڪو بهلاني ڪو خيال اڇها هي غالب- بنا محنت ۽نلهه تي جي ڪٽي ٿو وڃان تہ منهنجو حشر بہ اهوئي ٿيندو جنهن لاءِ نوابشاهہ جي 1988ع واري اليڪشن ۾ ڀٽ صاحب چوندو رهيو.“

ڪيس مون ٻڌايو تہ ”ماڻهن ڳالهہ تي ڪئي تہ ان اليڪشن کان اڳ ڀٽ صاحب تقريرن ۾ پنهنجي ترجي ماڻهن کي چوندو هو تہ بابا ٻن ٻن اجرڪن جو وڃي بندوبست ڪريو. ڇو جو اليڪشن جي نتيجي بعد هڪ منهنجي ڪٽڻ لاءِ ۽ ٻي منهنجي مخالف جي هارائڻ جي صدمي ۾ مري وڃڻ ڪري ان جي مٿان وجهڻ لاءِ.

سو لڳي ٿو تہ اهو خيال منهنجو بہ ٿيندو. بلڪ ان کان بہ وڌيڪ خراب. جو ڪٽڻ جي صورت ۾ خوشي ۽ اڻ ٿيٽي ڳالهہ ٿيڻ جي شاڪ ۾، تہ ختم ٿي ويندس. پر هارائڻ ۽ گهٽ ووٽ ملڻ جي خواري ۽ صدمي ۾ پڻ.“ بهرحال ٻيو فارم وٺي ڪئپٽن حبيب ۽ ڪئپٽن سليم کان صحيحون ڪرايم، جو ٻن ڄڻن جون صحيحون ضروري هيون. فارم جمع ڪرائڻ لاءِ ’ڪورٽ آف آنر‘ جي چيئرمين نميبيا جي مسٽر وڪتروٽ ويس تہ اسان وارو آذربائيجان وارو يار چنگيز تيمور ولوو ان وقت خالي فارم وٺي رهيو هو. مونکي ڏاڍو تعجب لڳو:

”چنگيز تون بہ وائيس پريزيڊنٽ لاءِ بيهي رهيو آهين ڇا؟“ مون پڇيومانس.

هن نٽائيندي نهڪار ڪئي.

”يار ڏس! صاف صاف ٻڌاءِ. آئون ائين ئي چرچن ۾ بيٺو آهيان جو ٻيو ڪجهہ ڪو پنهنجو نٿو بيهي. پر تنهنجي ٿوري بہ دلچسپي هجي تہ آئون تنهنجي لاءِ هٿ کڻڻ لاءِ تيار آهيان.“

”نہ آئون نہ ٻيو بيهان. يقين ڪر، ٻئي لاءِ فارم وٺي رهيو آهيان.“ هن پڪ ڏني.

ٻئي ڪنهن لاءِ ورتائين تي ان سان منهنجو واسطو نہ هو. پڪ سندس سابق هم وطني روس جي ڪئپٽن سرگيءَ لاءِ هوندو.

اليڪشن ۾ هاڻ باقي تي ڏينهن وڃي بچيا هئا. ٻئي ڏينهن يونيورسٽي ويندڙ ساڳي بس ۾ ترڪيءَ جو حسن بقال بہ هو. مون کي ڏسي منهنجي پرسان اچي ويٺو.

”يار اسانکي خبرپئي آهي تہ تون وائيس پريزيڊنٽ لاءِ بيٺو آهي.“ هن ويھڻ سان پڇيو.

”ها. في الحال اڪري ۾ متو وڏو اٿم.“

”تہ تمام سٺو ڪيو اٿئي. مون کي جيئن ئي خبر پئي تہ ڏاڍو خوش ٿيس. انشاءَ الله عرب، ايراني، اسين ترڪ سڀ توکي ووٽ ڏينداسين. چنگيز کان علاوه گڏيل روس جي ٻين رياستن: لئٽ ويا، ايستونيا وغيره جا همراهہ بہ توکي ووٽ ڏيندا ۽ ٻين کي بہ اسان Convince ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهيون. خبر اٿئي آئون تي ان پوسٽ لاءِ بيٺس. پر تنهنجو ٻڌي پروگرام ڪئنسل ڪري ڇڏيو.“

”اها ڳالهہ ڪر. رات تنهنجي لنگوٽيا يار چنگيز تولاءِ فارم پئي ورتو.“

ترڪيءَ جو حسن بقال ۽ آذربائيجان جو چنگيز ٻئي سٺا دوست آهن. ٻنهي کي انگريزي نٿي اچي. ٿوري گهڻي هتي اچي سکيا آهن. ٻنهي جي مادري زبان ترڪي آهي. سو سڄو ڏينهن ترڪيءَ ۾ خبرون ڪن. جنهن ۾ گهڻو حصو واپاري خبرن جو هوندو آهي تہ وطن واپس هلي هڪ ٻئي جي ملڪ ۾ ڇا امپورٽ ايڪسپورٽ ڪجي.

حسن بقال جي سپورٽ بعد بہ مون کي پنهنجي پوزيشن ڪا اهڙي مضبوط نہ پئي لڳي. عربن، ترڪن، ايرانين ۽ ننڍي کنڊ جي ڪيترن ملڪن جي ووٽن جي پڪ ٿيڻ بعد بہ ووٽن جو اهو تعداد باقي دنيا جي شاگردن جو هڪ ننڍڙو حصو ٿيو ٿي. سڄي آفريڪا، يورپ ۽ ڏکڻ آمريڪا کنڊ جي ملڪن جا سٺ ستر سيڪڙو ووٽ ٿيا ٿي. ايشيا جا بہ اجا ڪيترائي ملڪ رهيا ٿي. مون ڳالهہ جو اظهار حسن بقال سان ڪيو تہ ڪٿي پاڻ ڪچو ڪم تہ نہ ڪري رهيا آهيون.

”مقابلو سخت رهندو. پر پاڻ ڪوشش پوري پوري ڪنداسين. مسلمانن جا ووٽ تہ پاڻ کي ملڻ کپن“ حسن بقال چيو.

”نہ ائين چئي نٿو سگهجي. گذريل سال آفريڪا کنڊ جي ڪيترن شاگردن رنگ يا مذهب جي بنياد تي نہ پر زبان تي ووٽ بازي ڪئي. ويندي جبوتي (عربي ملڪ) جي عليءَ پاڪستان جي عاشق کي ووٽ ڏيڻ بدران هڪ فرينچ ڳالهائيندڙ کي ڏنو. جبوتيءَ ۾ فرينچن جي حڪومت رهي آهي ۽ عربيءَ کان علاوه فرينچ ڳالهائي وڃي ٿي.“ مون ٻڌايومانس.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com

”پر هن پيري سڄي آفريڪا کنڊ جي ڪنهن به ملڪ جو اليڪشن ۾ نٿو بيهي. تنهنجي مقابلي ۾ جيڪي به ڄڻا بيهن ٿا انهن مان ڪيئريبن ايريا جي ملڪ گايانا جو آهي ۽ ٻيو ڏکڻ آمريڪا جي ملڪ وينزوئلا جو آهي جنهن سان ڪنهن به آفريڪي همراهه جو واسطو نه هئڻ ڪري ۽ جهڙو تون ٿهڙا هو....“ حسن بقال سمجهايو.

”پر گايانا جو همراه شيدڪي نسل جو آهي سو ٿي سگهي ٿو آفريڪا جي ڪارن جون همدرديون هن سان ٿين.“ مون ٻڌايومانس.

”ان معاملي کي آئون ڏسان ٿو. تون فقط اوير ايشيا وارن فليپنو چيني ويتنامي، ٿائي ۽ برمي همراهن کي پڪو ڪر.“ حسن بقال مون کي صلاح ڏني.

ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي جي هن اسٽوڊنٽ ڪائونسل جي هٿ هيٺ مختلف ڪميٽيون پڻ آهن جن مان هڪ ”هاسٽل ڪميٽي“ آهي جنهن جو چيئرمين اسان جو حميد قاضي آهي. هاسٽل ۾ رهندڙ ڏيڍ سؤ کن شاگردن مان هر هڪ جو هن سان واسطو رهي ٿو. لنچ بريڪ ۾ قاضي سان صلاح ڪيم تنهن چيو:

”چيني سؤ سيڪڙو شاگرد پاڻ کي ووٽ ڏيندا. هو ڪٽر ايشين آهن. آفريڪن، يورپين يا آمريڪن کي سنئون رخ به نه ڏيندا. گذريل دفعي به مس ٽئنگ اهوئي پئي چيو ته ووٽ پنهنجي تر جي ماڻهن کي ڏبو. پر تنهن هوندي به هنن سان ملي ووٽ لاءِ چوڻ ضروري آهي. ٽئنگ هنن سيني جي لٽ سردارڻ لڳي ٿي. چين جي منسٽر آف ڪميونيڪيشن ۾ اسسٽنٽ سيڪريٽري آهي. سڀ هن جو چيو مڃين ٿا. تون رڳو ان سان ملي ڇڏ.“

”هونءَ چين ۽ پاڪستان جا تعلقات اهڙا سنا آهن ۽ هنن جي طبيعت مان آئون ايترو واقف آهيان جو سمجهان ٿو ته اها هنن لاءِ هڪ معمولي ڳالهه آهي.“

”پلا ان سلسلي ۾ تون به همراهي ڪرائجانءِ.“ مون قاضي کي چيو.

”بس چٽين. تون ماٺ ڪري ويهي ڏس ته ووٽ ڪيئن ٿا ملن. شام جو اچجانءِ ته فائينل ايئر جي ڪجهه شاگردن وٽ وني هلندوسانءِ.“ هن وڏي هام هنئي.

شام جو قاضي وٽ پهتس. هو تيار ٿي رهيو هو. تيسين آئون ڇهين فلور تي ڪمپيوٽر روم ۾ هليو ويس جو خبرپيئي ته چين جي مس ٽئنگ اتي پنهنجي ٿيسز لکي رهي آهي. پاڻ ايڏي وڏي عمر جي نه آهي پر طبيعت مانيٽي ۽ سنجيدي اٿس. مون اچا ووٽ لاءِ چپ چوريا ته

هن هڪدم وراڻيو:

”مسٽر الطاف! اسان چيني شاگردن توکي ووٽ ڏيڻ جو سوچيو آهي. گذريل رات اسان ميٽنگ ڪئي هئي ان ۾ سيني يڪراءِ اهوئي فيصلو ڪيو.“

آئون سندس ٿورا مڃي، ڪمپيوٽر روم مان ٻاهر نڪتس ته ملائيشيا جو چيني ڪئپٽن لي زي خيانگ بلئرڊ راند ڪيڏندي نظر آيو. ڪيس پاسيرو وٺي ملئي زبان ۾ ووٽ جي ڳالهه ڪيم ته آيا ان جي اميد رکي سگهان ٿو يا نه.

”Jangan Susah Hati_ دل غمگين نه ڪر.“ هن ملئي ۾ وراڻيو.

”اورانگ ويٽنامي اداڪا ڪاوان اتائو تاڪ“ چيني هجڻ ڪري مون ويٽنامي يا ٻين چينين لاءِ ڪائنس پڇيو ته اهي دوست اٿئي يا نه. ڇو جو ليءَ جو نه فقط ويٽنامي چينين تي پر برمين ۽ فلپينو همراهن تي پڻ ڪافي اثر رسوخ آهي، جو اهي ڪئلڪيولس، بولين اَلبرا ۽ ٻين حسابي ڪمن ۾، ڪلاس ۾ سڄو وقت ڪئپٽن لي کان مدد وٺن ٿا. ڪئپٽن لي انهن بابت به خاطري ڏني جو هونءَ به لئري ملر جي ملڪ (ٻيٽ) مارشل آئلينڊ کان وٺي فلپين تائين ۽ ڪوريا، انڊونيشيا کان رومانيا، پورچو گال تائين ڪو ٻيواميدوار نه هو ۽ هنن هڪ لاطيني آمريڪا واري کي ووٽ ڏيڻ بدران مون کي ڏيڻ جو اظهار ڪيو پئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

# پنجابي فلمن جو ولين

ايتري ۾ قاضي اچي ويو. سامهون ٽي وي روم ۾ جبوتي جو سيڪنڊ ايئر جو شاگرد ابوبڪر ويٺو هو. تنهن کي ٻڪر ۾ هٿ وجهي چيائين:

”اي يو فرينڊ! يو مسٽ ووٽ اور ڪنٽري مئن.“

(Ae! You friend! You must vote for our Country Man.)

”توکي ميان اسان جي هم وطنيءَ کي ووٽ ڏيڻو پوندو.“ هن غريب اسلام عليڪم ڪري پهرين ڪيڪاريو ان بعد ووٽ لاءِ Yes Yes ڪري جان ڇڏائي. جبوتي جا ماڻهو عربيءَ کان علاوه فرينچ ڳالهائين ٿا. ان ڪري سندس انگريزي سٺي ناهي. بهرحال هن ٻڪل سڳل انگريزي ۾ ووٽ جي خاطري ڏني.

ان بعد ساڳي خوفناڪ ادا سان اسانجي قاضيءَ سوماليه جي محمد خيريءَ کي ووٽ لاءِ چيو ۽ آئون بهانو ڪري نڪتائي آيس. ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن تي دير سان پهتس ته ڪئپٽن سليم چيو ته قاضي شڪايت پئي ڪئي ته الطاف سست آهي.اليڪشن لاءِ ورڪ نٿو ڪري. پڇيو وڃي.

”نه بابا!“ مون کيس سمجهايو ”قاضي جنهن پوليس اسٽائيل سان همراهن کي ووٽ ڏيڻ لاءِ چوي ٿو ته ان ۾ منٿ ميڙ گهٽ داداگيري گهڻي آهي. في الحال ظاهري طرح ته قاضيءَ جو ڇهه فٽو قد ڏسي هرڪو ها پيو ڪري پر بئلٽ باڪس ۾ منهنجو سر وجائي ڇڏيندا..“

”پوءِ پلاڻ؟“ سليم پڇيو.

”ان ڪم لاءِ ڪي ٻيا پير فقير تاڙيون ٿا؟ باقي قاضي جو اهو پنجابي فلمن جو ولين وارو اسٽائيل نهيل ڪم نه ڏاهي رکندو.“

ايتري ۾ اڪيدار جي مئرلين ناشتي جو ٽري کڻي پرسان اچي لنگهي. پاڻ سيني ۾ سهڻي آهي يا گهٽ ۾ گهٽ هن وقت يونيورسٽيءَ ۾ موجود عورتن ۾ هوءَ حسين ترين قرار ڏني وڃي ٿي.

راحت چيو ”ڪنهن نموني سان مئرلين پاڻ کي ووٽ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ته ان سان گڏ سندس اڳيان پويان هلندڙ ڏکڻ آمريڪي عاشقن گهٽ ۾ گهٽ اڌ لوڊ جا ووٽ ملي

سگهندا.“

”ان لاءِ سعودي عرب جي الحاربيءَ کي چيو اٿم. جنهن جي اڳيان پويا وري مٺرلين پئي هلي.“ مون ٻڌايومانس.

”پوءِ هوءَ ڇا ٿي چوي؟“ راحت پڇيو.

”هوءَ تہ الائي ڇا چوندي ان جي خبر ناهي. اڃا مون فقط الحاربيءَ سان ڳالھ ڪئي آهي تہ آيا هن جي چوڻ تي مٺرلين ووٽ ڏيندي. ان تي هن خاطري ڏني آهي تہ هو ووٽ ’بہ‘ ضرور ڏيندي.“

ڪئپٽن سليم منهن کي موڙو ڏيئي بيزاري مان چيو.

”الحاربي وڏو اچي هن جو گهوٽ لڳو آهي ۽ هن جو ’بہ‘ تي زور ڏيئي چوڻ مان ڇا مراد آهي.“

”بس ان ڪم لاءِ الحاربيءَ ٺيڪو کنيو آهي ۽ هوءَ الحاربيءَ جو ضرور چيو مڃيندي. تيسين پاڻ ٻين کي گهيرو ڪيون.“ مون وراڻيومانس.

اليڪشن واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ وائيس پريزيڊنٽ جي عهدي لاءِ بيٺل اسان ٽنهي اميدوارن کي پنج پنج منٽ تقرير ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو جيئن آخري دفعو ووٽرن کي مطمئن ڪري سگهون.

ان کان علاوه هرهڪ اميدوار جي دوستن ڪمپيوٽر ذريعي نالا ۽ تصويرون ناهي جتي ڪٿي هاسٽل توڙي يونيورسٽي ۾ هٽي ڇڏيون تہ ووٽ جو سچو حقدار فلاڻو آهي. وغيره.

ٻئي ڏينهن صبح کان اليڪشن شروع ٿي ۽ هر هڪ شاگرد دٻي ۾ ووٽ وجهندو ويو. شام جو ڳڻپ بعد موراڪو جي امين اچي ٻڌايو تہ سڀ کان گهٽا ووٽ مون کنيا آهن. ان وقت اسان جو ڪمپيوٽر ڪلاس هلي رهيو هو. سعودي عرب ۽ ايران جا بيحد خوش ٿيا جو گهڻي محنت انهن جي هئي. پنهنجي ووٽن سان گڏ ٻين ڪيترن کي مطمئن ڪرڻ ۾ انهن جو هٿ هو. هاڻ هفتي ڏيڊ بعد پهريون وارو وائيس پريزيڊنٽ چارج منهنجي حوالي ڪندو. ان بعد ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي.

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ



الطاف شيخ
مئرين انجينئر
Altafshaikh2004@yahoo.co.uk

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ
www.sascitysukkur.com abdul.lateef_ansari@hotmail.com